مشهور سنڌي قصا: عشقيه داستان -5

# مومل راڻو

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

لوڪ ادب سلسلي جو ٽيٽيهون ڪتاب

مشهور سنڌي قصا: عشقيه داستان-5

# مومل راڻو

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

2019ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

چاپو پهريون فيبروري 1963ع تعداد 1000
چاپو ٻيو جنوري 2019ع تعداد 1000

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب ايچ اينڊ آر پرنٽر ڪراچيءَ مان سيد سڪندر علي شاهه سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌ جي ”لوڪ ادب“ جي اشاعت سنڌي ادبي بورڊ جي بنيادي ۽ اهم رٿائن مان هڪ آهي ۽ اِهو اهم ڪم سنڌ جي هاڪاري عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي سال 1956ع ڌاري سونپيو ويو، جنهن پنهنجي ڪارآمد راءِ ۽ گرانقدر رهبريءَ هيٺ جنهن عرق ريزيءَ سان ”لوڪ ادب“ تي محنت ڪري هيءُ اهم ڪم سرانجام ڏنو آهي، سو تہ پڙهندڙ پاڻ ئي ملاحظہ ڪري سگهن ٿا.

سنڌ جي عشقيہ داستانن مان ”مومل- راڻو“ جو داستان لوڪ ادب سلسلي جو ٽيٽيهون ڪتاب آهي: جنهن تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب تحقيقي مقدمو لکيو آهي ۽ ڪتاب ۾ پاڻ سڄي سنڌ جا اَٽانگا سفر ڪرڻ دوران ٻُڌل روايتون ۽ سنڌ جي سُگهڙ شاعرن جا اَڻلڀ بيت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هٿ ڪري، انهن کي سهيڙي سنڌ جي اَملهہ خزاني کي منظرعام تي آندو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ پاران هِن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سال 1975ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو ويو. ڪتاب جي گُهرج کي مدنظر رکندي، هاڻي اُن جو ٻيو ڇاپو آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ صاحب جي خصوصي هدايتن تحت شايع ڪري پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

توقع آهي تہ، سنڌ جي هن قومي اداري جي هيءَ ڪاوش ادبي حلقن سان گڏوگڏ مانائتن سُگهڙن وٽ مڃتا ماڻيندي.

| | |
|---|---|
| 24- جمادي الثاني 1441هہ | سيد سڪندر علي شاهہ |
| 19- فيبروري 2020ع | سيڪريٽري |

# فهرست


مهاڳ ........ 5

مقدمو ........ 9

## متن

روايت (1) تحفة الڪرام ۾ ڏنل ڳالهه ........ 35

روايت (2) شهر محمد طور، مومل ۽ لاکي جي ٿاٽن واري ڳالهه

پانن جا جهونا بيت ........ 38

روايت (3) شهر محمد طور جي ذڪر سان شروع ٿيندڙ ڳالهه ........ 55

بيت يعقوب ڪٽي جا ........ 70

بيت ابراهيم شيخ جا ........ 75

بيت شادي مري جا ........ 111

بيت پريي وساڻ جا ........ 135

بيت مل محمود پلي جا ........ 146

بيت مُريد ٻهڻ جا ........ 150

بيت مُريد مري جا ........ 171

بيت غمٽار مهر جا ........ 176

بيت عبدالرحيم ڏاهري جا ........ 184

بيت ليمي شر جا ........ 187

روايت (4) راجا نند جي خزاني، مرونءَ جي ڏند ۽ سامي سيتل جي ٽاٽن واري ڳالهه ........ 203

بيت حفيظ تيوٽي جا ........ 228

بيت جلال وو گهڙ جا ........ 276

بيت لال محمد انڊڙ جا ........ 282

بيت پانڌي پهنور جا ........ 309

بيت سليمان فقير جا ........ 328

بيت گل محمد ڪوسي جا ........ 337

بيت مريد مهيري جا ........ 350

روايت (5) راجا پوچ جي ذڪر سان ڳاهن واري ڳالهه ........ 359

ضميمو: هن قصي بابت مختلف شاعرن جا چيل بيت جيڪي ڪڇرين ۾ سگهڙن وٽان مليا ........ 380

# مهاڳ

سنڌ جي ’لوڪ ادب‘ کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز سن 1955ع ۾ ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي سامهون رکي وئي، جا 1956ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق جنوري 1957ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو؛ انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته ذيل هدايتن موجب، ٻهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ’سنڌي لغت آفيس‘ سان گڏ ’لوڪ ادب‘ جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته مقامي طور گڏ ڪيل توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورچي ورهائي، پيٽي صاف ڪري، ڇپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻه سال، 1957 ۽ 1958ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا، انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اُتاريو، ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر پاڱي جو گشت ڪري، سڃاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر پاڱي بابت، نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال 1959ع کان شروع ڪيو ويو.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون ته هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مروج

آهن، تن کي ’لوڪ ادب‘ جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، ٽيهه اکريون، ڪافيون وغيره، مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ ’لوڪ ادب‘ جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل ’لوڪ ادب‘ کي بعينه، ’فوڪ لور‘ (Folklore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اڃا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي، جو اها عام ملڪي تمدن جو يا ’معياري ادب‘ جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زندگي جو مرڪزي دائرو اڃا تائين ڳوٺ آهي. ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهو ئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻولي جي ’لوڪ ادب‘ ۽ ’معياري ادب‘ جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو ته هن تجويز ذريعي ’لوڪ ادب‘ جو سمورو مواد گڏ نه ٿي سگهيو آهي؛ ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ جڻ ته اٿاهه سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البت جو ڪجهه گڏ ٿي سگهيو آهي سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اُميد ته آئنده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

’لوڪ ادب تجويز‘ جيتوڻيڪ بنده جي طرفان پيش ٿي مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول ته ’سنڌي ادبي بورڊ‘ جي ميمبرن کي جس جڳائي جن هن تجويز کي سنه 1956ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ، صاف ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ، ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ٻانهن

ٻيلي ٿي بيٺا. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهرين ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

مجموعي طور سان هي ڪتاب 'لوڪ ادب' سلسلي جو ٽيٽيهون ڪتاب آهي. ان جو بنيادي مواد جولاءِ 1958ع تائين گڏ ٿيو. سڄي مواد کي ڇڪاسي، مختلف روايتن کي پيٽي، ترتيب ڏيئي، جون 1965ع ۾ ڪتاب جو مسودو تيار ڪيو ويو. هيءَ ڪتاب هن ڪان گهڻو اڳ ڇپجي وڃي ها، مگر بدقسمتي سان لوڪ ادب جي تجويز کي بند ڪيو ويو ۽ هن ڪتاب جي اشاعت پڻ روڪجي ويئي. 25 اپريل 1968ع تي سنڌي ادبي بورڊ جي صدر جناب مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولىٰ" جي سفارش تي، سنڌي ادبي بورڊ وري لوڪ ادب تجويز کي پايه تڪميل تي پهچائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اها ذميواري بنده کي سونپي. جون 1968ع ڪان ڪم شروع ڪيو ويو، پر ڇئن مهينن بعد وري بورڊ طرفان ڪم بند ڪرڻ جو اطلاع مليو. وري 18 جون 1969ع تي بورڊ لوڪ ادب جي تجويز عمل ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو ۽ جناب مخدوم صاحب جن ڪان خط پهتو ته دوباره ڪم شروع ڪيو وڃي. باوجود انهن تڪليفن جي جيڪي هڪ مخلص ڪارڪن کي پهچن ٿيون ۽ جيڪي راقم کي پڻ "لوڪ ادب" جي خدمت ڪندي سهڻيون پيون آهن، بنده هي ڳرو بار ٽيون ڀيرو پنهنجي ڪلهن تي کنيو آهي، انهيءَ لاءِ تن سنڌي لوڪ ادب جي قيمتي سرمايي کي جيترو ٿي سگهي اوترو سهيڙي ان کي ضايع ٿيڻ ڪان بچائجي ۽ رٿيل پروگرام موجب "لوڪ ادب" جي چاليهن جلدن کي مڪمل ڪيو وڃي.

بهرحال توڪل جو ترهو ٻڌي، ڪم شروع ڪيو ويو، پر اجا هيءَ ڪتاب ڇپجي رهيو هو جو "لوڪ ادب تجويز" وري زير بحث آئي ۽ ڪي مهينا اڳ سن 1973ع ۾ هن تحقيقي ڪم کي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. هن وقت تائين رٿيل چاليهن جلدن مان جملي ٽيهه

جلد ڇپجي چڪا آهن ۽ هيءَ ايڪٽيهون جلد آهي جو شايع ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن اڳتي هلي هن ڪم کي هلائڻ جو فيصلو ٿيو ۽ حياتي وفا ڪئي ته باقي رهيل ڪتابن بابت مواد گڏ ڪري هن تحقيقي ڪارنامي کي توڙ تائين پهچايو ويندو.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم ممتاز مرزا ۽ محمد يوسف شيخ هن ڪتاب جي مواد کي اُتاري يڪجاءِ ڪرڻ، پيٽڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو ۽ محترم محمد اسماعيل شيخ ان سڀ ڪم جي نگراني ڪئي ۽ ڪتاب جي مسودي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪتاب جي آخري سٽاءُ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد

22-2-1974ع

خادم العلم

**نبي بخش**

باسمه تعاليٰ
امر للانسان ما تمنيٰ 0 فللّه الاخر والاوليٰ

# مقدمو

تاريخي لحاظ سان مومل ـ راڻي جو داستان 'سومرن جي دور جو داستان' آهي، ۽ جغرافيائي لحاظ سان ٿر ـ ڍٽ ـ ماٿيلي واري سنڌ جي اُيرندين ڀاڱي جو افسانو آهي. راڻي جو رسامو مومل جون منٿون هن داستان جو مکيہ باب آهن، مگر ان کان سواءِ هن قصي جي ٿر ۽ بر ۾ ٻيا بہ ڪيترائي دلچسپ سلسلا سمايل آهن، جيڪي قصي جي مکيہ ڪردارن جي تاريخي، سماجي ۽ ذهني پسمنظر سان تعلق رکن ٿا. راڻي جو چانگي تي چڙهي رات جو وڃي مومل سان ملڻ، سنڌ، محبت ۽ مجاز واري ماحول جو ميچيل اهڃاڻ آهي. مگر "مومل جو طلسمي محل" سنڌي تخيل جو هڪ اهڙو آڳاٽو ۽ انوکو شاهڪار آهي، جو ان جي تعبير هن موجوده سائنسي دور ۾، ڪنهن حد تائين فقط "ڊزني لئنڊ"[1] ۾ ئي نظر اچي ٿي.

**جغرافيائي پسمنظر:**

جغرافيائي لحاظ سان هن قصي جي سرزمين سنڌ جو سڄو ايرندي ڀاڱو، يعني اتران ماٿيلي کان وٺي هيٺ ڏکڻ ۾ ڍٽ ۽ عمرڪوٽ تائين ۽ اڃان بہ اوپر طرف جيسلمير جي اراضي ۾ لوڊاڻي ۽ ڪاڪ تائين پکڙيل آهن. ماٿيلي جو آڳاٽو تاريخي شهر، گهوٽڪي کان اٺ ميل ڪن اولهہ- ڏکڻ طرف هڪ متانهين دڙي تي ٻڌل آهي،

---

(1) "ڊزني لئنڊ" (Disney Land) آمريڪا جي شهر"لاس اينجلس" کان ٻاهر هڪ وڏي شاهي "تماشي گاهہ" آهي، جنهن ۾ ٻين جڙتو عجائبات سان گڏ آفريڪا جي هڪ ندي آهي، جنهن جڏهن ٻيڙيءَ تي چڙهي سير لاءِ هلجي ٿو تہ ڪناري سان هاٿي هڏڪارون ڪن ٿا تہ اندر ندي مان وري هِپا حيوان پنهنجون هشمتون ڏيکارين ٿا.

جنهنڪري ئي شايد مٿس "ماتيلو" نالو پيو.[1] ٿرپارڪر ضلعي ۾ مٺي ۽ اسلام ڪوٽ کان اوڀر وارو سڄو پاسو ڍٽ ۾ شامل آهي. ڍٽ ۽ سنڌ جي سرحد تي مهراڻي جو مشهور شهر واقع آهي. ڪاڪ ۽ لوڊاڻو ٻئي هن وقت جيسلمير جي حدن اندر آهن، جن بابت جدا جدا ڪچهرين ۾ اسان کي هيٺيان اکين ڏٺا احوال مليا:

**مرحوم سردار خدا بخش خان پتافي[2] خبر ڪئي ته:** 1907ع ۾ هو پاڻ جيسلمير طرف ويو هو ۽ لوڊاڻو ڏٺائين، جيڪو "ميرپور ماٿيلي" شهر کان اٽڪل پنجاهه ميل ڪن ڏکڻ، اوڀر ٿيندو. اتي هڪ کوهه هو، جنهن ۾ پاڻي ڪونه هو، پر ان جي پرسان لين جا وڻ هئا. انهن ڪانسواءِ ٻن ڪنڊيءَ جي وڻن جا تمام ڊگها ٿڙ (هڪ سئو فوٽ کن ڊگها) بيٺل هئا. جن جي چوٽين ۾ لوهه جا ڪڙا پيل هئا. چون ٿا ته مومل انهن ڪنڊن ۾ پينگهه ٻڌي لڏندي هئي. اتي هڪ جهوپڙي هئي، جنهن ۾ ٻه پاڻي ماڻهو رهندا هئا. جيڪي اتي جا رکوال هئا ۽ ڪنڊن جي سنڀال پئي ڪيائون ا. هه.

**ٻئي ڪنهن ماڻهو خبرڪئي ته:** لڊاڻي جو ڳوٺ جيسلمير کان نوَ - ڏهه ميل اتر طرف اڃان تائين موجود آهي. هتي هندن جو وڏو تيرٿ "جڳ نارائڻ جو مندر" آهي جنهن ۾ نارائڻ جي مورتي رکيل آهي. مومل جي ماڙيءَ جا نشان، لوڊاڻي کان سڏ پنڌ تي، ڪاڪ نئن جي ڪنڌيءَ تي آهن.

**سگهڙ لڇمڻ ٻنيري[3] خبر ڪئي ته:** ڪاڪ جوماڳ جيسلمير کان پنج کوهه کن پري آهي، جتي ڏاکڻ سان هڪ کوهه آهي، سر جا چشما آهن، جن جو پاڻي ڪارو ۽ ڳاڙهي رنگ جو آهي. سڪل وڻن جا ٿڙ بيٺل آهن. پراڻو ڪوٽ آهي جنهن تي وچڻ لاءِ ڦيري سان ڏاکڻ آهي. اندر پٿر جي هڪ پڪي جاءِ جا ڪنبر آهن جيڪا چون ٿا ته مومل

---

[1] ماتيلو - ماٽي + لوءِ، يعني مٽاهون ڳوٺ. پڻ تي سگهي ٿو ته "ماٽي" نالي ڪنهن ماڻهو جو ٻڌايل هجي ۽ انهيءَ ڪري "ماٽي لوءِ" سڏجڻ لڳو.

[2] وينڌل ڳوٺ فتح علي پتافي. 10 فيبروري1962ع تي سانڱس ڪچهري ٿي، ۽ان وقت سندس عمر 86سال هئي.

[3] ڳوٺ نور محمد شباڻي ، لڳ نارو، تعلقو روهڙي ۾ سانڱس ڪچهري ٿي.

جي ماڙي هئي، اتي مڙس جيڏي هڪ کڏ آهي، جتي خوني کوهه هوندو هو.

**شاهن فقير ميراڻي[1] خبر ڪئي ته:** جيسلمير کان پنج ڪوهه کن اولهه طرف "چتريل جو تڙ" آهي، جتي ڪاڪ نئن آهي. تڙ کان اوپر طرف مومل جي ماڙي جا نشان آهن: اها پٿر جي جاءِ آهي، جنهن کي هڪ صفو ۽ دالان آهي. ماڙي جو منهن ڏکڻ طرف آهي ان ماڙيءَ کان اوپر لڳو لڳ چاڙهين سان کوهه آهي. اڳ هت سچ هئي پر پاڪستان ڪانپوءِ اتي هندن جي فوج رهڻ لڳي آهي.

"چتريل جو تڙ" تي جهنجهه ذات جا مسلمان ياٽي فقير رهن ٿا.

"آرڪسن" Erskine ، "ٽاڊ" Tod ۽ ٻين مؤلفن هنن ماڳن جي تاريخي پسمنظر بابت لکيو آهي، جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو. جغرافيائي اهڃاڻ هن طرح ڏنا اٿن ته: لودرو (لڊاڻو) جيسلمير کان پنج ڪوهه کن اتر- اولهه طرف آهي ۽ هاڻي هڪ ڦٽل کنبر آهي. اصل کان ان ۾ ٽي وڏا مندر هئا، جيڪي اڄ تائين موجود آهن ماڻهو اتي پيٽا لاءِ ايندا آهن. ڪاڪ نئن، لودري واري ٽڪر مان هڪ چشمي مان نڪري ٿي ۽ اڄ تائين وهي ٿي. ان جي ڪنڌيءَ تي پٿر جي هڪ ٻٽل جاءِ آهي، جنهن کي ماڻهو "مومل جي ماڙي" ڪري ٿا سڏين .

## تاريخي پسمنظر:

بادشاهه همير سومرو ۽ سندس حڪومت جو دؤر، وزير راڻو مينڌرو ۽سنڌ جا سوڍا، شهر ماٿيلو جتي مومل جي پيءَ راجا نند جي حڪومت هئي، لوڊاڻو ۽ ڪاڪ جتي مومل جي ماڙي هئي- اهي سڀئي سلسلا هن قصي جي نيم تاريخي پس منظر جي ساک پرين ٿا. هيٺ اسان انهن مان هر هڪ جي تاريخي يا نيم - تاريخي اهڃاڻن کي مختصر طور بيان ڪنداسون، انهيءَ لاءِ ته هن قصي ابتدا ۽ اها اوسر واري سمي جو اندازو ٿي سگهي.

**بادشاهه همير سومري جو دؤر:** سنڌ جي سومرن بادشاهن ۾ همير نالي هڪ کان وڌيڪ حڪمران ٿي گذريا آهن. هڪ وڏو ۽ پهريون

---

[1] ساڪن 25 آگسٽ سنه 1960ع تي ڳوٺ قلاتي برڙا، تعلقي روهڙي ۾ ڪچهري ٿي.

همير سومرو هو جنهن ڪڇ ۽ گجرات طرف فتحون حاصل ڪيون، پڻ سومرن جو سڀ کان پويون بادشاهه همير سومرو هو، جيڪو دودي جو پُٽ هو، ۽ جنهن جي حڪومت جو خاتمو سنه 1365ع ڌاري ٿيو.[1] سومرن بادشاهن جي گادي جا شهر جدا جدا دؤرن ۾ ٿري (لڳ ماتلي). رُوپاه (لڳ ڪيڻ)، وڳهه ڪوٽ (رهموڪي بازار جي پريان)، ماهمتور (يعني محمد طور، لڳ شاهه ڪپور تعلقو جاتي) ۽ عمرڪوٽ هئا. عمرڪوٽ غالباً سومرن جي بلڪل پوئين دؤر ۾ گادي جو شهر ٿيو. هن قصي جي ڪن روايتن ۾ "همير" مان مراد "همير پهريون" (يا ڪو وچون؟) ورتو ويو آهي، ۽ شايد انهيءَ لحاظ سان ئي عمرڪوٽ جي بدران "ماهمتور" شهر جو نالو آندو ويو آهي. سگهڙ شاعر يعقوب ڪٽي جي جوڙيل قصي ۾ آهي ته: راڻو جڏهن مومل کان رُسي ويو ته پوءِ هو همير بادشاهه جي حاضري ۾ شهر ماهمتور ۾ وڃي گذارڻ لڳو، ۽ مومل به ڪيس ميڻاڻ لاءِ مردانو ويس ڪري اتي وئي ۽ پنهنجو نالو مٽائي پاڻ کي "مَرَوَل" سڏايائين:

مومل ويس مٽائي، ٿي زنانا لاهي
پوتيون، پهراڻ، پٽڪا، ٿي پرهڻ پرهائي
ڪاتيون، خنجر، ڪرڪٽا، ٿي سهجان سنباهي
آٽيو اُٺ اَستريون، ٿي مال مَين پائي
سا ڪاڪئون ڪڏائي، موٽي ماهمتور ڏي.

***

موٽي ماهمتور ڏي، پرٽئو پري پير
اڇئو پڇن ايلچي، ڪنان "مَرَوَل" شير
ته: مَس نه تنهنجي مُنهن ۾، پروئن ابتو پير
وياءِ وڏيرن جو تون ڪامل آهين ڪير؟
ڪِ وارينديي وير، ڪِ پسڻ آئين پارڪو؟

آخر جڏهن مومل ۽ راڻو ٻئي جلي خاڪ ٿيا ته اها خبر وڃي همير سومري جي گادي جي شهر ماهمتور تائين پهتي:

---

[1] ڏسو "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" (ڇاپو 1962ع) ص 71

مومل ۽ مينڌرو، ٻئي مٺا مير ملوڪ
گولين ، داين، گجرين، ٻيئي دانهيو ڏوڪ
هاڪَ وَرَ جي هُوڪَ، پئي مُلڪ ماهمتور ۾.

قصي جي سناء مان البت پانئجي ٿو تہ اهو سومرن جو پويون بادشاھ همير هو، جيڪو 1352-1365ع واري عرصي ۾ حڪمران هو، پر ان وقت سمن جو زور هو ۽ همير جي حڪومت جو زوال هو[1]. همير جي حڪومت انهيءَ آخري زوال واري وقت کان ڪافي اڳ شروع ٿي، ۽ ٿي سگهي ٿو تہ هو ننڍي هوندي (سنہ 1310ع ڌاري) حڪمران ٿيو هجي. وزيرن سان گڏ شڪار تي وڃڻ، اتان ڪاڪ تي چڙهائي ڪرڻ، ۽ پوءِ ڏنار بنجي مومل جي منهن پوڻ مان پڻ همير جي الهڙ جواني جو اهڃاڻ ملي ٿو. هي پويون همير اڳين سمورن بادشاهن جي ڀيٽ ۾ ايڏو همت وارو ڪونہ هو، ۽ "مومل- راڻي" جي قصي ۾ پڻ سندس ڪردار ڪوتاه نظر اچي ٿو. جيڪڏهن هن قصي وارو همير بادشاھ، پويون همير سومرو ڪري ليکجي تہ پوءِ هن افساني جو اوسر چوڏهين صدي عيسوي جي اوائل يعني تہ 1315-1330ع واري عرضي اندر ٿيو هوندو.

**راڻو مينڌرو ۽ سوڍا:** مينڌرو سندس نالو هو ۽ ذات جو هو سوڍو هو. "راڻو" انهيءَ ڪري سڏيائون جو هڪ تہ بادشاھ همير سومري جو وزير هو ۽ ٻيو تہ پنهنجي سوڍن واري گهراڻي جو سردار هو. راڻو مينڌرو ڪڏهن ٿي گذريو تنهن جي پوري پَڪ ڪانهي، پرخود سوڍن راڻن جي پنهنجي روايت موجب، هو موجوده راڻي چندن سنگهہ کان چاليھ پيڙهيون مٿي هو[2] سروپيي فقير ٻڌايو تہ سنڌ ۾ سوڍا اصل مالوا ۽ اجين کان ڦهريائين ٻاهڙ مير لڳ "ڪيراڙو" ۾ آيا، جتان سوڍي "ڏارا ورسي" جي پُٽ "ڏُرجَن سَل" اچي ڍاٽ ۽ عمرڪوٽ وسايو. ڍاٽي سوڍا سيئي ڏرجن سل جو اولاد آهن، جن مان عمرڪوٽ وارا "سُرتاڻ سوڍا" آهن، يعني تہ سندن پاڙو "سرتاڻ" (سلطان) آهي.

---

(1) ڏسو: "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ"، (ڇاپو 1962ع، ص 71)

(2) ننگر پارڪرجي سڃاڻ سگهڙ سَروپيي فقير ڍاٽي (29 فيبروري 1960 تي ڪيل هڪ ڪچهري ۾) ٻڌايو تہ : "چندن سنگهہ جي پيءُ ارجن سنگهہ (سروپيي فقير کي) ٻڌايو تہ راڻو مينڌرو مون کان اوڻيتاليھ پيڙهيو مٿي هو."

هن روايت موجب راڻو مينڌرو، ”ڏرجن سَل“ جي اولاد مان هو. اڄ کان وٺي چاليهن پيڙهين جو حساب جيڪڏهن ويهه ورهيه پيڙهي سان ٻڌجي ته راڻي مينڌري جو دور اڄ کان اٺ سئو ورهيه اڳ ٿيندو ۽ جي پنڌرهن ورهيه پيڙهي ڪري ٻڌجي ته اهو دؤر اڄ کان ڇهه سئو ورهيه اڳ جو ٿيندو. يعني ٿلهي ليکي راڻي مينڌري جو دور 1175-1375ع واري عرصي ۾ ٿيندو. پر ٻي هڪ روايت موجب سوڍا 1282 سنبت يعني سنه 1225ع ۾ عمرڪوٽ ۽ ڍاٽ واري اراضي ۾ آيا. انهيءَ اهڃاڻ موجب راڻي سوڍي جو دور 1282ع- 1370ع بيهندو.

**راڄا نند ۽ شهر ماٿيلو:** هن قصي جي عام مشهور روايت موجب، مومل جو پيءُ راڄا ”نند“ ماٿيلي جو حاڪم هو. ماٿيلو سنڌ جو هڪ اڳاٽو شهر آهي، جنهن جي ڪوٽ جو بنياد سنه 495ع ڌاري راءِ گهراڻي جي دور ۾ پيو. پوءِ اتي جا پويان حاڪم هن ڪوٽ کي اڏيندا رهيا، تان جو سنه 1395ع ڌاري هي ڪوٽ جڙي راس ٿيو. انهيءَ زماني ۾ راڄا نند هتي جو حاڪم هو. اها روايت انگريز مصنف ائبٽ (Abbot) پنهنجي ڪتاب ”سنڌ“ ۾ آندي آهي.

ماٿيلي جي ڪوٽ ۽ ان جي حڪمرانن بابت خود ماٿيلي طرف مڪاني روايت ۾ هينيون بيت ملي ٿو:

پهِلي سِرَ ڪوٽ کي هنئي ڄام پڙَنِ
ٽورا ڏينهن ٽهيمن، پوءِ وارو ورياهن
ڪوٽ اُسري راس ٿئو، نَوَسا سال ورهين
تنهان پوءِ چون، حڪم راڄا نند جو.[1]

---

[1] سگهڙ شاعر زنگو عرف غمتار مهر، تنهن هي بيت اسان کي (3نومبر 1967ع تي ڳوٺ جيوڻ خان پتافي، تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ ڪيل ڪچهري ۾) ائين ٻڌايو”پهلي“ (يعني پهرين) ماٿيلي وارن جو محاورو آهي. هي ساڳيو بيت ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد جي اخبار تعليم جنوري 1930ع ۾ ”محمد رمضان نائب ماستر“ طرفان هن طرح ڏنل آهي:

پهرين سر ماٿيلي کي هنئي ڄام پڙَنِ
ٽورا ڏينهن ٽهيمر هٿا، وارو وريو ورياهن
ڪوٽ ٻه اُسري راس ٿيونو سئو ورهين
تنهن کان پوءِ چون ته راڄ شروع ٿيو راڄا نند جو.

”نوَ سا سال ورهين“ مان مراد جيڪڏهن نوَ سؤ هجري آهي تہ اهو سمن جو پويون دور ۽ ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جو وقت هو. ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت ماڻيلي جي قديم قلعي جي مرمت ڪري ان کي وڏائي جوڙي راس ڪيو ويو هجي. عيسوي سنہ جي لحاظ سان اهو 15 صدي عيسوي وارو دور ٿيندو. پر جي نو سؤ سنبت (عيسوي 843ع) ٻڌجي تہ پوءِ اهو عيسوي نائين صدي وارو دور ٿيندو. غالباً هن بيت ۾ سمن واري دور جي حڪمرانن جو ذڪر آهي، سمن جي حڪومت 1350ع ڌاري شروع ٿي. مومل ـ راڻي جو افسانو اڳ جو آهي ۽ انهيءَ ڪري پائنجي ٿو اصل ۾ هن بيت جي آخري سٽ غالباً هن طرح هئي تہ:

”تنهان اڳ چون، حڪم راجا نند جو“

يعني تہ راجا نند سمن واري دؤر (1350-1520ع) کان اڳ سومرن جي دور ۾ ٿي گذريو.

**شهر لُڊاڻو:** يارهين صدي جي شروع ۾ ”لُدروَه“ قلعي جو ذڪر سلطان محمود غزنوي جي فتوحات ۾ ملي ٿي. ”سومنات“ تي چڙهائي وقت، سلطان محمود تاريخ 2 شوال 416هہ (26 نومبر 1025ع) تي ملتان مان روانو ٿيو ۽ منزلون ڪري، پهريون قلعو جيڪو فتح ڪيائين سو جادون ڀٽين جي گادي ”قلعو لودوروا“ (Lodorva) هو.[1] شاعر حڪيم فرخي سيستاني جيڪو سلطان محمود جي لشڪر سان گڏ هو، تنهن پنهنجي هڪ قصيدي ۾ قلعي ”لُدروَه“ جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

نخست ”لُدروَه“ کز روي برج و باره آن
چو کوه کوه فرو ريخت آهن و مرمر
حصار او قوي و باره حصار قوي
حصاريان همه برسانِ شير شرزه نر[1]

---

[1] ڊسو ڊاڪٽر محمد ناظر جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب” سلطان محمود جي زندگي ۽ زمانو لاهوري ڇاپو، سنہ 1931ع، ص 116.

[1] ديوان حڪيم فرخ سيوستاني، تصحيح دکتر محمد دبير سياقي،چاپ دوم 1349ع، تهران، ص 68.

هن حوالي مان ثابت ٿيو تہ "لدروه" يا "لوڊاڻو" اڳ جو هو ۽ جيسلمير شهرجو بنياد (1156ع) پوءِ پيو.

'راجپوتانہ گزيٽئر' (جلد 3- الف) توڙي ٽاڊ جي ڪتاب "راجستان" (جلد- 2) جي حوالن موجب[2] شهر "لودرو" ڏهين کان ٻارهين صدي عيسوي تائين پٽني راجپوتن جي گادي جو هنڌ هو. اصل "لودر" راجپوتن جو ٻڌايل هو، جي پرمار راجپوتن جي نسل مان هئا. لودرن جي ڏينهن ۾ هي شهر نهايت برسيل هو ۽ ان کي ٻارهن دروازا ها.

لوڊاڻي شهر بابت انهن حوالن مان پڻ ظاهر آهي تہ هن شهر جي آبادي جو عرصو ڪم ازڪم 1000 -1200ع وارو هو.

مٿين مڙني حوالن مان نتيجو نڪري ٿو تہ جيڪڏهن وڏو همير سومرو بادشاهہ ڳڻجي تہ هن افساني جي ابتدا 12 صدي عيسوي ۾ ٿي سگهي ٿي؛ ۽ جيڪڏهن پويون همير سومرو بادشاهہ تسليم ڪجي تہ پوءِ هن داستان جي اوسر 14 صدي عيسوي جي اوائل ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي.

**قصي جي ڪردارن جي سڃاڻپ:** مٿي اسان همير سومري بادشاهہ ۽ سندس وزير راڻي مينڌري جي سڃاڻپ ڪرائي آيا آهيون. ٻيا ٻہ ساٿي جيڪي ساڻن هئا، سي پڻ همير بادشاهہ جا وزير هئا: هڪ ڏنئور پٽياڻي، يعني نالو سندس "ڏؤنر" پٽ "پَٽِي" جو، ۽ ٻيو سِينهڙو يا شينهڙو ڏماڇاڻي يعني نالو سندس "شينهڙو" پٽ "ڏماچ" جو.

هڪ بيت ۾ سندس پار پتا ڏنل آهن تہ:

هليو همير سومرو، "عمر ڪوٽ" منجهان
ڏماچاڻي سينهڙو، چڙهيو چوڪنڊيا"
ڏؤنر ڏهڪي اٿيو، "گنجي پٽ" منجها
ماري گڏين مينڌرو، جو آيو ڍوليو "ڍٽ" مٿا.

---

[2] ڏسو "شاهہ جو رسالو" ڊاڪٽر گربخشاڻي وارو ائڊيشن، جلد 3، ص 237.

يعني تہ ڏماچاڻي "چئوڪنڊي" (يا چؤڪنڊ، يا ڪنڊ) جو هو، ۽ ڏؤنر پٽياڻي "گنجي پَٽ" جو هو. گنجي پٽ نالي سان تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديھہ اڄا تائين موجود آهي.

جنهن شخص همير بادشاھہ ۽ سندس ساٿين کي مومل ۽ ڪاڪ جو ڏس ڏنو سو ڪير هو؟ "تحفة الڪرام" موجب هو، هڪ سيلاني جوڳي هو، جنهن مومل جي حسن ۽ جمال جي تعريف ڪري، همير بادشاھہ ۽ سندس ساٿين کي مومل جي ملاقات لاءِ هرکايو. شيخ ابراهيم پنهنجي قصي ۾ هن کي ڪابل ۽ ڪشمير طرف جو ڪاپڙي ڪري ڄاڻايو آهي، ۽ سندس صورت ۽ ويس جا پار پتا ڏنا آهن تہ: چيلھہ ۾ زرد ڪمربند، مٿي تي مقيس جي تاج ۽ گلن جي مالها وغيره هئس (ص 50) ٻي هڪ روايت موجب هو "گرناري گودڙيو" هو ۽ چيائين تہ: نالو "بابُو" اٿم (ص 170).

مگر هن قصي جي ٻين مڙني روايتن موجب هو ڪو جوڳي يا سامي فقير ڪونہ هو، پر وڏو حاڪم، امير يا سوداگر هو، جيڪو ڪاڪ تي سيڪجھہ لٽائي، پنهنجا ماڻهو مارائي نا اميدي ۽ اندوه ۾ آخر گيڙو ويس ڪري، بن ـ واسي بڻيو هو. سندس اصل نسل بابت هيٺيون جدا جدا روايتون آهن:

هو پنهنجي ملڪ جو بادشاھہ هو ۽ پنهنجي لاءِ لشڪر وارو هو. سندس نالو "ڪاهو" (ڳاهو؟) يا "جوڀُون" هو جراڙ جو پٽ هو:

آءٌ آهيان ڪاپڙي ڪشمير جو، ڪاهو پٽ جراڙ
مون سان چڙهندا هئا، مير منترا، پرسن پنج هزار

سامي سامي نہ ڪريو، آءٌ آهيان جو ڀون پٽ جراڙ
جئن توسين ٽي چڙھا، تئن مــون سين پُرسين پنج هزار[1]

هو "ندام" بادشاھہ جو پٽ ۽ "ڳاهي" جي ملڪ جو هو، ۽ مومل لاءِ ڪاڪ تي سيڪجھہ لٽائي نانگو فقير بڻيو (ص 155)

---

[1] ٿتي ۾ 15 جنوري 1963ع تي هڪ وڏي ڪچهري هن ڳالھہ بابت ٿي، جنهن ۾ مرحوم محمد اسماعيل خان نون اهو بيت ائين پڙهيو.

ٻي هڪ روايت موجب هو ”چام ڪرن“ هو، جو سيڪجهه لٽائي اچي، ”چنّي پير“ جي پاڙي ۾ نانگو فقير ٿي ويٺو هو.[1] هو جيسلمير جو راءُ سوني تخت جو مالڪ هو، پر لک لٽائي، سامي فقير ٿيو هو (ص 118، 275، 318)

هو هڪ وڏو سوداگر هو. سندس نالو ”مَروَل“ ۽ ذات جو ”زرمي“ هو. همير بادشاهه سان چوپڙ راند ڪيائين ۽ پوءِ ڪيس مومل جو ڏس ڏنائين (ص43).

هو هڪ صوبو سردار هو ۽ وڏو امير ۽ تونگر هو. (ص 96، 275)

جنهن سامي حرفت سان مومل کان ڏند، هڏو يا مڻيو ورتو سو ڪير هو؟ ڪن روايتن ۾ نالو ڏنل ڪونهي پر رڳو ايترو ڄاڻايل آهي تہ ڪو ”سوالي“ هو ، يا ڪو ”گودڙيو فقير“ هو، يا ڪو ”سامي“ هو، جنهن اچي سَئِن هَنئي ۽ سوال ڪيو. ٻين روايتن موجب هي سامي جادوگر هو ۽ سندس نالو سيتل راءُ هو، جنهن مومل ۽ سومل کي جادو سيکاريو هو ۽ پوءِ حرفت سان مومل کان اهو هار ڪٽي ويو جنهن ۾ ڏند يا مڻيو هو.

گيڙو ويس گودڙيون، بيٺو لُنگ پٽيون لاهي
ناد، مُرليون، سُترندا، بيٺو ٺهہ پهہ منجهہ ٺاهي
سيئي گُن سومل کي بيٺو سامي سيکائي.

سامي سيتل راءُ ڪاٿي جو هو، ان بابت جدا جدا روايتون آهن: هڪ روايت موجب هو جيسلمير جو هو (ص 89) ٻي روايت موجب هو هنگلاج مان هليو هو يا ڪابل کان کهي آيو هو (ص 310) ٽين روايت موجب هو اوچل ڪوٽ جو هو، ۽ ڪشمور مان ڪَهي آيو هو (ص 340، 342) چوٿين روايت موجب سامي سيتل راءُ هڪ وڏو جادوگر هو ۽ ڪابل ۽ قنڌار کان اُڏامي اچي لٿو هو. (ص 370-371) .

---

[1] هڪ روايت موجب هو ڪاڪ تي خزانا لٽائي، آخر ويراڳي ٿي اچي ميان چنّي پير(سهڻي جي قصي جي ڪردار) جي پاڙي ۾ رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. سندس مقام(سعيد آباد کان 6 ميل پري آهي”نانگي پير جو مقام“ سڏجي. ٻيءَ روايت موجب، هو ”چام ڪرن“ هو جو ڪاڪ تي سڀ ڪجهه لٽائي، نانگو ٿي اچي ويٺو هو ۽ اهو نانگي پير وارو مقام چام ڪرن جو آهي.

**مومل جو حسب نسب:** ان بابت جُدا جُدا روايتن ۾ جدا جدا اهڃاڻ ڏنل آهن، جيتوڻيڪ گهڻين روايتن ۾ ائين ئي ڄاڻايل آهي تہ مومل راڻوڙ هئي ۽ ماڻيلي جي راجا نند جي ڌيءُ هئي، سندس ماءُ جو نالو ”گنگ راڻي“ هو:

”گنگ راڻي سچ ويائي، جنهن ڪؤن مومل ڄائي“

تحفة الڪرام جي مصنف ۽ ڪن ٻين روايتن مطابق مومل گجر هئي:

”گام مڙيئي گوجرو، جت راڻوڙيون رهن“

هڪ روايت ۾ ڪيس گجر توڙي ”ٻَنڻ“ (ٻاڻڻ) سڏيو ويو آهي:

ٻارهان تيرهان تنهن جون بهتر اڪيون ٻان
گجر هٽي گيرون ڪيا آهو جا اوسان
نوَ سا گوپيون تنهن جون هيون شرط وڏي شان سان
تهڙي ڪنهن وٽ هئي ڪانہ، جهڙو پير ”ٻَنڻ“ جو.

خليفي نبي بخش صاحب پنهنجي هڪ بيت ۾ مومل کي ”نادول“ جي ڪري ڄاڻايو آهي:

”اڄ ناد ولا نِڱيون، آيون ڪاڪ ڪهي“

جيئن تہ ”نادول“ جا حڪمران چوهاڻ هئا، انهيءَ ڪري هن اهڃاڻ موجب ڄڻ مومل چوهاڻ هئي. ٻي هڪ روايت موجب مومل اصل ۾ هڪ پريزادي هئي، جنهن جا ڪنپ جهُري ويا هئا. نند راجا شڪار تي ويو ۽ اتان پريزادي مومل کي ڪٺي آيو ۽ اچي پنهنجي ڌيءُ ڪري سانڍيائين. ٻي روايت موجب هڪ فقير جي دعا ۽ پوڄا سان مومل پيدا ٿي، جنهن کان پوءِ راجا پوڄ وٺي آٽي پنهنجن ٻين ڇهن ڌين سان گڏ رهايو. اجان بہ ٻي هڪ روايت موجب مومل، راجا رتن جي ڌيءُ هئي ۽ سندس ماءُ جو نالو ”سامان“ ۽ ناني جو نالو ”پُورڻ“ هو. رتن راڻوڙ، ماڻيلي جي ٺڪُر (جاگيردار) هو.

## ڳالهه جا ڪي اختلافي اهڃاڻ:

مومل جي قصي جو تر ۽ بر ويڪرو آهي ۽ ان ۾ سانگ جي سٽاء (برامائي رنگ) جو گوناگون پهلو سمايل آهن. هر موقعي ۽ واقعي بابت سگهڙن پنهنجا پنهنجا رايا ڏنا آهن، جن مان خاص طرح مومل جو ڪاڪ تي اچڻ، راڻي جو همير بادشاهه کي مومل وٽ وٺي وڃڻ، راڻي جو ڪاڪ تي اچڻ ۽ مومل کي ڪنهن سان گڏ سمتل ڏسڻ ۽ مومل جي ڏاگهه تي چڙهڻ بابت مختلف روايتن ۾ اختلافي اهڃاڻ ڏنل آهن، جن تي هيٺ مختصر طور روشني وجهجي ٿي.

**مومل ماڙيلي مان ڪاڪ تي ڪيئن آئي؟** عام مشهور روايتن موجب راجا نند کي ست ڌيئرون هيون، جن مان مومل مڙني ۾ وڏي هئي. حفيظ تيوڻي جي روايت موجب راجا نند کي نوَ ڌيون هيون. مختلف روايتن ۾ جيڪي نالا ملن ٿا، سي سيئي گڏجن ته نوَ بيهن ٿا:1- مومل، 2- سومل، 3- سهج يا سهجان 4- سوڍي، 5 - سليمت 6- صحت 7- ساڍهان 8- صالحان 9- مرادي يا مرادان. مومل ماڙيلي ۾ ئي ڄائي، نپني ۽ وڏي ٿي. مومل ۽ سومل جي هڪٻئي سان گهڻي پريت هئي ۽ هو هر حال ۽ ڳالهه ۾ هڪٻئي سان گڏ هيون. سامي سيتل کي ٻنهي گڏجي جادو سکيو هو. هڪ روايت موجب سومل جي چوڻ تي ئي مومل اهو هار، ڏندي مٽيو سيت سامي کي ڏنو هو، جڏهن مومل ماڙيلو ڇڏيو ته سومل به ساڻس گڏ رواني ٿي.

مومل ماڙيلو ڇو ڇڏيو، تنهن لاءِ جدا جدا ڳالهين ۾ به اهڃاڻ ڏنل آهن: هڪ ته پنس جي ڪاوڙ ۽ ڇينڀ تي مومل پاڻ ماڙيلي کي ڇڏيو، ۽ ٻيو ته خود پنس کيس ماڙيلي کي ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. هڪ ڳجهارت ۾ آهي ته:

ڏيٺي: ٽِنگِي ته شُومِ ڪي، شهر مؤن مال جي
پيڇٽي: لڙڪي نَند ڪي، ماڙيلي مؤن ٽڙي.

ماڙيلي طرف جي هڪ مقامي روايت مطابق، مومِل ماڙيلي مان رواني ٿي، پهريائين اچي "ڏِيٺري" جي پِٽ تي ويٺي ۽ هڪ سال اُتي

رهي. ماڻيلي جي ڪوٽ جي مٿاهين برج تان نند راجا جي نظر، پٽ ڏيٿري تي مومل جي مڪان تي ئي پئي.[1] انهيءَ ڪري مومل کي چوائي موڪليائين تہ منهنجي نظر کان پري وڃي ويهہ. پوءِ مومل ڏيٿري مان لڏي وڃي لُڊاڻي لڳ ڪاڪ تي ويئي.

عام مشهور روايت موجب مومل مُنڌان ئي وڃي ڪاڪ ڪنڌيءَ تي محل اڏايو. هڪ اهڃاڻ موجب، مومل اڃان ماڻيلي ۾ ئي هئي جو "ڪاڪ محل" اڏڻ جو خيال ڪيائين، پوءِ خواب ڏٺائين تہ هن گهٽائي گهوٽ گهائي ڇڏيا، پر هڪ ڪاڻو (راڻو) آيو، جنهن اڇي سندس سڀ طلسم ٽوڙي ڇڏيا. صبح جو روئي پنهنجي ماءُ سان اها ڳالهہ ڪيائين:

مومل ماڻيلي ۾ خاصو لڌو خواب
ڻو بر لنگهي آئيو، نديءَ پاس نباب
تنهن "ڪاڻي" ڪؤنت ڪُڏي ڪري ڪُهي ڪئي ڪباب
پوءِ اکين آڻيو آبہ پئي مُنڌ ڳالهائي ماءِ سان.

## همير بادشاهہ کي راڻو مومل وٽ ڪڏهن وٺي ويو؟

ہ رايا آهن: هڪ اهو تہ اڃان ڪاڪ تي ئي هئا جو راڻو، مومل سان ملي موٽي آيو ۽ سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايائين، جنهن تي همير چيس تہ: جي ائين آهي تہ پوءِ مون کي بہ مومل ڏيکار.

مومل ڏيکارڻ لاءِ همير کي راڻو، مومل جي محل ۾ ميهار بنائي وٺي ويو. اتي مومل آڏو پنهنجي گهٽتائي ٿيڻ سبب همير ٻاهر نڪرڻ سان راڻي کي ٻڌائي وٺي آيو ۽ اڇي قيد ۾ رکيائينس. ٻي روايت موجب چارئي ساڻي ڪاڪ تان موٽي آيا، پر پوءِ همير بادشاهہ کي ٻاک پئي تہ راڻو ڪاڪ تي وڃي ٿو. پوءِ سڄي ڪرايائينس ۽ چيائين تہ هڪ ڀيرو مومل مون کي ڏيکار. پوءِ راڻو، همير کي ميهار بنائي وٺي ويو، جنهن سبب همير ڏٺو تہ سندس هٿڪ ٿي آهي ۽ پوءِ راڻي کي قيد

---

[1] "پٽ ڏيٿري" يا "ٻڀ ڏيٿري" ميرپور ماڻيلي کان پنجيتاليهہ ميل ڏکڻ طرف آهي، جتان مهاتما ٻڌ جون مورتيون ۽ ٻيا آثار لڌا آهن، ان مان ظاهر آهي تہ "ٻڀ ڏيٿري" واري بستي اڳاٽي وقت ۾ آباد هئي.

ڪيائين. راڻي تي هڪ طرفان همير بادشاهه جو زور پيو ته ڪيس مومل ڏيکاري، ٻئي طرفان پانيائين ته مومل سنئون ستو بادشاهه کي نه ملندي ۽ انهيءَ ڪري بهاني سان بادشاهه کي وٺي وڃڻ جو پهه ڪيائين. پر اهو ڪم عقلمندي جو نه ڪيائين: ميهار بدران دوست يا وڏو سوداگر ڪري وٺي وڃيس ها ته بادشاهه جو شان رهجي اچي ها. راڻي جيڪا سِٽ سٽي، ان مان نه رڳو همير کي پوءِ مٺيان لڳي، پر مومل به راڻي کي جتايو ته تو اهو ڪم ڪَچو ڪيو:

راڻا نه ڄاڻتوءِ، وڏي ويڻ وِرسئين،
ست پتيرو سومرو، ڪوجهو ڪري آندوءِ.

## راڻو مينڌرو قيد مان ڪيئن نڪتو؟

همير بادشاهه راڻي کي قيد ڪيو هو، پر سندس سياڻپ جو ڪيس قدر هو ۽ سندس صلاح جي ڪيس ضرورت هئي، پر جنهن طرح راڻو ڪيس ڪاڪ تي وٺي ويو، سا ڳالهه ڪانئس نٽي وسري. ٻئي طرف مينڌري جي ڀيڻ، جنهن جو نالو ”ڪِلڻ“ هو، سا همير بادشاهه جي گهر ۾ هئي، تنهن پئي راڻي جون سفارشون ڪيون، جنهن تي لاچار تي بادشاهه کيس چيو ته ”راڻي کي پرولي ڏيندس. پوءِ جي ڀڳائين ته ڪيس قيد مان ڪيندس نه ڀڳائين ته ڪيس مارائيندس.“ همير کهڙي پرولي راڻي ڏانهن موڪلي، ان بابت جدا جدا رايا آهن. هڪ روايت موجب رات جو راڻي، همير بادشاهه سان رهاڻ ۾ هئي جو سندس ٻار وٺي رنو، تڪڙ سان اٿي ته سندس چُني ڦاٽي پئي. همير پوءِ اها پرولي راڻي ڏي موڪلي، جو ان جي خبر رڳو ڪيس ۽ ٻي راڻيءَ کي هئي. پانيئان ته ڪونه پجندو. پر هي اهڙو واقعو هو جو سندس گهر واري به پانيو ته متان اها پرولي راڻي کي ڏئي، سو ياءُ کي اڳ ۾ ئي آگاهه ڪري ڇڏيائين. همير پاڻ پنهنجي سر اچي پرولي ڏني ته:

ڪنهن پر چُنيءَ آيو چير؟ ڪنهن پر چُنيءَ آيو چير؟

راڻي جواب ڏنو ته:

تون ٿي راحت رسئين، ٻالڪ گهريو کير، ان پر چنيءَ آيو چير.

تڏهن همير چيو ته:

سا تنهنجي ڀيڻ!

(يعني اهو عقل تنهنجو ناهي، پر اها تنهنجي پيڻ آهي، جنهن توکي ٻڌايو آهي)

راڻي جواب ڏنو تہ:

پاڻ مرندي کهڙا سيڻ!

يعني تہ پاڻ تي مصيبت آئي سيڻن جو کهڙو خيال کبو! تون اسان جو سيڻ آهين، پر مون تي تڪليف هئي، انهيءَ ڪري منهنجي پيڻ بہ توکان وڏيڪ منهنجو خيال ڪيو.

ٻيءَ روايت موجب، ”راڻي ڪِلڻ“ نهايت سهڻي هئي. ڪنهن موقعي تي ڪُمهلو رات جو همير بادشاهہ پنهنجي نيري گهوڙي تي اندر حويلي ۾ هليو آيو. گهوڙو پاڻ ٻڌائين. راڻي ڪِلڻ جيڪا ستي پئي هئي، سان ڪنجري ڪان سواءِ چادر اوڍي آئي ۽ گهوڙي کي گاهہ ڏنائين تہ سندس جسم تان چادر جو پلئہ کڄي ويو جو همير ڏٺو، پوءِ همير چيس تہ: راڻي! شرم ٻاري چڏيئي! (يعني تنهنجي سهڻي جسم سوجهرو ڪري ڇڏيو) پوءِ اها پرولي مينٽري کي ڏنائين، پر پيٽس ڪيس اڳ ۾ ئي خبر ڪري ڇڏي هئي. همير اچي مينٽريءَ کي چيو تہ:

انداريءَ اُهاءِ، مون جو ڏنو مينٽرا!

مينٽري جواب ڏنو تہ:

’ڪِلڻ‘ اولاڻي ڪنجري، متان وڏو نيلي گاهہ!

هڪ ٻي روايت موجب، همير اچي راڻي کان پڇيو تہ موسم کهڙي آهي؟ راڻي چيو تہ چيٽ جو مهينو آهي. همير پڇيو تہ ڪيئن سمجهيئي؟ چيائين تہ: پؤنر پيا اچن وڃن، جنهن مان پانيان ٿو تہ ملڪ ڦٽو آهي. ٻيءَ راويت موجب راڻي بيت ۾ جواب ڏنو تہ:

هير، ٽڙ پلا مرن، ايٽِي ڏڏڙيان، همير! آهرون ڦُلاريون
وير نہ ڄاڻان کهڙي، پر مون کي چانيون سيباڻيون.

يعني تہ هن وقت درياهہ ۾ پلا مرن ٿا، مٽرن جون ڦريون پچي ويون آهن، آهُريون ڦلارجي ويون آهن، هينئر وقت الائجي کهڙو آهي، پر مند اها آهي جو (سيارو گنري چڪو آهي ۽ اُس بدران) چانوَ وڻي ٿي.

پوءِ همير بادشاهہ، مينٽري کي قيد مان ڪڍيو.

**راڻو ڪاڪ تي ڪهڙي ريت ويندو هو؟** ڪاڪ ڪان موٽي اچڻ ڪان پوءِ، جيستائين همير بادشاهه کي شڪ هو تہ راڻي، مومل واري راز کي لڪايو آهي، تيستائين مٿس ڪرڙي نظر رکي وئي ۽ فقط رات جا چار پهر ڪيس گهر گهارڻ جي اجازت مليل هئي. راڻو انهيءَ عرصي ۾ پنهنجي هڪ يلي اُٺ تي چڙهي راتو رات هڪ سؤ ڪوهہ ڪري ڪاڪ مان تي ايندو هو.[1] ٻي هڪ روايت موجب ، قيد مان نڪرڻ ڪانپوءِ همير بادشاهه منع ڪيس تہ ڪاڪ تي متان وڃين، راڻو پوءِ بہ اُٺ تي چڙهي ويندو هو، جنهن جي خبر همير کي پئي، جنهن اُٺ کي ڪهائي ڇڏيو. اچا بہ ٻي هڪ روايت موجب بادشاهه جي طرفان مٿس ايتري چوڪسي ڪانہ هئي، پر راڻو پاڻ پرڻيل هو، انهي ڪري خود سندس گهرواري جي مٿس چوڪسي هئي. هڪ رات راڻو ڪاڪ تان وهنجي آيو هو ۽ صبح جو اچا سندس وار آلا هئا، جن مان ڪاڪ جو ڳاڙهو پاڻي پئي سِميو. اهو سندس گهرواريءَ ڏٺو جنهن پنهنجي سس کي سڏايو تہ:

پٽي! پُٽوءِ پر گهر هنڊٽو، ڪري شيل شڪار
ڪني ويريين وَڊيو، ڪني ڏنيس مارَ
ڪئن جئن منجهہ ڪپار، رت ريلا ڪيو نڪري.

اها ڳالهہ پوءِ راڻي جي پيءُ کي ٻڌايائون، جنهن جو نالو ڪن راويتن ۾ ”ڪبير“ ڪري ڄاڻايل آهي. ڪبير پوءِ ان اُٺ کي ڪهائي ڇڏيو ۽ راڻو وري ٻئي اُٺ تي وڃڻ لڳو، پر ڪاڪ تان پيرو نہ ڀڳائين.

ڪن روايتن ۾ ائين آهي تہ پهريائين راڻو هڪ يلي (نر) اُٺ تي چڙهي ويندو هو، جنهن جو نالو ”چيڪلو“ هو. جڏهن همير يا ڪبير ”چيڪلو“ اُٺ ڪهايو تہ پوءِ ان جي پيٽ هڪ مادي ٽِرهاڻ اُٺ هئي، جنهن تي چڙهي ويو، جيڪا ڪاڪ محل ۾ ان ساڳيءَ جاءِ تي وڃي جهڪايائين، جتي ”چيڪلو“ اُٺ جهڪائيندو هو:

---

[1] هن خطي جا راوي اڪثر انهيءَ خيال جا آهن، تاريخ 15 ڊسمبر 1974ع ۾ ڳوٺ گلو پتافي (تعلقو ميرپور ماٿيلو) ۾ ڪيل ڪچهري ۾ راڻي جي اُٺ جي تڪائي ۽ لداڻي واري پنڌ جو ذڪر نڪتو. سگهڙ راوي عبدالستار (”صحب جو“ مهر) ٻڌايو تہ عمرڪوٽ ڪان لداڻو ڇهن گهڙين هڪ سئو ڪوهہ پري آهي.

”جاتي جهڪندو هو اُتَ ’چيڪلو‘
اتي جُهڪِي توڏ ٽرهاڻ“

گهٽين روايتن ۾ ائين آهي تہ پهريائين هڪ پلي ڏاچيءَ تي چڙهي ويندو هو. جڏهن ان کي کهايائون تہ پوءِ ان جي ڪنوات تي چڙهي ويو، جيڪو ماءُ کان بہ تکو هو. شيخ ابراهيم جي بيت ۾ ڏاچيءَ جو نالو ”گهِٽيا“ ڄاڻايل آهي:

”گوءِنرو اُتَ ”گهِٽيا“ جو، تڏهن سهجان سينگاريو“

( ص — 71)

## مومل سان گڏ ڪير ستل هو، ۽ راڻي کي ڪيئن شڪ جاڳيو؟

مڙني روايتن ۾ ائين آهي تہ مومل سان گڏ سومل ستل هئي، پر مرداڻو ويس ڪري سُتي هئي، هڪڙين روايتن موجب، گهڻا ڏينهن ٿي ويا هئا، جو قيد ۾ هجڻ سببان راڻو ڪاڪ تي ڪونہ آيو هو، ۽ انهيءَ فراق ۾ مومل کي ننڊ ڪانہ ٿي آئي. پوءِ پاڻ کي آٿت ڏيڻ لاءِ سومل کي مومل چيو تہ هوءِ راڻي وارو ويس ڪري ساڻس گڏ ساڳي کٽ تي سمهي. يا سومل پاڻ اها ڳالهہ سوچي ۽ مومل کي آٿت ڏيڻ لاءِ راڻي وارو ويس ڪري ساڻس گڏ ستي. ٻين روايتن مطابق سومل ڄاڻي واڻي اهو ٻوهہ ڪيو. جڏهن مومل، مينڌري سان نينهن لائي هميشہ ڪاڪ وسائي ويهي رهي، تہ ماڻس کي ويچار ٿيو، ۽ ماٽيلي مان سومل کي روانو ڪيائين تہ ڪنهن طرح مومل کي مينڌري کان نکيڙي موٽائي ماٽيلي وٺي اچي. سومل پوءِ اها سٽ سٽي، جو پاڻ روزانو مردانو ويس ڪري مومل سان سمهندي هئي ۽ ٻاهران پنهنجو هڪ ميهار بيهاري ڇڏيندي هئي، جيڪو راڻي کي چيو تہ ”اڄ مومل وٽ سندس يار سيتل آيو آهي.“ جنهن رات راڻو آيو تہ ٻاهران ان ميهار اهو ٻڌايس. اهڙي طرح راڻي کي اڳوات اهو شڪ جاڳيو، ۽ پوءِ اندر اچي جو مرداني ويس وارو ماڻهو مومل سان گڏ ستل ڏٺائين تہ ويتر پڪ ٿيس تہ مومل ٻوهي آهي ۽ ساڻس سچي ناهي.

ٻي هڪ روايت موجب اهو ڪنوات (يا اها ٽِرهاڻ) جنهن تي راڻو پوءِ چڙهيو، سو اهڙو تِکو هو جو اوتريئي ئي وقت ۾ پنجاهہ ڪوهہ ڪاڪ کان اڳتي ٽپي ويو. اونداهي رات ۾ راڻي جو مٿو منجهي ويو. اتي هڪ ميهار ( يا ڳنوار يا ٻڪران) ”قوڳسين“ نالي مليس، جنهن ڏس ڏنس تہ

ڪاڪ پوئتي ڇڏي آيو آهين. هي ملڪ سيتل راءُ جو آهي، جيڪو اڄ ڪاڪ تي ويو آهي. اهڙيءَ طرح راڻي کي شڪ جاڳيو ۽ ڪاڪ محل ۾ مرد ماڻهو کي مومل سان ستل ڏسي پڪ ٿيس ته اهو سيتل آهي. ڪن راوين جي خيال ۾ راڻي جو پنجاهه ڪوهه اڳتي نڪري وڃڻ، اونداهي رات ۾ منجهڻ ۽ ڦوڳسين ڪان پڇڻ، اهو پڻ سڄو سومل جو سحر هو.

ڪن روايتن موجب جڏهن راڻو، همير بادشاهه ڪان لِڪي ايندو هو، تڏهن مومل چيو هوس ته تيرهين ۽ چوڏهين رات جو نه اچجان، باقي ٻين راتين ۾ پل پيو اچجانءِ.

اڳي ئي مومل، مينڌرا، جڏهن ڏسي رات ڏنياءِ
تيرهين چوڏهين ڇڱي نه ائٺي، ٻيو اٺيهي پيو آءُ

هن پيري راڻو چوڏهين رات جو آيو، جو مومل سان ڪو "مرد" ستل ڏٺائين. ڪي چون ٿا ته راڻي کي مومل تيرهين ـ چوڏهين تي اچڻ ڪان انهيءَ ڪري جهليو هو ته چوڏس چنائي ۾ متان لڪجي نه پوي، انهيءَ ڪري اونداهين ۾ اچي "اونداهي آهي، اجهو عاشقن جو". ٻين روايتن ۾ اهي ته مومل کي جادو ۽ ٻوهه جو علم هو، سو ويهي ويچاريائين ته متان ڪو راڻي سان ٻوهه ڪري. پوءِ تِئون ڪيائين ۽ راڻي کي چيائين ته: راڻا! "ڪاري چوڏس" (15 ڪان 29 تائين) ۾ نه اچجان" انهيءَ ڪري راڻو هميشه چِٽي چوڏس ۾ ڪاڪ تي ويندو هو. پر ساڳئي وقت مومل ۾ اهو دليل به وينس ته مومل ڪاري چوڏس ۾ اچڻ ڪان جو جهليو آهي، سو انهيءَ ۾ ڪا ڳالهه آهي! پوءِ اها رات اٺاويهين اونداهي هئي، جو راڻو ارادي سان انهيءَ رات روانو ٿيو. رات جو رلنڊڙ توڙي چور چوندا آهن ته اٺاويهين رات ڳري آهي. انهيءَ ڳري رات ۾ اچڻ سببان، سومل جو سحر راڻي کي لڳو، جو هو منجهي ويو ۽ اڳواٽ ٻيهاريل خابرن ڪيس اها ئي خبر ڏني ته مومل وٽ سيتل اڄ رات آيل آهي.

ڪن راوين انهيءَ ڳالهه کي ورجايو آهي ته مومل جي سيتل سان سينڌ هئي هنن راڻي جي واتان مومل کي سيتل جا مهڻا ڏياريا آهن ته:

ڪَهُون ڪولي ڪنجري، سُتئينءَ سيتل ساڻ
ايڏا غير گماڻ، تنهنجا ڊوليي ڪٽي ڊڪيا.

—

مومل مزمانن جا هيئن نہ پيجن حق
هڪ اوجاڳا اکين جا، ٻيا لتاڙيم لَڪ
چادر پايو ڪٽ، ستينءَ سيتل راوَ سان!

پر اڪثر راوين انهيءَ ڳالهہ کي وزن ڪونہ ڏنو آهي.

سگهڙ شاهو نوحاڻي[1] پنهنجي هيٺين بيت ۾ خاص طرح انهيءَ ڳالهہ کي رد ڪيو آهي تہ ڪو مومل جو سيتل سان ناتو هو:

ساراهيان سچو ڏڻي، جو عالمن الله
روحانيت رسول جي هئي اصل ڪان اصلا
حضرت آدم هڪڙو، ڪيو پاڻ ڏڻي پيدا
فائق فريقون ڪيون تنهن مان جوڙي جهانا
ڪي نِرمل نيڪ نبي ها، ڪي بزرگ پلارا
سوڍيون سَوَ هزار هيون، پر مومل مَٽ نہ ڪا
پيءُ جنهين جو پاتشاهہ هو راجا ننداءُ
هُن جي وَڙ وڏي هئي والدان، جنهن جو نرمل هونسبا
ڪانَ سُبحان ڪاپڙي، هو پَل ڪُلهيرِيءَ پاءُ
هن جو پڙ پتار هو، نَکر وڏي ناهہ
ٻيا گهڻ وڌ ڳالهيون ڪن گهٽا، اهو سندو عام اُناءُ
انهيءَ قلب ڪتاب ۾، اسان سِيتل ڪين سُڻا
مهندان ڏينهن محشر جي، هن جو ٿيندو، نوحاڻي چئي، نياءُ
گهوري گهوٽ مٿاءِ، ڏِيل وڌو هئين ڏاگهہ ۾.

## قصي جي ڪردارن بابت رايا:

سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن نہ فقط سنڌ جي ڪُهنن قصن ۽ داستانن کي سوڌيو سنواريون، ڳايو ۽ مشهور ڪيو آهي، پر انهن کي پچارينديءَ قصن جي مختلف ڪردارن بابت پڻ پنهنجا رايا ڏنا آهن ، جيڪي سگهڙن جي رهاڻ جي مکيہ موضوع تي رهيا آهن. هن موقعي جي مانجهي راڻي مينڌري توڙي مانجهياڻي مومل کي ڪن سگهڙن ساراهيو آهي تہ ٻين

[1] شاهو پٽ حاجي پاڙو سنجراڻي نوحاڻي، ويٺل ڪُنب جو، وڏي بيماري( 1918ع) ۾ وفات ڪيائين. وڏو سگهڙ ۽ داناءُ هو. مولوين کي مات ڪرائي ڇڏيندو هو.

متن حرف رکيو آهي. هن پوئين دور جي هڪ سگهڙ سائينداد فقير کان پڇاياسون تہ: "فقير! تو راڻي مومل کي ڇو نہ ڳايو؟"
جواب ڏنائين تہ: ڪيئن ڪري ڳايان، جو

جنهن ڏن ڪارڻ ڏيءُ ڪڍي، سو راجا هئو رَڪُ
مڙسي مومل کانہ کئي جو پري وِهہ جو ڦڪ
سُرهي سوڍي نہ کئي، نہ تہ هٽيس ها هڪ ڏڪ
ٽنهي ڪونهي نڪ، ڪنهن کي ساراهيان، سائينداد چئي.[1]

فقير سائينداد تہ سيني کي ڳچو ڪيو، پر راڻي مينڌري جو ڪردار اڳئين وقت کان وٺي سگهڙن جي زير بحث رهيو آهي. راڻي جڏهن مومل سان ڪو "مرد" سٽل ڏٺو هو تہ ٻنهي کي اتي ماري ها، يا انهيءَ مرد کي ماري ها. جي ماڻ ڪري مُڙئو هوس تہ پوءِ ايترو صبر ڪري ها جو مومل کي کٽي جاڳائي ها تہ اچي ڪاري پٽري تي پئي ها. شاعر ڪبير شاهہ تہ چوي تہ:

پينر ٻئي جان پيڙيون هيون ماڙيءَ منجهہ محل
تنهن سان سُتي سيج تي هئي سهج ڪري سومل
ڪاجا مدي مومل من ۾ جنهہ چند ڪيا تي چل
کانڌ بنا جا ڪوڙي تي رکي بوتو منجهہ بغل
سا ڏکي مر ڏهاڳ جو حال گذاري هل
اصل عزازيل کي هئي پٽري اها پل
جان آيو ڪامل سائين ڪاڪ جو منجهان اوز اُچل
تان ٻٽ ڏٺائين ٻہ ڇٽا رمز ڪنهين سان رل
هي لڪڻ لاڙي هليو ڏيئي ميي کي موڪل
سو راڻو رُنڍ رکي ويو وڏي خوف خلل
پر حرف رکن تا هيڪڙو، توتي آٽيو کي عاقل
جُڻ هيئي نار نڪاح جي، تِنهنجي اِيءَ نہ ڪياءِ اٽڪل
جي تو مُنڌ جاڳائي مينڌرا هاٿڪ ڪري هڪل

[1] تاريخ 28 جنوري 1959ع تي ڳوٺ پانڌي هگوري ۾ ٻيڙي فقير ڪنيار وٽ ڪيل ڪچهري ۾ راڻي ۽ مومل جي ڪردارن بابت ڳالهہ هلي، جنهن تي سگهڙ مرحوم علي شير جاگيراڻي، فقير سائينداد جو اهو بيت شاهدي طور آندو.

تہ مڙيوئي معلوم ٿيا، توتي ان جا عيب عمل
پر سوڍا تنهنجي پيي ساھ ۾ سُور سڪڻ ڪيا سل
هوءَ پيي اُتي عجيبن لئي ناز منجهان نرمل
تہ تي ويل منهنجي ورجي اُتي ڪانڌ ڪريان ڪا ڪل
تان، هئي مُنياس ڌري ويو مينڌرو ڪامَ ڪنديءَ سين جهل
سا رويو رت ريهون ڪري، تي ڳوڙها ڳاڙي ڳل
پيڻ وڙهي تي پيڻ سان، جوش منجهارا جل
تہ ڙي ڪامڻ! ڪبير شاھ چئي توڪي آندو ڪنهن اجل
ماريئي ڪي مومل، جنهن سان سُتئينءَ سومل سيج تي.

ڪي ٻيا عاقل پڻ ڪبير شاھ وانگر راڻي تي ميار رکن ٿا، جيئن تہ حفيظ تيوٽو چوي ٿو تہ:

مڙس نہ هئين مينڌرا، هئين ڄڻاٽو ڄٽ
مومل جي ماڙيءَ ۾ ڪونہ هو ڪُوڪٽ
مڙس هوئين هيڪڙو سو ماري ڪرٽو هوءِ مٽ
هاڻي لاھ لونگي، ٻڌ ڌوتيو، پر هئين ڪهڙو پَٽ
هِت لڄايئي ڪاڪ ڪي، هُت لڄايئي ڍٽ
ساهمي تراڙو هٽ، آهي مرڪ تنهنجو مينڌرا!

شاعر وٽ ٻاڪڙي چيو آهي تہ:

مڙس ٻہ هئين مينڌرا، پر ڪم ڄڻاٽو ڪيوءِ
مڙس مثل ماڙيءَ ۾ جڏهن ڏوران تي ڏٺوءِ
تڏهن وڏي وڪ "وٽ" چوءِ، پر ۾ پڇڻ هوءِ
تہ ذات ٻہ تنهنجي ظاهر ٿئي، نالو ٻہ نڄاريوءِ
ماٺو ٻہ سريئي مينڌرا، هٽ تورو ٻہ ٿيوءِ
هاڻي ڪُر ڪي ڪٽ ڏٺوءِ، ان موٺڻ سين مينڌرا!

مگر ڪبير شاھ پنهنجي ٻئي هڪ بيت ۾ راڻي تان ميار لاهي مومل تي رکي ٿو تہ:

راڻي ريب رياءِ، مومل ماڙيءَ ۾ ڏٺو
ٻٽ ڏنائين ٻہ ڄڻا، تڏ گهوٽ وڏو ٿيو گهاءِ
مرد هئو ڪہ زال هئي، تنهن جو ڄاڻ ڄاڻي خداء

پر حق رنو تي حق سان، وچ وڏو پيو واءُ
مومل ڏئي تو مهٽو سيڪو سوڍي کي بہ سياء
ڙي ڪامڻ، ڪبير شاهہ چئي، تو ڪئن رسايو راءُ

-*-

پوءِ دل ڳٽي داناءُ، موٽي ويو مينڌرو.
ناحق نؤد عقل سين تو ترت ڪيو ترتوت
ڪامڻ ڪاڪ ڪنڌن ۾، ڪؤنر ڪيئي تي قوت
منڍي چرخ چلٽ جو مڪر ڪيئي مضبوط
تان راڻي هڪڙي راند سين تنهنجا ناٽ ڪيا نابوت
ڙي هوئِي پارڻ پيچ پريت جو، سندرو سڪ ثابوت
ٽيندئي بت پيوت، جيئن تو عاشق ساڻ اَلٽ ڪيو.

ڪنهن ٻئي سگهڙ پڻ چيو آهي تہ:

ڪو جو ڪنر ڪاڪ مان راڻي روح رهيو
مينڌرو محلات ۾ وري ڪونہ ويو
سوڍي شڪ پيو، پوءِ مومل ڪٽي مصريون ٽِي

## قصي جي قدامت ۽ مشهوري:

مٿي هن قصي جي تاريخي پس منظر بابت ڏنل راين مان معلوم ٿيو تہ هي قصو ٻارهين صدي جي وچ ڪان وٺي چوڏهين صدي جي شروع واري دؤر ۾ اُسريو ۽ ٿوري عرصي اندر ملڪ ۾ مشهور ٿي وِيو. چوڏهين پندرهين صدي ۾ سنڌ جي سڄاڻ يٽن پانن ۽ منگتن مگڻهارن هن قصي کي ڳايو، ۽ سورهين صدي ۾ شاعرن هن کي اعليٰ شاعريءَ جو موضوع بنايو. مثلاً مومل ـ راڻي، جي مضمون ۾ شاهہ ڪريم شايع ڪري ( 1538- 1623) جو هيٺيون معنوي بيت ملي ٿو تہ:

ڪاڪ وٽني ساڻ، اوئين نہ اُورڳي،
جي ڳڻ هونِ گهٽا، راڻا توءِ روندا وئا.[1]

سورهين صدي جي پوئين نصف ۾ ٺٽي جي شاعر محمد مقيم پڻ "ترنم عشق" جي عنوان سان مومل- راڻي جي قصي کي منظوم

---

(1) "شاهہ ڪري بلڙي واري جو ڪلام" تحقيق مرحوم ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، بمبئي، 1356 هه/1937ع، ص 66. غالباً صحيح لفظ "اوڙڪي" (ڏٺي) آهي ۽ نہ "اورڳي"

ڪيو.[1] ڪلهوڙن جي آخري دؤر ۾ مير علي شير قانع هن قصي کي مختصر طور ”تحفة الڪرام“ ۾ بيان ڪيو. سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ ميين شاهه عنايت ۽ ڀٽائي صاحب ”مومل- راڻي“ جي مضمون کي پنهنجي اعليٰ شاعريءَ جو موضوع بنايو. عوامي شاعرن مان يعقوب ڪٽي (ميان نور محمد جي دؤر ۾) هن سڄي قصي کي بيتن ۾ جوڙيو. ان کان پوءِ ارڙهين صدي جي آخر يا اوڻويهين صدي جي شروع ۾ لس ٻيلي جي شاعرن شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهه هن قصي کي پنهنجي عوامي شاعريءَ جو عنوان بنايو. خداداد خان پنهنجي ڪتاب ”وقائع جيسلمير“ ۾ پير ڏني گاڏر جو جوڙيل ”مومل- راڻي جي قصي“ جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ هي شاعر پڻ انهي پوئين دؤر جو هو. انهي دؤر ۾ لس ٻيلي جو ٻيو هڪ شاعر مبارڪ گنگو (ويٺل سماند، لڳ لياري) ٿي گذريو، جنهن پڻ مومل- راڻي جي قصي بابت بيت چيا.

ڪتابن ۾ اشاعت جي لحاظ سان هي قصو پهريون ڀيرو مختصر طور رچرڊ برٽن جي ڪتاب ”سنڌ ۽ سنڌوءَ جي وادي ۾ وسندڙ قومون“ ۾ 1851ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو.[2] 36 سالن کانپوءِ مرزا قليچ بيگ مرحوم سن 1887ع ۾ ”مومل- راڻي جو قصو، اصل حفيظ وارو“ مرتب ڪيو جيڪو ڪراچي مان ڇپيو. ان کانپوءِ حفيظ وارو قصو مسلسل طور ڇپجندو رهيو جيڪو سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيو ۽ پڻ ٽڙ- بيت جي ڪچهرين ۾ ڳايو ويو.

---

(1) ”سنڌ جي ادبي تاريخ، دور برطانيا کان اڳ“ ڀاڱو پهريون (مؤلف محمد صديق ميمڻ) ۾، ”سنڌ جو علمي عروج“ باب هيٺ ”ترنم عشق (مومل ـ راڻو) محمد مقيم ٺٽي جو“ حوالو ڏنل آهي. چئي نٿو سگهجي تہ اها مثنوي فارسي يا سنڌي نظم ۾ هئي. تاريخ طاهري مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاعر مقيم، مرزا جاني بيگ جي دؤر ۾ هو، ۽هو فارسي توڙي سنڌي زبان جو شاعر هو. ڪيس سنڌ جي مقامي قصن جي بہ خبر هئي، جو سنہ 1001هه/1592ع ۾ اڪبر بادشاهه جي دربار ۾ جڏهن عمر ـ مارئي جي قصي جو ذڪر نڪتو تہ مرزا جاني بيگ، مقيم شاعر کي سڏيو، پر هو اتفاق سان ان قصي کي صحيح نموني ۾ بيان نہ ڪري سگهيو (تاريخ طاهري، تصحيح بنده راقم، ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ سن 1384 هه/ 1964ع، ص 36)

(2) ڏسو ضميمو، ص 387. بعد ۾ گريئرسن پنهنجي ڪتاب ”هند جو لساني جائزو“ (جلد 8) ۾، برٽن جي روايت جو حوالو ڏنو، ۽ پڻ ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي مرتب ڪيل ”شاهه جي رسالي“ ۾ هن قصي بابت برٽن قلمبند ڪيل روايت وارا بيت نقل ڪيا.

**مواد ۽ ترتيب:**

مواد سهڙيندي مومل- راڻي جي قصي جون جدا جدا روايتون مليون، جن کي اسان پيش ڪيو ۽ اهي روايتون جيڪي هڪٻئي سان ملن ٿيون، تن کي يڪجاءِ ڪيو. اهڙي طرح هن قصي جون پنج مستقل روايتون قائم ڪيون ويون، جن کي آڏو رکي اسان سڄي مواد کي مرتب ڪيو آهي. "روايت- 1" تحفة الڪرام مان ورتل آهي. "روايت- 2" ۾ هن قصي بابت سڀ ڪان آڳاٽي ۾ آڳاٽا "ڳاهن وارا" بيت ڏنل آهين، (جيڪي هن روايت جي منڍ ۾ ڏنل آهن ۽ ڳاهن جي صورت ۾ به ٽِڪا آهن.) "روايت- 3" ۽ "روايت- 4" جو مدار سنڌ جي مختلف عوامي شاعرن جي بيتن تي آهي، جيڪي ورڇي رکيا ويا آهن، پر انهي ورڇ ۾ البت ردبدل جي ضرورت آهي، پنجين روايت نثر ۾ آهي، جنهن ۾ ڳاهن وارا بيت پڻ شامل آهن، اها روايت سنّاءُ جي لحاظ سان جدا حيثيت رکي ٿي.

انهيءَ سڄي مواد ۽ انهن سيني روايتن کي پڙهڻ بعد هن نتيجي تي پهچجي ٿو تہ مومل- راڻي جي قصي جو ٿر ۽ بَر ڪشادو آهي. مومل جي پيءُ راجا نند جو خزانو گڏ ڪرڻ ۽ درياءُ ۾ لڪائڻ، جادوگر سامي جو اچڻ ۽ اهو خزانو چورائڻ، ۽ راجا نند جو مومل تي ڏمر ۽ مومل جو ڪاڪ محل اڏائڻ ۽ ڪئين راءِ رُلائي سندن ملڪيت ڦٻائڻ وار اٿاڙا سنڌ جي ڪهنين ڪهاڻين جا يادگار آهن. ٻئي لحاظ سان، هي هڪ عجيب افسانو آهي، جنهن ۾ مومل جي طلسمي ڪاڪ محل ۽ چئن ساٿين جي ان تي چڙهائي، "سانگ وارو سنّاءُ" ۽ ماحول جي رنگيني پيدا ڪن ٿا . راڻي جو چانگي چڙهي مومل ماڻڻ، مجازي ماحول جو نمايان نشان بنجي ٿو، ۽ راڻي جو رسڻ ۽ مومل جون منٿون، سماجي ماحول سان گڏ عشقيه داستان جو باب بنجن ٿا.

**ن ـ ب**

# متن

## مومل- راڻو

# روايت [1]

## تحفة الڪرام ۾ ڏنل ڳالهه*

گوجر بادشاهن جي اولاد مان "مومل" نالي هڪ عورت، پيءُ جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ، پنهنجي ملڪ تي حڪمراني ڪري رهي هئي ۽ شهر جي ڪناري تي هڪ عاليشان ماڙي نهرائي هئائين. انهيءَ جي ٻاهران جادو جي زور تي هڪ درياءَ بنائي، ان جي گهيڙ تي ماڙيءَ جو پٿر جو دروازو نهرائي ڇڏيو هئائين. دروازي تي پٿر جي ٻن خوفناڪ شينهن جو ڏيکاءُ ڪري، اندر صفي ۾ ست پلنگ وجهائي ڇڏيا هئائين، جن تي هڪجهڙا هنڌ پٿاريل هئا. انهن مان ڇهه ڪچن ڌاڳن سان واٽيل هئا. هرهڪ پلنگ جي هيٺان اونهي کڏ کوٽيل هئي. تنهن ڪانپوءِ فيصلو ڪيو هئائين تہ "جيڪو بہ انهيءَ درياءَ ۽ شينهن کان لنگهي، پنهنجي دانائي جي زور تي، اچي سچي پلنگ تي ويهندو، تنهن کي هوءَ پنهنجي مڙس ڪري قبول ڪندي." انهيءَ خواهش ۾ ڪيترائي ماڻهو ويا، پر پنهنجي مقصد ۾ ناڪامياب ٿي، عدم آباد ڏانهن روانا ٿيا.

هڪ ڏينهن همير سومرو پنهنجي ٽن وزيرن سان گڏ، جن ۾ سندس سالو ۽ وزير "راڻو مينڌرو" پڻ هئا، شڪار ڪري رهيو هو تہ ڪيس هڪڙو سيلاني جوڳي مليو. جنهن مومل جي حسن جي تعريف ڪري، ڪيس سندس ديدار جو شوق ڏياريو. همير سومرو بي اختيار پنهنجا ٽيئي رفيق وٺي، اوڏانهن روانو ٿيو. اتي پهچي اچي مومل جي محلات جي ٻاهران لٿا. خبر ملڻ تي مومل هڪ هوشيار ٻانهي موڪلي تہ ايندڙن جو احوال معلوم ڪري، انهن جي وڏي کي دعوت ڏيئي وٺي اچي. پهريائين همير ٻانهيءَ سان گڏجي روانو ٿيو. اوچتو ٻانهي اڳ ۾ نڪري ويئي ۽ هيءُ طلسمي چوليون هڻندڙ درياءُ ڏسي، مقصد حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ موٽي آيو ۽ شرم جو ماريو، ڪجهہ نہ ڪڇيائين. ٻيءَ رات، ٻانهي اچي ٻئي کي وٺي ويئي ۽ هيءَ بہ طلسمي چوليون ڏسي

---

* "تحفة الڪرام" (ص 105-108) مطبوع سنڌي ادبي بورڊ پريس حيدرآباد، سن 1957ع.

موٽي آيو. ٽيءَ رات جو ٽيون ويو ۽ واپس آيو. چوٿينءَ رات مينڌرو ٻانهيءَ سان گڏجي روانو ٿيو. ٻانهي دستور موجب اڳ هلڻ لڳي. پر هن سندس دامن جهلي، پوئتي هٽائيندي چيس تہ ”ٻانهين کي سردارن کان اڳ هلڻ نہ جڳائي“. پوءِ طلسمي درياءُ تي پهچي، حيران ٿي بيهي رهيو. آخر نيزو جو هٿ ۾ هوس، سو درياءُ جي اونهائي معلوم ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ هنيائين ۽ معلوم ٿيس تہ انهيءَ پاڻيءَ کي ڪا حقيقت ڪانہ هئي، تنهنڪري هڪدم انهيءَ مان اڪثي لنگهي ويو. پوءِ دروازي وارن شينهن تي نظر پيس تہ انهن کي پڻ نيزي سان ٺوڪيائين. جڏهن ڏٺائين تہ اهي پڻ رڳو ڏيک هئا. تڏهن ڪاميابيءَ سان ماڙيءَ ۾ اندر لنگهي صفي ۾ گهڙيو. اتي ست هڪجهڙا پلنگ ڏسي، ويچار ڪيائين تہ ويهڻ لاءِ آخر هڪڙو هوندو، متان هن ۾ بہ ڪا اٽڪل رکيل هجي، سو هرهڪ کي نيزي جي چوڪ ڏيئي، سچو پلنگ معلوم ڪري، انهيءَ تي پلٿي ماري ويهي رهيو. ٻانهيءَ هن جي احوال ۽ عقلمنديءَ جي ڳالهہ وڃي مومل کي ٻڌائي، جا هڪدم ٻاهر نڪري آئي. هو هڪ ٻئي صحبت ۾ پاڻ ۾ نهي ويا ۽ نڪاح ڪري هڪٻئي جا طالب ۽ مطلوب ٿيا.

مينڌرو، اها رات عيش عشرت ۾ پوري ڪري، صبح جو همير سومري ۽ ڀين جي خدمت ۾ پهتو، ۽ کين احوال ٻڌايائين. همير ٻڌي چيو تہ ”جڏهن اها خاص تنهنجي ٿي چڪي، تڏهن توکي گهرجي تہ هڪ دفعو ڏسڻ جي اجازت اسان کي بہ ڏين.“ انهيءَ تي مينڌرو ٻيءَ رات همير کي، ڏنار جي پوشاڪ ۾ پاڻ سان وٺي ويو. انهيءَ بي ادبيءَ ڪري همير، راڻي مينڌري تي ڏورو رنج ٿي، کيس پاڻ سان شهر ۾ آڻي ڪٽي نظر بند ڪيو.

مينڌرو جيئن تہ مومل کي دل ڏيئي چڪو هو، تنهنڪري چوڪيدارن کي پاڻ سان ناهي، راتو رات ڳجهہ ڳوهہ ۾ هڪ ڀڪي اُٺ تي (جو هڪ رات ۾ پنجن ڏينهن جو اوٺ- موٽ جو پنڌ ڪندو هو) سوار ٿي، محبوب جي ديدار مان بهرو حاصل ڪري موٽي ايندو هو. اتفاقاً ان ڏينهن مومل ڀيڻ جي ملاقات لاءِ ويئي هئي، مينڌرو وڃي واپس موٽي آيو، ۽ شڪ جو شڪار ٿي، ڪاوڙجي آئينده لاءِ وڃڻ ڇڏي

ڏنائين. بيڏوهي مومل مينڌري جي انهيءَ رنجش کان بيتاب ٿي، ملڪ ڇڏي، مينڌري جي شهر ۾ آئي، ۽ سندس ماڙيءَ جي سامهون ماڙي ٺهرائي، دريون مينڌري جي ماڙيءَ جي درين سامهون ڪرايائين. انهيءَ خيال کان تہ ڪڏهن ڪيس ڏسي، پنهنجي اکين کي روشن ڪندي رهي. پر مينڌري ڪاوڙ کان انهيءَ پاسي جون دريون بند ڪرائي ڇڏيون. مومل ٻئي پاسي کان ماڙي ٺهرائي، وري بہ دريون مينڌري جي ماڙيءَ جي درين سامهون رکايون. اهڙيءَ طرح چؤطرف ماڙيون اڏايائين. پر ديدار کان ناڪامياب رهي. نيٺ هر طرح مينڌري جو توجهہ پاڻ کان هٽيل ڏسي، هڪ درد ڀري دانهن ڪري، ناڪاميءَ جي حالت ۾ ساهہ ڏنائين.

جيئن تہ عاشق جو معشوق جي دل تي پورو اثر هوندو آهي، ۽ هڪٻئي سان سندن هڪ قسم جي قلبي اتحاد ۽ عشق ثابت آهي، تنهنڪري جڏهن هيءَ خبر وڃي مينڌري کي ٻڌايائون، تڏهن ٻڌڻ سان دانهن ڪري ڪِري پيو ۽ ساهہ محبوب وٽ رسايائين.

--*--

# روايت [2][1]

## شهر محمد طور، مومل ۽ لاکي جي ٿاڻن واري ڳالهه

همير سومري جو باغ کو روجهه اچي کائي ويندو هو. جڏهن روجهه باغ کي گهڻو نقصان رسايو، تڏهن همير سومري پنهنجي ٽن دوستن- راڻي مينڌري، ڏونر پڻاٽي ۽ سينهڙي ڏماچاڻي سان گڏ شڪار تي سهي سنيري نڪتو. فيصلو ڪيائون ته جنهن جي آڏو روجهه ايندو، اهو ان کي شڪار ڪندو. نيٺ راڻي مينڌري جي اڳيان روجهه نڪتو، جنهن کان هٿي روجهه ماريو، ۽ پوءِ پچائي کائڻ لاءِ وينا. ٻين ته سيني کائڻ جي ڪئي پر راڻو پري ٿي وينو، تنهن تي همير چيس ته: "راڻا! جي ماه کائين ته سڄي سنڌ ۽ ڍٽ بخشي ڇڏيائين." پر راڻي وراڻيس ته: "جيڪڏهن سنڌ ٻه ڪٽي بخشين ته آءُ ماه نه کائيندس، ڇاڪاڻ ته اهو همير جو ڪاج آهي" همير جي گهڻي زور پرڻ تي، راڻي چيس ته: "همير! مان روجهه جو گوشت کائي، ڍٽ جي سوڍن کي ڪونه لڄائيندس."

انهن ٿي ڳالهين ۾ هئا ته سامهون هڪ سامي ايندو ڏٺئون. راڻو سوڍو اجايل هو، تنهن سامي کان پاڻي جي گهر ڪئي. سامي چيس ته: "ٿانءُ جهل ته پاڻي ڏيانءِ!" راڻي دابلو جهليو ۽ سامي پاڻي نايو، پر سانداري مان رت گاڏئون ڳاڙهو پاڻي وهڻ لڳو. راڻي ڇرڪ پري، هٿ ڪٽي پري ڪيا ۽ چوڻ لڳس ته: "اي ڪاپڙي! تون ڪو خوني ٿو ڏسجين! ٻڌاءِ تون ڪير آهين جو هن رنگ ۾ رتو پيو رلين؟" سامي وراڻيو ته: "مينڌرا! ڪشمير جو ڪاپڙي "ڪاهو" جو پٽ "جراڙ" آهيان. مون سان ڪو وقت هو جو پنج هزار ماڻهو هلندا هئا، ۽ آءٌ اهي سڀ مارايو هاڻي اڪيلو واپس پيو وڃان". راڻي پڇيس ته: "اي ڪاپڙي! مون کي خبرون سربستيون ڏي! ڪنهن توکي فقير ڪيو ۽ ڪنهن تنهنجا يار ڪُنا؟" سامي چيس ته: "اي راڻا! اهو پاڻي جيڪو رت پانيو، سو

---

[1]. هن ڳالهه جو مدار 'پانن جي جهونن بيتن' تي آهي، جي هن بعد شامل ڪيا ويا آهن.

انهيءَ ڪاڪ جو ڪڪوريل پاڻي آهي، جنهن ۾ گلبدن جون گجريون رهن ٿيون، جيڪي پٽ جون پينگهون وڻايو، انبن جي لامن تي لڏن ٿيون، جن جون اکيون اُتر واري مينهن جي وڄن وانگر تجليدار آهن، ۽ جيڪي ڏينهن ۾ ڏهه- ڏهه پيرا رڳو ڪلندي خون ٿيون ڪن. انهن ۾ هڪ مومل بہ آهي، جيڪا منهنجي دل تان اصل نٿي لهي.“

اهي ڳالهيون ٻڌي همير حيران ٿي چيو: ”راڻا! منهنجو تہ مٿو ڦري ويو آهي، ڏس پڇ تہ اها يُون ڪٿي آهي، جتي اهڙي سونهن آهي.“ پوءِ ڪاڪ جو ڏس وٺي، اچي ڪاڪ تي پهتا.

ناتر وڏي اچي هنن مٿير مڙسن جي آجيان ڪئي، پر سندس جواني تي ترس آيس، سو ظاهري ڪاوڙ ڪري ڪين چيئين تہ ”اوهين نڌڻڪا آهيو ڇا جو هن پيٽيءَ آيا آهيو؟ جي سُمَت اٿو تہ پوين پيرن تي هليا وڃو نہ تہ هن مومل سوين سورهيہ کهائي ڇڏيا، جن جون قبرون اڄ بہ ڪاڪ جي ڪنڌين تي بيٺيون آهن.“ هنن چيس تہ: ”تون دائي آهين، توکي ايڏو وات هڻڻ نہ جڳائي، اسين آيا آهيون سو موٽنداسين ڪين. هاڻي وڃي مومل کي اسان جي خبر ڪر!“ ناتر گهڻيئي ڪين سمجهائڻ جي ڪئي، پر هنن سندس ڪا ڪانہ ٻڌي، تڏهن لاچار ٿي، اکين ۾ لڙڪ لڪائي اچي مومل سان ملي. مومل سندس اها حالت ڏسي حيران ٿي پڇيس تہ: ”اي داناءُ ناتر! اڄ تنهنجين اکين ۾ ڳوڙها! ڇو تون سست ٿي آهين؟“ ناتر چيس تہ: ”سانئڻ! اڄ ٻاهر نڪتيس تہ چار نُوان جوان منهن پيم. ڪين گهڻوئي ڊيڄاريم تہ موٽي وڃن، پر انهن مون کي بہ گهڻ وڏ ڳالهايو، آءٌ سمجهان ٿي تہ اهي ڏکيا لڳندا ۽ انهن مان ڪونہ ڪو هن سڄي جنسار کي ڊاهي آڻي پٽ هڻندو.“ مومل انهي تي چيس تہ: ”تون ان جو الڪو نہ ڪر وڃ وڃي منجهائڻ ڪنهن کي وٺي آءُ، پوءِ جون ڳالهيون آهن پوءِ سان.“

ناتر ناز مان هلي وٺن آئي، ۽ اچي چيائين تہ: ”اوهان مان ڪو بہ هڪ هلي، مومل پئي توهان کي ساري.“ پهرين همير اٿيو، چئي: ”هل، آءٌ تو اول هلان.“ اڳيان ناتر، پٺيان همير مومل جون محلاتون ڏسي همير ڏاڍو حيران ٿيو. تان جو هلندي هلندي اچي ندي جي ڪناري تي بيٺو. ويچارڻ لڳو تہ اها ندي ڪيئن اڪربي، جيڪا نهايت تيز ۽ تکي

آهي ۽ اونهي بہ هوندي، سو ناتر کان پڇيائين تہ: ”ناتر! هيءَ ندي کهڙي؟“ ناتر وراڻيس تہ: ”جيڪڏهن ندي جي باري ۾ مون کان ٿو پڇين تہ ٻڌ! انهي نديءَ جي پيٽ ۾ ڪئين مڙس غرق ٿيل اٿئي، اتي مون همراهن جون ٻڏندي دانهون ٻڌيون ۽ هتان بچي رڳو اهي ويا، جيڪي پوين پيرن وريا.“ اهو ٻڌي همير ٿورو ڪاوڙيو، چئي: ”مون سان ٿي مذاقون ڪرين!“ ناتر وراڻيس تہ: ”تون سومرو بادشاهہ آهين، هيءَ منزل ڏسي تنهنجو هينئڙو حيران ٿي ويو آهي، اڳتي تہ مومل جي محلن جو ڪو اٿو مٿو ناهي، جتي ٻايون ٻاڻ ٿيون وجهن. انهن وٽ قسمين قسمين جا تماشا آهن، جيڪي اوڏهين ويو سو وري تان نہ وريو.“ اهو ٻڌي سومري جي حب ڪجهہ ڍري ٿي، ۽ پوين پيرن تي موٽي اچي سنگت پيڙو ٿيو.

يارن خبرون پڇيس، پر هن کي جيءَ سان لڳل هئي، تنهنڪري ٻڙڪ بہ ڪانہ ڪڍيائين، رڳو وينو پانُ سوپاريون کائي. يارن رڙهي اچي پڇيس تہ:” سائين! خير ٿيو؟ ترت موٽي آئين؟ مومل ماڙيئي، ڪي مزمانيون ڪاڏءِ، اسان کي بہ تہ ڪا سڌ ڏي!“ همير چين تہ:” مومل جي مزماني کائي آيو آهيان. جهڙي حسن وند سُٺي سون، تهڙي پسي سون. سندس سونهن جي کهڙي واکاڻ ڪريان! سندس شاهي دسترخوان تي قسمين قسمين کاڌا تيار هئا. ڪنبون، مصريون، ميوا ۽ ٻيا طعام، آخر انسان ڪيترا کائي ڪيترا کائيندو، بہ- چار گرهہ کنيا ۽ روح پليو!“

اتي ناتر وري آئي، چئي:” ٻيو هلي.“ سينهڙو ٽپ ڏئي اٿيو، چئي: ”هل آءٌ ٿو هلان.“ اهو بہ هلندي اچي نديءَ وٽ پهتو، نديءَ جي هيبت ڏسي ڊنو، ۽ پوين پيرن تي اچي سنگت پيڙو ٿيو. مٿان ناتر اچي پهتي، چئي” هاڻي ڪو ٻيو هلي!“ ڏوُنر اٿيو ۽ ناتر جي پويان روانو ٿيو. اهو پڻ ٻين وانگر اڌ تائين واپس وريو. هاڻي وارو آيو راڻي جو. اڳيان ناتر پويان راڻو، پر راڻي کي اها ڳالهہ نہ وڻي، تہ: ڪا ٻانهي سندس اڳيان هلي. سو نيزي جي چوڪ ڏئي، چيائينس تہ:” تون راوَن جي اڳيان ٿي هلين! پري ٿي هل، توکي شايد ڪو چوڻ وارو ڪونہ هو، جو تون ائين ٿي چلولايون ڪرين.“ ناتر وراڻيس تہ:”راڻا! آءٌ کهڙيون چلولايون ڪنديس، جيڏانهن توکي جيءَ جو جوکو آهي، اوڏانهين

تنهنجو رخ آهي، جڏهن تون مَ چڏ ٿيو آهين، تڏهن آءٌ اڳيان ٿي آهيان، نہ تہ منهنجي ڪهڙي هستي آهي، جو راون جي آڏو هلان.“ پوءِ ناتر پويان ٿي، اڳيان مينترو هليو. تان جو اچي نديءَ وٽ پهتا. ندي ڏسي راڻي، ناتر کان پڇيو تہ:” ناتر! هيءَ ندي ڪهڙي؟“ ناتر چيس تہ:” هيءَ ندي اها آهي، جنهن ۾ مانجهي مڙس ۽ ڳاڙها گهوٽ ٻڏي مئا! تون لهي وڃ ضد تان، موٽ مرين ٿو مينترا!“ راڻي چيس تہ:” موڻ مون لاءِ مهڻو آهي، چا بہ ٿي پئي، آءٌ اها ندي جهاڳي مومل ماڻيندس.“ پوءِ راڻي سوپاري اڇلائي پاڻي ڪَڇيو. ڏسي تہ اهو تہ فقط نظر جو ڪريب آهي، سو ناتر کان پڇيائين تہ: ”پاڻي ويو ڪيڏانهن، اجايو تو هُل ڪري بادشاهہ موٽايو!“ ائين چئي پير پسائي، اڪري ٻئي پر وڃي پهتو. اتي ناتر چيس تہ: ”راڻا! هو جيڪو سامهون شينهن ٿو ڏسين، اهو فقط ملوڪن جو ماهہ ڪائيندو آهي. هڪ ئي چنبي سان ساهہ ڪڍيو ڇڏي، انهيءَ کان دپ ڪج! چاڪاڻ تہ راڻن جو رت پيئڻ انهيءَ جي عادت آهي.“ راڻي چيو تہ: ”جي مئس تہ گهوريس.“ سو ترار ايي ڪري، شينهن کي وهائي ڪڍيائين. ڪاغذ جو شينهن سٽ ئي ڪونہ جهلي سگهيو، سِري وڃي پري پيس. انهيءَ ڪاميابي ڪانپوءِ راڻو، مومل جي ماڙي تي پهتو. مومل ڏيا، ٻاريا، چؤطرف سهائو ٿيو. خوشيون ٿيون، جو رات سوڍي سيج ماڻي.

راڻو مومل ماڻي، واپس دوستن سان اچي مليو. حقيقت ڪيائين، جنهن تي همير سومري، مومل کي ڏسڻ جو خيال ڏيکاريو. جنهن تي راڻي چيس تہ: ”ٻي تہ ڪا صورت ڪانهي، سواءِ اِنهيءَ جي جو تون ميهار ٿي مون سان گڏ جي هلين!“ همير سندس اها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ ميهار بنجي، مومل ڏسڻ لاءِ مومل جي محل تي آيو. راڻي سان گڏ پيو ماٽهو ڏسي، مومل ڪانئس پڇيو تہ: ”هي ڪير؟“ راڻي وراڻيو تہ: ”هيءُ اسان جو ميهار آهي.“ مومل چيو تہ تڏهن پلا مينهن ڏهي ڏئي. چونئري ڪٽي همير وينو مينهن ڏهڻ، سندس هٿ نازڪ سو گهڙي ڪن ۾ رت وهڻ لڳس. مومل سمجهي ويئي تہ اِهو ميهار نہ آهي، پر سنڌ جو امير همير آهي. سو راڻي کي چيائين تہ: ”راڻا! تو ڄاتو ئي ڪونہ، جو ست پتيرو سومرو مون وٽ ڪوجهو ڪري وٺي آيو آهين!“ پوءِ مومل همير

وٽ آئي ۽ چيائينس تہ: ”راڻي جي اها خطا معاف ڪر.“ پر همير جي دل ۾ ڪنڊ پئجي ويو هو، تنهن اُتي تہ هائو ڪئي، پر جڏهن راڻي ڪي وٺي پنهنجي بادشاهي ۾ آيو تڏهن ڪٽي قيد ۾ وڌائينس.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ، جڏهن راڻي ڪي وري آزادي ملي، تڏهن ريباري ڪي سڏي پر ۾ چيائينس تہ: ”اهڙو ڪو مَيو ڏي، جيڪو رات وچ ۾ مومل سان ملائي، وري وٿاڻ تي اچي پهچي.“ ريباري اهڙو ئي هڪڙو اُٺ آڻي ڏنس. راڻو ڏاڍو سرهو ٿيو، ۽ اُٺ تي چڙهي مومل ڏي روانو ٿيو.

اِنهي وچ ۾ ”لاڪو“ جيڪو لکِي ڏٽي جي نالي سان مشهور هو، ۽ جنهن جي سخا هنڌين ماڳين مشهور هئي، مومل ڪي ”ڪهري ڪوٽ“ ۾ پاڻ وٽ وٺي ويو. راڻو جڏهن اُت رسيو تہ مومل ڪانہ هئي. خبر پيس تڏهن دل ڪنڊيس، سو ڪاوڙجي واپس موٽيو ۽ لاڪي ڪي چوائي موڪليائين تہ ’اها ڳالهہ توکي نہ جڳائي، جو اسان جي ذات ۾ هٿ وڌءِ!‘

مومل ڪي جڏهن راڻي جي رُسامي جي سُڌ پئي، تڏهن گهڻيون ئي دانهون ڪوڪون، منٿون آزيون ڪيائين، پر راڻي ڪيس ڏهاڳ ڏنو، سو وري نہ سَرتس.

## پانن جا جهونا بيت[1]

1- مرڪن مهمتور ۾، ور مان سون وير
دام سوڍي جي دل ۾، سؤنڪو منجهہ سرير
سونهي ڳانو ڏورڪي، سُئي سنهڙي سير
چڙهيو شوق شڪار جي، اهڙي پت همير.

---

[1] هي روايت لاڙ (تعلقو تندو باگو) مان محمد طالب لوهار ڪان ملي، جنهن حاجي محمد يوسف پان جي هڪ جهوني بياض تان اتاري. اهو بياض اندازاً سٺ –ستر سال کن اڳ سنہ 1900ع ڌاري لکيو ويو. پڇاڙي وارن ٽن بيتن ۾ شير خان جو نالو آيل آهي، پانئجي ٿو تہ شروع وارا ۽ پڻ ٻيا ڪي بيت ڪنهن آڳاٽي پان جا چيل آهن، جن ۾ راوين پوءِ ٻين شاعرن جا بيت پڻ شامل ڪيا آهن. اهڙيءَ طرح آخر ۾ (نمبر 89-94 ۽ 97 -101؟) شاعر شير خان جا بيت شامل ٿيل آهن.

13- سوڍن جو ويهڻ، وراڻ ڏيئين ڍٽ
ميڙي منجهه مينڌرا، هيڪر اچي ڪٽ.
14- ماه نه ڪيندو مينڌرو، جو پڪو متي پٽ،
اُو سوڍا سڀ لڄايان، جي سونهن منجهه ڍٽ.
15- پڳليو پرمار، ڪيڙو ڪنيو هٿ ڪري
مون ڪوٺائين سومرا، ڪر هميراڻي ڪار.
16- ماڻهو ڏنم مينڌرا، چاري ڪِ ماري
جوڳي هئو جوءِ ۾، پُون ڙي بيڪاري.
17- سامي ايندي سامهون، روهه ۾ اُتو رام
ويراڳي ورائيو، چئيني ات سلام.
18- راڻي جهليو ڏاہرو، سامي نايو نير
پاڻي رت ڳاڏئون، پيئي تان نه وزير.
19- خوني پسجين ڪاپڙي، گئين گنگا نير
جڳت ڪٽيو پٽين، پاڻ سين جاڳير.
20- سامي تهان چليو، نوَ لکي جا ڪاڪ
تنهن جو پاڻي پرمل ڳاڏئون، لهر ڪٿوري جال
ماڻهو جنهن محلي جا، جي ڏسين سي لال.
21- سڀ سُرڳا اُت پيَڙا، نوَ لکي پارا
ان جي دونهين ڌوپ ٻري، گهر گهر ٻهارا.
22- اگر، چندن، ڪيوڙو، گهر گهر ڪامي ڌوپ
جيڪي وهي ڪاڪ ۾، سو سهڄڻ سڀ سلوڪ.
23- مٿان تڙ گجرئين، آءٌ اوچتو آيوس
جن ڪي تِر تارن ۾، گهورن تي گهايوس
ڇهه مهينا، ڇهه ڏينهن، آءٌ پاسي پر پيوس
تڏهن پيٽيءَ ڪالهه پڳوس، مٿان پوندي هٿ پورو ٿيان.
24- ڪونج ڪٽڪي روهه ۾، جيئن سر ساهي تل
تيئن مون ڪي مور نه وسري، من منجهان مومل.
25- وڻ ٽڻ ولين چانئيا، پڪا پانوَر جهل
آيا تنهن هنڌڙي، جتِ موچاري مومل.

-26 ڪيھوننگر، ڪيھي نياڻ، ڪيھا پڙ، ڪيھيون پوريون؟
اِن پر اُيو مينترو، پڇي پاڻي ٿاڻ.
-27 نئون ننگر، نئون نياڻ، ڇھ پڙ، ڇھ پوريون
ڪاڪ نہ سُئي ڪڏھن، ڪا مينترا سُڄاڻ!
-28 ھمير چئي، مينترا! متو ڦريو مون
کُھ ڄاڻان ڪيھي آھي، ڏور ڀِڻانڻي پُون.

## پوئين دور جا بيت

گلبدن جون گجريون، بينسر بُولا جن
پينگھہ وٺايو پٽ، آمي ٿار لڏن
ڏھ ڏھ پيرا ڏينھن ۾، خون ڪلندي ڪن
ماڻھو مُلا تن، پڳو پاڳئين ابھي.

--

آءٌ ڪشمير جو ڪاپڙي، آھيان ڪاھُو پٽ جراڙ
مون سين چڙھن مينترا، پُرسن پنج ھزار
ڳوٺ ڳوٺ جو ھڪڙو، سائُو سليدار
سڀ مارايو يار، موٽيو وڃان مينترا.

--

ڪُتا تنھن ڪامل جا، جناور جنگي
تڙ انھيءَ تي آيا، جت پُرڪ نہ پکي
ناتر نِرت ڪئي، تہ ڪُتا ڏنئين ڪاڪ ۾.

--

ننڌڪا ناتر چئي، ڪُتا آھيو ڪير
ڪاڪ وِٺاريو ڪيئن ٿا، جھلي ڪندياٽوَ زير
موٽو پاھين پير، متان منھن مومل جي نہ پئو.

---

تون ڪيئن ويٺ ورائين، دائي ڏٺين ڪي
آڳن اسان جن ڪي، تون گولي گار مَ ڏي
مومل گھٽئي مارئا، مڙس منجھ ڪري
ھي ماڻھو آياسي، جي توڪي ڪاڪ ڪڙي ڪندا.

سائو گهٽيئي ستيا، دائهه انهين در
اولون تي اوهي ويا، جن ججهي آندي جر
هٽان هن گجر، گهٽا خان کپي ويا.

–

گهٽا خان کپي ويا، جُنگ وننڊي جاءِ
حرف نہ هلنڊئي هڪڙو، آگا جي ايڊاءِ
محل ڪٽولا ماڙيون، ڪڙي ڪاڪ ڪنڊاءِ
آخر گولي آهئين، ڪي ادب سين ڳالهاءِ
تو ڪا جرئت جڳاءِ، آگن اسان جن سين.

–

آگا آنجا آئيا، تن اچي جوجهه ڪيو.
هت ڪئين لوڏي آئيا، تن مان وري ڪونہ ويو
سي سڀ گجرين گهائيا، جيڪو داخل در ٿيو
جيڪو مومل منهن پيو، سو بچيو ڪامل ڪونہ ڪو.

–

ناتر نيڻ نمائي، گولي آئي گهر
سا اچيو ٻائي اڳيان، تي روئي رت اپر
تنهن کي پڇي تي گجر، ”تون ڪاهل ڪُهه تئين؟“

–

ٻائي جان ٻهار نڪران، تان ڪتا ڪاڪ پين
اڳيان اپي ان کي، منهان منهن ڪير
تان پاٽان ڏين ٻچڙيون، تا گاريون گجرين
ڪِن منهن تا مرڪن، جي ڪاهي آيا ڪاڪ تي!

–

تو ڪيئن ناتر پڇيا، ڪُتا سندس ڪِن
آگن انهن جن، آءٌ ٻڌا ٻايون ڪريان.

–

عقل جي اگلي، سا تي چاٽي چڳا ڏاک
مون من آنجي موهيو، جيئن لوئي رتي لاک.

–

اسين چارئي آئيا، توکي پسڻ پاڻ
هاڻي هَنجهَن سان، تون ريجهي کر رهاڻ
همير چئي هاڻ، تولاءِ واجهائيندي وره ٿيا.

—

ويڻ ورائي گهوٽيا، وڏئي جو ويهي
وڻجهاري جي وکري، پروڙجي پيئي
آن جي ٿي خاطر کيم، جڏ پسجين پرڏيهي.

—

ٻٽاٽي پير کري، ڏکي پڇي ٿي ڏؤنر
نيڻ تنهنجا نينهن ککوريا، پرون جهڙا ٻَونر
رتيون جي گجريون، امل جي اتور
جي تو هوءِ ميجٺ تور، تہ سي وکر وهائو آئيا.

—

وَکر وِهائو آئيا، نورا نينهن پري
سودو هن صراف سان، سگهي کونہ کري
هن دانهہ جي دري، ويو سُنگ چُکائي سيکو.

—

تڏهن سيئي پڇي سينهڙي، آهن کير کنوار
هي هنجهہ "همير" هار، سي گجي گاروڙي آئيا.

—

گجي گاروڙي آئيا، پتنگيا جي پريات
کارو وهي کاک ۾، جيئن واسينگ جي وات
ان راڻا رآنئي رات، کئين ڦوکن سان فنا کيا.

—

کُتن کاک تڙا، هٽي هاکاري هرٽي
ستي ويئي سو چڙهي، مومل منڌ هٽان.

—

جي هميرن ساڻ هئا، سي چٽا کُنا چار
کن گروڙيون گوش مان، أيا اگڻ بيهار.

—

سامهون آيو سومرو، سونهين سنڌ امير
پيو جي ڏوٽر ڏسين ۾، پترو آهي وير
ٽيو جو سگهڙ سينهڙو، ڳوڙهو ڳڻن ڳنڀير
چوٿون راڻو مينڌرو، آهي منجهن اتم امير.

-

چارئي چڱا گهوٽيا، سنڌ هند اُن ڏيهه
اُن جا پوتا پٽي پتنگيا، ڪُڙي لڳن ڪيهه.

-

ڪَرسيا پريائون ۽ پکن چپيائون پانءَ
ڏنڊڻ ڪندا گهوٽيا، سندا ڪيڙن خان
مور نہ ڪبي مٽي، جيڪي هوندا اتي آجان
ان سودي سُرت سبحان، پاٽي مڙوئي پرکيو.

-

پهرين هليو پاتشاه، منجهان حُب همير
مزمانيون مومل جون، تون ڪاءِ ڪندئون ۽ ڪير
وينو جان پير پري، منجهہ محلاتن مير
هئا هنڌ حويليون حجرا، ان جي صفن ۾ شهتير.

-

عطر ۽ عنبير جي تي گس لڳ گهگير
منجهہ ئي باغ بهاريا، ندي وهيو تي نير
آيو وماسي وير، پاٽي پسيو پاتشاه.

-

پاٽي پسي پاتشاه، دل ۾ آندو دَور
ڪپر هوندو ڪاڪ جو، ڪو اونهو ڪُن اگهور
آيو پڇي اتور، تہ ناتر! ندي ڪهڙي؟

-

نديءَ جي ناتر چئي، جي تو پڇين مون
بڌي هتي بيٺ ۾، اُن جون واڪا ڪن وهون
تن جو ڏيهہ سؤن، جن پير پوئتي جهليا.

--

پير پوئتي جهليا، خون تنين جا کيل
چڙهيو محل مومل جا، رميو وڻي تي ريل
همير سين هيل، ننگي ناتر تون ڪرئين.

—

تون بادشاهه آهيين، سومرو سُبحان
ڏسي در ديوال جو، تون هيرئي ٿئين حيران
منجهه محلن مٿو ناه ڪو، جتي ٻايون وجهن ٻان
رُڻ جُهڻ راڻوڙين ۾، آهي تماشو تان
ماڻهو جي مزمان، تہ ڪونہ مَڪانئون موٽيو.

—

ڪونہ مَڪانئون موٽيو، تڏهن هليو وير وري
هئي جا حُب همير کي، سا ٽيس ڍول ڍري
خبر خاص ڪري، ڪانہ ٻڌايئين ٻيليين.

—

ڪانہ ٻڌايئين ٻيليين، جيءُ سان هُيس جا
لونگ، سوپاريون، ايلاچيون، ٿو چٻي منجهان چاه
اچيو پچن پاتشاه، ٻيلي جي ٻيا
تون سگهو موٽئين سپرين، توکي کهڙو وريو واءِ
ڪي ڪاڏئي ڪيڻ خوشي مان، ڪي ڪيئي رهاڻيون راءِ
سا تون سڌ سڻاءِ، جا مومل تي مزمانيون ڪري.

—

مومل مزمانيون ڪري تي، ڪوڏ سونهاري ڪار
تي ريجهائي راڻن کي، سُوندل ڪيو سينگار
سونهن سوڍي جي وِتري، تو ڄاڻي ڄاڻٺهار
تنين شڪ لهي ويو، ڏيکيو جن ديدار
ڪندبون ميوا، مصريون، ٻيا هئا طعام تيار
گِرهہ ٻہ ٽي چار، ڪائي ڪائبو ڪيترو.

—

كائي كائبو كيترو، كاچ مٿايون كير
سياڻي ڪٿڙي سينهڙو، مومل پاسي مير
ڏسيو محل مومل جا، ٿو كري واكاڻون وير
پسي نديءَ نير، اُو بہ ڏُوران ئي ٿي ڏهكيو.

—

ڏُوران ٿيس ڏهكو، تنهن كي هٿ نہ آئي هاج
ڌاران پسڻ پر جي، ٻيا سڀ كوڙا كاج
سو پڻ كائي كاج، اچي ٻهڳڻ ٻيلين گڏيو.

—

ٻهڳڻ ٻيلين گڏيو، اچي ڏماچاڻي راءِ
تنين ڏك ڏؤنر سهايو، كاچ هلي ٿون كاءِ
لڳي كنڌ ڪٿڪي، واس كٿوري واءِ
او بہ پسي آب، ڏوران ئي ٿي ڏهكيو.

—

ڏوران ئي ٿي ڏهكيو، تنهن كي هٿ نہ آئي هاج
ڌاران پسڻ پر جي، ٻيا مڙ كوڙا كاج
سو پڻ كائي كاج، اچي ٻهڳڻ ٻيلين گڏيو.

—

ڏؤنر ڏنگڙي هليو، اُو ٿو كليو كيكاري
مُكائين ٿي مومل ڏي، سوڍو سينگاري
تہ وڃ مركڻ مينترا، ٿون نوري نظاري
جي اچين اوتاري، تہ راڻا رهاڻيون كريون.

—

راڻا رهاڻيون كريون، مينترا مهائين.
ٻانهي هلي مهند ۾، سا نہ سٺائِي
ناتر كي نيزي جي، ٻوڙي هنيائين
هلي همير مهند ۾، اِي كوجهو كم كيائين
پَر اِنهين سِين، پاتشاه، محلين ڏانهن مُكائين
گهُوني نہ گڏيائين، تڏهن ٿي ناتر نِمرايون كرين.

—

نِمرايون ناتر چئي، مور نہ کيون مون
جيڏانهن جيءَ جوکو ٿئي، تيڏانهن هلين تون
اڳيان وجهہ وراکو ويڙ ۾، پير نہ مڙي پون
جڏهن مَ چڏ ٿيئين تون، تڏهن راڻا رهبر ٿي ٿيان.

—

راڻو رهبر مهند ۾، پنيءَ هلي دائِي
سوڍو هليو سَنبهِي، جنهن کي عقل عطائِي
اچو ڏنئين ٿي آب جو، جلبو جهجهائِي
تڏهن ورنهہ کي وائي، تہ هي ناتر ندي کهڙي.

—

ندي وَهي ٿي نِير جي، منجهہ جهروکن جهور
گهٽا گهوٽ هن گهيريا، مانجهي مَرڪڻ مور
چڏ ٺَڪون ۽ تور، موٽ مرين تو مينترا.

—

سو کيئن موٽي مينترو، جو ماڙيءَ آيو مير
سَکر جهڙا سپرين، اڳيان ڪاچ مٽايون کير
جهاڳي نديءَ نير، آءٌ ڏسان منهن مومل جو.

—

راڻي پاڻي پرکيو، هٽي سوپاري سير
کاوازي کيڏانهن ويو، ناتر تنهنجو نير
پاهون موٽايئي پاتشاهہ، کري هل همير
پوءِ مَوزائي مير، مرکي هليو مينترو.

—

شينهن ڏسين جي سامهون، تو کائي ملوکن ماهہ
چنبي هڪ جو چوٽ سان، تو سوسيو کڍي ساهہ
چٽي رت راڻن جو، ان پورچ پيتو آ پاءِ
ڊپ انهيءَ جي ڊاءِ، کيئن آدمي اڳهان وجن.

—

آدمي اڳهان وڃن، مانجهي مل مٿير
سوڍي سانگ پڇندي، پَر يُون ڪوڙي پير
ويئي سُوسري ۽ شير ڪي، يڪسائي جهوڙير
سٽ نہ جهلي شير، هو ڪُتو ڪاغذ جو.

-

گُجر ڪي گجمير جا، اڪين منجهہ اگهور
هٽي حاڪمن ڪي، پٽن لاهيو پور
ان گجر جي گهور، ڪيئن ڪتن پاس ڪپائيا.

-

پَر ۾ ڪوني پڇيو، ريبارو راٽي
ميو ڏيئينر مڱيو، انهيءَ اهجاٽي
چلي اچي چوٽ تي، لمي لوڊاٽي
پرهہ جو پاٽهي، وري اچي وٿاڻ تي.

-

مَيو اُٺ مجاز جو، هيڪو ڪرهو آ
ڪاهل اڳي ڪرهو، ٻي مري ويس ما
آٽي ٿو اوٻار ۾، ڪو ريلو رت مُها
ڪو جو وريس واءِ، سُڪي جو سانٺو ٿيو.

-

سُڪي جي سانٺو ٿيو، سو ڏاگهو مون ڏيڪار
ڪريان طبعو تنهنجو، ڪري جيءُ جيار
پسي اُٺ اوٻار، سوڍو گهٽو سرهو ٿيو.

-

سوڍو گهٽو سرهو ٿيو، اُٺ ٿو اوٻاري
ٻڪون پانن وڻ جون، ٿو حلقي ۾ هاري
سوڍي سينگاري، ميو جهليو مُهار مان.

-

چل چانگا ڪر پنڌڙو، متان وڃي وهاڻِي
توڏا! تو لئي تيار ٿي، مَيا مهماڻِي
سگھو ٿي ساڻي، سنجهي ڳنڍجون ساٿ ڪي.

-

چل چانگا ڪر پنڌڙو، ميا مارڳ پُور
تو جيڏا تو وڳ ۾، توڏا تنهنجي ٿُور
توکي حقيقت هُتي جي، تون هلندين هوت حضور
ڏاگھا! سُڃي ڏور، سندو ساٿيھ پنڌڙو.

-

توڙئون تنهنجي ڪاڪ تي، آءٌ ايندس تان نہ وري
جي مون اچڻ جا اسباب ڪيا، تہ تنهنجي ڪانہ سري
سيج متي"شيرخان" چئي، ڪامل ڪام ڏري
رکج ڪامَ وري، ميار ملوڪن تي.

-

راڻو رسي ڪاڪ سين، ويو وڃهي ور
پڇي پاڙي واريون، تون سوڍا ثابت ڪر
نہ تہ دوست تنهنجي در، آءٌ ميڙ منجان ٿي مينترا.

-

راڻو رسي ڪاڪ سين، وڳھلجي ويو
من مينتري وڍيو، ڏُبي ڏڙ ويو
اچي ڏسو جيڏيون، جيڪو راڻي رڻ ڪيو
جيئڻ جاڙ ٿيو، سوڍي پڄاڻان سرتيون!

-

ڪاڪ ڪڙهي، وڻ وڍيا، جلي منهنجي جان
رکيئي ڪامر ڪٽنيو، ماريس تنهن گمان
هڏ نہ جيان هاڻ، تون سگهو موٽج سپرين.

-

رات وهامي ڏينهن ٿيو، ٻولي ڪي ٻانگي
ڏوڙيس دروازن تي، ويڳاڻن وانگي
شرم ڏٺي "شيرخان" چئي، ويم دل اندر دانگي
سرچ ڪنهن سانگي، مون کي مهٽي هاب متان ڪرين.

-

رات وهامي ڏينهن ٿيو، جان دس لڳا ڏرمسال
شوق پريو "شيرخان" چئي، آهن ماڙين منجھ مثال
ألٽيا لڙڪ اکين تان، پنيون پونچيون پال
معلوم اٿئي مينترا، مڙئي حال احوال
پيرو ڪج ڪو پال، مون کي ڏج نہ حرف ڏهاڳ جو.

--*--

# روايت [3]

همير سومرو سنڌ جو حاڪم هو ۽ ”ممطور“ سندس گادي جو هنڌ هو. هو تمام بهادر ۽ وڏيءَ دل وارو هوندو هو. سپنهڙو ڏماچاڻي، ڏؤنر پٽاڻي ۽ راڻو مينترو سندس وزير هئا. همير کي شڪار جو شوق تمام گهڻو هوندو هو، تنهنڪري پنهنجي ٽنهي وزيرن سان گڏجي هميشہ شڪار تي چڙهندو هو. شڪار لاءِ ڪين تمام پري وڃڻو پوندو هو، تنهنڪري هڪڙي ڏينهن چئني يارن پاڻ ۾ ويهي صلاح ڪئي تہ: ڇو نہ پنهنجي لاءِ هڪڙو ويءُ ڪٽي رکائجي، جنهن ۾ روجهن جي رک ڪجي تہ بيا جانور بہ پاڻهي اُتي اچي چرندا. همير سومري کي اها صلاح ڏاڍي وڻي، تنهن يڪدم ويءُ رکائڻ جو حڪم ڏنو. هڪڙو سڄو سارو واهہ ڪٽي جهنگ ۾ ڇوڙايائين، ۽ اُتي راڪا مقرر ڪري ڇڏيائين تہ ”ڪوبہ ماڻهو انهي طرف نہ وڃي ۽ نڪي ويءُ مان ڪو جانور شڪار ڪري.“ پوءِ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ سال ۾ هڪ ڀيرو يا ڇهين ڇهين مهيني ويءُ جو سير ڪنداسين.

ٿورن ئي ڏينهن ۾ ويءُ ۾ گاهہ جام ٿي ويا. آسپاس جا ڪئين جانور اُتي اچي چرڻ لڳا. انهن سان گڏ روجهون بہ اچي ويءُ ۾ هريون، ۽ بي اُلڪائي سان گاهہ چرڻ لڳيون. راڪي اِها سُڌ اچي همير سومري کي ڏني تہ بادشاهہ سلامت! اوهين هت ويسلا ويٺا آهيو، هوڏانهن روجهون آهن سي رات ڏينهن بي خطر ويءُ ۾ پيون چرن. شڪار ڪرڻو اٿوَ تہ هلو، مهل هيءَ اٿو، نہ تہ مٿان مينهن پئجي ويا تہ پوءِ هڪڙي بہ روجهہ هِتي نہ ڏسندئو. راڪي جو احوال ٻڌي چارئي ڄڻا شڪار جي شوق ۾ تير ڪمانون ڪٽي، گهوڙن تي چڙهي، روانا ٿيا.[1] ۽ چئني طرفن ويءَ جا گهٽ جهلي، جدا جدا ٿي ويهي رهيا. ٽڙ وارن واهہ جا ڪپ وٺي، هڪل هڪل هونگار ڪئي تہ روجهون ٺاهہ ڪائي، ويءُ ڇڏي، بر سامهون وٺي ڀڳيون. هڪڙي روجهہ راڻي وٽان اچي اُڪري.

---

[1] شادي مري ۽ ليمي شر جي بيتن موجب: ڪاڪ ۽ مومل جي ساراهہ ٻڌي نڪتا.

راڻي ٻہ نہ ڪئي ھمر نہ تمر، گھوڙي کي چھبڪ چڪائي، روجھہ پٺيان ڪاھي پيو. راڻو ڇھن ڪوھن تائين روجھہ جي پٺيان لڳو ويو، تان جو روجھہ کي وڃي پھتو. تير ھنيائينس، ۽ روجھہ گھائجي ڪِري پيئي. راڻو ٽپ ڏيئي گھوڙي تان لٿو، ورائي ڪٺي روجھہ کي قابو ڪيائين. ھمير سومري، ڏؤنر پنڻاٽي، ۽ سِينھڙي ڏماچاڻي بہ راڻي کي روجھہ پٺيان ڪاھيندو ڏسي، پنھنجا گھوڙا ان جي پٺيان لاتا ھئا. جڏھن ويجھا آيا ۽ ڏٺائون تہ راڻو، روجھہ کي ھٽيو ويٺو آھي، تڏھن راڻي جي تعريف ڪيائون. اتي رات پئجي وين، خيال ڪيائون تہ اتي گذاري، صبح جو موٽي ھلنداسين. پوءِ تہ روجھہ کي ڪھي ڪباب ڪري ڪاڏائون. راڻو ھندو ھو، ھن سڄي چمار ماس نہ ڪاڌو ھو. تنھن کي ڏاڍا وس ڪيائون، پر ھن نہ ڪاڌو ۽ ٻڪئي جو ٻڪيو ويٺو رھيو.

سڄي رات رھاڻ ۾ وھامي وين. اڄان پرھہ ڀاڪون ڪيون تہ پري ڪان ڪو ماڻھو ايندو ڏٺائون. پويان ٿي سندس حسن جو اُھاءُ نظر آين. ھمير سومري، راڻي کي چيو تہ : راڻا، تون عقل وارو آھين، ٻڌاءِ تہ اھو ماڻھو جيڪو پريان پيو ڏسجي، سو ڪير آھي، ڪھڙا ويس ڪيا اٿس ۽ شڪل صورت ڪھڙي اٿس؟ راڻي جواب ڏنو تہ: بادشاھ سلامت! اھو ڪوڪاپڙي ڪنھن ڏورانھين ڏيھہ منجھان ڪاھيو پيو اچي. گيڙو رتا ڪپڙا اٿس، ۽ کي عشق جا گھاءُ لڳل اٿس. ھٿ ۾ ٻُٺَي، ۽ پيرن ۾ چاڪڙيون پيل اٿس. ڳوڙھا ڳاڙيندو پيو اچي. ھمير سومري چيو تہ: ويجھو اچي تہ ڪوڙ سچ جي خبر پوي. ايندڙ شخص بہ ھلندو ھلندو سڄ ايرئي مھل اچي وٽن پھتو. جيئن راڻي چيو ھو تيئن سچ نڪتو. تڏھن ھمير ۽ ٻين يارن آفرين چيس. سامي اڄان ڪجھہ پريرو ھو تہ راڻي وڌي وڃي آديس ڪيس، ۽ وٺي آٽي ھمير سومري جي اڳيان ويھاريائينس. سامي صورتوند ھو، سندس حسن جو تجلو سڄ ڪان بہ وڌيڪ ھو. مٿي تي گلن جا موڙ ٻڌل ھوس، جن مان خوشبوءِ پئي نڪتي، سندس حسن ڏسي چارئي سنگتي حيران ٿي ويا. سامي ھنن وٽ ويٺو تہ سھي پر اکين مان ڳوڙھا بس ئي نہ پيا ڪنس، زار زار لڙڪ سندس اکين تان وھندا رھيا. تڏھن راڻي چيس تہ: ڪاپڙي! اسان کي ٻڌاءِ تہ ڪير آھين، ڪٿان پيو اچين، ۽ ڪٿان لنئون لڳئي، جنھن ۾

رچي ريٽو ٿيو آهين؟ سامي چيس ته: آءٌ پاڻ بادشاهه هئس، ڪاڪ واري ڪامڻ کي حاصل ڪرڻ لاءِ، لاءُ لشڪر ۽ خزانو کڻي ڪاڪ تي آيس، پر ڪاڪ ۾ سڀ گنوايم، هاڻي جوڳي بڻجي واپس پيو وڃان. منهنجي قسمت ڦٽل هئي، جو لشڪر به مارايم، ۽ خزانو به گنئون ڪيم. راڻي سهي ڪيو ته هي وڏو ڏکايل آهي، سو چيائينس ته: سامي سچ ٻڌاءِ ته لُڪ لوساٽيو اٿئي يا سيءُ جو سٽيل آهين جو ايتري باهه بدن ۾ اٿئي؟ سامي وراڻيو ته: محبت جي ميدان ۾ هيءُ حال ٿيو اٿم. راڻي چيس ته: سانداري ۾ پاڻي هجئي ته اسان کي پيار، اڃايل آهيون. سامي ڪين دلداري ڏئي چيو ته: هائو، ٿانءُ جهل ته پاڻي ڏيئين. جڏهن سانداري جو منهن کولي، پاڻي نائڻ لڳو ته راڻي کان ڇرڪ نڪري ويو، چئي: ساڌو! تنهنجي سانداري مان ته رت پيو نڪري؟ سامي وراڻيو ته: ٻچ نه، اهو رت ڪونهي، ڪاڪ جو ڳڪو پاڻي آهي. راڻي اهو پاڻي پيتو. همير چيس ته: اسان سان روجهه نه ڪاڏئي، پر ڪنهن ڊانيڍي ڊور جو رت پي، تو پنهنجو ڌرم بگاڙيو. همير جي اها ڳالهه ٻڌي راڻي جوڳي کي چيو: سامي! سچ ٻڌاءِ هيءُ پاڻي ڪيئن ۽ ڪهڙو هو. سامي چيس ته: تون مون تي ويساهه ڪر، هيءُ پاڻي لڊاڻي جو آهي، جتي مومل جي ماڙي آهي. پڇيائونس ته: سامي! تنهنجو ماڳ مڪان ڪهڙو؟ ڪا سنگت سات هئي، يا اڪيلو پيو برن ۾ گهمين؟ سامي وراڻيو ته: آءٌ ڪابل ۽ ڪشمير کان هليو هوس. مون سان پنج هزار امير ساڻ هئا، جيڪي بهادر به هئا ته زور وارا به. مال متاع جي مون وٽ ڪمي ڪانه هئي. انهن کي وٺي آءٌ ڪاڪ تي ويس، جتي ناتر پنهنجي اٽڪل ۽ حرفت سان سڀ خان کپائي ڇڏيا. هاڻي انهن يارن جون ڪاڪ جي ڪنڌي تي قبرون آهن، ۽ آءٌ موٽيو پيو وڃان.[1]

اها خبر ٻڌي چارئي ڄڻا حيران ٿيا. راڻي سامي کان پڇيو ته: ڪر خبر، اڄين به انهيءَ پاسي کان پيو، رات انهيءَ ڏس تي ڪنوڻ جا تجلا هئا، ڪي مينهن به وٺا؟ سامي چيو ته: راڻا، نڪي هيون وڄون، نڪي

---

[1] پريي وساڻ جي بيتن موجب: سامي جو نالو سليمان هو، ۽ جيسلمير جو ويٺل هو: "ويٺل جيسلمير جو، سنڌم نالو سليمان."

مينهن. رات مومل پنهنجن سرتين جيڏين سان سينگار ڪري چوڏول تي چڙهي هئي. اهي تجلا انهن جي حسن جا هئا. سنڌن ويس وڳا عطر ۽ عنبير سان رتل هئا. اهڙين حسن وند حورن آڏو وڄ جي روشنائي جو ڪهڙو مقابلو! اوهان به انهن جي روءِ جي روشني جو پڙلاءُ پسيو آهي. جوڳي جي واتان مومل جي سونهن جي ساراهه ٻڌي عجب ۾ پئجي ويا. راڻي ورجائي ڪاپڙيءَ کان پڇيو ته: اي ڪاپڙي! اسان کي ڪاڪ جا ڪي وڌيڪ اهڃاڻ ڏي ته مومل وڃي پسون؟ سامي چيو ته: هتان کان ٽيهه ڪوهه پري، لڊاڻي جي ڪنڌيءَ تي ڪاڪ آهي، ويهو نه، ويڃو اٿو ته وڃو.[1]

پنڌ جو ڏس ٻڌي، هنن چئني گهوڙا سنيرايا. گهوڙن آڏو ٽيهه ڪوهه پنڌ هوئي ڪونه. اچي ڪاڪ تي رسيا ۽ گهوڙا ٻڌي ويٺائي ڪونه ته ٻانهي ناتر جيڪا پاڻ سهڻي هئي اچي سهڙي. چئني مڙسن جي ڏيا ڏسي، ناتر هيڪر ته ڏمڪجي وئي، پر وري به ٻاهريون رعب رکي، ڪانئن پڇيائين ته: اوهين ڪير آهيو، ۽ ڪهڙي ديس جا آهيو؟ هن ڪاڪ واري مومل تي ڪي لک مردن جا غمگين ڪري ڪٺائي ڇڏيا، اها اوهان کي به ڪانه ڇڏيندي. چڱائي انهيءَ ۾ اٿوَ ته هتي ويهڻ جي نه ورايو، جيڏانهن جا آهيو تيڏانهن واپس هليا وڃو. ناتر کي جواب ڏنائون ته: ڪاڪ اسين ائين ڪونه ڇڏينداسين. سوڍين جي سونهن جي ساراهه اسان سناسيءَ جي واتان ٻڌي آهي، انهيءَ حسن جي هاڪ تي اسان چارئي يار پري کان پنڌ ڪري هتي اچي پهتا آهيون. اها به خبر اٿون ته مومل سان ملاقات مشڪل آهي، پر تنهن به اسان مقابلي جو پڪو پهه ڪيو آهي. ناتر سنڌن حوصلو ڏسي، ڪين ڏيڇارڻ خاطر چيو ته: توهان کي سوڍيءَ جي سياڻپ جي سُڌ ئي ڪانهي. هن ڪيترائي مرد مارائي ڇڏيا. ڪئين انهي ڪاڪ ۾ ويا، پر مومل تائين نه پهتا، اوهان به انهن وانگر ناڪام ٿي اجايو خوار خراب ٿيندو. ڀلائي انهيءَ ۾ اٿوَ ته هتان ئي موٽو. اجايو پنهنجون قبرون ڪاڪ ڪنڌيءَ تي نه جوڙايو. تنهن تي

---

[1] پريي وساڻ جي بيتن موجب: راڻي سلمي کي چيو ته تون عاشق ٿي ڪري، مومل جي گلا ٿو ڪرين، هاڻي اسان سان گڏجي هل ته آءٌ ٿو هلي توکي مومل پرڻايان. پوءِ سلمي ساڻن گڏجي ويو.

راڻي ناتر کي دڙڪو ڏئي چيو تہ: دائي، ڪجھہ ادب ڪر، جيڪڏهن مومل عقل ۾ اڪابر ۽ حرفتن ۾ هوشيار آهي، تہ اسين بہ ڪي گهٽ نہ آهيون. مقابلو اسين بہ ڪنداسين، اڳتي قسمت جي ڳالھہ آهي، جيڪو ڪٽي!

راڻي جي ڳالھہ ٻڌي، ناتر ماٺ ۾ پئجي وئي، ۽ خيال ڪيائين تہ هيءَ ڪي سُترا موڻ ۽ مڙڻ وارا ڪونهن، سو اتان اٿي سڌي مومل وٽ آئي، ۽ چيائين تہ: مومل! هزارين لکين ماڻهو هتي آيا، پر همير سان جيڪي همراھہ آيا آهن، سي جيڪر تون هيڪر ڏسين تہ ڪر متيون منجهي وڃنئي.[1] مومل، ناتر جي حالت ڏسي چيو تہ: دائي، تون دهلجي ڇو وئي آهين، اجايو پئي ڊگهيون ڳالهيون ڪرين. هنن کان اڳي ڪيترائي آيا جيڪي ختم ٿي ويا، ۽ هاڻي ڪاڪ جي ڪنڌيءَ تي آرامي آهن. انهن جو بہ ساڳيو حال ٿيندو. مومل کي وراڻي ڏنائين تہ: مومل، اهي چارئي يار چڱا ٿا ڏسجن، سندن ويس وڳا بہ سٺا آهن، هٿيار پنوهار بہ جڙاءُ دار اٿن، عقل ۾ بہ انهن مڙني کان سرس آهن، جيڪي هن وقت تائين ڪاڪ تي آيا آهن. هاڻي منهنجي دل چئي ٿي تہ اهي هاڻو توکي بہ قابو ڪري ويندا.

ناتر جي اها حقيقت ٻڌي، مومل ويچار ۾ پئجي وئي.

خيال ڪيائين تہ هاڻي سواءِ حرفت هوشياري جو ڪو حيلو ڪونہ هلندو. پوءِ چندن جي پاڻي ۾ ميٽ مليائين، ۽ ناتر کي نصيحت ڪيائين تہ: ميٽ وڃي چئني کي پڄاءِ. ناتر بہ چار ڏنڊڻ ۽ چندن جون ڦٽيون کڻي سٿو اچي هنن ملوڪن وٽ حاضر ٿي ۽ سامان رکي، چيائين تہ: هيءَ ميٽ اوهان لاءِ خاص مومل مَليو آهي. هاڻي هٿ منهن ڌوئي تيار ٿيو، پوءِ جون ڳالهيون پوءِ سان. ٻيا اها ڳالھہ ٻڌي تمام خوش ٿيا، ۽ وهنجي تيار ٿيا تہ ناتر پلاءُ پڪوان کڻي آئي. مڙسن کي بک هئي سو کائڻ لاءِ تيار ٿيا، پر راڻي گراھہ کڻي ڪُتي کي ڏنو جيڪو کائيندي مري پيو.

---

[1]. شادي مري جي بيتن موجب: مومل کي ناتر ٻڌايو تہ چار جوان آيا آهن، جيڪي اڻ موٽ ٿا ڏسجن، باقي:

هڪ سامي منجهن ساڳيو، جنهن جا ماريئي هزار
هاڻي چاڙهي آيو ٽئي چوڪا ٻيا، چوندڻ چتايل چار

جو اُن ۾ زهر هو. راڻي اِتي ناتر کي ڇهبڪ هنيو، جنهن تي سچي ڪيائين ته:

اٿو زهر انهيءَ ۾، متان ڪو ڪاچ ڪائي!

ناتر سچي ڳالهه اچي مومل کي ٻڌائي، تڏهن مومل ڪيس چيو ته: توکي ڇا ٿيو آهي، جو ٻه ڏينهن ٿيا آهن جو توکان اِهي چار ماڻهو مُٺا ڪونهن. پوءِ مار ڏنائينس ۽ ناتر دانهن ڪٺي سومل وٽ آئي. سومل به سندس مدد نه ڪئي، جنهن تي ڪاوڙجي آخر راڻي کي ڪاڪ جي اسرار جي سچي حقيقت ٻڌايائين. ناتر موٽي آئي پر مومل کي چٺي ڏنائين ته: مومل انهن ۾ هڪڙو شخص راڻي نالي آهي، جنهن جي آڏو ڪابه حرفت چالاڪي نٿي هلي.

تڏهن مومل ۽ سندس ڀينرن سومل، سهج، سليمت، ساڻنه، صالحان ۽ مرادان- راءِ ڏني ته انهن کي پٽ مُنجهائي ڏي ته ڏسون ڪيئن ٿا سمجهائين. ناتر حڪم جي ٻانهي، پَٽ مُنجهائي آڻي ڪين ڏنائين ته مومل چيو آهي ته واندا وينا آهيو، هي پَٽ سمجهائي ڏيو. ائين چئي ناتر ويندي رهي، ۽ هي پَٽ سجهائڻ ۾ مشغول ٿي ويا. انهيءَ مهل راڻو ڪنهن ڪم سان ٻاهر ويو هو، موٽي اچي ڏسي ته سندس ٽئي يار پَٽ سمجهائڻ ۾ مُنڊا وينا آهن! پنهنجن يارن جي عقل تي ڏاڍو ارمان ٿيس، چيائين ته: اها هميرن جي پر ته ڪانهي، پر عقل کي اجا گهٽا گڻ ٿا گهرجن. پوءِ ڪانئن پَٽ وٺي، وڍي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيائين.

جڏهن مومل جو اهو حيلو به نه هليو، تڏهن ناتر کي چيائين ته: هاڻي تون وڃ، ۽ وڃي انهن مان ڪنهن هڪ کي ساڻ وٺي اچ.[1] دائي يڪدم هنن وٽ آئي، ۽ اچي چيائين ته: اوهان مان ڪوبه هڪ مون سان گڏجي هلي، جو ان کي مومل سڏايو آهي. مومل جو سڏ ٻڌي، همير کي يارن چيو ته: تون اسان جو سردار آهين، هاڻي وڃ به پهرين تون. عقل کان ڪم وٺج، ڪا ڪوتاهي نه ڪجئين مڙسان مڙسي مقابلو ڪري،

---

[1]. ليمي شر جي بيتن موجب: ناتر ڪاوڙجي اچي سوڍي سان ڪاڪ جي خبر ڪئي، جيڪا حقيقت ٻڌي راڻي کي ڇڏي باقي ٽيئي ڄڻا گڏجي ڪاڪ تي ڪاهي ويا، پر وات جي شينهن ۽ ٻين آفتن کان ڊڄي موٽي آيا، ۽ پوءِ راڻو ويو.

مومل ماڻي موٽجئين. همير بہ يارن کان موڪلائي ناتر سان گڏ روانو ٿيو.

اڳيان ناتر، ان جي پٺيان همير سومرو. ناتر جي مڪر ۽ حرفت سان پڇڻ پيٽي ڪانہ هئي، سو هڪ هنڌ گرهي ڏيئي، همير کان نڪري وئي. همير انهيءَ ڪاڪ واري اسرار ۾ گم ٿي ويو، هيڏانهن هوڏانهن جهوتون ڏنائين پر ڪي ڪين وريس. سندس اها ابتر حالت پريان ماڙيءَ مان مومل بہ پئي ڏٺي. جڏهن همير کي ڪيڏانهن وڃڻ جي واٽ نہ ملي تڏهن ساڳين پيرن تي موٽيو، ۽ اچي سنگت پيڙو ٿيو.

مومل يڪدم ناتر کي موڪليو تہ وري وڃ، ۽ وڃي ڪنهن ٻئي کي وٺي اچ، ۽ وڃي چئين تہ اوهان مان ڪو ٻيو سورهيہ هجي سو هلي، باقي هي همراه تہ اهڙو هو جو اڌ تان ئي موٽي آيو. ناتر يڪدم حڪم ڪٽي اچي هنن وٽ پهتي، چئي: اهڙا سورهيہ هئا تہ گهران ڇو نڪتا هئا، مومل ماڻڻ لاءِ نڪتا آهيو، تہ مڙس ٿيو، باقي هلي وري اڌ مان موٽي اچڻ ڪا مڙسي ڳالهہ ٿي- هاڻي اوهان مان ڪو ٻيو هلي تہ اُن جي خبر پوي تہ ڪيتري پاڻي ۾ آهي.

ڏؤنر پٽاٽي کي همير جي حال تي اڳي ئي ڪاوڙ هئي، سوڪست مان يارن کان موڪلائي ناتر سان گڏجي مومل جي ماڙي ويو. ڏؤنر گهڻو ئي عقل ۾ اڪابر هو، پر ناتر وجهہ وٺي گوهي ڏيئي ڪنهن پاسي گم ٿي وئي- پر هيءُ بہ همت وارو مڙس هو، مڙيو ڪونہ، وڌندو ويو، تان جو هڪ درياءَ جي ڪناري تي اچي بيهي رهيو، ڏاڍيون جهوتون ڏنائين تہ ڪو اهڙو گس ملي جتان درياءَ اڪرجي پر ٻيو ٿيو خير. ڏؤنر پٽاٽي بہ اتان ئي واپس موٽيو، ۽ اچي يارن سان مليو. اها روئداد مومل بہ پنهنجي ماڙيءَ مان پئي ڏٺي، تنهن يڪدم ناتر کي موڪليو تہ وڃي ٽئي کي وٺي آءُ تہ ان جي خبر پئي.

ناتر يڪدم اچي هنن همراهن جو سلام ڪيو، چئي: مون اوهان کي اڳي ئي چيو هو تہ اوهان ۾ عقل ڪونهي، هرويرو پاڻ تان ڪلون ڪرائي پنهنجو شان گهٽ ڪرايو اٿو. هاڻي سيڪو پيو ڏؤنر پٽاٽي ۽ همير سومري تان ڪلون ڪري تہ مومل ماڻڻ ويا هئا، پر اڌ تان موٽي آئيا. اهو ٻڌي ڏماچاٽي سينهڙو پڙڪو ڪائي اُٿيو، چئي: اجائي

ڏيگهه نہ ڪر، هل هاڻي آءٌ تو هلان، سو يڪدم گهوڙي تي چڙهي ناتر سان گڏجي اُتي هليو. ناتر ڪجهہ اڳتي هلي ڪانئس نڪري ويئي، ڏماچاڻي واٽڙو ٿي ڏيپ ۾ هيڏانهن هوڏانهن جهوتون ڏيڻ لڳو. ڪُنن جا ڪڙڪاٽ ٻُڌي مڙس جا ڍير ئي ڍرا ٿي پيا، سو اڳتي وڌڻ جو سَت ساري نہ سگهيو، ۽ اُتان ئي واپس موٽي اچي سنگت وارن سان گڏيو.[1]

جهٽ گذري تہ ناتر اچي پهتي، چئي: اوهان مان ڪو اهڙو ڪونهي، جيڪو هلي مومل جي مزماني ڪائي! راڻي چيو تہ: هل هاڻي آءٌ تو هلان. راڻو ناتر سان گڏجي هليو. راڻي ناتر کي ڪٺي قابو ڪيو، ناتر پاڻ ڇڏائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر راڻو بہ اڳيان داناءُ هو، پڪ هيس تہ هن کي ڇڏيندس تہ ساڳيو ٻين جهڙو حشر ٿيندم[2]: ايتري ۾ درياهہ اڳيان اچي وين، پاڻي ڪڙڪاٽ پئي ڪيا. راڻي ويچار ڪيو تہ پاڻي جي اونهائي ڏسان، سو گهوڙو ڪٺي پاڻي ۾ وڌائين. پوءِ هڪ سوپاري جي ٽڙ ڪڍي، پاڻي ۾ اُڇلايائين. سوپاري جي ڪِرڻ تي راڻو عجب ۾ پئجي ويو، جنهن کي پاڻي جو وڏو درياءُ سمجهو هئائين، اُهو فقط نظر جو ڪريب، ۽ کُلن جو ڪم هو، باقي سڄو معاملو ڪائي جو ٿهيل هو، ۽ سوپاري اُن جي مٿاڇري تي ٺڙڪاٽ ڪري وڃي پري پئي هئي. راڻو انهيءَ خيال ۾ بيٺو هو تہ ناتر ڪانئس ڇڏائي، گم ٿي ويئي ۽ وڃي مومل کي چيائين تہ: مومل هاڻي هوڏ ڇڏ، گهڙي ڪن ۾ راڻو اچي رسندءِ، هاڻي تون اُنهيءَ لاءِ وار وڇاءِ جو اِنهي ڪان ڇڳو پيو وَر نہ ملندءِ. هيڏانهن راڻو بہ بيدپو ٿي، ڪاٿو اُڪري نڪتو. ڪجهہ اڳتي هليو تہ هڪ اونداهي ۽ سوڙهي گهٽي نظر آيس. سرنگهہ واري پيچري جي ٻنهي پاسي قسمين قسمين جا خوفناڪ جانور، شينهن، چيتا، بگهڙ، نانگ بلائون پئي هليا. پهرين راڻو ڏنو، پر پوءِ مڙسي ڪري، نيزو جهلي هڪ شينهن کي هنيائين، تہ اُهو ڪاغذ جو هئو. پوءِ ٻنان ڏيپ جي اچي مومل جي ماڙيءَ جي آڏو پهتو. اُتي تہ وڌيڪ خوفناڪ جانور

---

[1]. ابراهيم شيخ جي بيتن موجب: سينهڙو ڏماچاڻي ڪونہ ويو.

[2]. شادي مري جي بيتن موجب: راڻي ناتر کي مار ڏني. مريد ٻهڻ جي بيتن موجب: ناتر، راڻي تي عاشق ٿي پئي، تڏهن سڄو راز ٻڌايائينس.

(3) مريد ٻهڻ جي بيتن موجب: سيني راڻي کي وڃڻ کان روڪيو، پر راڻو نہ مڙيو، چئي: آءٌ اِهان وانگر قسمت آزمايان، پوءِ هلنداسين.

راڻي تي الرون ڪرڻ لڳا. پر راڻي جي دل ۾ هاڻي ڪنهن بہ قسم جو ڏپ نہ هو، سو راهہ جون اهي مڙيئي رڪاوٽون ختم ڪري، راڻي مومل کي اچي سلام ڪيو.

مومل بہ وڏي حُب سان سندس آجيان ڪئي، ۽ ڪيس هڪ ڪٽ تي ويهڻ جو اشارو ڪيائين، جيڪا هيرن جواهرن سان جڙيل هئي. راڻو ڪٽ ڏانهن ويهڻ لاءِ وڌيو، تہ ڪن تي مومل جي ٻانهيءَ جي سُرِيُر جي پڙلاءُ پيس، جنهن تي راڻي کي شڪ ٿيو تہ انهيءَ ڪٽ ۾ بہ ڪو ڦند هوندو، سو نيزي سان ڪٽ جي نوار کي زور ڏنائين تہ سڄي ڪٽ وچي کوهہ ۾ ڦهڪو ڪيو. راڻي جو اهڙو عقل ڏسي، مومل اچرج ۾ پئجي ويئي، ۽ چيائين تہ: راڻا، تو راند ڪٽي، مون هارائي، مون تو جهڙو عقل جو اڪابر عمر نہ ڏٺو. پوءِ تہ ٻيئي گڏجي آمهون سامهون ٿي رهاڻ ڪرڻ ويٺا[1]. پوءِ تہ چؤطرف خوشيون ٿي ويون. ساز سرود جي محفل لڳي وئي. طرحين طرحين جا طعام اچي ويا. مومل بہ هار سينگار ڪري، قسمين قسمين جا ڳهہ پائي اچي راڻي جي روبرو ويٺي. رهاڻ ڪندي، مومل، راڻي کي چيو تہ تون پلي آئين پرين، اڳ تہ آءٌ ڪوڙ هئس، پر تنهنجي ڏٺي ڪان پوءِ آءٌ سون تي وئي آهيان، تنهنجي اچڻ سان مون کي هڪ نئين حياتي نصيب ٿي آهي، من تي جيڪي افسوس ۽ ارمان هئا، سي سڀ تو ڏٺي لهي ويا. تنهنجي اچڻ ڪري، هي محل ۽ ماڙيون، جيڪي اڳي سڃا هئا، سي وسي ويا آهن، اڄ تون منهنجي اڱڻ آئين، ۽ دل چوي ٿي تہ تنهنجا پير پنهنجن چشمن تي رکان.

سندن خوشي ۾ هرڪو مومل ۽ مينڌري کي مبارڪون پيو ڏئي، انهيءَ خوشين ۽ شادمانن ۾ خبر نہ آهي تہ هنن کي ڪيترا ڏينهن رات گذري ويا.[1]

---

[1] شادي مري جي بيتن موجب: مومل، راڻي کي ڪينڪاريو، راڻو سانس گڏجي ويٺو. ۽ واري ماني آئي. پر راڻي چيو تہ آءٌ توڪان ڌار ماني نہ کائيندس. تنهن تي مومل هار مڃي.

[1]. شادي مري جي بيتن موجب: ٻئي ڏينهن صبح جو راڻو مومل کان موڪلائي، يارن سان اچي مليو، ۽ اچي ٻڌايائين تہ: "مومل ماڻي آيو آهيان."

مومل هڪ طوطو پاليو هو، جنهن کي پڙهائي اهڙو پختو ڪيو هئائين جو هو ماڻهن وانگر ڳالهيون ٻولهيون ڪندو هو. انهيءَ طوطي کي مومل قيد مان ڪڍي ڇڏيو تہ پلي وڃي گهمي ڦري، واءُ سواءُ وٺي اچي. طوطو اڏامندو باغ ۾ آيو، ڏسي تہ همير ۽ سندس ٻہ ساٿي گهوڙا پيا سنجين، هٿيار پيا ٻڌن، ۽ چون پيا تہ: هلو تہ واپس ڍٽ هلون، ڪاڪ پاڻ نہ ماڻي. طوطو وري ويو، ۽ وڃي مومل ۽ مينتري آڏو وينو، مينتري طوطي کان پڇيو تہ: طوطا! تون ٻاهران اڏامي آيو آهين، ڪا خبر ٻڌائيم. طوطي جواب ڏنس تہ: راڻا! تون هت ويهي رهيين، پر تنهنجا يار توکي ساري، هاڻي واپس پيا وڃن. انهيءَ تي راڻي کان رڙ نڪري وئي، چئي: مومل ٻڌاءِ تہ سهي تہ هتي گهٽا ڏينهن گذريا؟ مون کي تہ اها ڳالهہ ئي وسري وئي تہ ڪو مون سان سنگت وارا هئا. مومل چيس تہ: راڻا! مون کي خود خبر نہ آهي، آءٌ تنهنجي محبت ۾ ايتري مست هيس جو مون کي ڏينهن رات جي خبر ئي ڪانهي. تڏهن راڻي مومل کان موڪلائي اچي يارن کي سلام ڪيو، راڻي کي ايندو ڏسي سڀ سرها ٿيا، چئي: خبر ڏي، مومل تائين پهتين يا هيترو وقت ڪاڪ واري اسرار ۾ ڦاٿو پيو هئين؟ سوڍين جي سونهن جي ڪابہ خبر ڪا ٻڌئي؟ جيڪڏهن مومل ماڻي آيو آهين تہ ڪا خبر ڏي؟ راڻي کين ٻڌايو تہ: هيترو وقت آءٌ ڪاڪ جي اسرار ۾ ڦاٿو پيو هوس، مومل جي حرفتن سان پئي مقابلو ڪيم، آخرڪار رات وڃي ساڻس ملاقات ڪيم. اهو ٻڌي سيني کيس مبارڪون ڏنيون، ويجها ٿي وينس، خوشيءَ وچان پڇڻ لڳس تہ: يار، تون مومل ماڻي آيو آهين، چڱو ٿيو، اسين تنهنجا ساٿيا يار آهيون، هاڻي ڪنهن بہ حيلي هڪ پيرو اسان کي مومل پساءِ. راڻي ورندي ڏني تہ: همير! جيڪڏهن مومل ڏسڻي اٿئي تہ اهي ويس لاهي، کي پراڻا ڪپڙا اوڍ. ڪٿو ڪڻ، بيٺ ٻڌ آءٌ اڳيان ٿو هلان تون پنيان اچ، مومل کي آءٌ اهو ٻڌائيندس تہ منهنجو ميهر آيو آهي.

تڏهن همير ڪپڙا مٽايا ۽ راڻي سان گڏجي هليو، وٺي اچي هڪ پٽ جي پر ۾ ويهاريائينس، ۽ پاڻ وڃي مومل سان ريجهہ رهاڻ ڪرڻ لڳو، چئي: مومل، منهنجو ميهر ڏورانهين پنڌ کان آيو آهي. مينهن ڏهڻ جو ڪاريگر آهي، جيڪڏهن اهو آٽائين تہ ڏاڍي چڱي ڳالهہ ٿئي. مومل

چيو تہ: تنهنجي روح جو راضپو ائين آهي تہ پلي سدا اچي. آءٌ مينهون آڏايان ٿي. پوءِ پلي سدائين پيو کير ڏهي ۽ مينهون چاري.

مومل جي رضامندي تي، راڻو همير کي وٺاڻ تي وٺي آيو. يڪدم مينهن ميڙائي، همير کي چيائين تہ: اچي مينهن ڏهہ، ۽ مومل کي ڏس. همير اکيون کٽي مومل ڏانهن نهاريو، ۽ مومل جي سونهن پسي حيران ٿي ويو! کير بہ پيو ڏهي، مومل بہ پيو ڏسي، تان جو سندس نازڪ هٿن مان رت ريلا ڏئي وهڻ لڳو. مومل بہ همير کي سڃاتو. سو ميار ڏيندي، راڻي کي چيائين تہ: راڻا! تو من ۾ مير رکي همير سان چڱي هلت نہ ڪئي آهي! ههڙو ملڪ جو بادشاهہ تنهن سان اهڙي هلت نہ جڳاءِ، هن جو جنهن سان وير پيو، تنهن جو قصو پورو ٿيو! تون ههڙي مڙس کي قاتل ساٿل ڪپڙن ۾ وٺي آيو آهين! مومل جي واتان اها ڳالهہ ٻڌي راڻو مشڪل ۾ پئجي ويو، ڏٺائين تہ مومل کي سڀ معلوم ٿي ويو. چيائين تہ: برابر، مون کان ڪچائي ٿي، هاڻي ڏٺي جاٽي چا ٿيندو!

همير، يڪدم اُتان اُٿي اچي يارن سان مليو، ڪوجهن ڪپڙن ۾ پاڻ کي ڏسي اکين مان لُڙڪ وهي نڪتس. چيائين تہ: هن حال کان موت پلو هو، اهڙي موملءَ ماڙين کي ٻَن ڏجي، جن شان گهٽايو. انهي ڳالهہ همير کي ڏاڍو رنجايو. ايتري ۾ راڻي بہ اچي سلام ورايو. همير بہ يڪدم کٽي قابو ڪرايس، ڪاوڙ ۽ جوش ۾ ڪيس ٻڌائي، گهوڙن تي کٽي پنهنجي وطن ڏانهن وريو. راڻي گهٽي ئي منٿون ڪيون پر سندس ڪو حيلو نہ هليو. وطن پهچي همير حڪم ڏنو تہ راڻي کي بند ۾ وجهي ڇڏيو. حڪم جي تعميل ٿي، راڻو قيد ٿيو. سُورن کان سواءِ پيو کير بہ سندس ساٿي نہ هو، هڪ پرين کان پري، ٻيو اڪيلائي جو قيد، تنهن ويتر راڻي کي هيٺو ڪري ڇڏيو.

هوڏانهن مومل ماڙين ۾ ويٺي راڻي کي ساريو، رات ڏينهن ڪيس ياد ڪري ويٺي ڳوڙها ڳاڙيندي هئي. هيڏانهن مومل کي مينٽري ماريو، هوڏانهن مينٽري کي همير ماريو. مومل ڪاڪ ۾ پنهنجي فراق جون گهڙيون پئي ڪاٽيون تہ مينٽرو قيد ۾ پئي ڪڙهيو. انهيءَ حالت کي سڄو سال گذري ويو، انهيءَ ۾ نہ سندس خبر همير سومري لڌي نہ ڪنهن ٻئي. ان بعد ڪڏهن ڪڏهن بنديخاني جي دروازي تي ٻيهي

همير ڪانئس خبرون چارون وٺندو هو. سال ڪان پوءِ ڏٺي مٿس راضي ٿيو، همير ڪيس بند مان ڪڍيو، ۽ اڳيون ڳالهيون سڀ وساري وري هڪجهڙا ٿي ويا. پر همير چيس ته: مون توکي ڇڏيو آهي، پر هاڻي ڪاڪ ڪڏهن نه وڃج، اهي سڀ ڳالهيون وساري ڇڏ. پر راڻي ڪي ته اندر ۾ انتظار هو، سو ڪٿي ٿو همير جو حڪم مڃي.

رات جو راڻو پنهنجي وڳ ۾ آيو، جتي سندس هڪڙي اُٺِ هئي جيڪا پنڌ ۾ تازين ڪان به پلي هئي، سا سينگاري سڌو ڪاڪ جو رخ رکيائين، ۽ رات وچ ۾ وڃي مومل سان ملاقات ڪيائين ۽ پرھ ڦٽي ڪان اڳ موٽي آيو.

پوءِ روزانو رات جو، اُٺِ تي چڙهي ڪاڪ ويندو هو ۽ مومل سان ريجهه رهاڻ ڪري، صبح ڪان اڳي موٽي ايندو هو. اِنهيءَ ڳالهه جي ڪنهن کي به خبر نه هئي. پر گهڻن ڏينهن تائين اهو ڳجهه نه رهيو، ۽ همير سومري کي ڪن وڃي ٻڌايو ته راڻو رات جو روزانو ڪاڪ تي ويندو آهي. انهيءَ خبر ملڻ سان همير اُنهيءَ اُٺِ کي کهائي ڇڏيو، جنهن تي چڙهي راڻو ڪاڪ ڏي ويندو هو، ۽ راڻي کي سڏائي ڏاڍي جُٺ ڪيائين.[1] پر راڻي کي مومل کانسواءِ گهڙي پل لاءِ به سُک نٿي آيو، سو اُنهي اُٺ جي گونئري کي سينگاري ڪاڪ ڏانهن رخ ڪري چيائينس ته: اي چانگا! اَڏامي هلي پرين وٽ پهچاءِ جنهن جي سِڪ مونکي ماري ٿي. منهنجا دوست! هل ته پرين پسي وري موٽون. گونئري پنڌ سان وس ڪري ڇڏيا، ۽ اچي ڪاڪ رسايائينس، ۽ راڻو پنهنجي مومل سان روز وانگر رهاڻ ڪري صبح ٿيڻ کان اڳ واپس موٽي آيو.[1] اهڙي طرح ملاقات ڪندي، هنن کي ڏيڍ ورهيه گذري ويو. هڪ رات چانگي کي پنڌ ۾ دير ٿي ويئي، مومل پنهنجي ڀيڻ سومل کي چيو ته: جيستائين راڻو اچي، تيستائين

---

[1]. شادي مَري جي بيتن موجب: ڪاڪ تان موٽي جڏهن راڻو صبح جو همير سان ملاقات ڪئي، تڏهن همير کي راڻي مان نئين خوشبو آئي. تنهن تي شڪ پيس ته راڻو مومل سان ملي آيو آهي. پوءِ اُها اُٺ ڏٺائين ۽ ان جي پيرن ۾ ڪِيرَ هٿائي ڇڏيائين.

[1]. شادي مري جي بيتن موجب: جمال نالي جت کيس ٻي اُٺِ ڏني جنهن تي چڙهي ڪاڪ تي ويو.

تون مون سان اچي سمهه. سومل چا ڪيو جو مرداني پڳ ٻڌي مومل سان گڏ سمهي رهي. ڪجهه دير ڪانپوءِ راڻو آيو، ڏسي تہ مومل ٻئي مرد سان ستي پئي آهي. خيال ڪيائين تہ ٻنهي کي ماريان، پر بدناموسي جي ڊپ کان ڪاوڙ ماري، پنهنجي ڪام مومل جي پر ۾ رکي، ڪيس حرفي ڪري واپس موٽي آيو.

اوچتو مومل جي اک کلي، ڏسي تہ راڻي جو لڪڻ پيو آهي، پڪ ٿيس تہ راڻو آيو هو، ۽ پريان ئي سومل کي مون سان ستل ڏسي موٽي ويو آهي! پوءِ تہ دانهون ڪوڪون گهٽيون ئي ڪيائين تہ:راڻا، هي تنهنجي رسڻ جا ڏينهن تہ ڪونہ هئا. توکان سواءِ منهنجي جيءُ جو جياپو ڪونهي. اچ راڻا، هاڻي تنهنجي بره ۾ آءٌ مران ٿي. مون ۾ جيڪڏهن ڪو عيب آهن تہ تون انهن کي ڍڪ، ۽ ڏٽي جي نالي منهنجون مديون معاف ڪر. وري سومل کي چيائين تہ: سومل! تنهنجي سمهڻ مون سان هيءُ ويل وهائيو آهي، جو راڻو مون سان رسي ويو آهي، هاڻي هن حال کان تہ موت پلو آهي. چئي: راڻا اچ تہ تنهنجي چانگي کي چندن چاريان. موٽ مينترا، آءٌ سورن ۾ سڙي روئينديس. مومل روئي بہ پئي ۽ ورلاپ بہ پئي ڪيي. چئي: راڻا! جيڪڏهن هڪ پيرو اچين تہ آءٌ سڄي عمر ڏٽي جي در سڪائون ڏيان. پر راڻو نہ آيو سو نہ آيو.

ڏٺ ۾ اها خبر عام ٿي وئي تہ راڻو، مومل کان رسي آيو آهي. مومل ڪيئي قاصد موڪليا پر راڻي جي دل تي جو ڪنڊ پيو هو، سو نہ لٿو. آخر مومل فيصلو ڪيو تہ جي راڻو نٿو اچي تہ هاڻي آءٌ پاڻ ڳولي لهانس. سو ناتر کي ساڻ ڪري، منزلون ڪندي اچي راڻي جي شهر کي رسيون. راڻي جي محل جي پرسان جاءِ ورتائون. پوءِ رازا ۽ واڌا گهرائي جاءِ جوڙائي اتي ويهي رهيون.

راڻو صبح جو انهيءَ جاءِ جي سامهون ويهي ڏنڊ ڏيندو هو. مومل بہ انهيءَ در جي سامهون اچي ويني. مومل کي ڏسي راڻي کي ڏاڍو عجب لڳو، پر دل تي جيڪو خيال ويٺو هوس، انهيءَ ڪري اتان اٿيو، ۽ دروازو بند ڪري چڙيائين، ۽ ٻئي در کان ٿي ويٺو، تہ مومل بہ اتان سامهون ٿي وينيس. راڻي اهو بہ در بند ڪرايو، انهيءَ لاءِ تہ اٿين ڪرڻ

سان من مومل موٽي وڃي. مومل بہ وڏا وس ڪيا پر راڻي جي دل ۾ هن لاءِ ترجيتري بہ ڪھل نہ پيدا ٿي، اهڙو رخ ڪيائين، جنهن سان مومل موٽي وڃي.

راڻي جو اهڙو ورتاءُ ڏسي، مومل کي ڏاڍو ارمان ٿيو، ۽ روئندي رڙندي اتان رواني ٿي. پر راڻي کان سواءِ سندس جياپو نہ هو، سو وري بہ پرين پرچائڻ خاطر، سرتين سميت جوڳين وارو ويس ڊڪي، واپس راڻي جي ملڪ اچي ويٺي. انهن جوڳين جي هنڌين ماڳين پچار پئجي وئي. راڻي بہ اها ڳالهہ ٻڌي، سو جوڳين جي جمال ڏسڻ لاءِ جوڳين وٽ آيو. راڻي جوڳين جي ويس ۾ مومل کي نہ سڃاتو، پر مومل جهڙي رمز ڏسي کيس مومل ياد آئي. چيائينس تہ جوڳي! توکي ڏٺي حياتي ڏي، تو منهنجي من کي مهميز ڏئي پرين ياد ڪرايو آهي! هاڻي بہ گهڙيون ويهہ تہ ڪي ڳجهيون ڳالهيون ڪريون. منهنجو من اڳي ئي سورن ۾ سڙيو پيو آهي، ۽ تون بہ گهورن سان ماريو ٿو وڃين. محبتين کي تنهنجي سونهن ماريو ڇڏي. جوڳي ( مومل) چيس تہ: راڻا! انهيءَ ڳالهہ کي ڇڏ، جيڪڏهن چوپڙ راند ڪرڻ ايندي هجئي، تہ اچ تہ بہ- چار بازيون ڪريون. راڻي ۽ مومل راند ويهي ڪئي.[1] پوءِ اهڙي طرح روزانو ويهي راند ڪندا هئا. راڻي جي بہ هن کانسواءِ نہ سرندي هئي. مومل هڪ ڏينهن راند ڪندي داءُ هٽندي، ٻانهن ڪنئي تہ سندس ٻانهن اگهاڙي ٿي پئي، ۽ ان جي لسڻ تي راڻي جي اک پئجي وئي. راڻي جي هٿ مان ڊارو ڪِري پيو ۽ سندس اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. تڏهن مومل پڇيس تہ:راڻا، تنهنجي وجود ۾ ڪهڙا گهاءَ آهن؟ ڪي پراڻهين ديس جا پرين ساريا اٿئي ڇا جو روئين پيو؟ راڻي چيو تہ: جوڳي! منهنجي پرين جو هڪ پار تو ۾ آهي، اهو ڏسي ٿو روئان. تنهن تي مومل چيس تہ: ڪاڪ جو فراق توکي ماري ڇڏيندو، تو بنان ويچار جي مومل تي حرف رکيو، تو ڏنو بہ ڪونہ تہ مومل سان گڏ سيج تي ڪير ستل هو. جيڪڏهن ائين ڪرين ها تہ هوند اڄ ڪاڪ ۽ مومل جي

---

[1]. يعقوب ڪٽي جي بيتن موجب: نجومي راڻي سان خبر ڪئي تہ جوڳي آيو آهي، اُن سان مل. راڻو چوپڙ کٽي ويو. جوڳي پنهجو نالو "مُرول" ٻڌايو ۽ ذات "زرمي" ٻڌائي.

فراق ۾ رت نہ روئين ها. ٻيو راڻي ڳالهہ تي، بہ ڪنڌهن راءَ رُنا! ايتري چوڻ ڪان پوءِ مومل سهي نہ سگهي، ڏک ۾ ارمان ۾ اتي ئي ساهہ ڏنائين.

راڻو حيران ٿي ويو تہ جوڳي ڪي ڇا ٿيو، تہ ايتري ۾ ڪچهريءَ مان ڪنهن چيو تہ: راڻا! مومل مري وئي، جنهن سان تنهنجو هيج هو. هاڻي اهو تنهنجو ڀاڳ آهي، جو مُئي جيارين! پوءِ ناتر ظاهر ٿي راڻي کي چيو تہ: راڻا ! ههڙا سچيت سيڻ تون وري نہ ڏسندين، تو ڪڙا ويڻ ڏيئي مومل ماري آهي. اهو ٻڌي راڻي دانهون ڪيون تہ: هَئي هَئي، مون پنهنجو سپرين نہ سڃاتو. مون ائين نہ ڀانيو هو تہ ڪو ائين مون وٽ پرين ايندو. پوءِ مومل جي ڪنڌ هيٺان پنهنجي ٻانهن ڏنائين، مٿي تان پٽڪو لاٿائينس، مومل جي وارن مان ڪٿوري جي خوشبوءِ آئي، پڪ ٿيس تہ اها مومل آهي. پوءِ پاڻ بہ دانهن ڪِري اتي ئي ڪري پيو ۽ ساهہ ڏنائين، ملڪ ۾ ماتم پيو تہ مومل ۽ مينڌرو مري ويا.

-*-

# 1_ بيت يعقوب کٽيءَ جا*

1- مومل جي ماڙيءَ ۾، آهي رُڻ جُهڻ راڄ دُئار
سو گام مڙوئي گوجرو، جڳٽ کن جُهار
پاٽان اچيو پدمٽيون، هيبليون ہٽن هار
پرهہ جو پچار، آهي راٽي سندي راڄ ۾.

2- راٽي سندي راڄ ۾، تا پرهہ پچارون کن
تہ مومل ۽ مينتري، مورُ نہ گڏيو هو من
هن تي جر جـــال هارِيو، هـــن درد وڏائـــي دن[1]
کري ڪَچايون ڪَن، ويو اڄ وِلٽجي ولهو.

3- ويو ولٽجي وَلهو، جڏهن راءُ رمي راٺو
مينترو مومل سين، منڊي بيٺو ماٺو
اچا مون آٺو، ڊارو ڊِٽ ڏٽين سان.

4- ڊارو ڊِٽ ڏٽين سان، اچان مون آهي
مومل ويس مَٽايو، تي زنانا لاهي
مردانا ويس مَلوڪن جا، تي سهجؤن سبائي
چيلهہ ڪٽارو قيمتي، تنهن تي هيرو هارائي
تهنار ۽ مُهنار سوني مُٺئين، لانـــچ لڳـــن لائـــي[2]
پٽڪا پيٽـــا پـــٽ جـــا، تـــي بانهـــن ٻڌائي[3]
سوار پيادا پاڻ سان، تي چاکر چَلائي
ڪاڪؤن ڪُڏائي، مُنهن 'مامطور' ڏي.

---

* . هن متن جو مدار لاڙ مان مليل ٻن روايتن تي آهي، هڪڙي روايت محمد طالب لوهار"ل" (تعلقو ٽنبو باگو) کان ۽ ٻي روايت حاميد خان رند"ح" کان ملي. چون ٿا تہ يعقوب ۽ مشهور شاعر جلال کٽي ڀائر هئا. انهيءَ لحاظ سان يعقوب کٽي، ميان نور محمد جي دور ۾ ٿي گذريو. هي بيت، مومل راٺي ڏانهن وڃي ٿي، اتان شروع ٿين ٿا.

(1). ل. هن ڏئي ورتو ڏاٺي ڏن

(2) ل. شهناز مهناز سونهين، ٿي- الخ.

(3) ح.

مومل سَليو هي ڪير، پر سوڍي سڌ نہ سڄڻين.
-11 سوڍي سڌ نہ سڄڻين، جڏهن ڍارو ڍاريائين
داءُ هٽندي ٻانهن پنهنجي، جڏهن خوش ٿي ڪنيائين[2]
چڪاسي گهر چوپڙ جا، سوگهڻ سونيائين
هيڪ نشاني ٻانهن ۾، تنهن کي لسڻ ليڪيائين
پوءِ ڍارو هٽائين، تنهن جو ڪِري پيو پٽ تي.
-12 ڪِري پيو پٽ تي ويهي ڳاڙهو ڳاڙيائين
جر هاري جوش مان، ويهي رتو رنائين
محبت منجهان مرول تڏهن پر ۾ پڇيائين
تہ کهڙا وڍ وجود ۾، توکي گهاءَ تا گهائين
کهڙا ڏيس ڏوراڻا سپرين، توکي ياد پيا آهين
نتو سوڍا سڻائين، تو رويو روئين هيترو.
-13 مرول پڇيو مينتري کان تہ اڄ تون روئين ڪڄاڙي لاءِ
تو کو وڍ وجود ۾، جان ڏسِ ڏوراڻو گهاءُ
جان ڏس ڏوراڻا سپرين، اڄ کي سڄڻ سنڀياءُ
راڻا! اُنين لاءِ، تو لوچيو روئين هيترو.
-14 سوڍي چيو، هن سور جي، خبر پڇين تو يار
هيڪ نشاني ٻانهن تي، پرين آن منجھ پار
ڏسي ڍِيل ڏهيُون ٿيو، منهنجو ڪامي منجھ خمار
ڪاڳر جي قلوب جا، سي ٿيم آنجي اگار[3]
راڻو رانيو گجرئين، اتي هيجان ٻڌيو هار
ٻولي ٻي نہ پچار، ات هو مور مڙوئي مينترو.
-15 هيڪ نظارو ڪاڪ جو، توکي سوڍا! تو ساري
ساھ اوڏانهين سپرين! ڪيئن وينين وساري[4]
توکي تو ماري، اهو قڻ فراق جو.
ساھ تو ماري، اهو قڻ فراق جو.
-16 اهو قڻ فراق جو، توکي کهڙيءَ پر پيو
مومل جي ماڙيءَ ۾، تو ڏنو ڪير ٻيو

هاڪِ ور جي هوڪ، پيئي ملڪ مامطور ۾.

-22 ملڪ مامطور ۾، تا هَي هَي ڪن همير
سيڻي پـــڏائين سندرو، تنهن ناتـــر وڏا نيـــر[2]
پڇو پڙهيا پير، تہ ڪنهن ور اِهين قضيو.

-23 ڪنهن ور اهين قضيو، تنهن جا پڙهيا ڪن پچار
تہ اهي ئي خون ڪڻي ويا هٿا موڪي ۽ متار
ياد ڪجئين، يعقوب چئي، خوبيءَ خبردار
ڪر ڪلمي جي پ چار، تئي ميڙو محمد مير سان.

لااِلٰہ الااللہ محمد رسول اللہ

---

[2] ل. ناتر وڏائين نير.

6- تن ويءُ چوڙايو واه، منع ڪيائون ماڙهن ڪي
تہ ايڏهن مت وڃي ڪو آدمي، مَ ڪو مِرون ماريجاءُ
جا ڪي موري متاهون ٿئي، گل ڦل سائو گاهہ
روجهون پسي ريج ڪي، وري ڪن ويساهہ
اوهين سرت ڪري سڄاءُ، ايڏان مت وڃي ڪو آدمي.
7- تڏهن پهہ ڪيائون پاڻ ۾، اها مصلحت آهہ
ڪڏهن سيل ڪنداسون سال ۾، ڪڏهن ڇهين ماهہ
جنهن تان ايندو سو اُناءُ، رند روجهي سر پانهجي.
8- مورجي ويءُ وڏو ٿيو، روجهون روز اچن
سي گهونٽ لتاڙيو گاهہ جا، چوپا ڪيو چرن
بي اُلڪيون "براهم" چئي، ڪونهي اُدو اُنِ
چاريءَ چاريائون ڪري، اچي سڌ ڏني ساهُن
تہ ڪوه وينا آهيو ويسلا، ٿيون روجهون روز رمن[1]
هاٿي سندو شڪارين، ڪونهي اوسو اُنِ ڪي.
9- جيڪي اول آخر ڏينهن، سو مَعلَم سڀ مالڪ کي
واهِي آيو وِيءُ جو، اچيو چوي ائين
تہ گس گهميو گاهہ تي، ڪن روجهون راتو ڏينهن
جا ڪِي موسم وٺن مينهن، تان روجهہ نہ رهندو هيڪڙو.
10- تڏهہ چڙهيا چارئي يار، اُٿيا شوق شڪار جي
ويڙهي وينا ويءُ ڪي، چؤ مکيا چوڏار
وچي سِر واهہ جي، ڪِي هڪل ۽ هونگار
سي ٻڌي ڪا ٻرڪار، پئي پگيون بر سامهيون.
11- تِئان روجهہ رمي راٽي تان، اول جو آيو
تنہ ڪاوڙ مان کهڪاڻ ڪي ڇهبڪ چڪايو
هيبت هاڪ هڪل ڪري، تنهہ عاقل اُٺايو
بر مِرُو، "براهم" چئي، نيئي دانهہ ڏڳايو
رڻ غازي گهايو، ٻتو مرون مينٽري

[1]. اصل: ويسليان.

-12 ڇهه ڏون اُتي ڪوهن، اڌ ڳاهُوءَ پنڌ آئيو
متي بر”براهمر“ چڙئي، پهتو پرس چون
زهه ڪمان زورن، مِرو ٻڌو مينڌري.
-13 مِرو ٻڌي مينڌرو جان ويٺو وير وريام
ساڻ همير سومرو، ڏوٺر پُٺاڻي، سينهڙو سجان
تن ٽنهي وائي وات ۾، اهو پهه پرياڻ
جي هو راڻو مسلمان، تہ چڱو وير وزير هو.
-14 اها راڻي رمز رهاڻ، اڇي مَعلم تي مينڌري
مرد اچي ميدان ۾، جڏهن پهتس پاڻ
تڏهن سلام ورايو سومري، راوت راڻي ساڻ
تان ڪانہ رڪيائين ڪاڻ، اڳيان مُنهه نہ ورايو مينڌري.
-15 تڏهه ڏاڍو ڏمر ڏک، ٿيو سڻاڻو سومري
تہ جنه يار ياور نہ ڪيو، مون ڏانهه واري مُک
تو رکي اهو ئي رک. ڪري پاڻان ٻهنئش برابريون.[1]
-16 تڏهه يارن چيس: يار! تہ تون رک مَ ڏمر ڏيل ۾
تون سنڌ همير سومرو، ٻيا تو منجهه طمعدار
آريون ڪِجَن اُن تي، جي سمجهن سمجهدار
پرچي پرچڻهار، رک راڻو راضي راوَ تون
-17 رڻ منجهه رات پيانِ، تيئن وينا راوت رڻ ۾
موج انهي مذڪور ۾، جا وهامي ويان
تان پريان تي پيدا ٿيو، ڪو بابو مان بيبان
اُتو همير سومري تہ اچي مرد ڪَهيو ميدان
ڪهڙا سندس ڪپڙا، ڪهڙي صولت شان
ڪهه ڙي راڻا! ري گمان، اي سوڍا، سڌ سلاءِ مون.
-18 تڏهن چيو راڻي مينڌري، سڻ تون راجا راءِ
اِي ڪهيو اچي ڪاپڙي، ڏوريين ڏيهه منجهاءَ
گيڙوءَ رتس ڪپڙا، گهائن متي گهاءَ

---

[1]. رک- رخ- منهن

چئي: سڻ سالِڪُ سمجهدار، عرض همارو اِيءُ
ڪِ محبت جي ميدان مان، حال پرايم هيءُ
اُتي پاڻي پيءُ، جانڪين آب اُجايو آهيين.

-25 تڏهن دلداري ڏيئي، سامي ڪان سودي پڇيو
هن ئِي ور وڻو هٽ ڪيو، هُن ئِي ڇهگر چوڙيئي[1]
پسي ريلا رت جا، تي پانڌو ڪَر پيئي[2]
چئي: لوهُو تنهنجي لاڳ ۾، آهي اڳيئي
ساڏوءَ سڀ سماءُ ڪيو، ڀهگڻ وٽ ڀيهي
چئي: مون سين مڙيئي، آهي ڪڪو پاڻي ڪاڪ جو.

-26 جڏهن پيتائين پاڻي، ڪڪوريءَ ڪاڪ جو
تڏهن چيس همير سومري تہ: ڄاتوءِ نہ ڄاڻي
ايءَ جا آئي مهماڻي، تنه منجهان جات جدا ڪيئي.

-27 ڪنه جنه ڍانڍي ڍور جو رت پيتوءِ راڻا
اي سوڍا سياڻا، تو ڪِ بابُوءَ برّ بگاڙيو.

-28 تڏهن ڏڪي ڏمريو ايئن، اڇي قهر پيوسين ڪاپڙي
چئي: سامي سچ سڻاءِ مون، جنهہ منجهہ جُوٺ نہ جيئن
هيءُ ڪڪوريو ڪيئن، ڪهڙو پاڻي ڪاپڙي؟

-29 تان چئي: ياڻي چڏ يلڪار، تون هر هر وڙهہ مَ هيترو
پسي ويس وِسَهُ تون، سڻ حقيقت هيڪار
تہ مومل ويٺي ماڙيين، ڪري سُرسُتا سؤ وار
لوءِ لوڍاڻو لالُ سو وهي آب اُتارَ
اُتاهون آرَگچي گه آيچَلين، رڻ ڪتوري خنڪار
لالائيءَ لغارَ، هيءُ ڪڪو پاڻي ڪاڪ جو.

-30 اي ميان! ڪهڙو وطن سنلوءِ، هئين ڪاڻي رانول راهَڪُو
ڪيسينءَ ماريئي منزلون، ڪيسڻءَ قصد ڪِيوءِ
ڪِ هئا سامي سنگت يار تو، ڪِ سِر خود پنڌ پيوءِ
جيڪي ڏوريندي ڏنوءِ، سو سڀ سامي سچ سڻاءِ تون.

---

[1] ٻي پڙهڻي: ڇڳر. (2) اصل ڪرَ.

-31 ڪابول ۽ ڪشمير مان آءٌ هلي آيس همير
مون سين پُرسن پنج هزار هئا، جي عاقل مرد امير
سي بيگ بهادر بيحد بانڪا، دوله ڏنڌاگير
ٻارنهن سَوَ ٻئيهہ هئا، جِن بوتن ٻار ٻهير
اسب عيراقي ان جا، مٿن مرد چڱا مهمير
جن کي تيغون ترڪش تير، سڀ ساهوُ سلاحن سير
وڻ ويرا ٿي واسيا، انجي عطر ساڻ عنبير
سي ڪاهي ڪاڪ ڪنڌين ۾، اچي ويجها ويٺا وير
اڳيان ناتر نگوسار ڪري، ڪي حرفت ساڻ حقير
اُت رهيا ناز نظير، آهين ڪاڪ ڪنڌيين قبرون.
-32 تان چئي: رات هئو روشن، ڪو اُهس اُونهين پار تي
نامر سچي جو ڳڻُ، تہ وڃون وٺيون ڪينڪي.
-33 چئي: رات چڙهي چوڏول ۾، تن ٿي ڪيا
ٻَحَرين ڪليو بانا
اور هلايو آپٽي، ٿي مارياٺون مزمانا
باغن وچ بناوَسِين، تن ٿي ڪيا شغل ۽ شانا
پسي تجلائي تن جي، ٿيئي هَمُون حير بانا
ايڏهين وڃن ڪانہ وسَيانا، هئي روءِ روشنائي تن جي.
-34 رات چڙهي چوڏول ۾، تن ٿي ڪيا رنگ رهاٽيون رس روپ
وڳا عطر عنبير مان، دامَنِ لائين ڏُوپ
پـانَ ڪـاون، لالـي لاون، چڱـا ڦڳاوَن چُوپ[1]
ٻَهُوت ٻر "براهمر" چئي، تن تي ڏسايا ڏُوپ
هئي وِڃڻِ ڪانہ وَسوپ، هيءَ روءِ روشنائي تن جي.
-35 سبزي گل گلاب جا، سبزي ويس سندانِ
سبزي ڪٺون ڪٺلا، سبزي وچاٽانِ
سبزي پتيون بنگلا، سبزي مُنارانِ
سبزي آرَٽ اُني جا، سبزي دبوسانِ

---

[1]. اصل: چنگا ڦِڳاوَن

سبزي ٻانهيون ٻانهن ۾، سبزي ٻانهوٽانِ
سبزي سبز سندوقچين، جڙيا جَمرُودانِ
سبزي باغ ”براهم“ چئي، ميوا موڪ پڪانِ
مونِ تان ڪِي تعريفان، جي ٿيون ڪَٽَن ڪنواريون ڪاڪ ۾.

-36 چڱو ويهڻ سندونِ، چڱي طبع تن جي
هنڌ حويليون حجرا، چڱو طول تڪيونِ
عطر سان عمارتان، ماڙيءَ مشڪ مَليونِ
قابو ڪوٽ قلعونِ، اِن پر آٺو ايڏهين.

-34 جوڳي جا ڏنيان، خبر تنه خوشحاليا
ڪهه ڪاپڙي، ٻول تون، اهي اهجاٽان
تہ پسون ڪنواريون ڪاڪ جون ڏسون صلابت سنديان
پسون محل منارا ماڙيون، پسون رتا رنگ محلان
پسون ٻاغ ”براهم“ چئي، پسون اگڻ آبُوسان
تان ڪي ويجهي ولاتان، اوءِ ڳُتا ڏس ڪٽي ڏيون.

-38 تان چئي: ڪِجاه وڃڻ سين وس، ائين ويهڻ وسرمَ ڪريو
ٿي ڪوهن پنڌ منزل، آءٌ جو ڏيانوَ ڏس
طرف الهندي باغ جي گهوڙن گاهہ سرس
ڪاڪ لهندئو ڪَس، لوءِ لوڊاٽي ڪنڌيين.

-39 جڙ گهوڙا، پڙ گهوڻيا، سيپئي سونهن
بنايون ”براهم“ چئي، ڪاڪ اوطاقون ان
اڳيان چڱا سهڄڻ سوڍئين، ٻي ويتر سونه سندين
ٻيڻيون راجا نند جون، جي ويس ڪريو وهسن
پينگهون بنايو پٽ جون، لونگين لام لڏن
مهندان ملوڪن، ناتر ناز نائيو.

-40 جڙ گهوڙا، پڙ گهوڻيا، ساهو سلحدار
چڙهن شوق شڪار جي، مانجهي مرد متار
مڙني محاسبا ڪيا، ناتر سين نروار
سوڍي سلطانن جي، ڪي در متي ڏمڪار
پٽن ڍٽ پچار، هي اڳي ڍاٽي ناٽي[1] ڪاڪ جا.

---

[1]. ٻي پڙهٽي: نائي

41- جڙ گهوڙا، پڙ گهوڙيا، ساهو وير وريام
چڙهن شوق شڪار جي مانجهي مرد مدام
عاقل اڪابر اُمراءِ، پوري قول ڪلام
بهادر ”براهم“ چئي آهن اهڙي ڪي انجام
تن آٽي وڏا ڪاهي ڪيڪاڻ ڪاڪ ۾ لاهي لوهه لغام
سي جال پين تا جام، اڳي ڏاڻِي ناڻِي ڪاڪ جا.

42- جڙ گهوڙا، پڙ گهوڙيا، عاقل عقل عظيم
چڙهن شوق شڪار جي، ڪنهه جنه فڪر فهيم
پڇي بابو بر ”براهم“ چئي، ڪيائون نرت نظير
ڪاهي گهڙيا ڪاڪ ۾، قدرت ساڻ ڪريم
داناهه سورهه دعوتي، مانجهي مرد مقيم
هئا سي حڪيم، اڳي ڏاڻي ناڻي ڪاڪ جا.

43- هئي ناتر نـــاز نگين(1)، دائي دهشت ڪان ڏڳي
سا ڪنبيو ڪري ڪَهوَ تان، جا هئي ڳوري حُسن حَسين
هيڪر منڍ حيران ٿي، پسي سجل سندين
چئي: ڪير آهيو ڪنه ڏيس جا، ائين افضل مرد امين
هتي لشڪر لکِ لُٽائيا، گجر ڪري غمگين
سا ڪاڪ چڏينديوَ ڪين، هتي ويهڻ واريو ڪينڪي.

44- چون: ويهنداسين وري، ڪاڪ ڇڏيون تا ڪينڪي
سُياسين سوڍين جي، خبر خوب ڪري
اسينِ پريون آياسين پنڌ ڪري، چارئي يار چڙهي
گجر جي گذران جي، ٿي سڄي ڳالهه ڳري
تہ پي موٺون مطلق ڪينڪي، جياسين پئي نہ سڌ سري
جي هجي حور پري، تہ پڻ آهي منڍ ساڻ مقابلو

45- تان چئي: آهي حورن جي حساب، ڪر پري ذات پدمڻي
تنه بهوت ماريا منڍ محبتي، هت نائي نر نواب
اُتهين پهچي ڪنه نہ ڪيا، نہ ڪن سوال جواب

(1). اصل: سِنگين

سا سوڍي ڪري تي سُرسُتو[1] دم ڳَئوري سين داب
مُک جِيسُ مهتاب، تنهن جي وٽڪ وڃان ئي وتري.

46- چئي: سوڍي رنگ سُرنگ، گجر گن گيان ۾
سونه سسيهلان اڳري، اُبرلهه جيهس انگ
سا هٽي حاليتن ڪي، ڪٽيو خنجر ئين ختنگ
اُتهين گل چڏيو گلرنگ، اچو پون پونر پنيپلجو.

47- جي پسو تنه جي سونه، هيڪر اڪڙين سين
تہ وينا هٿ وورونه، ڪريو ڪاڪ ڪنڌين ۾.

48- نڪا ٽُل نہ طور تنه جو، نڪا شان شبيه
هٽي حاليتن ڪي، ڪهير ڪانءَ قوي
تنه ماري منڌ مات ڪيا، هت غازي مرد غني
هئا ڪنڌيءَ ڪاڪ ولي، پر خواب ستا ڪن خاڪ ۾.

49- چون: دائي داب ۾َ رک، ڪين ڏکون تا ڏيل ۾
فند، فڪر، فن حرفتو، هاڻ هني جا پرک
هت يي ڪمي آهي ڪانہ ڪا، هت وجي رضا رک
تڏهه ٿين بَرکُ، جڏ تون ڪمائيءَ ۾ قابو وهين.

50- تڏهه ناتر ناز ڪري، وٺ مومل ويئي
تہ ڪوڙين هِت ڪيترا تا اچن اڳيئي
پر جي آيا هير همير سين، ســـوار[2] پسين سيئي
تہ متيون مڙيئي، هوند وڃا ويئي وسري.

51- چئي: دهلجيو دائي، تون ڇا ڪنبيو ڪرين ڪَهوَ تان
ڪوڙين ڏنئي نہ ڪيترا، جي هئا آڳر اِنهائي
جي ناحق مري نانهہ ٿيا، خاڪ وين ڪائي
ان جون گهورون گهر لائي، ڪندا ڪاڪ ڪنڌي ئون قبرون.

52- تاچئي: مومل ڇڏ ماڻو، هن سين حاجت حرفت ناهہ ڪا
هي ڪاهي گهڙيا ڪاڪ ۾، تا لُٽين لوڊاڻو
سي ڏسجن تا هاڻو، تن جو مونڻ مس ٿئي.

---

[1]. اصل: ائين. (2) اصل: سُهار.

53- آهين چڱا چارئي يار، متن چڱا قيمت ڳوري ڪپڙا
چڱا گهوڙا گهوٽيين، ٻيا متن سنج چڱا سلڪار
چڱا ساهو سارندو گهڻو، ڪيڻن چڱا چيلهه هٿيار
چڱا عقل عظيم گهڻو، دلاور ڌهدار
اهڙي شڪل سوار[1]، مون ڪٿ نہ ڏٺا ڪڏهن.

54- تڏه سڀي حقيقت ساءِ، ٿي مومل مشاهدو ٿيو
تنه سوڍيءَ ڪيو سُرسُتو، هنر حرفت ڪاءِ
ڇُنو چندن ڇڪِهُ ڪري، ميڻ مليو منڊ پاءِ
ايءَ نصيحت ناتر ڪي، سوڍي ٿي سمجهاءِ
ڪنگهيو ڪانگهارا ڪيو، اندر ميڻ اُناءِ
پريو ڪوئرا ڪاٺي، هيڪر منڊ هلاءِ
چئي: پهچ نيئي پهچاءِ، وڃ ويسر ڪج ڪا مَ ڪا.

55- چار ڏنڊڻ چاپانِ، ڦٽيون چار چندن جون
سپ ڪم جوڙ جمع ڪري، هيڪند هلايان
نيئِي روءِ رکيانِ، اڳيان دائي دلاسو ڪري.

56- چي: آءُ وي دائي ڪيون ڪَهين، ٻائي تنه نازُ ڪيو
ڪنه پر هلڻي ڪنه پر چلڻي، تنه پدمڻي پرواز ڪيو
پر اِي جا مُڪائين دعوت دائي ان بہ اندر راز ڪيو
خود شان پسي، ڪمان ڪَسي، اِن تان گوءِ گجر غماز ڪيو
خودي بازي ڪيلَ"براهم" چئي، اِن پي بلند آواز ڪيو
پوءِ تنه ناتر ناز ڪيو، مهاندان ملوڪن ڪي.

57- ٻيا ڪلي ٿيا خوشحال، پر راني رمز عيان ڪي
تنه بلغم ميڻ "براهم" چئي، ڪديا ڦولهيندي في الحال
تنه هٿي مُنه ٽڪ دائي موڪلي، ڪِي بي آپي بيحال
تنه لُڙڪ وهائي لال، وجي مومل سين مذڪور ڪيو.

58- چئي: هنر حرفت هن سان، ڪنهه جو ناهي ڪم
رکيو ٽري ڪينڪي، مومل موت قدم
واري ويهه وهم، هن سين حاجت حرفت ناهه ڪا.

---

[1]. اصل: شگل سُهار.

سا گولي ڪچي ڪري ٿي عاقل کي ابتر
ان کي ورهه وجهي ويتر، پاڻ نسنگ ويئي نڪري.

67- هلي همير سومرو، جان آڳاهون آيو
ڦِتڪ جو ڦلاح ڏسي، ٿي گازي گُجايو
هتي دوربينيءَ مان ديدار ڪري، مومل مک لايو
تان آهي مشڪل منجهايو، سنڌ همير سومرو.

68- وري سو ويو، تان پٺيون مومل دائي موڪلي
تہ آن ۾ جو اشراف هئي، سو اچي ور ٻيو
هن مان ڪين ٿيو، ائين چا سڪڻ جون ستون ڪريو.

69- ناتر ٻولي نروار ڳهي، اپيو ان اڳياءُ
جي آن منجهہ راجا راءُ، سو مومل ايڪ منگائيا.

70- ڏسي هيٺي حال همير، ٿي ڏؤنر پٽاٽي ڏمريو
سو موڪل مڙني ڪان مڱي، ماڙيءَ هليو مير
اڳ ۾ ناتر نہ رکي خاطر، وجي وک گهٽايو وير
هو عاقل مرد امير، پر گوليءَ گسائي چڏيو.

71- سو جان وجي اڳاهون، تان ڏاڍو ڏؤنر درياهہ ۾
ڦِتڪ فراموش ڪيو، ان جو عقل اتاهون
هتي دوربينيءَ مان ديدار ڪري، جان ڏوران ڏٺائون
تان آهي پڳ پڳ پراهون، وجي قلم قلم ڪر ڪٽيو.

72- سو وري ويو وٽن، تان پٺيئون مومل دائي موڪلي
اڳيان ڏسيو ڏؤنر کي، وينا خان کلن
مهاندان ملوڪن، رسي دائي ڀوري دم دماغ سين.

73- ناتر کهيو، چا رهيو، عقل آنهجي مقابل ڪين ٿيو
هڪ تہ کلو همير تان، ٻيو تا ڏؤنر ڏوراپا ڏيو
هاٿي اچي وَرُ ٿيو، آن مان گجر ايڪ گهرائيا.

74- تڏه اُتو سينهڙي سُبحان، تہ آءٌ هن هنداان ئي نہ چران
جا موتايو مشڪل ڪري، سا مونک ڪنوار گهرجي ئي ڪانہ
ان سوڍيءَ جي شان، گهٽا ڦڪا ڦيري چڏيا.

81- اڳيان پوڙيـــون پنجيه[1]، ڪن تي چوڏهن چيون
اڳيان تن آنڌار هو، واٽون تنهه چاليهه
راڻي رخ رکي وئتو صاحب ربّ سميع
سو لحظي منجهه لنگهي ويو، نه تيس جوکو جيءَ
داناه دل قويَ، اچي سوڍي سلام واريو.
82- پر هئي کٽ متي سر کوهه، تنه تي جواهر جڙاءُ هو
کي دائيءَ ڳجهوئي ڳالهيو، هن رمز پروڙي روح
تنه منجهان شڪ شبوهه، ادب ساڻ اپي رهيو.
83- هٽي نيزو منجهه نوار، تنه کٽ کيرائي کوهه ۾،
سا ڪڙ ڪڙ ڪري ڪڙڪو، پيئي منجهه پاتار
سؤ لڱين سؤ وار، راڻو راند ڪٿي ويو.
94- پسي راڻي سندو رنگ، تي مومل مشاهدو تيو
چئي: ڪونه ڏنوسون ڪڏهين، ههڙو عقل جو اڙٻنگ
جيئن پوي باهه پتنگ، تيئن احدي لنگهي آئيو.
85- راڻي روءِ بروءِ، اچي ڪيو مومل اڳيان مارڪو
عشق جي آلاپ جي، بوند ڪنيائون بوءِ
هوءِ مڙيئي هوءِ، هيڪند محلن هوءِ تي.
86- گجر جي گنران جي ڪنه کي نه هئي ڪل
هزارين هليو ويا، مرد مَهائين مَل
تيلانه ماڻيئين مومل، جيلانه هئي طالع ليکي توهه جي.
87- لتا گوندر غم، پرين پرچيا پاڻ ۾
ويا سڀ وهم، جني تي جاڙون ڪيون.
88- دهل دماما دقڪون، واڄٽ وڄائين
سرنايون ۽ سُرنڊڙا، تارون توارين[2]
رنگ رس ريجهه رهاڻ تي، گهورون گهورائين
ڪماچا ۽ ڪينرا، سُر ڪيو سنوارين
بينا بُرائين، سيي ساز نياز سين.

---

(1). پنجويهه. (2) اصل. سُرنڊڙا

89- پچائين پڪوان، رڌين حلوا سيويون
سنبوسا ۽ سارٽا، نت نت پچائين نان
ڪرين پــلاھ ۽ ڪليا، خونچن پــي خُرمـــان[1]
دُسارا ۽ دُهرا، آٽيو ڌرين درميان
ليکي ليکيون ڪنه بيان، تن ويهي خاصا ڪيڻ رنڌائيا.

90- سوني ساهِ طلاءِ ڪي تِلڪِي، تنه سِر موتي مڙهايا
بئنسر، بولا، نٿ، نموري، سينڌ ٽِڪي جواهر جڙايا
جهڳمڳ جهومڪ، جهالريون، گجر ڳاڻ ڳٽايا
دُرَ، ڪُرَ، دُهرا، دُر ٻُچا، روپَ ڳهن رنگ لايا
ڏيڀيان، ڪوڪِيان، پئڪن پتڙا، تِڏوڪانَ جهلايا
مُرڪيان، مُهريان آور مِنڙا، سِر سونا ڏاوڻ ڏايا
ڏر، توڏر، چاڳ، ٻُتڪيون، ڏاٽيون، مينڌا موتِي مُک ڳتايا
ٺُورا، پُورا، نانگلا، هار، هَسين ڳرپايا
گنديان، ٻنڌيان، ٻار ڪيان، تائيٽ سهجان ساهه سنپايا
پئچان، سڳيان، واهُ وَنگِيڙا، پوچ پنهڙيون
چمڪلين سر چايا
ايک داٽيان ديکو دُسري، طوسي طلسي طوق ٻچايا
ڪنمالان قيمت ڳورين، تن ٿي لعلون سر لٽڪايا
ڪنگڻ، ڪڙولا، ڪَتريا، تنهه لئي وڏ واڍولا آيا
بوريندا ”براهمر“ چئي، جهان چڳي جهٽڪايا
ٻَهون ٻانهِيون ٻانهوٺن سوهٽين، بازوبند بنايا
جهرمر، جهانجهر، پيرن ڪڙيان، پاءِ زيبان، گهنگهرا
گُجريون وچ تني وچڙايا
ٺُهڙا، بچوٺان، ٻَهُوت مُنديان، گُجرين گهاٽ گهڙايا
مانگهه، ڦُليان، ڇاپين ڇلا، ڇُوڙا ڇلک ڇِتايا
بيحد بهوت ٻچايا، گلمر غلاف ۽ گاديون.

91- زريون، بخمل، بافتا، اطلس آٽائين

---

[1] اصل: خون چند بي خرمان.

101- پلي آئين ور، جيءُ آئين جيئن گهٽو.
اڄ هنڌ حويليون گهر، ويتر سونهن ماڙيون مينترا.
102- جيءُ آڇوڪِي ويرَ، جيءُ تون اڳڻ آئين سپرين
پيءُ ٿُمارا پير، چمي هوند چشمن ڌريان.
103- جيءُ اڇوڪو ڏم، جيءُ تون اڳڻ آئين سپرين
غصو گوندر غم، لحظي منجهه لهي ويو.
104- لٿا گوندر، غم گيا، ورهه مڙيئي ويا
سهسين سک ٿيا، اڄيو ڏين مبارڪيون مينتري.
105- جيئن ڏين مبارڪيون مينتري، تيئن سرهيون ٿين ساليون
خوش ٿيو پچن خبرون، ڳڻ ڳنن ڳالهيون
اڳيان وهسن اُن جي، ڪلن خوشحاليون
شد پنا شاليون، آڻيو گهورون گهورين گهوٽ تان.
106- اينو ئي الله، جو اهڙا احسان ڪري
عاشق معشوقن ڪي، تو پرچائي پتشاه
ڪين منجهان ڪِي ڪري، بخشي مال متاع
جو باري بيپرواه، تنه قادر تان قربان ٿيان.
107- الله جل جلالهُ، سندا ڪم ڪلتار
ارڙهن ڪروڙيون عالمين، خلقيو خلقٺهار
تنه ساراه ڪريان سبحان جي، جنه جوڙي جوڙ جبار
واحد جي واڪاڻ ڪي، ليڪو ناهه شمار
سٺو ڏيانوَ پار، سندا راڻي همير سومري.
108- جيڪي لنگهين ڏينهن، سا خبر سڀ خالق کي
ناهه ڪتابي ڳالهڙي، جا چوندي چوان تيئن
ماڙهن وجهي مامري، عشق صلابت ايئن
منجهه نسوري نينهن، پيلي وياس وسري.
109- هئو مومل پکي پاڙهيو، طوطي سان تيمار
سو قابل هو ڪلام جو، مت چڳيءَ موچار
سو قفسان ڪڍي ڇڏيو، مومل مٺيادار
پري باغن جان وجي، هلي او هيڪار

تان تا چندين پلاڻين گهوڙا، ٻٽن چيلهه هٿيار
هوءِ راڻي جا يار، تن کي هَل هَل وائي وات ۾.

110- اتو همير سومري تہ ٿيو ساڃا سينهڙا ڏؤنر
ڪاڪ ماڙياسين ڪؤنر، هاڻ ڏاڻيا! رسو ڏيڻ کي.

111- طوطو وري ويو، اڳيان مومل مينڌري
سڻي حقيقت هن جي، اچي ڳالهيون ڳرهڻ ٿيو
تنهنجن يارن پنڌ پيو، هاڻي موٽ سارينئي مينڌرا.

112- تڏهن ٿو پڇي مومل کان، تہ ڏينه گذاريم ڪيترا
مون کي ڪل نہ ڪا، تہ ڪي ساٿم سنگت يار هٿا.

113- چئي: مون کي ناهہ پروڙ، جان ليکي ڏيئين ڏينهڙا
آءٌ پاڻ محبت جي مذڪور، نينه نهوڙي آهيان.

114- تڏهن وٺي ويو وٽن، ڪي هنر هزارين حرفتون
اچي سوڍي سلام ورايو، مانهندان ملوڪن
اُٺيا ساهو سامهان، "عليڪم" واريو اُن
خوش ٿيو خان ڪلن، چون اَڄ ادا پلي ڪري آئين.

115- سڀ ڏجاهون پار، چئج حقيقت حال جي
ڪِ اوراڙان اوري ورئين، ڪِ پهتين ڪي پرار
ڪا سڌ سندي سوڍيين، پياءِ ڪن پڪار
چئو چڱيان ٿي يار، تہ ڪي مومل ماڙي آئين؟

116- چئي: هي جيڪي ڏينه لڳام، سي هٺم هلاڪيءَ جندڙو
هني جي حرفت سين، ٿي هنر هلايام
رات راتوڪي سپرين، اچي محب مليام
گونڌر سڀ گيام، وره ويا وسري.

117- تڏهن مبارڪون ڏيئي، اچي وينس ويجهڙا
خوش ٿيو پڇن خبرون، تنه کي ساهو سيپئي
جنه پر مومل ماڙي آئين، سا ٻڌايو ٻيهي
جي سندا سهڄڻ سوڍيين، سڻايو سيئي
تهدل يار يقين جا، آهيون اصل اڳيئي
هاڻ نہ تہ هيڪر نيئي، مومل پَساهيو مينڌرا.

118- چئي: ٿيءُ نہ هيٺي حال همير، اهي لائق لٽا لاهہ تون
ڪڻ ڪٿو، ٻڌ بيٺ تون، ايءُ ويس مٽائج وير
تون پانڌءُ اڇج پٽ ۾، آءٌ مهند وڃان ٿو مير
هت وڃي چوندس ائين امير، تہ منهنجو مومل ميهر آئيو.

119- تڏهہ ڪٽا ڪرسا ڪهرا، پوڄ پرهيائين
راڻي سين رفيق ٿي، هليو هنڌائين
سونيئي سوڍي وير ويهاريو، جئن پت پرائين
پاڻ وڃي مينڌري، مذڪور ڪيو، مومل مهندائين
چئي: منهنجو مومل ميهر آيو، ڪو ڏورئون ڏيهائين
سُڏاتورو سفرو، اهئين اتائين
چگيون چاري ڪُنڍڙيون، سدا سهجائين
تنهين جي تعريف جو ڪين اڄان ٻهون ٻوليائين
اهو جو آٽائين، تہ ڏاڍو وير ڏهڻ جو.

120- چئي: مر پلي اڇي سوءِ، آءٌ ٿي مينهن ميڙايان هيڪڙي
جو اُهہ نہ رڃي، ٿڻ نہ ڪڇي، جنه سين سيڙهہ سنيائي پوءِ
ڏڏي ڪير برڪت ٿئي، ور نہ ڪرائي ڪوءِ
اٿيو آڏيءَ رات جو، چگا هونگر چوءِ
سو ور هتي ئي هوءِ، چاري ڪنڍيون ڪاڪ ۾.

121- جان سڏائي سلطان، آندو راڻي مينڌري
جان آيو وير وٿاڻ ۾، تان گجر ناهہ گمان
شرف وڏو هوس شان، پر هٽي راڻي راءُ ضعيف ڪيو.

122- مينهن ميڙائي مينڌري، ورنه تيڏيءَ وار
اڇي ڏُهہ مينهن ڏس تون، سرت ڪري سردار
ڪٽي نيڻ نهاريو، مومل مٽيادار
تان ڏڏو ڪير گه ڪوئن، ريلا رت اپار
هن جي ٿُنه ٿُنه ڪوئن نت نبار، پسو لوهو لال ڳڙي پيو.

123- مومل چئي: من ۾ رکيو ميرُ، ڪياءِ نہ موچاري مينڌرا
تون ڪيئن هيٺي حال همير آٽيين جو شينه دلاور شير
پرڳٽي پتشاهہ جو، ڍاٽي ڍٽ دلير

گڏي لاهين گهڻ مان، جن سين وجهي وير
جنه جي پاڳ سبتو ورڙو، مُڇ ابتو اُمير
سو ڪيئن نہ سجاڻي ڪير، جو تون ڪوجهين آڻين ڪپڙين!
124- تڏه مشڪل مبر ملوڪ ٿيو، پيو وسوسي وريام
مڙوئي معلوم ڪيو، پنهنجو تابينو تمام
اتهين راوت رنجايو گهڻو پنهنجو ننگ پروڙي نام
چئي: هڏ ڪونہ پلو ٿيم ڪامُ، پاڻان ڪئي خرابي ڪِي.
125- وهلو ويو وري، اڳيان ٻهڳڻ ٻيليين
ڏسي ڪپت ڪوجهين ڪپڙين، پاڻان ڳوڙها پيس ڳري
هڏ پيون موت مري، پر موت اوڏو هو مير ڪي.
126- چئي: پلو موت هئوم، هن هيٺي ئي حال ڪؤن
پسو پيشماني جندڙو، پسي جيئن پيوم
ڪهڙو ڪم ڪيوم، ڪُه مومل ٻن ماڙيون.
127- موج انهين مذڪور، هو راوت رنجايو گهڻو
اچي سودي سلام واريو، هلي پاڻ حضور
سو جابر جهلايو جبر سين، مير نہ ڇڏيو مُور
سوڍو انهي سور، ٻيلي ٻنڌي ڇڏيو.
128- ساهوُ اٿي سنيريا، پنڌ پوريائون پار
راڻي وس وڏا ڪيا، سِڏ لڪيءَ سؤ وار
حيلو هليس ڪونہ ڪو، وس نہ ٿيس وار
سُپَت سدا سَنري، ڪُپَت ناهہ قرار
راڻو ڪٽي رميا، ڪري ڪاڪ جُهار
هو رَجپُوتي رانديار، پر ڪنه ڪوڻيءَ وير وڻائيو.
129- ساڄا ٿي سنبريا، ڪي تياري تن
موٽيا پانجي ملڪ تي، وريا وير وطن
ڪهي ڪشالو ڪري، آيا ماري منزلن
سندي همير سومري، ڳالهہ ڳري تا ڪن
تہ ڏادي ڏک ڏمريو، متي راڻي راءُ چون
جي جهڙي پوک پوڪيندا، سي تهڙي لاب لڻن
اهڙي اُهڃاڻن، نيئي وير وڌائون واهہ ۾.

لٿو غير گمان، ٿيا موٽي تهدل يار يقين جا.

-138 پر اُتس هيئن همير، تہ ڪاڪ وڃين مت ڪڏهين
ايءُ وهم وساري ويهہ تون، منع ڪيس مير
تان پي سونچو منجهہ سرير، هو ڪامل ڪاڙو ڪاڪ جو.

-139 ڪا اُتِ هئي افضل، سندي راڻي مينٽري
سا سُواري سٽائي گهٽو، تنہ کي ڪانہ ڪشالي ڪل
ڪاهہ وڃي ٿي راهہ ۾، جهلئي ڏئي نہ جهل
تکي تازيان ئي تيز گهٽو، الڳاري اُڇل
سا سوڍي سينگاري ڀهون، ڪوڏان چاري قرقل
تنگ پلاٽيون پاکڙا، بلغاري بخمل
هل تہ ملون مومل، ڪاهہ تہ رسون ڪاڪ کي.

-140 سيڪنہ رات روان، ٿيندو هو مينٽرو مومل ڏانہ
سو ڳجهو ئي ڳجهہ ۾ ٿي آيو ويو، ساڻو سِڌُ سبحان
ڪنہ کي معلوم ڪين هو، اهو ٻات بيان
پر سُٽيو همير سومري، انهي پنڌ پريان
جن کي هئو غير گمان، تن اڇي سڀ سٽايس ڳالهڙي.

-141 تڏهہ آٽائي اُٿ، جهلي کُهائي کست مان
ڏسو ٿي راڻي سين جُٿ، اڳيان ڪان يي اڳري.

-142 گوُنرو اُٿ گهِٽيا جو، تڏهن سهڃان سينگاريو
سنج سيي سونهٽا، وڏائينس واريو
گل قل ڳانا ڳچئين، تن چؤرنگ چٽڪاريو
ڪري ڪوڏ ڪنوات سين، دانہ ديداريو
اهڙي شان شغل سين، پرٽئون پڪاريو
مرڪڻ مَهاريو، اٿس ڪاڙو ڪاڪ جو.

-143 بنان قمچيءَ ڪام، چل چانگا پرين ڏانہ
ڪڻ قدم، رس ڪاڪ کي، آن گهوريس تو نام
ساعت سالان سِر وهي، مَيا پروڙج مام
هڪ دم حبيبن ري، تہ ڪر سال تمام
جتهين باغ باغيچا "براهم" چئي، جت چمن ۽ چٽام

جايون جنت جهڙيون، ميوا موڪ مدام
گل ڦل ڳانا ڳڇيءَ پسيو، هر وڻ ڪڙڄ لام
ڪنڌيءَ ڪاڪ وهن جي، سي تون جاني پنج جام
آيا ساجن جا سلام، هل تہ هونديءَ رات هت هلون.

-144 بنان تازياني تيئن، چل چانگا پرين ڏي
هل چمن چر ڪاڪ جا، منٺ جي مجيئن
جتي گل ڦل پاسي گجرئين، جائيون جنت جيئن
تون پرج باغن "براهم" چئي، آءٌ پڻ هجان ڪو دم دوسن سيئن
ڪج الله لڳ ايئن، تہ هونديءَ رات هت ملون.

-145 بنان قمچيءَ ڪاھ، چل چانگا پرين ڏانه
ڪڻ قلم رس ڪاڪ ڪي، تيءُ اوڏو لڳ الله
جتي چمن چنبيليون چوڏار، باغن جا بناءَ
اچو ڪن اپڇرون، جت حُورن ذات هُئاءِ
اُت تون چرج ڪاڪ ڪنڌين ۾، جتي وسن مشڪ متاءِ
چئي چوان سڄ يار تون، هل ڏس هوءِ هنڌاءِ
اي بغدي دوس براهم چئي، تنهنجيءَ وِڪ وِڪ اتان واه
هل تہ پسي موٽون پرين ڪي، ڪٽي ڳڙي لوڏاٺاءُ
هيءُ ساھُ ماندي ساھ، هل تہ هوندي رات ملون.

-146 ان طرح توڏِي، ٽي منزل ماري ڪاڪ جي
نت مومل ڪي مينڌرو آڻيو سينگاريو سو ڏي
راه متي روڏي، گؤنري وڏا گس ڪيا.

-147 ورهيہ ڏيڍ لنگهيونِ، ٽين پرت زياده پاڻ ۾
ارڙهن مهينا ائين، هيڪند روح هئونِ
قضا ڪم ڪيونِ، تڏه وره وڇوڙين ڏينهڙا.

-148 اي روڏا رهزن، پرين پرانهون پنڌ گهٽو
ڪاھ تہ رسون ڪاڪ ڪي، چل چانگا چر چندن
هت دم دوسان دور وهي، هت مومل من سمن
پڙدي اندر پن، واءُ وهيلو وار مون

149- مومل تي مَرڪِي، ڳوڙرا فڪر فلاح ڪيو
تہ ڪونہ رڪندو ڪنڌين، اُتِہِ بات بڪي
آءُ سومل سمهون سيج تي، پائي پاڳ رڪي
اِهو فن فراقت جو، وڇوڙي ورڪِي
ڪامل ڪام ڌري ويو، ڌمر جوش ڌڪي
تہ وانءُ تون ڪامڻ ڪوڙي آهيين، تيو اُتيءَ حرف حقي
پهريان باب "براهمر" چئي، تن جي تو چا نرت نہ ڪِي
جا ڍولي تان نہ ڍڪي، تنه تي پن پيڪاڻو ڪيترو.

150- ويو رسي راڻو، ڪنه ڏاڍي ڌڪ ڌمريو
پريس چيري چندڙو، رڻ ڪوري ڪاڻو
نڪي هت ڪاڪ قراريو، نڪي هت وچي ويهي وساڻو
وڏي گوندر غمر پيو، سوڍو سياڻو
پيچي پڙ قتو ڪيو، مومل جو ماڻو
لوٺو لوڊاڻو، ٻنهي ٻاري چڏيو.

151- هئي هئي سنگت ڏينه، جي هئُر هيڪاندا پرين سين
ٻنان موسمر مينهہ، ويٺي هاڻ وسائيان.

152- ور، تون وري آءُ، هي نہ رسڻ ڏينهڙا
سوڍا تنهنجو ساهہ، توريان ڪنه سين نہ تري

153- آءٌ منيس موٺي، راڻا رس مَ ٺُس تون
آءٌ ڪٽن جي ڪوٺي، تون ڪڻ مدارو مينڌرا.

154- منيس ور وريج، مون تان خلق ڪامر ڪلاءِ تون
اچي آڌر ڏيج، تہ ڪي عيبن ڪؤن آجي تيان.

155- آءٌ راڻا هيءَ رنجور، ڌس مري تي مينڌرا!
سوڍا تنهنجي سور، لالڻ لوٺي آهيان.

156- ٻاريس تو ٻهون، اِن سوڍا سڻائيءَ سيئن
ٻيو توڪي چا چئون، جي ناهہ مناسب مينڌرا.

157- مون ۾ عيب اُپار، تون ڍولا ڍڪڻ آهين
صاحب لڳ ستار، ميٺ مدايون مينڌرا.

-158 راڻا تنهنجو رنگ، وساريان نہ وسري
جو هنيوءِ خوني تير ختنگ، سو چيٽيان چڱو نہ ٿئي.
-159 ميس جهل مهار، ڇڏ ڪرهو ڇوڙي ڪاڪ ۾
هو ڇري چندن ڏار، تون ماڻ ڪٺوري مينڌرا.
-160 ضعيفي زاريون، ٿي ور ور ڪريان وينتيون
هر هر هيڪاريون، ماريو وڃين مينڌرا.
-161 مينڌرا مياس، تنهنجي محبت ماري آهيان
ڦوڙائي فراق جي، هولن منجهہ هُياس
قربانيون ڪياس، جي سوڍا قبوليين.
-162 سوڍا تنهنجي سونہ، ماري آهيان مينڌرا
ٻي محبت ناهہ ورونہ، تو راڻا ٻاجهون روح ڪي.
-163 جيڪر ڇاتر ايئن، تہ ڪيئن سومل سيج سمهاريان
سوڙهہ لڳندي سينءَ، پيٽ پيڙائي نہ وڃان.
-164 اڇي سومل ڏس، جو تنهنجي سمهڻ سور وهائيو
رکي ڪانڌ قرص، راڻو رسي هليو.
-165 هئي راڻا هيڪر، اچين ڪامل ڪاهي ڪاڪ تي
تہ سر سورن سين ڪر، سيڪيو سورن سيڪيان.
-166 سا گهوريان رسڻ ريت، جا تون سوڍا سکيو آهيين
قادر لڳ ڪريت، متان ڪرين مينڌرا.
-167 رسڻ ريتيون گهوريان، سوڍا صلح وار
سا پرت پانهجي پار، جا ڪياءِ سڪي پني سڄڻين.
-168 ڳہ محل، ٻن ماڙيون، ڳہ حويليون، ٻُن هنڌ
پسيو مران مينڌرا، راڻا تنهنجا رند
صاحب لڳ صمد، موٽ مران ٿي مينڌرا.
-169 جيءُ ڪالهوڪي رات، ٻن راتوڪي راتڙي
جنہ منجهہ ٻيءُ رسي پريات، ڪامل ڪامَ ڏري ويو.
-170 راڻا رسڻ گهوريو، رسي وانءُ مَ راهہ
توکي معلوم مينڌرا، ڳجهاندر جي ڳاهَ
انهي باب "براهم" چئي، سگ تنهنجي ساهَ
جيڪي ڏوهہ گناهہ، سي معافي ڪِجين مينڌرا.

220- راڻو ڏٺم ٿي رات، آيم نرمل ننڊ ۾
ڏٺم سوڍو سنرو، ڪر ڪلي ڪٽوريءَ وات
محبت پرچي مينڌري، ٿسي ڏٺيم ڏات
پره ڦٽيءَ پريات، جاڳان تان جانب نهين.
221- ستيس رات رڙي، تان سوڍو سُهٽي آئيو
ڳَرَ اچڻ ساڻ اُٺيس، آن ٽيس خلمت منجهه ڪڙي
جان اچي مليوم مينڌرو، چانگي دوس چڙهي
واهه سا سڀاجهي ننڊڙي، واه سا وير گهڙي
ويڙس قلب ڪَڙهي، جاڳي تان جانب نهين.
222- راڻو رات ڏٺوم، آيم نرمل ننڊ ۾
ساري ليل سوڍي سين، ڳجهاندر ڳرهيوم
من مرادون پُنيون، اندر گهر آيوم
سج جان اُڀريوم، جاڳان تان جانب نهين.
223- ستي ڏٺم سهڻو، تان رات راڻو آيو
وٺو مُرڪي مينڌرو، خوش ٿي کِلايو
ڳَرَ تو ڪري ڪميٽيءَ سين ڳالهيون ڳر لايو
پڳو هِيوُن سچو ٿيو، سُورن سڌايو
ٿي پنڊ پرچايو، سو جاڳان تان جانب نهين.
224- ستيس سويلي، تان سوڍو سُهٽي آئيو
رات راڻي سين راندڙي، ٿي مون خوشيءَ سان کيلي
جيئن آپ هَسي تيئن او بہ هسي، تيئن هسي حويلي
جان اُٿيس اويلي، جاڳان تان جانب نهين.
225- پڻي بئنسر هَنجهَڙيئين، لُڙڪن ڪَچُوئو لال
روئي روئي اکڙيين، هَئي وڃايم حال
ڏٺم خواب محال، رين سجن دل دوس نهين.
226- راڻا تو نہ رِهاءِ، ڪاڪيان وڃ نہ ڪڏه
وَر منهنجا وَلها، ور، ور تون مَ ملهاءِ
ڍول ڍلايون ڍڪ تون، دوس دلاسو چاءِ
پرچ دوس، براهم چئي، تان ڪي ڪُر ڪِجاءِ
اچي پرچ پرين پرچاءِ، جان پيرن پوڃائون ڏيان.

جڙي مُنگهٽ ٻڌا جوڳين ور وارن ڏيئي
ڪَنين مُندائون، هٿن ٽُنبڙيون، ساڃُ سُمرٽيون، سندن سيئي
تن کي رات راڻي جي راڄ ۾، اچي پهرين جا پيئي
سا نِت خبر نيئي، ڪِي ماڻهن معلوم مينڌري.
238- يا وَٽُ مليو مُشڪ ملين، يا وت اوڍين چِٽن چائِيون
ياوَت اوتين زانو ادب سين، يا وت لُڪ لڳن کي لائين
يا وت ٿريا پُڳيا طعام تيار ڪيو، يا وت ٿن کي ٿسا ڏين
يا وت شاڪر پُوٽن شهرن ۾ خوب خوشحالي،
يا وت جهنگن جهينگارين
يا وت رام ڳهن ربّ کي راول رويو، يا وت هِت هُت هونگارين
يا وت بابو بَر، براهم چئي، يا وت ڪليو ڪيڪارين
هوءِ جي ماريو مَن مارين، هيءُ تن کي پنڌ پورب جو نہ ڪري.
239- چون جوڳي جهجائي، تا گهمن جال جهان ۾
پر هي جي آديسي آئيا، واه تنين وائي
ڏسي عجب اَڳُوئو اُن جو، تنه جي تڪي تجلائي
مڙيئي موچارا گهٽو، سندين صورت سوائي
جهڙي سورج سهَائي، تهڙي راول روءِ ۾.
240- جان اچي جوڳيءَ جو جمال، ڏٺو راڻي رنگ محل ۾
تان متو موچارو ٻولٽو، سامي صورت سال
ڏسجي لاڪيٽي لڪٽين، سرت ساڌو سر حال
من مک محب مهنڊ پرين، بات بابو برحال
پڇائينس پير پري تنهن ڪوُن، حال في الحال
تان ڪر مومل جي مثال، ته سامي آيس سامهون.
241- جوڳي جال جيئن، توکي هُونِ حياتي ڏينهڙا
من ماريوءِ مهميزسين، جان گهايو گهور ڏئين
باقي ٿانه تڪو تورڙو، سو جي ڪريو ناز نئين
اجان توسين هن هئين، ڪو ڳجه ڳجهاندر ڳالهيون.
242- ته جوڳي جال ڏنام، پر هيءُ نہ ڏنم حاج ڪو
جيئن من ڪپيوءِ مِقراض سين، چڪيءَ بند چنام

هنيوءِ خوني تير ختنگ جو، تنهه وت ڏک ڏنام
جي چُريو سو چنام، تن سورن ڳنڍڻ سور ٿيا.
243- هڪ سورن مٿي سور، تون سرسورن سامي چڙهيو وڃين
اهڙ کان جي اڳرا، پورن مٿي پور
ڏيو گهورن مٿي گهور، مروت سين ماريو وڃيين
244- چاڪ مٿي چاڪن، تو ڏيو ڏيل ڏسائين
ڦٽن مٿي ڦٽڙا، تو وڌ ڏين واڍوڙين
تن ماريم مشتاقن، جن جي جيءُ جنازي گاڏئون.
245- جوڳي جاڙ ڪياءِ، ڪين گهتايوءِ ڪاپڙي!
تي ماري محبتن ڪي صورت سونهن سندياءِ
من ڇپايو ڇرَسين وڃي، ڪهل نه پويئي ڪاءِ
هاڻي ناتي مٺيءَ ماءِ، ناتي امڙ اوراتن ۾.
246- ڪو من ڪامڻ ڪيوءِ، جيءُ جادوءَ سين جوڳي جهلين
هئي هئي جگر هينڙو ڪري نانهه نجُومان نيوءِ
نقش ٻڌي دل دائري، ڪاريءَ ڪانُ هنيوءِ
ڪو سئي اسم سجوءِ، جو جاري ماري موت جو.
247- جان ڪا جاڻين راند، ته آءُ جان چوپڙ ڍارو ڍاريون
هل ويهي هيڪاند، جان ڪو پل ريجهايون راولا!
248- ڪي جي لڳن ڏينهن، منجهه بازيءَ ڪيل "براهم" چئي
محبت سندا مينه، ويهي تن وسائيا.
249- ڪڏهن راڻي پوي ٽِڪ پنجٽي، ڪڏهه ڪَچا ڪارنه پون
پَون ٻارنه اٺارنه اڳيان، اڳ چُنا مومل چُون
سي ڪئن پڪيون ساريون هُون، جو ڌهرو داءُ وسيو وڃي.
250- ترُ مومل ڪي مُوني تي، هو اصل اڳيئي
تنهن سين راڻي ڪي رخ راض گهٽو هو ويڪيندو ويهي
ڪاجا مومل من پيئي، تنهن ڪي ڪنهن جنهن ڏانءِ ڏيکاريان.
251- تڏهن پرهه جو پرين سين، ڍاريائين ڍارو
هٽي ريءَ چادر ڪيو، لمي لامارو
پسي خان خيال پيو، آيس اُٻارو

أنهين، براهمر چئي بيجاءِ ٿيو راڻو ريسارو
مومل مدارو، تنهين وير تمام ٿيو.

-252 پرهہ جو پرين سين، راند ڪري ريڏي
دَست پُڄي زير دامن ڪي، تنهن وير نانگهيندي
پَسي خان خيال پيو، درس ڪري ڏِيڍِي
وٺيس بوند، براهمر چئي، اُپر آلوڍِي
ضُعف انهي زودي، ڪري راڻو ڪِيهَ ڪِري پيو.

-253 ٻنهي ساهہ پساهہ، هيڪند روح حليم ڪيو
”قالو انا لله وانا اليه راجعون“، جاڻي پاڻ الله
سو آخر اُوڏو نہ ٿئي، جو ليکو لوح قلماء
مٿو زباناءِ، پڙهو ڪلمو مومنا!
لا الهٰ اِلا الله محمد رسول الله.

# بيت شادي مري جا*

1- اول نام الله جو، ڪيم سائين ڪي صدا
مير محمد مصطفيٰ، ڪيو پاڻ ڏٺي پيدا
پنجتن پاڪ رسول جا، خلقيا پاڻ خدا
راجا نند راوَ هو، طالب تخت متا[1]
پٽي جو شوق شڪار جو، ڪيئين اها روح رتا
چڙهيو پوني پٽ تي، ماريئين هرڻ هتا
سونا سگ تنهين جا، سي ٻه هڪ هڪ سير سوا
ماڻڪ تنهن جي مغز مان، ڪو پارس ٿيو پيدا
سون رُپي سودا، تنهن مان هيرا هزارين ٿيا

2- پيٽيون راجا نند جون، هيون نام ڪنيون نروار
ڏٺيءَ تنهن ڪي ڏيئرون ڏنيون، تنهن مان چوڪيون هيون چار
"مومل"، "سومل"، "سهجان"، منجهن هئي "مرادي" مختيار
مومل جا مڙين ۾، هئي اصل عقلدار
سانڀڻ لاءِ سرڪار، مٽيو ڏنو ان منڊ ڪي.

3- مٽيو ڏنو هئين منڊ ڪي، سوگهو سانيج تون
پارس تنهن پتر ۾، مولي ڏياريو مون
وڏو مومل مٽيو هار ۾، ڪري ناز نئون
پارس پوئڻ سؤن، ٿيو ڏاڍو حسن هار ۾.

4- ڪيئين ڏاڍو حسن هار ۾، جنهن جو هنڌ وماڳ هڳاءُ

---

*. هنن بيتن جو مدار، ٿرپارڪر ضلعي مان عبدالحڪيم پلي (تعلقو عمرڪوٽ)، ۽ ضلعي سانگهڙ مان محمد هاشم ولد مارو مري شير علي پٽ اسماعيل پٽ شادي مري ۽ حاجي محمد علي پٽ رحيمداد خان مري، ويٺل ڪنڊير(تعلقو ڪپرو) جي روايتن تي آهي. مکيه روايت شيرعلي جي آهي جيڪا سربستي ملي آهي.
شادي مري، ويٺل ڳوٺ پلنگهو، تعلقو ڪپرو، ضلعو سانگهڙ، وڏي بيماري (1919ع) ۾ پنجاهه ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائين.
(1). ٻي پڙهٽي: راجا پوج راو هؤ. الخ

سڏ پئي سيتل راو کي، جنهن ڇڏيا ويس وڳا
سنبهي سامي ٿي هليو، ٻڏي سور سڳا
جادو سکندي جوان کي، کي ڏڍا ڏينهن لڳا
ڪاهي آيو ڪاڪ تي، رکي دم دڳا
دانهه در اڳيا، اچي ڪاڪ ڪڪوريو.

-5 اچي ڪاڪ ڪڪوريو، اتس حجت هلائي
سين سڻي سامي جي، سا درس هلي دائي
ڏاڍي دور دماغ سان، عاشق وٽ آئي
ڪير آهين، ڪيڏانهن وڃين، تو اچي هي لوڏ لوڏان لائي
بابو ٻکيا تو ڏيان، ٿي راهه وٺي راهي
جادوءَ جلائي، دائي تنهن درويش جي.

-6 دائي تنهن درويش کي، ٿي اپي ڪري آزي
مون تان مداين جا، غم لاهين غازي
هڪ تنهنجي صورت هنيو ساڙيو، ٻي جا تند لڳم تازي[1]
ڪاهوڙي خوشبوءِ سان، آهيان تو نانگي نوازي
جٽي روح تنهنجو راضي، آءٌ تنهنجي آڪيي پنيءَ آهيان.

-7 آڪيي پنيءَ آهيين، مون کي سڏ سڻاءِ ساري
ڪين تون دائي انهيءَ در تي، ڪين وس نہ ويچاري
ڪين منڌ وسين محلات ۾، ڪين ڏار وسين ڏاري
ڪين رهين رائوڙين ۾، ڪين گوشي گذاري
ڪل لهي ڏي ڪاڪ جي ڏيان دل کي دلداري
جيڪا مومل موچاري، تنهن کي معلومي ڪر منهنجي

-8 معلومي ڪر منهنجي، نالو ڏس نشان:
هوس بادشاهه پنهنجي ملڪ تي، مون تي چلايا چَلان
تهدل پنهنجي تخت تي، مون تي سڏايو سلطان
سڻي صورت تنهنجي، ٿيو مست هنيو مستان
تنهنجي مُنڌ مجاز ۾، دلبر ٿيس ديوان
سامي سليمان، ٿيس جوڳي جيسلمير مان.

---

[1]. ر، تاڙ لڳم تازي.

9- چئي: جوڳي جيسلمير جا، سڻ تون سامي سليمان
مومل اٿئي محلات ۾، جنهن کي روپ ڏنو رحمان
سامي تنهن جي سونهن تي آهن هرڻ پکي حيريان
ڪئين پڻ راوَ رلي ويا، جن تي سڏايو سلطان
شوق منجهان، شادي چئي، تن جا تنبو تيا طوفان
انهيءَ مٿان قربان، ڪوڙين تي ويا ڪاپڙي.
10- جي ڪوڙين قربان تي ويا ڪاپڙي، دائي مٿي در
آءٌ بہ هوس بادشاهہ پنهنجي ملڪ ۾، زابر زوراور
تنبو تعظيمن سان، منهنجا لڪين هئا لشڪر
مايا ڪمي ڪانہ هئي، جاقوت ۽ جنهور
سي ڇڏي هلي سامي ٿيس، مون جهاڳيا سڄ سفر
چئو: تنهنجي ديکڻ لاءِ دلبر، مون تان جوڳي جيءُ ڪيو.
11- جوڳي تنهنجي جيءَ جو، هاڻ ٻڌو ٿم حال
دائيءَ داناهي ڪئي، وئي درس مٿي ديوال
منهن چڙهيو مومل کي، ڪري ساميءَ ڪارڻ سوال
تہ بابو ڪارڻ بکيا، اچي ڪامل وينو ڪال
ٻاهرئون مچ مچائي، دُرس دونهيوال
هڪ ٻَگري اٿس بنات جي، ٻي لُنگ لاهوتي لال
لهہ ساميءَ جي سنڀال، جي صورتِ توکان سهڻو.
12- صورتِ مون کان سهڻو، ٻيو ڪامل ناهي ڪو
بيهندي تنهن بازار ۾، تو سامي ڏٺو سو
ماڻهو مومل جهڙو، ڪو پانهہ ڄاڻي پو
مير محمد مصطفيٰ، چگو تنهن کي چو
هاديءَ پنهنجي حال جو، قول جنهين سان ڪيو
نيئي ڏان ڏيو، دائي! تنهن درويش کي.
13- دائيءَ تنهن درويش کي، نيئي ڏنو ڏان
ڪاهوڙي خوشيءَ مان، دُرس نہ ڪٽي دان
موٽائي ڏيو مومل کي، هيءُ نہ منهنجو مانُ
ڪستؤن هلي ڪامٽي، سا منڌ وئي مهندان

سوڍيون! هن ساميءَ جي مونکي ڪل پوي ٿي ڪانءَ
هڪ آهي صورت سهڻو، پيو مست آهي مستان
ڪپي وينو ڪاتيءَ سان، جوڳي پنهنجي جان
ڪنهن دلاسي ديوان، ڪڍي اُتارج ڪاپڙي.

-14 ڪيڻ خاطر ڪاپڙي، سا مُنڌ لنگهي وئي مهند
ڪل ٻڌائج ڪاپڙي، ساميءَ سندي سُنڌ
ڪير آهين، ڪيڏانهن وڃين، ٻولي منهنجي ٻُڌ
ڏنو منهن مومل جو، ڪامل ڦيري ڪنڌ
ساميءَ ڳن سنباليا، چانوَ پڪيڙي چند
منتر سان مومل جون، بازيون ڪيائين بند
ڪيائين عرض الله کي، رازق مَ ڏي رَند
سامي صورتوَند، ڪو پرهه جو پيدا ٿيو.

-15 پرهه جو پيدا ٿيو، سامي صورت ساڻ
حُسن پسي حيران ٿي، ٻنگ لڳي ويس ٻاڻ
نيڻ لڳي ويس ناٿ سين، سا پانهين وري نه پاڻ
سوڍيون اچيو ساميءَ سين ڪن راتوڙيون رهاڻ
مومل جا مڙين ڪي، ٿي حال ٻڌائي هاڻ
سوگهو ٿيو آهي سرتيون، مُئيءَ جو ساهه ٻه ساميءَ ساڻ
ٿئي مومل جو مهماڻ، ڪِير وڃي شل ڪاپڙي.

-16 ڪين ٽڪي تو ڪاپڙي، سامي صورتدار
جنهن ڪي مومل ٿي منٿون ڪري، سُومل سَوَ هزار
پائي پاند ڳچيءَ ۾، سهجان ساڻ سينگار
مرادي تنهن مرد کي، ٿي وس ڪري وينجهار
ناتر نيازمنديءَ مان، آڻي نه اختيار
سوڍيون ساميءَ ڪارڻيون ٿيون روئن زاروزار
جيڪي طلبين سو توکي ڏيون، جاقوت ساڻ جنهوار
مهندان مرد ڳالهايو، ڪيو گوهر هي گفتار:
آهيان سوالي تنهنجي سِر جو، مون کي اهوئي ڏان ڏيار
مون مَٽي ملڪ ڦِٽو ڪيو، لاءِ تنهنجي لاچار

بيشڪ آءٌ بادشاهه هوس، عاقل وڏي اختيار
لڳم ناوَڪ نيهن اندر ۾، تن ۾ تنهنجي تار
پاتم ڳانا ڳچيءَ ۾، ڪنتا ڪنگڻ هار
جڏهن تنهني سُئم ٿوار، تڏهن مڙئي مشڪل معاف ٿيا.

17- جي مشڪل تو تان معاف ٿيا، تہ ڪٽ تي وينو ڪاءُ
پَٽ پوشاڪون تو ڏيان، منجهان حرص هنڊاءِ
هي محل ماڙيون بنگلا، آهي جانب تنهنجي جاءِ
هي سر توتان صدقو ڪريان، پل پل منجهہ پساه
سامي مٿيءَ جو ساهہ، قابو ڪيو اٿئي ڪاپڙي.

18- قابو ڪيئون ڪاپڙي، جوڳي جنساري
ويهاريؤن وقوف سان، سامي سينگاري
مومل تنهين مرد کي، تي ڪليو ڪيڪاري
سامي سنڌي سونهن ڏي تي نت نت نهاري
سيج پلنگ پالڪيون، تي وهاٽا وٿاري
راتو ڏينهن راڻين سان، تو ڍول رهي ڍاري
تو سامي سيڪاري، سيوئي گن سومل کي.

19- سيوئي گن سومل کي، تو سيڪاري سامي
رهہ تون رنگ محلات ۾ دائم مدامي
ڪوڙين ڏيانءِ ڪامٽي، ڪوٺار ۽ ڪامي
امير جي ملڪ جا، ٿيندي هوند صوبا سلامي
هيءَ ڪاڪ قرباني، توتان ڪيان راجا راڻوڙين سان.

20- راجا راڻوڙين سان، ٿيو ڪامل قبولدار
سيڪاري گن سومل کي، ڪيئين خوبئون خبردار
ڪل سين ڪاوا ڪيترا، جوڙايائين جنسار
شينهن، شادي خان چئي، ڪيئين چوڪنڊ چوڪيدار
رڇ راڪاس ڪيترا، ڪيئين هنر ساڻ هزار
هاٿي هنبارين، آهن خوني خبردار
ڪل سان جوڙيائين ڪيترا، جهڙ بادل ميگهہ ملار
نديون وهن ناز سان، درياهہ ڏڏوڪار

چوڏاري تنهن چورنگ کي، تا ڦرن ڦيريدار
مومل ڇيو تنهن مرد کي، جيڪي طلبين سو تيار
مٽيو گهريو هو منڊ ڪان، ويني تنهن وينجهار
گهرندي ڏنئين گهوٽ کي، هٿئون لاهي هار
جادو جوڳي يار، ڪو ناٿ بچايئي نيهن جا.
-21 ناٿ بچايس نينهن جا، جنهن جلايس جيرا
سامي سانبيرو ڪيو، تڏهن ٿي پاڻ پوي پيرا
ڪيئڻ ڪاهوڙيءَ ري، ٿيس وه تنهين ويرا
متان مير وسارين، مومل جا ميرا
ڪڏهن مَ لاهج ڪاپڙي، پونءِ متان پيرا
ڪامل وٽنمر ڪينڪي، تو دوست بنان ديرا
سامي سويرا، تو رخصت راڻين ڪان وٺي.
-22 تو رخصت راڻين ڪان وٺي، سامي ستين ڏينهن
آٽيو آب اکين مان، ٿي مومل وسائي مينهن
سک نہ سوڍين کي اچي، طعام نہ کائين تيئن
ننڊ نہ اچيڻ ناٿ ري، جنهن کي ناوڪ لائي نينهن
گام پڇن ٿيون گجريون، ڪامل ايندو ڪيئن
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن هو فارون وجهن فراق مان.
-23 فارون وجهن فراق مان، جن کي بره لائي باهہ
چوکنڊ چارياٽيون ٿيون سرڊيون ساميءَ لاءِ
ڪڏهن ايندو ڪاپڙي، سرتيون سيتل راءِ
اڱڻ اسان جي سپرين، آٽيندو الله
گهوريندي سر گهوٽ تان، ڪندي صدقي صدقي ساهہ
ڪپي سر قربان ڪندي، هي مومل سارو ماهہ
اچ پڻ انندراءِ، بئي پارس پچڻ آئيو.
-24 پارس پچڻ آئيو، مٽيو ڏي مومل
ڪامڻ ڪيچي ڪانڪا، سچ چيس سومل
سهجان آئي سيگهہ مان، مرادي تنهين مهل
پيهيو چون پيءُ کي، هيڏا حرص مَ هل

صبح سوالي آئيو، ڪو رکي تاءُ طبل
پيٽيون راجا نند جون، مون کي دان ڏياريو دل
مٽيو نام موليٰ جي، ڏنو مهند لاهي مومل
جهونا پاءِ مَ جهل، اسان جو اگهامي نانءُ الله جي.

25- تنهنجو ڪيئن اگهامي نام الله جي، ماڙهو ڏين مال
بابو ڪارڻ بکيا، سوين ڪن سوال
مهري اُٺ ميا هٿا، ڏين ها باري نالي بحال
تازي طبيلن مان، چوڙي ڪامڻ ڏين ها ڪالهه
تو پٽي پارس ڏنو، سو مٽيو نہ هو مال
ايڏو سون سنپال، جو پارس ٽي پيدا ڪيو.

26- پارس ٽي پيدا ڪيو، بيشڪ بيشمار
مٽيو نام موليٰ جي، ڏنو مون ڏاتار
هاٿي موڪل ڏي مونکي ڪريان اڪيلائي اختيار
ڪاڪ آڏائي ڏي ڪنڌ تي، لائي لک هزار
محل ماڙيون بنگلا، سوين ڏي سينگار
راجا ايندم رس ني، ڪي ڏِسين جا ڏاتار
محبت ۾ مشتاق ڪيان، ڪي دنيا دولت دار
سندا پارس پار، ني تہ ناٽا تو ڏيان.

27- ني تہ ناٽا تو ڏيان، اتي راضي راوَ ٿيو
ڪاڪ آڏائي ڪنڌ تي، ٽس منجهان ناز نيو
حرام جِنهين کي هڏ ۾، منجهان پرت پيو
هي اٿوَ محل ماڙيون بنگلا، جنهن ۾ رانوڙيون رهو
بيٽيون راجا نند جون، اوهين ڪري ويس وِهو
مون کي ڏان ڏيو، مومل! مايا منهنجي.

28- مومل تنهن مايا ۾، ٿي ڪامڻ قبولدار
راتهين رانوڙين جا، هليا بارن مٿي بار
سومل بنائي سيگهہ ۾، بر ۾ ڪا بازار
ٻاهران ڪوٽ، ٻروچ چٽي، اندر ڪئين اسرار
ڪٽون رڪائي ڪوهن تي، ترتئون ڪن تيار

هڪڙا پينگها پٽ جا، ٻيا چوڏولا چوڏار
لڏن تنهن ۾ لاڏڪيون، ڪنهن ڏاڍي خيال خمار
تن سوڍين ڪيا سينگار، اچ ملڪن ۾ مشهور ٿيون.

-29 ملڪن ۾ مشهور ٿيون، جڏهن سوڍيون ساماڻيون
آهن آفاتون عقل جون، سيئي سياڻيون
جهنور جڙايو جان تي، روپ ڪن راڻيون
سٽيو هاڪ حسن جي، نر ڏين ناڻو
لک لايو لڪيسري، ڪن راجا رهاڻيون
اچان ٻه وتن ويڳاڻيون، سوڍيون سيتل راوَ لاءِ.

-30 سوڍيون سيتل راوَ لاءِ، ويٺيون واجهائين
سوين ساميءَ ڪارڻيون، لک ويٺيون لائين
لکين لشڪر لاڏ مان، ٿيون ڪليو ڪپائين
گهوٽ وجهيو گهاڻن ۾، ٿيون گجرون گهمائين
ڪن نہ قياس ڪريم جو، اهڙيون ئي آهين
شوق منجهان، شادي چئي، ويٺيون حڪم هلائين
اچان ٿيون پارس پچائين، لڏاڻي جون لاڏڪيون.

-31 لڏاڻي جون لاڏڪيون، ٿيون نامڪنيون نروار
سڏ پئي همير سومري کي، سو تهتئون ٿيو تيار
جيڪي جانب جيءَ جا، سڏايئين ستيار
ڏماچاڻي سينهڙو، هو عاقل وڏي اختيار
ڏؤنر پٽاڻي ڏاهو هو، وير وڏو وينجهار
راڻو وزير همير جو، سوبہ حاڪم وٽ هوشيار
پچاڻي پانهه هليا، تازي ڪري تيار
تنهن ڏس متي ڏاتار، سي هليا ساڻ همير جي.

-32 هليا ساڻ همير جي، تنهن ڏس متي ڏاتار
چار چڙها سي چار هئا، هليا تي هسوار
مومل جي محلات تي، ٿيڙا ترت تيار
روجهہ مارياٺون رڻ ۾، ڪيئون شادي چئي شڪار
ڪائي تنهن مون خوش ٿيا، ڪن پاڻيءَ جي پچار
نڪي سرڪ ساندارين ۾، نڪي تڙ تلار

رات وهامي ڏينهن ٿيو، ڪن چوڏولا چمڪار
سامي ساڻ سينگار، تن کي اڳيان آڏو آئيو.

33- اڳيان آڏو آئيو، تنهن ڪان پڇيو حال همير
ڪين تون بادشاهه ملڪ جو، ڪين تون واڳهه وزير
ڪين تون ڏاتار ڏيهه جو، ڪين تون عقلوند امير
ڪين تون سامي سنگت سات جو، ڪين ڦيريدار فقير
وات ڏسيو وڃ وير، ڪئان وڃون ڪاڪ تي.

34- ڪئان وڃڻ ڪاڪ تي، پڇ ته ڏيانءِ پار
سؤ سپاهي مون ساڻ هئا، چايل چوڪيدار
ٻي سؤ ٽپالي هئا، هڪل تي هشيار
چار سؤ چاڪر هئا، سئيس متي سينگار
پنج سؤ پٽيوال هئا، منهنجا بانڪا بيشمار
ڇهه سؤ ڇيڙائي هئا، ڪر متي ڪمدار
ست سؤ سناسي هئا، مون سان ڍول ته ڍاري مار
اٺ سؤ ٿي اڳيون، هليا جن سان ٻتيون بيشمار
نو سؤ نوڪر هئا، منهنجا توڙئون تابعدار
ڏهه سؤ ڏوڏي هئا، منهنجي مينهن جا ميهار
يارهن سؤ يار هئا، منهنجي مجلس ۾ مختار
ٻارهن سؤ ٻانيڻ هئا، پڙهيل پوٽيدار
تيرهن سؤ طعامائو هئا، جن ڪيو ٿي طعام تيار
چوڏهن سؤ چاڙهائي تي هئا، بالم بٽيدار
پندرهن سؤ پخالي هئا، جن ٿي ڪيو پاٽيءَ تي پسار
سورهن سؤ صوبا هئا، فالم فوجدار
سترهن سؤ مون ساڻ هئا، ڪَل متي ڪلدار
ارڙهن سؤ مون اڳيان هئا، ڪائين جا ڪاٿيار
اوڻيهه سؤ اُمراءِ هئا، عاقل عقلدار
اهڙا ويهوڙا وريامن جا، هئا ڪٽڪ ڪارونيار
اهي سڀ سوڍيءَ ڪيا سنگسار، آهيان تن جي
فڪر منجهه فقير ٿيو.

35- تن جي فڪر منجهه فقير ٿيس، سامي ڏئي ساک
موٽي وڃ همير سومرا، تون هل مَ ٿيءُ هلاک
اڳيان مومل ٿي مارا ڪري، تاڙيون ڏيو طاق
شوق منجهان شادي چئي، ويٺي ڪري منڊ مذاق
ڪوڙين منجهه ڪلاڪ، گم ڪري ٿي غار ۾.

36- گم ڪيائين غار ۾، ڪي ساميءَ جا سامان
عاقل اٿم انهن جا، ايذا ڪي ارمان
مون سان وير وزير هئا، طنبو ڪئين طولان
عقلوند اجهاڳ هئا، صوبا ڪئين سلطان
گهوڙا جي گهوٽن جا، ناميل هئا نريان
هڪڙا ديوانا دونهن تي، پيا موڳا ڪئين مستان
فند ڪري فرستان، اهي گجر سڀ گمائيا.

37- جي گجر سڀ گمائيا، ڪر سامي ڳالهه سچي
موٽان ڪيئن، مري چئي، اوڏو هاڻ اچي
ڪنڌيءَ ورڻ ڪاک جي، آهي ڪرڻ ڳالهه ڪچي
مانجهي ميدانن تي، هلن مڙد مچي
جيئن ويا اڳي نرنچي، آءٌ به انهن مان آهيان.

38- تون انهن مان آهيين، پراڳي ويا ڪئين مهمير مري
پاهون پيدا ڪونہ ٿيو، تن مان ظاهر ڪا ذري
مومل جي محلات تان، ويڙو ڪونہ وري
شوق منجهون، شادي چئي، سي ويا ڳجهان ڳجهه ڳري
دانا هن دري، سوجهي سهي ڪونہ ڪيو.

39- سوجهي سهي ڪونہ ڪيو، تہ بہ پنڌ تني جا پير
آهن مومل ساڻ مقابلا، جن ماريا مرد مٽير
جن جا ڪنڌ وريا ٿي ڪينڪي، ٿي پاڻ سڏائيون سير:
پوءِ آيا هي اوطاق تي، صبح ساڻ سوير
ناتر انهيءَ وير، سا قاصد ڪامڻ ڏي وئي.

40- قاصد ڪامڻ ڏي وئي، سا پڪا ڏئي ٿي پار
تہ هڪ سامي سو اٿئي، جنهن جا ماريئي هت هزار

امير انهيءَ کان اڳرا، چاڙهي آيو چار
طرحين تازي تن جا، آهن جوڙيا تنهن جنسار
گهوڙا جي گهوٽن جا، آهن جڙيا ساڻ جنهوار
اهي وينگس اٿئي وينجهار، جي گجر توکي ڳنڍيا.

41- گجر کي ڪئين ڳنڍيا، جنهن جا سؤ لکين سامان
هڪڙا دور درياه جا لوڙهيا ڪئين لقمان
هڪڙا شينهن ٻيٺا آهن، شادي چئي، چيٽا مٿي چوگان
نانگن نهوڙي ڇڏيا، ٻيا وري ڪئين وريام
ٻي جا ڪڻ رکيل آهي ڪوهه تي، تنهن جي ڪل ڪنهين کي ڪانهه.
جيڪي اٿئون لنگهي آئيا، اٿن زهر زبان
اهڙا عقل جا اخوان، سي به گجر سڀ گنوائيا.

42- گجر سڀ گنوائيا، جن تي هنيون زيب زريون
ڇٽا چائي موڪليئين، پيچائي پريون
تنهن مون دانهه دونهيون ناهيون، ٻاٽي تي ٻريون
دائي درس پچائيون، بيشڪ کي بسريون
زابر زهر تني ۾، مٿان کي مصريون
جڏ سوڍي ڪاڻ سَريون، تہ اٿي مڙد منع ڪئي.

43- اٿي مڙد منع ڪئي، ٻولائي ٻيهار
ٿاري آئين ٺڪر ڏيو، حيوان آهين هزار
ڪُتو ڪنڌيءَ تن جي، ڪو اُيو هو آسيار
ڳپل ڳچ تنهين کي، ڏياريو ڏاتار
سو بہ ڪائيندي ڪامي رهيو، موت ٿيو مردار
مڙدن لڳي ماٺ ٿي، وڏو ٿيو ويچار
مومل هت هزار، مٿان انهيءَ ڪيڏ کپائيا!

44- انهيءَ ڪيڏ کپائيين، حاڪم انهيءَ هنڌ
ناتر ناز ڦٽو ڪيو، ڇڏيائين سڀ چند
موٽي سا محلات وئي، راه وٺي سي رَند
مومل! جي مون کان پڇين، ڦٽا ڪر تون ڦند

شوق منجهان، شادي چئي، اهي بازو ڪنڌئي بند
جوڪائتي اٿئي جند، توکي مومل ماڻڻ آئيا.

45- چئي: مومل ماڻڻ آئيا، سي ڪامل آهن ڪير!
پنج سير نيئي پٽ جا، ڦورا اُتي ڦير
چئو: سالڪ اوهين سمجهي ڏيو، متان دائهه لڳي دير
اوبي ڏيوم عقل سان، ميجانوَ سو متير
اِتي وري بہ ناتر وڏي ناز مان، پاهون واريو پير
آٽي ڏنائين انهن کي، کي پٽ جا پنجئي سير
گڏ رکيائون گوڏن تي، پٽ متانهون پير
سوڍو اڳ ستل هو، اتيو جڏ اوير
تنهن پَٽ مان پڇاڙيون ڪيون، واڳون انهيءَ وير
پئي سڌ سوير، سا بہ معلومي تي مومل کي.

46- معلومي تي مومل کي، تو ڪامل هيئن ڪري
مُني! تنهنجو ذهن ظاهر ٿيو، پئي ڳالهہ پري
پَٽ مان پڇاڙيون ڪيون، ڪامل هيئن ڪري
آهي جوکو تنهنجي جيءَ کي، تو منهنجو ڏيل ڏري
شوق منجهان، شادي چئي، ويهج ڏيان ڏري
وچئون ڪيئن وري، هي اٿئي آيو ڪنڪ ڪاڪ تي.

47- اهڙا ڪنڪ ڪاڪ تان، مون ڪئين موٽايا مانجهي
موڪل ڏين، مري چئي، سڌ پئي سانجهي
ناتر وڏي ناز مان، ڪئي پختائي پنهنجي
چئي: مومل مزماني ڪئي، عاشق اوهان جي
اها پر اٿس پنهنجي، جو هڪ هڪ اتي هلندو.

48- همير هڪوئي هليو، عاشق وڏي اختيار
پٽ پوشاڪ تنهن کي، هئا بيشڪ بيشمار
گهوٽ چڙهيو گهوڙي تي، پريو انهي پار
اچي ڏنائين اوچتا، کي درياه سندا ڏڏڪار
هڪڙا هل هاگام هئا، چيٽن جا چوڏار
بور هلڻ کان بس ٿيو، وک نہ کڻي واڌار

ماڻي ايندس مومل کي، آءُ ياڻيان تو ياڻئي
ناتر ويس نکري، گسئون گسائي
اڇي پيو اونداهه ۾، اُپوئي آهي
گهوٽ جهليو گهوڙي کي، تو صاحب سندائي
ساري رات سمنڊ کي کامل تو ڪاهي
پانهه پڇائي، سوبه اڇي مس گڏيو مارڪي.

-53 مس گڏيو هو مارڪي، تنهن کان پڇن حالي:
ته مومل ماڻي آئيون، ڪِي خان وريون خالي!
چئي: گام پري ٿيون گجريون، چال سندن چالي
مومل آهن ماريا، جيڪي سندس هئا سوالي
واسطي تنهن والي، موٽي هلو ملڪ تي.

-54 ناتر نيزو هٿ ۾، وئي منڊ متي محلات
عاشق تو وٽ آئيا، ڪِي وڃئون وريا واٽ
خونياڻيءَ کلي چيو: منڊ ڪري ويهه ماٽ
هڪڙا اٿئي بي عقل عمرڪوٽ جا، ٻيا اٿئي پٽ سندا ياٽ
چئي: مومل! جي مون کان پڇين، مون راڻو ڏٺو رات
سو سياڻو آهي سين کان، عقل جو آفات
مينتري کي مات، آهي منشا مَن ۾.

-55 اٿس منشا من ۾، سوڍو کر سجاڳ
چئو مومل مزماني ڪئي آهي، خاصو تولاءِ ڪاڄ
نڱيءَ سان نڱاريا آهن، راڻي اتي راڄ
اهڙا منگتا منهنجي در تان، اڇيو لکين وٺن لاڳ
سندا مومل ماڳ، هر وير نه وٺي سگهيا.

-56 ناتر نيزو هٿ ۾، اڇي پهتي پاڻ
مومل مزماني ڪئي، سوڍا هل سجاڻ
گهوڙو گهوٽ سنبيريو، ٺاهي منجهان ناڻ
توڪل جا ترها ٻڌي، هليو الله جي اماڻ
ور ڏئي ونيءَ کي، ڪيئين اڳ سندو اڳواڻ
در متي دائيءَ کي، اڇي پهتو پاڻ

مار ڏنائين منڊ کي، سچي ڪر مون ساڻ
چي: مينڌرا جي مون کي ڏئين، جيءَ سنڌو جيڏاڻ
ترس تہ آءُ توکي ڏيان، انهن جا اهڃاڻ
اتي بہ ڏسي دستور درياھ جا، تون پاڻهي بيهندون پاڻ
تنهن کي سوڍا سوپاري هٽي، لھ ڪاٻي سندي ڪاڻ
شينهن ڏسندين، شادي، چٽي، آهن گلن سندي ڪاڻ
هڪڙا اَٿئي نجهورا نانگن جا، ٻيا واسينگن وٿاڻ
ٻي جا ڪٽ رڪيل آهي ڪوھ تي، تنهن کي وير نہ ٿئي واڻ.
ڪلي ويهج ڪٽ تي، تون سوڍا مومل ساڻ
ٽڪڙو طعام نہ ڪائجان، ٻلي ڀرين ڪائي پاڻ
وڃي مومل ماڻ، تون راڻا انهيءَ ريت سان.

57- راڻا انهيءَ ريت سان، وڃي ماڻيندون مومل
ڪٻي پاسي ڪٽ جي، سوڍا اٿئي سومل
جنهن نَوَ ترِ آهن نراڙ تي، نيشاني نرمل
چوڙيو وار ڦٽا ڪري، ڳچ مٿاهون ڳل
ايڏا اٿس اقبال اکين ۾، ساتي ڪري خون خلل
جيڏو حسن حور ۾، سا اٿئي ماڙي تي مومل
جنهن گهوٽ گمايا گهَل، تنهن جي پيشاني آهي پٽري.

58- پيشاني اٿس پٽري، حسن هُلڪار
مَشِر آ ملڪن ۾، چايل سا چوڏار
لڪين زيور لاڏ مان، ٿي برسي بيشمار
ڳٽي ڳٽيان ڪيترا سوڍيءَ جا سينگار
ناتر ڪئي نروار، راڻي پير پروڙيو.

59- راڻي پير پروڙيو، وٺي پار پڪا
جنهن کي سوڍي سوپاري هنئي، ٽيڙو ڏوم ڏڪاء
ڪائي جهليو ڪينڪي، ٻيجي ٽيو ٻُڪاء
شينهن ٻہ، شادي خان چٽي، چيتا سپ چُڪا
نانگن نالو نہ ڳتو، چريا سپ چُڪا
در مٿي درواڻن جو، ڏنو لال لڦا

سوڍي کي سيڪا، تي معلومي محلات جي.

-60 معلومي محلات جي، راڻي کي رهي
ڪڻ ڏني هَئِين ڪوهه تي، سالڪ ڪيو سهي
مهندان لنگهي مينترو، ويئو گوڏو گڏ ڏئي
راڻو مومل پاڻ ۾، ويئا پڻ ٻئي
ڪينڪر جا خونياڻي، سا ٻه ڪسندي ساڻ ڪئي
راڻوڙين رهي، اجان ٻه ڪا رکي مدي من ۾.

-61 رکيئون مدي من ۾، هنئين منجهه هزار
وڌئون وهه تنهين ۾، بيشڪ بيشمار
مهند ڏنائون مينتري کي، ڪري طعام تيار
موٽائي ڏنو مينتري، ڪيان نه توڪان ڌار
اتي سومل چيو مومل کي، مُني! هٽ هٽي تون هار
جڏهن گوڏي گڏ ويهاريئِي ته مڙس نه پنهنجو مار
پوري اٿئي پتار، لاٿون لهه اِنهيءَ سان.

-62 لاٿون لڏائون، اتي شڪر ڪيائون شادي
راجا انند روح ۾، راو ٿيو راضي
ريٽو رب راڻي سان، حاضر ٿيو هادي
شاهه ڏٺي "شادي" سان تون مدد ٿجان مهدي
مومل ماڻي مينترو، ويئو گام گجر گادي
سوڍي سيراندي، ورتس ٻانهن، ٻروچ چئي.

-63 ورتس ٻانهن ٻروچ چئي، ڪئي سرهي سيج ستار
رات وهامي ڏينهن ٿيو، پرهه ڏنا ها پار
حملو همير اٿاريو، سيگهون ڪري سينار
متان مارائي مينتري کي، سوڍيءَ ڪيو سنگسار
مهندان مردن جي ڪٽندس ڪهڙو نڪ نراڙ
ملڪ زالون لاءِ مينتري، طعنا ڏيندم تار
پهرئين ڏينهن پچار، تي همير هلڻ جي ڪئي.

-64 تي همير هلڻ جي ڪئي، سنگتين ساڻ صلاح
مهندان مينتري، آيو من الله

موڪل وٺي مومل ڪان، تنهن رمي جهليو راه
هلي همراهن سان، سوڍي ونييو ساه
ماڻي آيس مومل کي، تنهن لٽي مال متاع
مون جيڪي قول ڪيا، تن مان حرف نہ گهٽيو هڪڙو.

-65 تن مان حرف نہ گهٽيو هڪڙو، تو جي ڪيا قول قرار
جيڪا مومل تي مارا ڪري، سا ڏاهي مون ڏيکار
تڏ سوال ڪيائين سومري کي، ٻانهون ٻڌي ٻيهار
سائين، پوريون اينديون پاڻ تي ڪنديون ڪري تطار
اوڏيءَ ويل اتي اچي، تون واقف ٿي وينجهار
معلومي محلات جي، تون ترسي لهہ تِهار
راڻي مومل سان ويهي، گڏ ڪئي گفتار
تہ محرم ماڙهو منهنجو آهي، ڪو مينهن جو ميهار
تنهنجي ڏسڻ لاءِ ڏکيو ٿيو، هو ڪامي لئي ڪينڪار
اهڙي سان آڌار، اچ سوچي همير سڏائيو.

-66 سوڍي همير سڏائيو، اچ انهيءَ اهڃاڻ
ڪٽڪي ڪنديون نڪتيون، آيون پوريون مٿي پاڻ
ڪتو هيٺ همير کي، پوش ڏنئون پهراڻ
ساڙهو ڪٽي سومرا، تون هلي ڏهج هاڻ
ڪڇج پڇج ڪير کي، هو ماري ٿي مهماڻ
رهي دم رهاڻ، تون عاشق ڪج اڪين جا.

-67 عاشق ڪيا اڪين جا، مومل سان ميلا
سابہ حسن پسي حيران ٿي، جنهن کي هنئين پيا هيلا
همير جي هٿن سان، ٿي رت وُڙها ريلا
وريو تنهن ويلا، سور جهلي ڪُل سومرو

-68 سور جهلي ڪل سومري، سوڍو سڏايو
مان وڏي سان مينڌرو، عاشق وٽ آيو
سوڍي مٿي سومري، ڏاڍو حڪم هلايو
مون تي هن ماڻهن جو، تو پَئِي ڳُورو ڪلايو
هي جيڪي توبَن بنايو، ڪين ڇڏيندو سئين ڪاڪ تي.

69- ڪين ڇڏيندوسئين ڪاڪ تي، تاب رکيئين توڙا
سيگهئون سنجايا اُتي، گهوٽ پنهنجا گهوڙا
مينترو مڙدن اڳيان، هليو ڳاڙيندي ڳوڙها
قادر وجهج ڪينڪي، والي وڇوڙا
پر مور نہ ڪنهن موڙيا، حڪم حاڪمن جا.

70- حڪم جي حاڪمن جا، آهن ڏاڍا زور زنجير
راڻو پنهنجي قلب ۾، تو گهٽو پُونجي پير
سوال ڪيائين سومري کي، هيڏيون ڪر نہ همير
چئي: ماٺ ڪري ويهہ مينترا، جهلي وات وزير
ڪيڏي ڪئي ڪاڪ تي، تو هندو! ساڻ همير
خوش پيتا اٿئي ڪير، مومل جي مينهن جا.

71- مومل جي مينهن جا، پيتئي ڪير ڪٿا
پس ڏڳيءَ پهريات جا، آيا وير وٽا
حاڪم جي حڪم ۾، تي راڻي قيد ڪٽيا
جيڪي فراقن ڦٽيا، سي تون قادر ڪڍج قيد مان.

72- قادر ڪڍي قيد مان، ڪيو سوڍو سوپارو
حاضر رهج همير وٽ، تون ڏينهن سڄو سارو
اندر تنهن عاشق جو، ڪڙهي ٿيو ڪارو
حاڪم جي حڪم ، هو وس نہ ويچارو
ورق ۾ ويسارو، هو ڪامل ڪنديو ڪاڪ جو.

73- ڪامل ڪنديو ڪاڪ جو، جنهن کي سک نہ ساري رات
وڙڪندي آيو وڳ ۾، جت پڇايس ذات
ڪير آهين، ڪيڏهن وڃين پٽو رلين رات
جت! مون کي جيڏاڻ ڏي، هيڪر ڪر حيات
ڪو وهٽ ڏيارينم وڳ مان، آءٌ ڪاهي ڏسان ڪاڪ
پرهہ ڦٽي پريات، وري بہ اچي ٿيان حاضر وٽ همير جي.

74- جي ٿئين حاضر همير جي، سوڍا ڪر نہ سچي
ڪبڙيون جي ڪيٽن جون، يلي پيرون پون پچي
هي بہ وڙڪيو جهلي واسِرا، چري نہ اُٺِ اچي

اَسر مهل اُتي ڏسان، متي ليٽ لُچي
جنهن چندن وڻ چڪاسيو، ڪنيئين ماهه مچي
بنان ڪاڪ ڪچي، ٻي ناهي ميندي ملڪ ۾.

75- ناهي ميندي ملڪ ۾، نه ڪي چندن چاءِ
اُتِ انهي انصاف سين، سوڍا نينڊءِ سا
ڪَرهيءِ بنان ڪري قافلا، ٻي ڪاڪ ڏيڪارينڊءِ ڪا
چڙهي وينو چانگيءَ تي، تنهن ڏيڪاريس سا
سَوَن ڪوهن جا قافلا، هن هڪ ڪلاڪ منجهه ڪيا
لنگهي دانهه در تان آيو محل متا
مومل ڪي ماڙيءَ تي، هئي نيٽين ننڊ نه ڪا
وٺي پاسو پلنگ جو، آيو مير متا
سيئي لُڙ لتا، جڏهن آيو ڪامل ڪاڪ تي.

76- آيو ڪامل ڪاڪ تي، ٿيا سوڍيءَ لاءِ سهاڳ
موٽي آيو مينڌرو، وٺا مومل ماڳ
شوق منجهان شادي چئي، لتا ڏيهه ڏهاڳ
لايو عشق اجهاڳ، موٽيو وڃي مينڌرو.

77- موٽي هليو مينڌرو، موڪل وٺي مير
مومل تنهن کي مڪيا، عطر تيل عنبير
ساروئي سرهاڻ سان، واسي چڏيائين وير
چاريائين چانگيءَ کي، ميندي منجهه ملير
واري واڳ وري هليو، سوڍو ٿيو سڌير
پرهه ڦٽيءَ پريات جو، وڃي ٿيو حاضر همير
ويهاري وزير، تنهن کان سوال پڇيو هو سومري.

78- سوال پڇيو هئس سومري، پرهه سان پريات
سوڍا! سڀ سچي ڪر، تون ڪتان رَتُون رات؟
متان گهوٽ گهمي آيون، تون مومل جي محلات
امين تنهن اُتاريا، ڏنئين اُتِ متي اوطاق
پانهه تنهن کي پيرن ۾، ڪي ڪِل نوڪايائين ڪات
غازي ٿي غمناڪ، موٽي هليو مينڌرو.

-79 مونکي هليو مينڌرو، ڇڏي خوشيون خيال
سڄ لهي سانجهي ٿيو، ڏنئين جت جمال
چئي: چانگيءَ چئني پيرن، ڪِل ٺوڪيائون ڪال
بدن ڪري بيحال، وري به آيس اگڻ تنهنجي!

-80 اگڻ منهنجي مينڌرا، جانب آيون جيءُ!
اندئين ڪنواٺُ ڪرهيءَ جو، حاضر اٺئي هيءُ
هي به مومل جي محلات جو، واگهه پيلي ٿو ويءُ
چڙهي ڪام ڪرهي ڪي ٿس منجهان حرص هنئي
سيئي ڪري قافلا، آيو متي ڪاڪ ڪهي.
سالڪ ڪيو سهي، جڏهن آيو دانهه در تي.

-81 آيو دانهه در تي، جهٽ منجهان جهاڳي
ته گڏ ڏنائين به ڇٽا سيج سُتل ساڳي
ملير ٻنهي متان هو، پڳ رکيل پاڳي
جهليا نشي نند جي، ڪنهن ڏادي اوجاڳي
ڪام ٻنهي ڪي ڪَچ تي وِير هليو واڳي
دوست ڇڏيس داڳي، مونکي هليو مينڌرو.

-82 مونکي هليو مينڌرو، سوڍو سوايو
گوڏي ٻڌي اُٺ کي، ٿس ڪاڪ منجهان ڪاهيو
صبح جو سترهن ڪان، ڪنهن ويندڙ ورايو
اي ڍولا! ڍٽ ڇڏيو وڃين، ڇو عاقل اجايو؟
جڏهن عقل ۾ آيو، اتي عاشق ڇوڙيو اُٺ کي.

-83 عاشق ڇوڙيو اُٺ کي، تنهن رمي جهليو راهه
سوڍي ڪي سورن جا، ڏاڍا پُور پيا
ڍولي ڏنا هٿا ڍٽ جا، اُتي راڻي رتولا
رات وهامي ڏينهن ٿيو، مومل اُتي آهه
ڪام ڏنائين ڪچ تي، جنهن جو سڪي ويڙو ساهه
مُنيون! راڻو رات گهمي ويو، آن کي ڪل نه پئي ڪا
شاهد تنهن جا، شادي چئي، آهن متي پَلنگ پيا
مون جنهن سان ڪوڏ ڪيا، سو راڻو رات رسي ويو!

-84 راڻو رات رسي ويو، مومل تي مري
سوڍيءَ جنهن سان سک ڪيا، ڪنهن سان ڪوڏ ڪري
ڪامل ڏٺي ڪاڪ جو، واپس ماڻ وري
گهوري ويندي گهوٽ تان، صدقو سر ڪري
چندن هن چانئٺ جو چانگو شال چري
ڪاغذ ڪالهه پري، مومل مڪو مير ڏي.
-85 مومل مڪو مير ڏي، قاصد ڪالهه ڪهي
نڪي چور چڪار هو، نڪي پُل پئِي
نڪي مومل جي محلات تان، ڪو ويڙو رات رهي
تون ڪام رکي ويون ڪچ تي، متي سيج سهي
مومل جي محلات جي، ترپاو تو نه لڌي
پري پاڻ پئي، چو تيون ڏور ڏسڻ ڪان.
-86 جي تياسون ڏور ڏسڻ ڪان، منڌ چڙيو تو ماڻ
ڪري وينين ڪاڪ تي، شادي چوي شان
تو ڪامڻ جاتا ڪينڪي، اهي نفعا ۽ نقصان
ستي هئين ”سيتل راو“ سين نانگي تي نيشان
ڪچ ۾ ڏري ڪام، مون پاهون پير ورائيو.
-87 تو پاهون پير ورائيو، ڏني ڪهڙي ڏاءِ؟
پاند اٿلائي پاڻ ڏسين ها، هئي موڳا مهل اها
جي ”سيتل“ ڏسين ها سيج تي، هٽي وڃ هنيا!
ڪاڪت تو مان ڪين ٿي، تنهنجا واڪهه سڀ ويا
سورن گڏي ساه، چو ڪامڻ چڙيئي ڪاڪ تي.
-88 ڪامڻ چڙيم ڪاڪ تي، ڪنهن ڏاڍي ذوق ضرور
اچي ڏنم آجار تي، درس تنهنجا دستور
تون ٻه ستي هئين سيتل راوَ سان، پيچ لڳايو پور
هيڪر پانيم ڪاڪ تي، ڪريان چٽ ٻنهي ڪي چور
مون ڪولي خنجر جهليو، دانهه ڪنهن دستور
جيئن ساماڻو سور، تيئن موٽيس تنهنجي ماڳ تان.

89- موٽيون منهنجي ماڳ تان، ڪاري ڪاڪ ڪري
سوڍا! سک ڦتايئي، ساعت ڪانہ سري
مون سومل سمهاري سيج تي، سهجان سڌ ڪري
پتار تنهنجو پير رکيم، پاڳي پڳ ڌري
اڇيم آرام انهيءَ تي، اُٿان نازڪ ننڊ ڪري
تون تہ اُوٺو ڏسي اُٿليون، پاهون پير ڌري
مديون معاف ڪري، هاڻ ڪرڪو ڪارڻ ڪاڪ جو.
90- ڪاڪ تنهنجي ڪارڻي، مون ڪرهو ڪڏايو
آئي اڱڻ تنهنجي، مون جهيمو جهيڪايو
تون تہ سُتي هُيين سيتل راو سان پيچ ڏاڍا پايو
شوق منجهان، شادي چئي، تو پتار ڪري پانيو
ا لويڻ لجايو، تو راڄ راڻوڙين جو.
91- راڄا راڻوڙين ڪي، آءُ ڪامل! ڪريان ڪوھ
بَديون ڏي مر بنديءَ ڪي، آءٌ نہ سڃاڻان سو
لاھ ميارون مينترا، ڏکيءَ مٿان ڏوھ
مون ڪرڻ پنڌ پيو، ڍولا! تنهنجي ڍٽ تي.
92- ڍولي ڪارڻ ڍٽ تي، ڪامڻ ڪو مَ اچي
منٿ ڏاران مينترو، هوند پاڻ وڃي پرچي
تنهنجون مومل ميڙون چا ڪريان، ڪامڻ ٿئين ڪچي
مومل تنهنجي مهٽن جا، مون ڪي پيڙا مچ مچي
ڳولين ڳالھ سچي، مون ڦولين ڇڏيو ڪاڪ ڪي.
93- ڦولين اچي ڪاڪ تي، تون نبيرج نياءُ
مَٽ تنهنجو مينترا، پانيان راڄا نڪي راءُ
محل ماڙيون بنگلا، ڪِري پَٽ پيا
مون سينگار سيئي ڇڏيا، حرص بہ هول نيا
اٿر ڪارا ويس ڪيا، ڪامل! تنهنجي ڪارڻي
94- ڪامڻ! منهنجي ڪارڻي، تون ڪارا ويس مَ ڪر
سوڍي سڀ سهي ڪيا، مومل جا مڪر
سُتي هُيين "سيتل راوَ" سان، جام پايو جهنوَرَ

اجان بہ چئين: مون سومل سمهاري سيج تي ويٺين هلين ور
چئي: پچي ڳالهہ پڪي ڪري، تون سوڍا! ثابت ڪر
ايڏيون بدناميون بيڌوهين تي، هلائجن ڪيم هَورَ
چڙي گام گجر، پئي پنڌ پريان جي.

95- پئي پنڌ پريان جي، ساٿي جوڳڻ جوڳياڻي
عاشق لاءِ اڪين مان، هن ڪي پلٽيو پئي پاڻي
جي پتار پاڻي ڪينڪي، تہ بہ آهيان وَر تان وڪاڻي
ڪوهہ ڪشالا قافلا، تي پنڌ ڪري پاڻهي
مجاز انهي مستان ڪئي، نہ تہ هئي سوڍي سياڻي
هئي راڻين منجهہ راڻي. فراق انهي فقير ڪئي.

96- فراق انهي فقير ڪئي. پرو ڪونہ پئيس
رويو راجا نند ڪان، گهوڙا تي گهريس
مومل هلي مردن جا، وڳا ڪري ويس
شوق منجهان، شادي چئي، تنهن دانهہ چڏيو ديس
لوڪئون ڪري لبيس، مومل محل ڦٽا ڪيا.

97- مومل محل ڦٽا ڪيا، رهي نہ هڪڙي رات
سوڍي لاءِ سرتيون، اٿس طلب اندر ۾ تات
راڻي ٻاجهان روح ۾، ٻي وائي ناهيس وات
مجاز انهيءَ مستان ڪئي، غمن ڪئي غمناڪ
ڪامڻ چڏيو ڪاڪ، سا ڪالهہ ڪريو وئي قافلا.

98- ڪالهہ ڪريو وئي قافلا، چڏي باغ بسيار
سون سيج بندن سان، تنهن جام چڏيا جهنوار
مونجهاري محبوب جي، تنهن صاف چڏيا سينگار
راڻو روح ڪسي ويو، نہ تہ ٻيا بہ آهن سوڍا سو هزار
دلبر دل جو يار، وچي ڍولو ڏنائين ڍٽ ۾.

99- ڍولو ڏنائين ڍٽ ۾، پاڻهہ پهرين رات
مينتري مزماني ڪئي، سارو جهلي ساٿ
خوب خبرون تي ڏنيون، ورنهہ پنهنجي وات
ڍولا! جي ڍاري رهين، توڪي صحيح سڃاڻان ذات

هٿ هٽي جي هوڏيا، پرھ ڦٽيءَ پريات
عاشق ڪنهن اهڃاڻ سان، لڳي مينڌري کي ماٺ
سوڍي پوءِ سهي ڪيو، ان عقل جي آفات
تہ ڪامڻ چڏيو ڪاڪ، تي مومل رُلي هن ملڪ ۾.

100- مومل چيو مينڌري کي پَلئو چڪي پاند
مون ڏوري ڏٺو آهين، ڪامل پنهنجو ڪانڌ
سڄڻ جي سُڃاڻين، مون نہ رهٽي راند
شوق منجهان، شادي چئي، سوڍا لڄائج م سانگ
تنهنجو نينهن نسورو نانگ، جنهن متيون ڪل منجهائيون.

101- جنهن متيون ڪل منجهائيون، توکي هو جڙيو اڳ جواب
مون کي پاڻهي هئا اڳ پڇڻا، توکؤن ڏکؤن ڏوھ ثواب
آهين هَٿ هاديءَ جي، سيئي حرف حساب
تو تي گجر هت گُمائيا، لکين نُر نواب
کوھ ڪشالا قافلا، تن جا سائين وجهندو ثاب
هن جا قاضي ۽ ڪتاب، مينڌري ڪُل موٽائيا.

102 مينڌري سڀ موٽائيا، چئي هت نہ ٽڪان هاڻ
دعويٰ دوست چڏي ويو، هئر جنهن مان جيءَ ٻانڌاڻ
هاڻي ڪهڙا موٽڻ ملڪ تي، ڪهڙي ڪيڻ ڪاڻ
ڪوڙين آنڌئين ڪيترا، ڪاٺيون ڪپھ ساڻ
تاڪ گهرائي تيل جا، منڌ پرايا ماڻ
سيئي سانگا سِر جا، پَلي چڙهي پاڻ
راڻـــي بـــنـــا رهـــاڻ، آهـــي عشق آڙاهـــ ۾.[1]

---

[1]. هڪ روايت موجب هيٺيون آخري بيت مليو، پر اهو حقيقت ۾ سهڻي ميهار جي قصي جو آخري بيت آهي.

اٿر عشق اوڙاھ ۾، توڙي تکو وهي تار
سس! صبر سيکارين، ڪري حيلا وس هزار
عشق اُٿائي آهيان، لهڙين ۾ لاچار
هاڃي هٽي هليو، من مُئيءَ جو ميهار
ڪلمي ساڻ قرار، سهڻيون رهن سير ۾

-5 روجھ پکائون رڻ ۾، سڄي شيخ هئي،
راڻا! تون راضي ٿيءُ، پٽي وڄ ڪٽي
راڻي ڪي روح ۾ اها ڪين وڻي
هن بيٺي ڳالھ ڳٺي، مَنَ ڪو ماڻهو مُنهن پوي.
-6 اتي مڙس سهي ڪيو مينڌري، ڪوجو وريس واءُ
سجاول سڏ ڪيو جوڳي ڪي، ادا! اوري آءُ
رات اونداهيون رڻ ۾، ايڏهين واءُ اُهاءُ
وڄون وسڻ آئيون، ڪري شمّ شعاع
اِي هاڻ ڏينم سماءُ، ميان جي ملڪ جا.
-7 ميان جي ملڪ جا، آءٌ تہ ڏيانءِ حال
مومل گهٽي آھ موچاري، هوءَ لاک ورني لال
مون هئا نَوَ لک ماڻهن جا، نوَ لک ناٿي مالَ
سڀ مارايو سال، آءٌ موٽيو وڃان مينڌرا!
-8 رات ايڏانهين رنگ هو، سانجهيءَ سڄ لٿي
ڪِنوٽن هيون خوب خوشيون ڪيون پئي جٽي
هُيئي مومل محل مٿي، اهي تجلا هئا تنهن جا.
-9 ”ايڏا تنهن آدم جا، هنبس ڪيئن هوندا!
ايڏا تن ملڪن تي، ڪيئن پڙولا پوندا!“
چئي، خبر سي ڏيندا، جي گڏ هوندا انهيءَ گام ۾.
-10 هُت ٺئي ساهيليون مومل جون، جيئن ڪونجين جي قطار
جهجهي آهيس ٻُر ٻانهُن تي، ٻيا واڏو ورنھ وار
سونا ڦُل سڱين تي، آهنسِ چوٽي تي چوڏار
نٿ بہ ٿس نرمل نڪ ۾، ٻولو لهي ڏھ هزار
جنهن نَوَ تِر منجھ نرار، مومل اها اٿئي مينڌرا!
-11 ٻيو ٺئي سورج گل شفتالو، ست رنگو سُريدار
ڪاريھر ڪلنگو اٿئي، ۽ گوٽي تي گلزار
آميون ٽالهيون ڪيوڙا، ۽ جاين جي جهِٻڪار
ڪرڙ ڪنڊا وڻ ٻاٻرا، لوا منجھ شمار
گل دائود، گل جافرو، ٻي لاليءَ جي لغار
پوءِ ڪنِنگ ڪارونيار، اٿئي نمون نياڻن تي.

-12 پيا ٿئي ڳاڙها پاڻي ڪاڪ جا، ڳاڙها باغ بهار
ڳاڙها پير پدمڻئين، ڳاڙها مُنهن موچار
ڳاڙها ڪيبَتَ پريا ڪنجرا، ڳاڙها ڳورين هار
ڳاڙهيون ميناڪاري منديون، ڪارا ورنهه وار
پوءِ سوڍا سڀ سوار، منهنجا واري وينگس جهليا.

-13 جيئن پانن جا هن پَنَ، تيئن سايون سالون مٿن تي
مَلي تيل قليل سان، ڪيئون چوٽو ساڻ چندن
سُونهَن تا سون رُپي ۾، سندا ڪامڻ ڪَن
مرڪي بينو من تي انهيءَ سوڍيءَ سان سگ ٿئي!

-14 پير بہ آهنس پر وَري لال چيٽوٽيءَ وَن
پاسي هن جون پاسريون، هن سٽرون سون ورن
پٽرا پيپنيون، پايو، ۽ تا رَوا رنگ رچن
نسبين نئون نينهن لائيو، پيا پنٽرا پَهہ پچن
أرهہ بہ آهس چنڊ جيئن، بي تا هر ڪئي ٽٽن
پوءِ مون ڪي موهيو تن، جن لال موهيڙا مُنهن ۾.

-15 ادا ڙي آدمي! تون وک اورانهون وار
سامي! انهيءَ سانداريءَ مان، مونکي پاڻيءَ سُرڪ پيار
سوڙهو مُنهن جهل سانداريءَ جو، چُڪو هيٺ مَ هار
ڪا گهڙي مون وٽ گهار، تہ ڳجهون ڳرهيون ڳالهڙيون.

-16 سامي سانداري چوڙي، هن ٻهڳڻ جهليو ٻُڪ
تہ پاڻي پيدا ڪونہ ٿئو، هو نسورو رت
ساميءَ سنديءَ ذات جو، هو اڳي ڪونہ عڪس
همير ڪارائي روجهون، تون ڪيئن پيارين رت!
ڪونہ پوي ٿو اٽ، ڊوهي! تنهنجي ڊوهہ ڪِريب جو.

-17 سوڍا! اِن سانداريءَ ۾، مون ڪنيو ڪونہ ڪِريب
جتي گجرون هِن گاڏوليون، تتي ايئن ٿئي بہ
ڳاڙهو پاڻي ڪاڪ جو، ان زمين جو آهہ زيب
راڻا! ياڻ مَ ريب، اهو ٿئي ڪڪو پاڻي ڪاڪ جو.

-18 ڇئي، سامي! توکي سکر ڏسي، مون مصلحت پڇي آهه موٽي
ڳل انهيءَ ڪاڪ جي، اسان سان ڇئي ڪر ڇوٽي
ناتر دائي ٿئي در تي، تنهن جي بہ ڇٽيل ڇوٽي
جي مون خبر ڪئي ڪوٽي، تہ پاڻهي ٿيندءِ معلومت مينترا!

-19 مومل منشائون من جون، اهڙيون ٿي ڪري
ڪليو چڙهي ٿي خون تي، ٻيو پوئتي ڪين ڊري
ڏهہ ڏهہ ماري ڏينهن ۾، اها سوڍيءَ ڪان ٿي سري
اها مـومـل هوند مـري، تہ لهـي ڏچاري ڏيهہ تؤن.[1]

-20 دوست سڏائين، دعا نہ ڪرين، ٿو پٽين کهڙي پار
ڳٽائي ڪامن سان ٿو پانئجي نيئر وجهايانءِ نار
وچ جوڳي جيءُ جيار، وري ڪين اچجان ڪاڪ تي.

-21 هئين ان رخ تي اتي، ڪو هو عاشق تنهنجو اوتارو؟
هَنيُئي ڪونہ هٿن سان، ڪر ناتر نظارو
هوئين سامي! سوپارو، پر مُنهن نہ پئين مومل جي!

-22 هاٽي سامي! شال سکيو هجين، تنهنجي پير رکندو پت
مومل ساڻ مقابلو، تو ڪيو کهڙيءَ پَت؟
ايءَ مومل کهڙي رُت، جا ڪامڻ سُڄي ٿي ڪاڪ تي؟

-23 هي جو ويس ولات جو، تو ڪيئن جوڳي! جڙايو؟
مومل جي مجاز جو، ڪيئن روح لڳو نہ رايو!
سامي! ڪري سعيو، تون ڪڏهن هلئين ڪاڪ مان؟

-24 اوير ڪان ٿي اپريو، ڳاڙهائيءَ جو ڳچ
اکيون اُن آديسيءَ جون، مُنهن ۾ ٻري مچ
پوءِ سامي! ڳالهاءِ سچ، تون ڪڏهن هلئين ڪاڪ مان؟

-25 راڻا سنيرندي مون ڪي، لنگهي ويا ست سال
مون سڪايل جا سِڪ ۾، ههڙا ٿي ويا هال
ڪاڪ ڇڏي اٿم ڪال، پريانيان ويهون ورهہ لنگهيو.

---

[1]. بيت 19 ۽ 20 فقط جاڙي خان مري جي روايت موجب.

2- أيرندي ڪان تي أيريو، صورت جو سبحان
تنهن ڪان مير مينڌرو، تو خبر پڇي خان
ڪير آهين، ڪاڏي وڃيين، ڪهڙي ذات جوان؟
چئي، ويٺل جيسلمير جو، سنڌ نالو سامي سليمان
مون سان ڪئين قناتون ڪيتريون، ٻيا طنبو ۽ طولان
گجر سيئي گئون ڪيا، منهنجا مانجهي مرد جوان
گهوڙي وڃان تن گهوڙن تان، ڪاڪ ڪريان قربان
اٿم اهو ارمان، جو ساٿ مارايو موٽيو وڃان.

2- سڻي انهيءَ جي ڳالهڙي، هن کي وهم وڌوئي ٿيو
تہ سامي آهين ڪينڪي، توکي سامي آهہ قضا ڪيو
چئي، هوس سوني تخت ڏٺي، پر لهي پٽ تي پير پيو،
لهندي چڙهندي ريهہ سان، منهنجو ڪونتر ڪل ڪُنو
منهنجو ٿئي حال اهو، آهيان ڪڪوريل تنهن ڪاڪ جو.

2- ڪڪوريل توکي ڪيئن چوان، تنهنجا بخت باري ڀانيان
هاٿي وَر سامي! پوئتي، توکي اها مومل پرڻايان
ميندي موچاري هٿن سان، توکي لاڳ هلي لايان
سونا سهرا سهج منجهان، توکي ٻيڙا ٻڌايان
دهل، دماما، ڌوڪڙي، هلي تنهنجا واڄٽ وڄايان
توکي مومل پرڻايان، جا ملڪن ۾ مشهور آهہ.

2- چئي، راڻا! اِن پرڻي ڪان آهيان مُئو موچارو
ڪامل! انهيءَ ڪاڪ تان، آيس وڃائي وارو
پاڙهي پنهنجي ڳوٺ جو، هليو عملو ئي سارو
جويون "جيسرمير" جون، ڪنديون مون تي مهڻن جو مارو
تہ ساٿ مارائي سگهو آيو، اجهو سامي سوڀارو
هاٿي ابل سان آرو، ڪڏهن ڪندس ڪونہ ڪو.

3- چئي، راڻا چئجين رام، منهنجا موچاري مومل کي
هٿاسون ڪاڪ ڪنڌين ۾، ۽ لُڏائي جيءَ لام
هن ساميءَ ڏنئي سلام، قريو هُئي جنهن فقير کي.

31- سڄي سلام ساميءَ جا، اٿي سونا وڏئون سنج
آهن گهوٽ ٻہ سنبهيا، تازا چڪي تنگ
ڏسي رهبر رنگ، اچي ڪاڪ ڪڪراڙيا.

32- چڙهيا چارئي چڻا، ڪري مومل من
لڳي نوبت نينهن جي، ڪرڳل پيڙن ڪَن
ڪونر لتاڙيا ڪاڪ جا، رمي راڻي جن
صحي سا سوڍن، اچي ڪونج ڏني هئي ڪُنب تي.

33- ڪونج ڏني هئي ڪنب تي، چئني چتائي
سومرو تن ۾ سَرهو ٿيو، ٿو ڳالهہ ٻہ ڳالهائي
تہ ڪاڪ- ڏجاڻي ڪاڪ جي متان اهائي آهي!
ٻائي! ڏوئين ٿي ڪپڙا، تنهنجو نالو ڇا آهي؟
من ٿون موڻائي، ڏين ورندي وساڻ چئي.

34- ڳهلا! تو ڪيئن ڳالهايو، آهين ٻُليو کهڙو پير
ذات پڇين ٿو مون ڪان، پر پاڻ آهين ڪير؟
هي ماڙي ٿئي مومل جي، جنهن جو واڻ ويندن سان وير
پُرجهي پائج پير، متان اوڳا! اوسيڙو ٿيئي.

35- اُلڪن ۾ اوسيڙن جا، آياسون لاڳاپا لاهي
ڪين ورنداسون وچ مان، آيا آهيون ڪوڏ منجهان ڪاهي
جيڪا اسان جي من ۾، شل اسان جي پير پڄائي!
هت اسان جو آهي، انهيءَ مومل ساڻ مقابلو.

36- چئي، مومل ساڻ مقابلو، آن مان هلي ڪندو ڪير؟
هن ڪئين خان ڪپايا، ڪيئين ڍونڍين سندو ڍير
توڙي سين سڏايو سير، ڪنهن پاءُ نہ چوايو پاڻ ڪي!

37- مومل ساڻ مقابلو، اوهين ڪامل ڪجو ڪُونہ
وَرندَوَ ڪين، وساڻ چئي، هت ڪپي ٽيندؤ خُون
ڪَرَ ٻہ لهندوَ ڪُون، جو ڪِنا ٽيندؤ ڪاڪ ۾.[1]

---

[1] بيت نمبر 37 کان 41 تائين فقط جاڙي خان مري جي روايت موجب.

38- اسين ڏورئون آئيا، ٻڌي هيءَ جا ٻول
ڪر دريافت دل جي، تون ٻائي! هيئن مَ ٻول
ڪا ڳالھ موچاري ڳول، جو ناڻءُ ڏسينھون پانھنجو.

39- مومل، سومل، سھجان، سوڍي آهي چڱو تني چالو
آءٌ آهيان ٻانهي ان جي، آهي ناتر مون نالو
تو جهڙو سورهيه صورت سڦرو ڪن ٿيون نيرن نِوالو
هَئي! جي هُن جو ڏسو هلي چلڻ سندو چالو
اتي پنّيءِ ڪؤن پالو، هو چڪن ٿي چٽي پيو.

40- ڪٽي الائي ڪپڙا، آئي مومل وٽ متي
ڪين ڏٺا هئم ڪاڪ ۾، ھهڙا جوان اڳي
ڪاهي آيا آهن ڪاڪ تي، ٿا مومل پُڇن سي
ڪتن سنديون ٿن سونيون سنگهرون، موتي موزن تي
پوءِ مون ڪي ڪا مت ڏي، تہ وڃي ڏيان ورندي، وساڻ چئي.

41- هاڻ پڇين ٿي مت مون ڪان، پڇيئي ڪين اڳي!
وڃي تڙي ڪيين ڪاڪ مان، جي تنھنجو وس لڳي
چوين ڪڙا تڙ تَوَ ڪاڪ جا، متا تڙ اڳي
جوڙيو وهٽ، وساڻ چئي، هت تاريءَ ڪونہ تڳي
هت پيٽي ناهہ پڳي، آن ڪي جٽ! چڱائي ٿي چوان.

42- وني مَت مومل ڪان، هيءَ هلي آئي هاڻ
تہ تڙيو ڪيانِ ٿي ڪاڪ مان مون ڪي ڪانھي تن جي ڪاڻ
چوانِ ٿي تہ ڪاڪ ڏجاٽي ڪاوڙي، هِت نہ ٽڪو هاڻ
پر جنھن وٽي راٽي جا رهاڻ، سا ڪڙو نہ ٻولي تن سان.

43- هتان موٽي مومل ڏانھن اچي ڳالهائيئن ڳالهيون
هَئي! جي هنن جون تون ڏسين، چلڻ جون چاليون
ڪيونٽيون ٿن ڪَنن ۾، جيئن آن ڪي ورنھ! هن واليون
ڪو شڪ سوڍي جون ساليون، تنھنجون پينر آءٌ پانيان.

44- سومل چيو، هي ساري هنن جي، جنھن ڪي ڪم نہ آهي ڪار
ٻڌي ٻانھون هن ٻانهيءَ جون، تون مومل! اتي مار
اڄ ڏني آهي گوليءَ گار، پڇڻ سان پراون جي.[1]

---

(1). بيت نمبر 44 فقط جاڙي خان جي روايت موجب

45- هاڻي هلي هنن وٽ، وئي ناتر نماڻي
پنهنجي پڇايو ڪينڪي، ڪئي آهي مومل مهماني
جهجها وجهو گاهه گهوڙن کي، بيا پياريو آئين پاڻي
وهڻ پنهنجا وساڻ ڇئي، ائين ڇڻ! نہ ماريو ڄاڻي
پر سوڍي سڃاڻي، وٺي يار وهاريا.
46- جڏ مانيءَ جي منع ڪري، هيءَ هلي ويئي حور
تنهن وڃي طعام تيار ڪيا، جنهن کي سُجهيا تي سور
وِهَن جا، وساڻ ڇئي، وڃي ڪُٺايئين ڪلور
ڍاڪونءَ منجهه ڍڪي ڏنس، هن هٿين وجهي حور
پوءِ ايندئِن باس بهور، سي ٿيندا چور چڪڻ سان.
47- اتي ڪِلندي ڪٽيو آئي، ڏاڍي ناز منجهان سا نير
چؤنري هئس ڇپنيءَ ۾، جنهن ۾ ڪريبي هئا ڪير
هي بہ چڙهيو خان ڪٽن تي، مرڪيا ويٺي مير
تن مان ورتي وير انهيءَ ماني راڻي مير
پوءِ آئي تازيءَ تي تقصير، جنهن سونگهيندي ساهه ڏنو.
48- اتي ناتر نيزو هٿ ۾، آئي پڇي مومل وٽ
تہ ويهه موڳي! ماٺ ڪري، پنهنجو عقل ڪين اُپٽ
هي ڪين چڏيندءِ ڪاڪ ۾، نيئي هٽندءِ پَٽ
جهجهي سونهن سوڍن ۾، ڪانهي گهوڙن گهٽ
پوءِ ڍوليو نيندءِ ڍٽ، ڪين چڏيندءِ ڪاڪ تي.
49- ڏؤنر ڏُرمجي هليو، هن پٽاڻيءَ ڪنيو پالو
هئي اڪابر عقل جي، ناتر جنهن نالو
وئي هن ڪان نڪري، ڏئي چودري ڪان چالو
هن مٽي پسايا موزا، ڪيئين انگرکو آلو
ٿيو بيحد بيحالو، وري وريو همراهن ڏي.
50- ڏؤنر ڇئي، مومل جي مذاق ڏسو، جيڏي ڪئي هئي جوءِ
سوڍو اڳيئي هو سمڌيو، پر پاڻ پروڙيو پوءِ
پرو پيوسون پوءِ، نہ تہ ڪنا ڪوڙيونس ها اُتي

51- اتي سوڍو تن سنگتين کي، ٿو سمجهائي سڏيو
تہ وڙهڻ جي، وساڻ چئي، آئين وائي نہ واريو
ڳنهي هلوس ڳالهين سان، هلي محبت سان ماريو
انهيءَ ناز نہ نهاريو، پسو پونير پنهنجو "پريو" چئي.
52- چئي، ڪيئن نہ نهاريون نار ڏي، جنهن ۾ ايڏو خلم ۽ ڪورو
جڏه وڌئين ٿي وِھ، وساڻ چئي، تڏ ڪريون ها پڻيءَ کي پورو.
ساٿ ئي سمورو، هن مڙسن جو ٿي ماري وڌو.
53- هُن ڪان هونئن ئي چڱا هٺاسون، مير مينڌري چيو
ڏاري انهيءَ ڏائڻ کي، هوند وچ تي ڪنهن وڌو!
جي اُتي هوند مئو، تہ پاڻ سورهيہ ڪري سڏيون.
54- ويهہ راڻا! ماٺ ڪري، هي ناتر اجان ايندي
آن منجهان هڪڙو وري وِير وٺي ويندي
پوءِ ڪـــل سيان پيندي سوڍا! تنهنجي سورهيائي جي.[1]
55- اتي چڪي ٻٽو سندرو، ڪيو "سينهڙي" سعيو
ڪلي هن ڪنو ڪنيو، ٻيو ڪيڙو ڪڙڪايو
ويندي مهل وير کي، ڪو عقل نہ آيو
هن بہ لِيمَڪ لڄايو، وري آيو واٽ تان[2]
56- اتي صبح سويرو اچي، سوڍو ڪنيائين ساڻ
واٽ انهيءَ تي، وساڻ چئي، ڀڳڻ هنيس ٻاڻ
تہ مومل مِلڪ انهيءَ جي، جنهن سان سومرو آهي ساڻ
ناتر کي انصاف جو، آئين ڏيو پـــري موتين ماڻ[3]
اسين اچون تا تو وٽہ تون پري نہ رک پاڻ
جاٽي ڏٽي چاڻ، تہ ڏسج ريب راٽي کي.
57- ناتر تنهنجو نانءُ سٽي، اسين آياسون

---

[1]. پيندي- پوندي (2) لميڪ- نيمڪ- نمڪ (لوڻ): نمڪ کائڻ ۽ پوءِ گهنتائي ڪري نمڪ لڄائڻ
*. بيت نمبر 55 ۽ 56 فقط جاڙي خان جي روايت موجب.
[3]. ائين- اوهين

جهڙي سُئِينءَ تـــي سونهن ۾، تهــڙي ڏنيســون[1]
جَس تنهنجي ماءُ کي، پلي ڄائينءَ تون
هاڻي هيڪر هلي تون، ڪر روءِ راڻيءَ جي.
58- ايڏي لاءِ انهن جي، تڪڙ ڪر نہ تون
تنهنجي حال احوال جي، هُت ڳالهہ سڻائي مون
تہ مون کي مارينديون، جو ٻانهي آهيان اُن جي.
59- ناتر! تنهنجي نانءَ جون، سُيون سين ساراهون
چڙهيا آهيون چار چڻا، عاشق اتاهون
هلي وٺي ڏي وَرنهہ جون، ڀڳڻ کي ٻانهون
تہ اسين تو مٿانئون، سر سجوئي گهوريون.
60- چئي، دانهہ تون دلجاءِ ڪر، ورنهہ اتي ويهہ
ڪل ڪنهين کي ڪين ڏجان، روح پنهنجي جو ريهہ
تنهنجي پارئون، پريو چئي، هاڻ چُلي ڪنديس چيهہ
پر ڏکن گاڏو ڏيهہ، اٿئي راجا نند جو.
61- مڙسن سان مير مينترا! ريب نہ رهائين
ڪٽ ٿئِي خونياڻي کوهہ تي، پلنگ پير نہ پائين
سُٽي ٿلهو ڪڙڪو ڪلن جو، پئو شينهن ڪان مَ پانئين
ورنهہ وڃائين، سوڍا! سوپاري سير ۾.
62- تڏ چوڙي راڻي رومال مان، سوڍي سوپاري
پنهنجي هٿ، پريو چئي، هُتي مينڌري ماري
ڪندي ريهون رتول مان، هوءَ ويئي ويچاري
سوڍي ڪنئي ساري، راڻي تنهن رتول مان
63- ٽيو مقابل مينڌرو، چڏي گهَٽيون ۽ گهٽ
مومل گهٽيئي آڇيا، راڻي پلنگ پَٽ
پر راڻي ريهو ڪيس ڪونہ ڪو، ٻنان جهوليءَ جهٽ
اچي گڏ وينو گجر سان، ڏيئي گوڏي گٽ
عطر عنبير مُشڪ جي، هُت هيري هئي پَلٽ

---

[1]. سُئِينءَ تي- تون ٻنڌڻ ۾ تي آئينءَ

جڏ سوڍو گڏيس مٽ، تڏ ويس وايون سپ وسري.

-64 مومل تون منهن پٽ، اهو آڏو لاهه اکين تئون
مون جي ٻول ڀهون کيا، تن مان گهڙي نہ کندوسئين گهٽ
پوءِ وِهندس آءٌ تو وٽ، مون کي تيو تئي امر الله جو.

-65 مومل جي ماڙيءَ کي، تون چوري هَڏِ مَ چور!
هِت ٿئِي جهڳمڳ جهانءِ پَرين جي، ٻي جهُڙ جي جهام جهکور
گل گوتتا، اچن جهوتا، کن تا کجل جي ککور
راڻو رانوڙين ۾ چڙ کيسو ڦُل ککور
لاهي هينئڙي هور، هو گڏيو گام گجر سان.

# 5_ بيت مل محمود پلي جا*

1- چارئي چڙهيا چاهہ مان، چارئي يار امير
ڪُتن سونيون سنگهرون، گهوڙن ساڄ سڌير
ڪري حملو هليو، ٻاري ساڻ بشير
اچي پُرس پيدا ٿيو، راول رات اخير
تنهن ڦوڙايل فقير، ڪريون سٽايون خبرون.

2- ڪريون سٽاين خبرون، پاٽهي اُيي پار
ڪَريو قصا ڪاڪ جا نِير وهائي نار
"ڪُلُ نفسٍ ذائِقَة المَوتِ" انهيءَ سان اقرار
گهٽا خان ڪپائيا، تن هاجي منجهہ هرار
ٻيٽيون راجا نند جون جُڙيون ڪري جنسار
جيئن وسن ميگهہ ملار، تيئن سوڍيون وڏي شان سين

3- سوڍين سندي شان جو، ڪو ٻلو ناهي باب
ڪَنان سج ڪي رَتيون آڪرو سندن آب
مرد ماري مات ڪيا، ڪامڻ تنهن ڪباب
عقل جو اسباب، هنر هلي ڪونہ ڪو.

4- هنر هلي ڪونہ ڪو مومل جي مهندا
ڳوڙها ڳاٽ ڳلن تان، واٽون ڪيو وهندا
درياءَ جي دهشت ڪان، ڪنبيو هٽ هٽندا.

---

* ڪتاب "مَجمَعُ العَجائب"، مطبوع بلوچ ليٿو پرنٽنگ پريس ڪراچي، سن 1359هہ، تان ورتل. محمود پٽ طالب، ذات پلي، پاڙو آچيجاڻي درس، عمرڪوٽ کان 12 ميل ڏکڻ طرف، حاجي عبداللطيف پليءَ جي ڳوٺ جو ويٺل هو. فقير محمود، حاجي عبداللطيف وٽ قرآن شريف پڙهي ياد حافظ ٿيو، سندس شادي وري "ڪاٺوڙي" وارن راڄڙن مان ٿي. فقير تي "مَلُ" نالو انهيءَ ڪري پيو جو هو بدن ۾ سنهو ۽ قد جو ڊگهو هو، جهڙو "چٺونري جو مَلُ". (اندران چٺونري جي جهَل لاءِ ڊگها ڪايا ڏبا آهن، جن مان هر هڪ کي مَلُ چئبو) ڪيس دوستن انهيءَ نالي سان ڪوٺيو تہ پاڻ بہ ڪٿي اُهو نالو شعر ۾ آندائين. سندس ڪلام ٻن ڪتابن ۾ ڇپيو آهي، مجمع العجائب ۽ ليليٰ مجنون، جنهن جي آخر ۾ نصيحت نامو پڻ ڏنل آهي. سن 1350هہ / 1931ع ۾ وفات ڪيائين. (ن . ب)

”ڪُلّ مَن عَلَيَها فانِ“ جيڪا جوڙ خدا
سوين ستون ڪندا، مومل موهي جهليا.
-5 مومل موهي جهليا، روڪي ريءَ عذر
اُتان اچي ڪونہ ڪو، هتان وجن وَلر
جيڪي گنري تنهن گام ۾ تنهن جي ڪنهن ڪي ناهہ خبر
گهٽا گُجر گڏون ڪيا، لوڙائو لشڪر
ويرا وير ڪَٽر، ڪوس ڏهاٽي ڪاڪ ۾.
-6 ڪوس ڏهاٽي ڪاڪ ۾، هاجو هاءِ حشر
پرڏيهي، پلي چئي، ويا جال روئندي جَر
جو سُجهي گام گُجر جو، سو ڏاڍو سور سفر
پهرين قبولي قهر، پوءِ پُڇجا تڙ ڪاڪ جا.
-7 پوءِ پُڇجا تڙ ڪاڪ جا، جو ڏيهہ ۾ ڏُوراڻو
ڪنهن جو هلي ڪونہ ڪو، اُت مڪر ۽ ماڻو
سيڪو سوڙهيءَ وچ ۾، ڪوري جيئن ڪاڻو
ڏاڍي منزل مَلُ چوي، اڳيان سفر سڻاڻو
جيئن هتي وڻج وڪاڻو، تيئن هُت مومل ماڻهو سوديا.
-8 مومل ۽ سومل جا، عجب جهڙا آچار
پهريو پَٽ، پَلي چئي، وَهسن ويرو تار
هلن هيڪ ٻئي پَل ۾، ڪريو ڪونجن جيئن قطار
ڇڳا ڇڳيرين جا، جڙيا هيڪ جنسار
ڪَنديون، ڪُنرڪون، ڪنمالون، بازوبند بهار
هيڪو ٻهڪو ٻانهين جو، ٻيا ڳچين ڳاڙها هار
ڪاريون اکيون ڪجل سين، سينڌن سُرها وار
مَلَ! مورت تن جي، موهيا مرد هزار
ويا گوهر گڏون تي، ڪنڪ ڪارونيار
تن جا کهڙا ڏيان پار، جو آهي ڪرڳل قيام جو.
-9 راڻا رنگ راڻوڙين جا، پَسي پري ڪان پرياڻ
هِنيون اوڏاهين هڃي ويو ڏيئي ٽن ڪي تاڻ
اهڙا ٿيون عشق مان، ٻهہَ ٻهہ هٽن ٻار

تن گهٽا گهورن سين گهائيا، توهيان جوڏ جُوان
پيا هئا ڪاڪ ڪنڌين ۾ پٽر وجهيو پاڻ
اهي اٿئي اُهڃاڻ، مومل جي مذاق جا.

-10 مومل جي مذاق جا، سڻي سماچار
چڙهيو مير مينڌرو، ٻڌي همت جا هٿيار
اُچيو راوت جنهن ريب تي جڪمئا ٿي جهونجهار
سو ڪائو پيچي قوت سين، سوڍي لڏين سار
هنيائين چَٽ پَٽن تي، وڌائين آتڻ منجهه اچنگار
نکو سينڌ سُرمون، نکي وِنگا وار
عقل جي آڌار، نيئي مڙنئان مٽانهون ڪيو.

-11 مڙنئان مٽانهون ڪيو، ٻانهيون ٽيس ٻايون
ويٺي جن واءِ ۾، لاکون لڙهايون
ايڏا گوجا هئا جن گجرڻ جا سي سوڍي سڪايون
لاڪيٽيون لَکَن تي، اچي راڻي رُلايون
پوءِ ناتي آهن نايون، نه ته ڪير پيادي پنڌ ڪري.

-12 ڪير پيادي پنڌ ڪري، جِت سفر سَنّاٽا
اچي سور سوڍي جا اندر اُڏاٽا
منجهان پرت، پَلي چئي، ڪري رويو راماٽا
ور سوڍا سياٽا! ته ٻَالهه سُٽايَئين ڳُجهه جي.

-13 ٻَالهه سٽايئين ڳُجهه جي، سندا جان جَلَ
هُيس وڏي شان سين، مَئي مَتِي مومل
لڳي جنگ اوچتي، توفن ڪيا طبل
عشق پڇائي عقل ڪي، ڪيو پنيرو منجهه پل
تڏهن سُجن ۾ سوڍل، راهه ونيو رڙيون ڪريان.

-14 راهه ونيو رڙيون ڪريان، جلي جيءُ پيو
ناحق نماڻيءَ سين، جو راڻي رڻ ڪيو
چڏي ڪام ڪارَنهن جي، رُسي رات ويو
چني جيءُ چهو، تازي قٽ فراق جي.

15- ڏيئي ڦٽ فراق جا، ماريس مينڌري
سوڍي هنيو ڙي سرتيون! پالو نينهن پري
ڪپي ويو قرب سين، اندر اڌ ڪري
ٻيون اڻ ڏٺيون اڻ سُيون، مَديون مون ڌري
اڄ ڪِ سُيان مري، مومل انهيءَ مامري.

16- مومل مير مينڌرا، تون آڻ ڏٺي مَ مار
تو جنهين تان رنج رکيو سا تان هئي نار
هُونهين پاڳ ڏسي پرانهون ٽئين، پانيئي ڪو پتار
تون وِسَهه مون ڪي وينجهار! رُس مَ رُسڻ گهورئو

17- رُس مَ رُسڻ گهورئو، آءُ پرچي پيارا
تہ گڏجي گوندر لاهيان، جيءُ جا جيارا
گهر تڙ متان ئي گهوريان، اگڻ اوتارا
مون ڪي من منجهارا، سِڪ تنهنجي ساڙا ڪيا

# 6_ بيت مريد بهڻ جا*

-1 جڏهن سودن سنبت ڪئي، پهرين ڏينهن پچار
بلڪل بادشاهن کي ٿيو متي شوق شڪار
تنگ ڪَشي تازين جا، ٿيا سنا سرا سوار
ٻڌي سرِوپائون سونَ جون، هيري ساڻ هٿيار
سودن سونهريون چيلهه تي آلِيبَند آذار
موتي سي موزن تي پائي هليا پيزار
ڪاڪ جي قبلي تي چڙهيا چارئي يار
حاڪم گڏ همير سان، هليا اُٿي هسوار
خان وڏي خاني سان، صوبا سيئي سردار
سچ جي مثل سامي گڏين، ڪو عجب مُنهن اسرار
هن جي مُگهٽ تي، مريد چئي، جڙيا هئا جنسار
ڏسي وِٽڪ وَرنهه جي ڪن گويائون گفتار
پيا پاٻوهِين پاڻ ۾، ٿا پچن وير ڪري ويچار
تہ نينهن ڪٿي نانگو ڪيئي، ڪي لڳئي تن ۾ تار!
ڪي حسن پسي حيران ٿئين، ڪي لڳئي ڪتان لغار!
معلوم انهيءَ مذڪور جا، پورا ڏي تون پار
ڪر ڪا خبر چار، تہ ڪتان اچين تو ڪاپڙي؟
-2 چئي: اچان تو اتاهين جتي ماڙيون موملن جون
سَتئي آهن سهٽيون سوڍيون هِن سَن جون

* هيءَ روايت الله رکئي پُٽ لال بخش شِينهڙي، نڙ تي بيت ڏيندڙ سگهڙ جي زباني قلمبند ڪئي وئي. مريد فقير بهڻ، ڳوٺ محمد خان رند، ديهہ لياري، تعلقي سنجهوري، ضلعي سانگهڙ جو وينل هو. پير صاحب پاڳاري جي جماعت جو فقير هو. سنہ 1946ع ۾ 80 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. انهيءَ حساب سان سندس جنم سنہ 1866ع ڌاري ٿيو هوندو. فقير بيتن جو شاعر هو ۽ پاڻ پنهنجا بيت نڙ تي چوندو هو. بچو وساڻ، بَخشو شر ۽ الله رکيو شينهڙو سندس شاگرد آهن جن مان بچو وساڻ گذاري ويو.

گهڻا در، گهڻيون دريون، آهن مومل جي محلي
سامي! اسان کي سي، ڪر معلوم گهڻيون ماڙيءَ جون.

-6 چئي: گهڻين ۾ گهڻن جو سنئو نہ ڪو سيڙهو
در هڪڙو، دريون گهڻيون، اڳيان واٽن کي ويڙهو
ڪڏهن ڏئوسون ڪونہ ڪو، اڳي رنگ اهڙو
گهاٽو وهي پيو گهُور جو، اڳيان موت جو ميڙو
اتي عزيز اوڏو ناهي، ياءُ نڪو پيڙو
توبهہ بازي آهي تجلو، پيو پئي جهاتيءَ جو جهيڙو
آن جو ڪم ڪهڙو، وري اتـــي آهـــي وچـــڻ جـــو.[1]

-7 ڏس مومل جي محلات کي، گهڻيون چاڙهيون، گهڻا چارا
گهڻيون ٽوٽيون، گهڻا ٽنپ، گهڻا موافق منارا
گهڻا دربان اتس درن تي، جي تا ڪن پَريٽون پسارا
تون ڪتاب ڪولي ڪاڪ جا، ڪڏي آيتون اخبارا
سي سڻاءِ اسانکي تون سامي پڙهي سيپارا
جيڪي باري حڪم بارا، سي قاعدا ڏسجن ڪيترا؟

-8 چئي: چوڏهن طبق چمن ۾، آهن اَڏيل اوتارا
تنهن سرنگهہ مان سماءَ نہ پئي، اندر اونڌارا
ڏنڊ گاڏئون درن تي مثل مونجهارا
چئني ڪندن تي چاڙهيون، ٻيا جاين کي جارا
اتي شينهن ۾ شيطان ٻڌا، ونيو شِر هڻن شوڪارا
ماٿهو پؤ ڪان پڇيو وڃن، اهي ڪُم ڏسيو ڪارا
هِنئين کي هيبت لڳي، ڏِسيو ڏورئون ڏينارا
لُنڊ بلائون لکن ڪان گهڻيون ڪوراڙون ڪُنيارا
ٻيا ڏينيُو اَڏريو ڏنگ هڻن، مٿان ڪريو مانارا
اهي چاري گهمن تا چمن تي، چوڪيءَ چوڏارا
سي سڻ سمجهڻ ۾ نہ اچن، ڪَن گلُون ڪڙڪارا.
ڪئين واڄا، طبلا، اندر نوبتون نغارا

[1]. آڻ جو- اوهان جو.

ڪُتا پيا آهن ڪوري جا، ڪي ماڙيءَ ۾ مارا
ڪندي وڙهڻ سان وارا، جڏ چڙهندئو منهن مقابل مومل جي.

-9 مومل تي ماٿهو ماري، ڪئين آڪا پڙهيو اڪر
ڪي تاب ڏيڪاريو، ترڪڻ ڪريو، تي ماري ڦهڪا ڏيو ڦڪر
ڪي ليڪي ۾ لپاٽ هٽيو وڃي اُٽلايو جوڙ ڏيو جيڪر
ڪي حساب سان هوش گُمايو، تي مَندي ساڻ مڪر
چون: ايڏا ڪيئن ڪندي هوندي چمن منجهه چڪر!
حال ڏسيهون هيڪر، ته وري وهجايون انهيءَ ويچار ڪي.

-10 چئي: ننبئون جاڳي، نيڻ اُگهي، پَري چنديندي پَر
اوڀاسي ڏئي، آرس ڀڃي، ڪامڻ موڙيندي ڪَر
گهُنڊ پائي، گهُور هٽي، وِيهه وجهندي وَر
ڪنڌ ڪٽي ڪونج جيئن، ڪندي نازڪي نظر
اُتي اسرار ٿيندو اوچتو، تاءُ ڪندي ٺَجَر
نڪا پيٽي ٿيندي پڄڻ جي، گهڻي ڪيڏانهن گهَر
اتي فوجون ڦري ويندون، چؤ قبليون چؤدار
چارئي پاسا چمن جا، ڪندي قابو، دريون ڏيئي در
اتي ويس پڄائيندا وڳا، اوهين پُسائيندا پڪتر
نه ته ڀي ڪا مَ ڪريو اوهين پَرائي پچر
تڏهن خان! پونديوَ خبر، جڏهن چڙهندئو منهن مومل جي.

-11 چون: مومل ماريندي ڪينڪي، ماري ڪِيم خدا
پَريان ڏينهن پڇي ايندا جڏهن منزل ڪندو مَلڪا
تڏهن هرڪو هتان هليو ويندو، چڏيو هيءُ هنڌا
اهڙي آمُل ڪان جوڳي تون ٿيو ڪيئن آهين جدا
اِنهيءَ مومل ڪاڪ مٿاءُ، ڪڏهن هليو آهين ڪاپڙي؟

-12 چئي هيڪ هليو آهيان ڪاڪ ڪان، اٿم تورا ڏينهن ٿيا
بيا ته ڪاڪ ٻاهران ڪيترا هئا منهنجا پٽ پيا
آءُ هڪڙو هوس ڪينڪي، مون سان هئا ٻاڻي سئو بيا
سي ڪُپائي ڪريبن سان، ناتر سيپئي نِيا
مومل پٺيان مسافريءَ منهنجا ههڙا حال ڪيا

نيهن اچي نانگو ڪيس، لاهي سپ لِيا
سگ سپيئي سِيا، آءٌ چورو ٿيو چِنيو وچان.

-13 چورو ٿي نہ چن تون، حيلو ڪو تہ هلاءِ
مُنا! وڃين ٿو ماٺ ڪريو، ڪاپڙي! ڪنهن لاءِ
ڪاڪ ٻاهران ڪو وڃي جوڙ اُتارو جاءِ
اهڙي معشوق اڳيان، مريد چئي، هوند جوڳي جيءُ جلاءِ
سامي! سچ ڳالهاءِ، ڪٿان اچين ٿو ڪاپڙي؟

-14 چئي: ڪوڙ ڪريان ٿو ڪونہ ڪو، ٿو اچان اُتاهون
ڪَهي موٽيو آهيان ڪاڪ تان، پوئتي اُٿلي پاهون
نہ ڪو آهي عدل اتي، نہ ڪو فضل ڪيائون
ري شرع آچار بنان، وڃان وڙايو ٻئي ٻانهون
پنهنجون پرايون غيبتون وڃان ڪٽيو گلائون
ڏٽو رَڏو ڏڪن ۾، اندر ۾ آهون
ڏيهہ وريو ڏانهون، موٽي وڃان ٿو ملڪ تي.

-15 موٽي نہ وڃ ملڪ تي، هنجون ڪوهہ ٿو هارين!
ڏکيا سکيا ڏينهڙا، هوند اتي وينو گذارين
پنيو سِنيو پاڙي مان، هوند پيٽ وينو پارين
ڪي تہ گهڙيون ڪاڪ ۾، گهُونا! هوند گهارين
اهڙي مومل ڪي، مريد چئي، ويل نہ وسارين
اِئين ڪريو ات ڪي جُڳ جوڳي جيءَ ڪي جيارين
مُئا! ڪوهہ ٿو مارين، رُلائي پنهجي روح ڪي.

-16 چئي: ويهي ويهي ورهيہ لنگهيا، ٻيا حيلا ڪين هليم
ڪارا وار ڪَڪا ٿي، اڃا اچي جايم
سَٿُون وِيهون سَوَن تائين، هزارين هاريم
سي چَليون بَس ڪري ٻيهي رهيون، ڪاٽيون ڪپايم
سي پلم پورائي نہ پيا، ڪروڙين خرچ ڪيم
تن مان سُوڏو نڪي سَريو، سي واءِ وِ ڪِر ويم
ٻيا سنگتي هٿم ساٿيهہ جا، سي مرڳو وڃي مُئم
اڄ تن جا پور پيم، تڏهن اوچنگارون اچن مؤن.

17- اهو امر الله جو، انهن تي لکيل ائين ئي هو
انهيءَ ۾ نڪي وس تنهنجو، نڪي ڏوهه تو
جنهن جي مستان جڏهن ايندو، سڏ پرينلو سو[1]
رڙ نڪي روءِ، ڪڙهه نہ تن لاءِ ڪاپڙي!

18- روئندو رڙندو وٺيو وڃان واٽ آءٌ پنهنجي
اوهين نڪي چوريو مونکي، نڪي آءٌ تو پڇر ڪريان آنهنجي
ساٿ هنئر سنگتين جا، سي ماري ڇڏيئين مانجهي
هبنئر اڇي ويون اونداهيون اکين اڳيان، ڀانيان
سج لهي ٿي سانجهي،
لاٿِي توڙي لانجهِي، تہ بہ غم ڪاٿو گذاريو وڃان.

19- پوءِ موڪلائي، مريد ڇني، بابُو ٿيو بهير
هليو ويو هنگلاج ڏي، ثابت رکي سير
گهندو ويو ڪعبي ڏي ڪاپڙي ڪن- ڇير
گنگا. ناني، گرنار ڏي، هن ڪي واءُ ڇڪيو وير
پوين سورن پٺيان ڪنيو، اڳين جي اُڪير
ويراڳي بيحال ٿيو، ديوانو دلگير
سناسي سنگت لاءِ، نندين روئندو ويو نير
ويراڳي وڇوڙيو، ۽ فراقيو فقير
پورب سندي پير، پوءِ واري نيو وطن تي.

20- پوءِ هي بہ هليا اٿي اوڏهين، چڙهي گهوڙن مٿي گهوٽ
سوڍو اڳ ۾ سونهون ٿيو، پٺيان لڳ پالوٽ
ڪٽڪ اڇي ڪڙڪو ڪيو، ڪاڪ ڀاهران ڪوٽ
ڪاهي لٿا ڪنڌ تي، اڄهو ڏسي اوٽ
هيءَ بہ اڳيان ٿي آين اوچتي البيلي اٺموٽ
ناز منجهان هيءَ نڪتي، ڪري ڪِريب ڪوٽ
اڇي چالو ڏنئين چوغان ۾، ڇهرو ڏيئي چوٽ
ڏسي ڏيل ڏنڊٽيا، اِينهارڄي ويا آرهوٽ

---

[1] ر ”ڪوڙين ۾ ڪنلو، سڏ پرينلو سو.“

ڪي وڳا وڪڻڻ هليا آهيو، ريشم ڪٽي رومال
ڪي گلون ڪٽڻ هليا، آهيو ڪي ڪلال؟
ڪي پير تي وهندو پيڙهيءَ تي، گهڙيون وڄائي گهڙيال
ڪي چانجُوسي هليا آهيو چوريءَ تي، چور مڻائي چال
ڪي پينو پنڻ هليا آهيو، سَيئُون هٽڻ سوال
ڪي درزي آهيو دڪانن جا، پيا پوتا سِبو پال
آن سان ملڪيت، مريد چئي، ڪهڙا مَڏيون مال؟
ڏيو حقيقت حال، تہ ڪيئن آيا آهيو ڪاڪ ۾؟
-24 نڪي چور، نڪي چاڪار، نڪي پينو، نڪي آهيون پِير
نڪي آهيون ڦورو، نڪي آهيون ڪي فقير
اُمراءُ آهيون عمر ڪوٽ جا، اسين ڪُل امير
گڏ چڙهيا آهيون گشت تي، حاڪم ساڻ همير
اسان جي اڳتؤن آهن ٻانها ٻيا وزير
اسين خان ويهون ڪٽن تي، پيئون ڪندون ۾ ڪير
صاحب آهيون سنڌ جا، قلعي ڏٺي ڪِير
مومل چاچي مير، آيا آهيون سوڍيءَ سندي سگ لاءِ.
-25 مومل وينڌي محلات ۾، اندر دادلي ديواني
رُوءِ تنهن رانوڙيءَ جي، آهي ريشم رُوئاني
سوڍيءَ تي سونهن جي وُٺي آهي رحمت رباني
جڏهن سورهن سينگار ڪري ڪجل پائي ڪاني
ڪنڌ ڪٽي ڪونج جيئن، ڪندي نظر نگهباني
تہ ڪَئين اتي قتل ٿين، ڪوڙين قرباني
ڪئين سي ڏار ڪِري پون، ٿين هزارين حيراني
آءٌ بہ هن جي اڳيان آهيان، ننڍي تي نپائي
روز رسايان ٿي رتول ۾، مومل ڪي ماني
هوءَ ٻائي، آءٌ ٻانهي، آهيان دائي تنهن جي در جي.
-26 دائي آهين تہ دلاسو ڏي، ٿيءُ اسان جو اڳانيو
آدابـــي شـــل آدم ڪي، نينهن نـــہ ڪري نانگـــو[1]

---

[1] آدابي = عَذابي = عذاب ڏيئي، سور ڏيئي.

جڏهن لڄ لاهي ٿياسون سِر سٽي سانگو
ڪاهي پٽڻ پهتا آهيون لنگهي هيءَ لانگهو
هاڻي هن پٽن تي، جهڙو تار تهڙو نانگهو
پيو پوئتي چڙيندا سون ڪينڪي، بچائي بانگهو
توڙي ملي مهانگو، تہ بہ وٺنداسون سگ سوديءَ جو.
27- چئي: سوديءَ جي سگ لاءِ، سوين آيا سلطان
سي مومل ماري ڇڏيا، ڪَئين ڪپائي خان
ويا سي وصال ڪري، منجهہ هن ئي ميدان
جي وينا هٿا ورهيہ ڪي مڙهيون وجهيو مڪان
اِتي هئن اوطاقون، چمن پاسي چوغان
طرح هُن جي تنهن سان ڪابہ چَلي ڪانہ
ڪي ويهي ويهي وري ويا، ڪي مري ويا مزمان
ڪي کُهي ڇڏيئين ڪاڪ ۾، ڪي ڪندي ويئي قتلام
ڪي نيئين گهاٽي حوالي گهوٽيا، ڪي ماريئين نظر چٽي نشان،
ڪوڙين لکين ڪيترا، هندو مسلمان
لڏي ويا لاڏڪا، جوڳي مان جهان
سي ’مومل مومل‘ ڪندا ويا، انهيءَ منجهہ ارمان
اهي اٿئي ماڳ قبرون مڪان، پَريان پٽ ۾ پرديسين جا.
28- چيائون: آذر پائي اڳيان ڪجي، آين جي آذار
ڪڏهن سُئي سون ڪانہ ڪا، ڪاٽي مزمانن مار
هاڻي جس ڪٽي جيئدان ڏي، جئن تئن اسان ڪي جيار
آهيون الله ۽ تنهنجي آسري، تي پاسو اسان پرديسين جو پار
نينهن هٽيو نر نايو وجهي، نمائڻ چاهي نار!
چيهو پيو، چا تيو، نفعي ڏي نہ نهار
پر لکن تائين لائي وجي هزارن تائين هار
هيڪر هلي ڏيکار، ڪنهن عقل ساڻ اسان کي.
29- هوءَ ڏسڻ کان ڏادي، آهي آدمخور
ڪنهن جو چلي ٿو ڪونہ ڪو، ظلم ساڻس زور
نڪو هلان ڪري هلي وجي، نڪو چوريءَ وجي چور

ٻاهر مري، ويا ڳري، مانجهي ڪئين مور
ڏڳو ناهي ڏور، جو هلي ٻڌي ڏيڪاريان اوهان کي.
30- تاب ڏيڪاري تن کي، اتي وري ويئي
خبر تن خانن جي، وڃي ناتر ڪئي نيئي
تہ هڪ جيڏا، هڪ سرتا، آهن سهڻا سپيئي
تن چئني ۾ چوٿون قائم آ، ٽيلي ۾ ٽيئي
ويهہ تہ ڳهلي ڳالهہ سٺايئين، وينگس سڻ ويهي
هنن جو واس آير، ورسي پيس، حالت ٿيم هيهي
سو سوڍي سپيئي، تنهنجا مَٽ ٿي پانيان.
31- چئي: گولي! گز مَ هڻ تون ڪچا ويڻ مَ ڪر
ڪُٽي لوڏي ڪاڪ مان، وڃي ڪڏ پليتن پَر
چا وِچايو اٿن هتي، جو ايندا منهنجي گهر
مُورنهن تن کي متان آڻين دائي منهنجي در
پر هيڪر جوڙي جانچي وڃي ڏِسين ناڻو زر
جي هجي، ۽ حاصل ٿئي، تہ وڃي ترسائين تيتر
ڳلتا ٻڌي، ڳالهيون ڪري، پيٽي چڏين پَر
اِنهيءَ تي ڪوشش ڪجان، خيال رکي خاطر
هٽي لَڏوئي ليٽائي وجهين ڪنهن وقوف سان ور
ڪنهن نموني ناتر! وڃي راند وڙهہ ڪنهن ريب سان.
32- چئي: راندين ۽ ريبن ڪان آهن زورئون زوراور
ايندا ڪين هنن جي عقل جا مونکي پوءِ بہ اکر
چئين تہ پَجي وڃي پورا ڪريان، ٿلها ٿوڪي ٿڪر
ڪوڙا ڪيڏ هلندا ڪيترا، ڪِهيرا ڪڪر
هلن ٿتا هنن اڳيان، منهنجا هُت مڪر
هُو چارئي آهن چڱا، صالح ڪي سڪر
هنن اڳيان وڪر، آءٌ ڪهڙا پٽرا ڪنديس پانهنجا.
33- پر هاڻي بہ همت ڪري، ٻانهي وڃي ٻار
ٻيون حاجُون ٻَن ڏي، ڪر چڏي ڏي ڪار
چوٽِي مکي، چاق ٿي، سرمون ڪري سينگار

ڏورئون ڏين ڏيکائي، حُسن پائي هار
ويهه نہ ويسلي متان تمام نہ ٿئي تار
وَٽيون پري وِهه جون، پٽين کي وجي پيار
جان کا نندِ پڙهي، نشو ڏيئي، وجي مارين کي مار
وير ٽيندِئي کانہ کا، اِهي چُٽيندي چار
سَتيا جهل، سچڻ ٿيءُ، ڏيندئي سوپ ستار
اهو ڏانءُ وڙهي ڏيکار، ڪري انصاف اسان کي.

34- چئي: مومل! جي منهن ڏسين هنن جو هيڪار
تہ ڪَڻ بہ ڪُچين ڪينڪي ٻيو گهمرو ٻيهار
آءٌ سَتر وِجهان سُرما، سوين ڪريان سينگار
پَنِي هلي وڃان هن اڳيان، حُسن پائي هار[1]
تہ بہ هلندا ڪين هنن اڳيان، تڪا منهنجا تار
توبهہ آهي تن اڳيان، آهن چڱا چارئي يار
عالم آهن علم جا، وڏا ڪي وينجهار
هنن جي عقل کي انڪار، مون کان ڪڏهن ايندو ڪونہ ڪو.

35- بانهي! بارهن ڦٽا ڪر، تيرهون تال ڇَپا
ڏُوتي آهين، ڌايون پڙهي، اُچلي هٽين اَڪا
اوريان وجي هنن تي، کي لِڪي وراءِ لَپا
ڍچ نڪي ڊپ ڪر، حرف ڪين هَپا
مٺا مٺا، مريد چئي، ناتر ڏي نياپا.
پهريائين ڪسي ونين ڪٽي، سوني سروپا
پوءِ ڦُرين ڦند هٽي، ريهو ڏيئي رُپا
ڪري ڪيڏ ڪپاءِ، ڪنهن بہ هنر سان هنن کي.

36- هُنر منهنجو هُن سان، ڪو بہ هلي تو ڪُونہ
ڪئين ڏيندا مونکي، مريد چئي، ڪٽي سروپايون سُون
آتشي انهن جي اکين ۾ خوف ٻري پيو خُون
ڪڏهن جهليندئين ڪينڪي، تاب انهن جو تون نہ

---

(1) پَنِي- پَلي.

پان جهڙيون پاڻي لئي نہ سونهن، توڙي حُسن حَسينيُون هُون[1]
حشمت اڳيان حاڪمن جي ڪي گهور جهليندي گهُون
توبهہ اتئي تن اڳيان، جن جو مُنهن ڏٺو مون نہ
سُيان رخ انهن جي رُو نہ، ڪڏهن چڙهندينءَ ڪانہ ڪا.
-37 [چئي: ٻاڙو ڪيم ٻول تون]، ٻانهي ٻاڻ سنياءِ
ڪلون چوري ڪاڪ جون، ڪي واڃا اتي وڃاءِ
چنگ، بگل، بينون، تارون ۽ طبلا
گهيڙ، گهنٽيون بند ڪرين، قابو چارئي قبلا
ميڙي ڪڪ، مريد چئي، دونهون لاٽ دڪاءِ
وِهہُ جو واس ڏين تون وجي مُتئين واءِ
تہ ويري وجن هليا، جيئن جوڙي وهن نہ جاءِ
ڏيئي اچين هور هوا، وِهہ جي ڪنهن وقوف سان.
-38 تڏ ڪامڻ ڪَنوري مَلِي، ڪري ڏِنگ ڏيو
گڏ وِهہُ مَيس مَليائين سُرخ سَنِڪيو
ڪٽي هلي خانن ڏي، ڏيئي لِڪائي لِيَو
هِي وِرچ اُٿان وڏي پير جي، وئي وير پيئو
جيڪو دم جيئو، سو ڪو مَ نِڪو ڪاڪ ۾.
-39 جِي جِي آخر، وجبو نيٺ مَري
آيا آهيون آس ڪري، سو وجون ڪيئن وري
پوئتي مونٽڻ جو، مريد چئي، اسان کي چئو ڪيم چري
پئي هيڪر دل نري، جي ملون مُک مومل کي.
-40 ملڻ تان مومل کي، اُتانہ ڪنن ڪم وڏو
اوهين غريب تي، غم ڪائي، وجو ڦنو ڪري ڦڏو
ڏاها ڏسجو تا ڪينڪي، اُتوَ عقل جَڏو
ڪنب اوهان جو ڪل ٽيندو گار اِتي گڏو
پَٽي چڏيندو پاڙون ٿُڏي ساڻ ٿڏو
آءُ ڏسان تي اڪين سان، لڙهي ويندوَ لڏو
چڏي هوڏ هڏو، ماٺ ڪري موٽي وجو.

---

[1] . پاڻ جهڙيون هنن کي پاڻي پياريندي بہ نہ سونهن.

41- مونون تان ميهڻو، اهو لقب اسان تي لڳي
ڪڏهن ڪيو اٿئون ڪونڪو، اهڙو ڪم اڳي
هاڻي ملڪيت حاضر ڪنداسون آئي سُئيءَ سڳي
ڪنهن تاريءَ جيئن تڳي، تيئن اسان ڪي تڳاءِ تون.
42- ناتر نوڪر تنهنجا، آهيون ٻيلي اسين ٻانها
پار اسان جي پاران ٽي، سڄي سورهن آنا
ڳچيءَ ٻڌينس ڳاريون، ڳڻ ڪري ڳانا
ميڙيون ڪرينس منٿون، جيئن تيئن پري جانا
هيڪر وڃ، وڃي ڪر تون مومل سان معنيٰ
پوءِ جيڪي ڪپيئي ڪٽي وڃ خرزين مان خزانا
ٻيا پري رومال روانا، ڪريون اسين ڪاڪ ڏي.
43- پوءِ تہ اُلڙي پيئي، سڄي اڳيان ساري
نينهن هٽيو نہ نايو وجهي، نمائڻ چاهي ناري
ڳارا ڏيو پيئي ڳالهيون ڪري، جيئن وسي مٿان واري
خوش طبيعت ڪلي گهڻو، هيءَ وَر ڏيو ويچاري
ٻي ٻوليو ڪا مَ ڪا، هيٺي هيڪاري
جنهن جو نالو الله آهہ، سو مڙيئي ڪندو موچاري
دِل جي دلداري، آءُ آٽيو تو آن ڪي ڏيان.
44- ائين چئي اُٿلي ويئي، موٽي ماڙيءَ ڏانهہ
وڃي ڏنئين مومل ڪي، سارو سڏ سماءِ
تہ هڪڙو آ حاڪم همير سومرو، بلند منجهن بادشا
ٻيو آ ڏاهو ڏؤنر تنهين سان، ٽئي سندن ياءِ
ٽيو آ ڏماچاڻي سِينهڙو، چوٿون راڻو منجهن راءِ
مومل جهلڻ مشڪل اٿئي، طبل انهن جو تاءِ
ڪڏهن جهليندئين ڪينڪي، گهُور انهن جو گهاء
چئي: لڳيئي سولاء، جيڪو هلئي حليو هنن سان.
45- ناتر ناز ڪري، ويئي وري تنهن وير
ويس ڪَيئِن وڳا، گلابي رنگ گُلير
هڪڙا ڪيئين هيٺ، ٻيا مٿي، ڦُلڪاري ڦُلير

ترار تنهن کان اڳي، ڦاڏ ٻہ الائي ڪتي ڪيئين ڦٽي
پير جهلي وريو پانهنجا، ماٺ ڪري موٽي
اشراف اڳتي ويو ڪينڪي، گهوٽ لتاڙي گهٽي
جهڙي هئي تهڙي دل ۾، وريو وِهہ ٻي وٽي
پڇي چٽو پؤ ڪان، جيئن تيئن لڪي اُتان ليٽي
آيو خير ساڻ ڪٽي، اچي مهمير اتي منهن ڪڍيو.
48- اتي بينس اڳتي، سيني ڪيو سلام
سائين! سلامت آئيون، جيءُ! خبر ڏي خان!
وَنِي ماڻي وَرئين، ڪيئن سگهو ورئين سلطان!
ڪي اوريان موٽئين اَڏ تان، هُل سٽي هاڪام
ڪي دهشت ڏسي دهلئين، دهڪا ۽ دهمان
ڪِي پري کان پَريٽ ڏٺئي، چمڪو منجهہ چوڳانِ
ڪي چڪرا تيا چمن ۾، ترارين جا تانَ
ڪي ڪسڪي پڳين خوف کان، ڪي ڪڙڪا ٻُڌي ڪانَ
ڪي هِينئين جي زور تي هليو آئين، ڪي پيرن آندين پهلوان
جيءُ! ٻول! جوان! ڪُڇ تہ ڪا ڪَل پوي.
49- چئي: ڪُچان اوهان سان ڪُچاڙو، وچي ڪِل وهاير خواري
ڪٽوري گڏي ڪِريب سان، اتن چنڊي چٽڪاري
ٻي وات وِهُ جي، حرڪت اتن هاري
ڪوسي تپائي ڪٽاهہ ۾، وچائي اتن واري
پاڻي پي اچي اتر پگهر سڪايو، ڏيئي ساهہ کي سڌاري
ٻيو ڪونہ ماڻيندو ڪاڪ جي حاڪم هنباري
هاڻي ترسو مَ، ڪريو تياري، تہ هينئر ئي هلڻ جي ڪريون.
50- بادشاهہ ڏيئي بَس ڪيو، سڀ قصو سارو
تہ ڏونڪو هٽي ڏونر اٿيو، وڄائي وارو
چئي: ماڻيندس مومل جو، آءٌ اوتارو
ٻڏي ڪيئين ڪلهي ۾، ڪَڇ ۾ ڪنارو
سورهيہ نڪتو سنيري، نر هٽي نارو
هليو اتي اوڏهين، ٻہ- ٽي وڪون ٻارو

تہ اڳيان لاٽ اڏاٽي، لڙ تيو، دونهون ڏنڌ ڪارو
سقم وڏو هئائون سِيهي جو، ڪو پلٽائي پارو
مِرُن چنڊي مُنهن ڪييو، هٽي اُتيا هانيارو
تہ ڪيڏانهن وئي ٻٽڇي، ويو ڪيڏانهن ڪنارو
ٻماســجـــي بيهي رهــيو، جــاچــي پيو جــارون[1]
اچان ڏسي تہ آفت ڪا اٿي آهي جنهن جو شرو نہ شمارو
ڏهہ فوٽ ڏند هڪڙو هڪڙو، ڏيئي ڏاٽ ڪندو ڏارو
هٽي وات ويهن ڪي، تہ چٻي چاليهارو
هن جي اک ڪوڏي هٽي ويئي، تنهن مهل قري ويس تارو
سو آڏو ٽيڏو پيو اچي، پنتي پاسيارو
موجا پريئين مٽيءَ، خطري سان ڪارو
اهڙيءَ تڪليف سان اُتان وريو ويچارو
تي ليزَم لچارو، اچي ممبر منهن ڪييو.

-51 تڏهن سڏيو تو سِينهڙو پڇيس، جي! خبر ڏي جوڙي
ادا! ويهہ اور ڪَري، منهن اسان ڏي موڙي
سنئون ڳاٽ ڪري ڳالهاءِ، ڪڍي ڪنڌ منجهان ڪوڙي
جهڙو وئين تهڙو موٽئين، ڪي آئين لک مرادون لوڙي
ڪي ڪسڪي پڳين خوف ڪان، ڪي آئين ٻيٺو حال ٻوڙي
اوريان ئي اُوري ورئين، ڪي وجي توڙ رسئين توڙي.
چنڊي سپ چوڙي، يار! سچيون ڪر يارن سان.

-52 چئي: يار سچي يارن سان، آءٌ ڪريان ويهي ڪهڙي!
چڪي ڪوسي مکي اٿن محلات ڪي سا ساڙي تي سيڙهي
ٻي رات ڏينهن رَن ويني آهي وات تي ويڙهي
سا ڪوٽي ڪريبتاٽي، اجائي اويڙي
ٻي ڪابہ هوندي ڪانہ ڪا، حرفتياٽي هڙي
سا لِڪايو لوڏ ٻڌيو ويني آهي، مِرن جي ميڙهي
جان ڪارائي خوار ڪندي، جان ٻوڙيندي ٻيڙي

---

(1). ٻماسجي- وماسجي- ويچار ۾ پئي.

راڻو رات پرڻيو، پئي ڪاڪ ۾ ڪل
ماڻيائين مومل، سوڍو چڙهيو سيج تي.
-58 سوڍو چڙهيو سيج تي، ڏٺو ڏيهه جوان
هاڻ تہ هڪجيڏن ۾، مينتري لٿو مان
رانجهن اڄ راضي ٿيو، مٿان ربّ رحمان
عاشقن تي اصل آهي مالڪ مهربان
توڙي رسائي تن ڪي، جن سنڀاليو سبحان
خدا چاڙهيو ڪڻ تي، شرف ڏيئي شان
رنگ رتولون راڻي تان، ڪاڪ ڪيئون قربان
اهڙا ڏيارڻ الله جا، ڏس ڏاتر ڏنس ڏان
مومل ماڻي مينتري، ڏٺو ڏيهه جهان
جهلي جنگ جوان، ڪٽي دانهہ داءُ آئيو.
-59 سيني پڇيو سوڍي کان، جيءُ تهتان ڏيئي تار
پوري ڏي پانهنجي، کِلي خبر چار
ادا، اور اسان سان، ويهي هٿ وينجهار
ڪيئن وئين، ڪيئن آئين، ڏي پنڌ انهيءَ جي پار
وڃي ڪيئين ويهي رهئين، ڪيئن دير ڪيئي دلدار
مٿان مومل ماڻي ورئين، ڪاڪئان ڪارونيار
ڪا سرسي هُئي تہ سُڌير ٿيءَ، سوڍا ڏي سڌار
ڳُل تہ لهن ڪار، دليل اسان جي دل جا.
-60 چئي: دل جو دوکو ڪريو ڪو مَ ڪو، وَهم سڀ وساريو
جيڪو وڃي سو وريو اڄي، هٿان پنهنجي هاريو
هيءُ تہ حق جنهن جو هو تنهن کي ڏاتر ڏيارو
هاڻ اُبتن آسانگن جو پَهہ ڪو مَ پچاريو
حاضر تيار هلڻ لاءِ، سنجهي وهٽ سينگاريو
واڳون پوئتي واريو، تہ اُسرون عمرڪوٽ ڏي.
-61 جڏ خانن اها خبر سئي تہ غازين لاتو غم
دوکو لهي دل تان، ويو تنين وهم
سيئي سرها ٿيا، قادر جو قسم

ڏسو تہ راضي تيو آهي راڻي تي، رازق ڪيو رحم
اهڙيون پلايون الله جون، اهو قادر جو ڪرم
سگ ڏنئين سوڍي ڪي، ڏٺي ڪيو ڏرم
نہ تہ هتي ڪئين آيا، ڪئين ويا، چرم ڏئي چم
پانئجي اصل لکيل هو انگ ۾، لوحئون اهو قلم
سَڌڙيا ڪي سگ نہ ٿين، هيءُ قسمت جو ڪم
هاڻ اها ڪاڪ، اهو راڻو، اها مومل، منجهہ محلم
دير نہ ڪريو دم، تہ اسرون عمرڪوٽ ڏي.

62- ائين چئي اُٿيا، پيچ ڏنائون پاڳ
ڪامل قلعو ڪاڪ جو، ماڻي چڙهيا ماڳ
مومل پسي موٽيا، پيلي ڪائي پاڳ
موٽي هليا ملڪ ڏي، گهوڙن واري واڳ
عامل ڪٽي آڳ، وري آيا عمرڪوٽ ۾.

63- آيا عمرڪوٽ ۾، اچي ٿيا جاءِ بجاءِ
راڻي ڪي روح ۾، برهہ ٻاري باهہ
سوڍي سج نہ اُلهي، ويهو رات وِهاءِ
انَ پاڻي اندر ڪي نہ وڻي، ڪير نہ ماني ڪاءِ
وينو پَهہ پچاءِ، تہ هاڻي ڪيئن ٿي وڃبو ڪاڪ ڏي.

64- ڍوليو ڏٺئون هليو، پَهہ پهرينءَ رات
سوڍي ڪي سهٽي ۾، اچي مومل پئي ياد
عاشق پڙهي اٿيو، گِنڍي سوَڻ سوَلات
انهيءَ مهل چڙهيو اُٺ تي، پلي پلاڻي پات
تنهن اُٺ نيئي اتي رسائيو، جتي هئي مومل جي محلات
اهڙيءَ راڻو ريت رَهات، ڪامل گهمي ايندو هو ڪاڪ مان.

65- ڪيئي ڏينهن ڪاڪ مان، پئي آيو ۽ ويو
هڪڙي ڏينهن سومل سُتي مومل سان، ڪاڻيءَ ڪريب ڪيو
مثل آئي مرداڻو، ڪري ويس پيو
تنهن وچور جو ويچاريءَ ڪي نہ ڪو انت پيو
سوڍو ويل سَمُنَ جي، هڪلي حاضر ٿيو

ڀِٽ ڏنئين ٻن کي، مٿان هو پوش پيو
اتي پاند پاسي ڪري، لاٽئين ڪونہ لِيو
هُو ڪچ ۾ ڪام ڏيو، اُٿاري ويو اُٿ کي.

66- اُٿاري ويو اُٿ کي، ڪٿو تي ڪارو
راڻي کي روح ۾، اچي پيو ڪٺر ڪسارو
اُڪيئين ڏنئي آدمي، ڪاوڙجي تيو ڪارو
هٽي ڪري ها هنڌ تي، مرد اتي مارو
پر ڪيئين ڪين مومل کي، لوڪ ۾ لڄارو
موٽي ويو مينڌرو، وِهڻ پيي ويچارو
سوڍي کي انهيءَ سور ڪيو، ڏاڍو ڏکارو
عاشق ڪٽي آرو، ڪامل ويو ڪاڪ تان.

67- ڪامل راڻو ڪاڪ کي، ڏيئي ويو ڏهاڳ
سونهن منهنجي سرتيون، سوڍو هو سهاڳ
ڪو جو راڻو مون ڪان رسي ويو، پينر ڪسي ياڳ
هاٽي وري هن چاڳ، ڪريان آءٌ ڪنهن سان.

68- ڪريان آءٌ ڪنهن سان، آريون انگ انگل
توريءَ مير مينڌرا! رڻ يانيان راڻل
ڪانڌ ڪري وئين مون سان، سچ ڪري سوڍل!
ٻي هڙئي دل هيڪاندي ڪٽي وئين، ڪري اونڌ اُٿل
ڪانہ پيم ڪل، تہ ڪو راڻا هئين تون رڻ ڪندين.

69- راڻا، تون رڻ ڪري، وئين ڪسي حال هنيون
مون ڪان مِنيون مينڌرا، وچي ڪِيئي پرين پياريون
جن سان سکيو آسودو ساٿيهہ ۾، وچي ڏوليا ڏٽ ٿيون:
هٿ شيشا لال گلاب جا، پسائي هوند پيون
ڪو جو وساري ويُون، ڏيئي ڪامل اولانبو ڪاڪ تي.

# 7_ بيت مريد مري جا*

-1 همير سومرو، ڏؤنر پٽي، شينهڙو ڏماچاٽي، راٺو هو منجهن
هُئن شوق شڪار جو نڪا مومل هُئن مَن
رميا رات رجن، پئي اونداهه امير ڪي.
-2 پئي اونداهه اميرن ڪي، لَلنگهه پيا لهي
تازين تنگ چڪيا، نڪتي روجهه رهي
راٺي گهوڙو ڪاهيو، سالڪ ڪيو سهي
مري چئي، مينٽري سَجي سِيگ هنئي
خاطوءَ ڪيسائي، اچي مارينڊس همير سومرو.
-3 پويان ڪٽي رَند راٺي جو، بانڪا بر چڙهيا
مرد گڏين هڪڙو، جنهن ڪيو وير وڏاء
تڪل گهوڙو، مُنل هسوار، ڪٽيو ڪيهه ويا
پوءِ اِجهي ماريندا، مُنهن ايندن مينٽرو.
-4 شڪار ڪري شير ٿيا، ڪئي سوڌي سٽائي
راٺي رام ليکيو، ٻي جا جَس جڙي
ٿئي تابش تماچيءَ تي، ڪئي خان ڪڙي
ڪڍي ڪاتي ڪٽنٽ مان، وڏئين ڪونج ڪهي
هڪٻئي ڪان وڏيا، سورهيہ سيئي
تن ۾ سوڌو سوايو ٿيو، تنهن واڌو وِڪ ڪنئي
ٻي بہ رات پئي، اچي بانڪا لٿا بَر ۾.
-5 اچي بانڪا لٿا بر ۾، سَهي ڪيائون سُج
نڪا وَسُهَن ويجهڙي، لڳي عاقلن اُڃ
پاٽي ڪونهي پنڌ پري، ٻي سُڃي روجهن رُڃَ
روجهہ پچي راس ٿئي، لٿو اُلڪو اميرن

---

*. چپيل ڪتابڙي تان ورتل.
مريد ذات مري ضلعي سانگهڙ جو ويٺل هو، ۽ سن 1946ع ڌاري وفات ڪيائين.

ميرِ پڇيو مينڌري کان، توکان کهڙي آهي مَن
کنهن پر وڃون وَسن، اڇي سوڍا صلاحي ٿيءُ.

-6 سوڍا ٿيءُ صلاحي، ڇڏ جٽئي جي جاڻ
ڍوليا هلندين ڍاڻ، تڏهن سير ورهائيندس سونَ جا.

-7 ات ٿيو بابو پيدا باک مان سامي صورت وند
جهڙيون راسيون سِج جون، تهڙو راول رنگ
جهڙيون موگهون مِينهن جون، تهڙا اکيون منهن ڏند
هيءُ کامل پيڻي کاڪ هو چڙهيو بر بلند
سائڻ پري سُنگ، جوڳي موڻيو جُوءِ تي.

-8 جوڳي موڻيو جُوءِ تي، سُهڻا ڏنئين سوار
پلا گهوڙا گهوٽن هٿ ۾، پلا اٽن هٿيار
هڪڙيون اٽن پوشاڪون پٽ جون، ٻيا الاهي اِسرار
ڳانيون ۽ ڳل- ڪوڙ سونهن وڏي سينگار
طرحين طرحين تنگ هين، ٻيا بالا- تنگ بهار
لڏن لالون لَوَندن تي، موتين لک هزار
تن ڪلنگيون سِر ڪاپار، هُئا مرد وينا ميدان ۾.

-9 وٺي سلام سامي‌ءَ کان، ڏنئون جوڳي‌ءَ جو جنسارو
ڪير آهين ڪيڏانهن وڃين، ڪهڙو نانءُ سنلوءِ
چئي: آءٌ پاڻ بادشاهه هو، ٻيٽو راءِ نِدام جو.

---

مون نوَ لک ناٽي جا، پنج لک ڪنيا پرسن
وڻي مونکي ورهه ٿيا، مٿي کاڪ کندين
هاٽي ڏدو ساڻ ڏکن، موڻيو وڃان ٿو مينڌرا.

-10 موڻيو وڃان ٿو مينڌرا، بابو ڇڏيو بَر
تو مِرن جي ملڪ جو سوجهيو هوندو سفر
تو کا ڏني تار تليءَ تون کو گهوٽ ڏيندين گهَر
کاک کهڙيءَ کنڊ تي، تو سامي کڏهن ڇڏيو سَرُ
واڻ انهيءَ تي ور، هلي ڏسون ماڳ مومل جا.

11- ماڳ ڏسڻ مومل جا، مور نہ هلان مذڪور
پنج حصا پَريُن ڪان هوءَ حسن ۾ وڌ حُور
ڪٽيو اڪيون خون ڪري، ٻيا گهائي هٽيو گهور
آءٌ بہ سهيو سچر سور، سامي وڃان تو سڪڻو.

12- تو توڪي چوان مينترا، مُنهن چڙهيو مير
تو جهڙا ڪُنا ڪامڻ ڪيترا، گهوڙا گهوٽ، وزير
هڪڙن موٽڻ مشڪل ٿئي، ٻين جو سڪي ساهہ سرير
وينا وِماسيا وِڪِر ۾، اُت ڪئين حد هَمير
هڪڙا ڪُهي ڪاڪ ۾، ٻيا ڦريو ڪري فقير
آءٌ بہ سهيو سور سرير، سامي وڃان تو سڪڻو.

13- رمي هليو راڻو پڇي سامي ڪان سوال
هلو هلو ڪاڪ تي، هلون حال في الحال
ڏسون ماڳ مومل جا، ڪريون اُني سان احوال
هِت ڪانهي ڪوٽ خزاني جي، هوءَ بہ ماريو وٺي پئي مال
ماڻهن ناهہ مجال، ڪامڻ سندي ڪاڪ تي.

14- چارئي چست هليا، پونءَ وٺي پيڙا
بندوقون ۽ ٻتيون، هٿا خانن سين ڪيڙا
ڪرڳل ڪاڪ ڪندين ۾، هُٿا ماڻهن جا ميڙا
مارائي مردن کي اُت جوءِ ڪرايو جهيڙا
هي بہ سورهيہ سويڙا، آيا ڪامل ڪاڪ تي.

15- ڪامل آيا ڪاڪ تي، ڪنڌ مٿي ڪاهي
ناتر وڏي ناز سان پئي دانهہ ڏٻائي
راوَ پڇيو راڻي ڪان، ڳجهو ڳالهائي
مومل جيڪا مارا ڪري، سا متان اِها آهي؟
سوڍا پڄ وڃي صلاح تون پڳ پٽي پائي
تڏهن ڀڄڳڻ ٻولائي، منهن چڙهيو مور جي.

16- مُنهن چڙهيو ان مور جي، اڃي راڻو ٿيو روءِ
وڻ ٽڻ سڀ واسيا، ڪٿوري خوشبوءِ
چئي: اڳي ڏٺو مون ڪونہ راڻو مرد اهڙيءَ روءِ
سوڍو مرد صبوح، ڪامل آيو ڪاڪ تي.

17- ڪامل آيو ڪاڪ تي، هنيئن لٿو هول
ڀُورون ڏين گهُورون، پون پرين جا پڙ ٻول
حسن وند هندورن ۾ مٿن انگ ارول
لُڏن پيون لاڏڪيون، چڙهيو منجهه چوڏول
پيون مڙئي موچاريون، ”مريد“ چئي، پر مومل سا منهن ڍول
جنهن ۾ عشق اَلول، سا موهيو مرد قٺا ڪري.

18- موهيو مرد قٺا ڪري، مومل ڪري مارا
ڪريبڻ جي ڪوهه تي، آهن چوڏاري چارا
وٺيو واٽون هن جون، ڪن عامل اشتهارا
لٿا ڏٺائين ليار هيٺ، مرد ٻه موچارا
موٽي وئي محلين، چئي: ٿا سونهن سونهارا
مومل! مٽيارا، ڪي ڪامل آهن تنهنجي ڪٽنب جا.

19- مومل پئي مناظري، وائي ٿي واري
چئي: تون رن رفيق ٿي آئينءَ سوار سيڪاري
ڇا ڪان تنهنجي دل وڌي، جو مون ويڻ ڏئين واري
سَٽائي ڇڏيندي سَئين سيلن سان، مرگوئي مارائي
موٽي وڃ منهنجي محل تان، پنهنجو جيءُ ٻه جياري
اڄ ناتر نه سَت ساري، ڪا مَدي اَٿس مَن ۾!

20- مَدي آهي مَن ۾، ٻانهيءَ ٻه پيرا
هِنيون تن حبيبن سان، وڃي جيءِ گڏيائين جيرا
پرين جي پريت جا، تنهن اندر آنهيرا
مري چئي، محبت جا وڃي پاتائين پيرا
ڀهگڻ سان ٻيهي ڪي سِر ٻڌائين سهرا
تون ڇئو ڪير آ، جي توڪي ٻانهي ٻاجهه پئي

*_____ _____

هٽي همير بادشاهه ڪي تو آندو بي عقل
موزا پارائي مير ڪي، آئين ها منجهه محل

* هتان وچ وارا بيت ڪٽل اهن. جڏهن راڻو همير ڪي ميهار ڪري وٺي آيو، تڏهن ٿي موم
(هينئين بيت ۾) چئيس ته:

تہ انهيءَ مهل انصاف جي، ڪامل پوئي ها ڪل
پرٽايان ها پارس ڪي، سَهج وڏي سُومل
اها وِيَئي مرد مهل، تڏهن بيون ريتيون تو ڪرين.
*- - - - - - - - - - - - - -

ڏڪي پوين ها ڪاڪ تي، جيتر اُپري سج
چئي لڳي چُغلن جي، ڪاري ڪاڪ نہ ڪج
سڏي ماڻهو ڪاڪ جا، تون شاهد ڪٽي تج
پوءِ حقي حرف ڏج، ڪر نہ مڃايون "مريد" چئي.
- - -

چئي: مومل مڃاين جو، تون تاڻو هڏ نہ تاڻ
تو جنهن راڻي روح رهاڻ، سو ڪاڪ ڏٺي اتئي ڪاوڙيو.

* هت وچ وارا بيت ڪٽل آهن. جڏهن راڻو مومل ۽ سومل کي گڏ ڏسي موٽي ويو، تڏهن تي
ومل (هيٺئين بيت ۾) چئيس تہ:

سامي آين سامهون، چئنچل چوڪيدار
هن جو حسن ڏسي حيران ٿيا، بيشڪ باغ بهار
تون ڪاڏهون آئين ڪوڏريا[1] ڏي خاصي خبرچار
هيا تجلا انهيءَ طرف تي، ٻيا تہ ڪنوٽين جا ڪجڪار
چئي، "مان آيس اوڏهون، جاڏهون ٻئي ڪي ادب نڪو اختيار
سنگتي لوءِ[2] لڪين سڀ دولهہ دنيادار
ملڪ ملڪ جا مهاندا ها پڪا پلٽيدار[3]
'ناتر' سڀ نهوڙيا، اهي اتس آچار
ٻُتو مومل جا پار، هاڻي مان تو چوان موٽي وڃو."

2- اُتي مُڙيا موٽيا ڪينڪي، ويا قابل ڪاڪ ڪهي
ڪندا سي مومل ساڻ مقابلا، وڏا وس وهي
وڃي چاري ٽيس چوگان ۾، پيس روشني منجهہ رهي
تنهن ڏي شربت شراب ڪيترا آيا ٿاڌل ٿان ٿهي
وڏا ڪانڌ ڪتن ڪي، پوءِ مئا هئا لٽ لهي[4]
مومل جي مير مينڌري ڪئي رمز سهي
تڏهن برسين طعام تيار ڪري، وين ناتر پاڻ ڏئي
سڻي ڏنائونس سونگهڙا[5]، جهليائون ٿانءُ ٿهي[6]
تنهن تي ناتر ڪري نيڪال، مومل وٽ وئي
تہ مينڌري ٿانءُ مشهوري آ تنهن کي عقل عطائي
اڻ عيب احمق ڪي، آٿلو رنگ رئي
اڳ خواب ڏنو هئائين، پسي گجر غم ۾ پئي
پاند منجهائي پٽ جا، ڏنائين ٿٻن[7] منجهہ ٿهي
جلدي وٺو جوانو! هن جي تڪي تند لهي
ڦورو ڦوليائون ڪينڪي، سُٽ جا هُيا سهي
ڇٻان[8] ڪپي، نوڙ وٺي، ڏنائون گهوڙن تنگ لئي
مومل جا "مهر غمٽار" چوي، پيا سيئي ڊوهہ ڊهي

---

(1). ڪوڏريا- سرها، خوبرو. (2) سنگتي لوءِ- هم وطن ساٿي. (3) پلٽيدار- پهلوان. (4) لٽ لهڻ- مٽي ڳولڻ (5) سونگهڙا- ٻُسريءَ جي قسم جي مٽي ماني. (6) ٿانءُ ٿهي- چاهہ مان. (7) ٿٻيا ۾ تهيون- ڊِڳ. (8) ڇٻان- تندن جا ڳُڇا.

مُهڙ چڙهيا هئا چانئڻ تي، مينتري ري ٽيئي
موزا[1] پائي مٽ سان، آيا کپوس[2] کهي
اُتي مينتري چيو نڪو بادل اپ ۾، نڪا گاج تہ گوڙ ڪئي
هٽي هوڏ همير سان، خان ڪڙهہ ڪنئي
پاڻ هنيائين پانهي کي، نهَ ناتر ڪانہ ڪئي
ڪٽ ڏسي ڪانگهي کي، ويئي سيا حال چئي
وجي چوريائين چرخي کي، تہ ڏسي دوڙ درياءَ جي
پٽر هنيائين پاڻي تي، ڪهہ ڪهہ ڪچ ڪئي[3]
اُتهون ارڏو اڳي ٿيو، وجي پهتو اُتيئي
مومل راڻو پاڻ ۾، ويٺا ڪٽ تي ٻيلهہ ٻئي
ڳالهين ساڻ ڳهي، ڏس مومل ماڻي هئي مينتري.

3- مومل ماڻي مينتري، سڀ ڪري سرسي
آيو همير سومري وٽہ، وٺي گهوٽ گهڻي
پاڻ آيو هان پرڏجي، رنگن ساڻ رچي
ڪٽي سومرا سڪ سچي، تون موٽي وڃ ماڳ تي.

4- موٽي وڃان ماڳ تي، پر زال سنڌ ڏيڪار
مان تہ هليو هوس حب ڪري، ٿي مومل جي درڪار
لاهہ لٽا، ڪڻ ڪتو، هلي ڪنڊين کي ڪٽڪار[4]
وجهي ڪڪڙا ڪونار ۾، پاڙو[5] مينهن کي چار
پلئو هٽندي مينهن کي، پوءِ تڏهن نڪرندي نار
ڪري رچ پنهنجي هٿ ۾، زور جا گوها مار
ڏسندين منهن مومل جو، امير انهيءَ اعتبار
تون صورت سڀ نهار، هاڻي قدرت ڏس ڪريم جي.

5- قدرت ڏس ڪريم جي، ٿي مينهن جو ميهار
ڏنبو تنهنجي هٿ ۾، ڏوڙي ڏگ ڏرارا[6]
چوندس، مزور رکيو ٿم مينهين ۾ چڱو چاري دار

---

[1]. موزا- جتيون. (2) کپوس- بيوقوف، چٽ. (3) ڪچ- شيشو. (4) ڪٽڪار- مينهن کي سڏڻ.
(5) پاڙو- مينهن کي ڦر بدران ڏهڻ وقت ڏنل گاهہ. (6) ڏوڙي ڏگ- مضبوط ۽ جانئو.

وَڇُون واڙيندين ڪُونها ڪاهيندين، ڪندين داءُ[1] انهيءَ ديدار
متان شعاع ڏسي هيٺو ٿئين رنگيءَ جو رخسار
متان ٻانهن ڏسي دانهن ڪرين ٿئين ليلائي لاچار
ڪنوٽين جا خمار، سا ٻہ مٽئون ڪندي اٽيئي مينهن تي.

6- ممبر ميڙي مينهن ڪي، ويٺو نانيُ نِپڻ[2]
ڇُواڪا ڪري ڇُرن ڪي لڳيس رت ٽِمڻ
جڏهن ٻڌائين جهوٽ جهلي جي تڏهن لڳي ٻاهہ ٻڪڻ
ڏِيئي جان ڏينهن ٽيو، لڳي ڪر پيڇڻ
مند گندي مينهن نہ ڏٺي، ٿلها مينهن جا ٿڻ
اتي واجهائي ويسوڙي[3] ۾ لڳي نوڙي نار تڪڻ
اُتي رڃ رت جو پري، لڳو امير اُٿڻ
گهوڙي چڙهي گهوٽ هليو ڪري ساز سٽڻ
ٻانهي هاري ڪير ڪي، مگهہ[4] ميني مانجڻ[5]
تہ مومل ڪؤن مينڌرو، لڳو پاڻ پڇڻ
تہ جوان آيو هو جارِتُو[6] اهو صوبو سونهن پسڻ
آيو هُيئہ مير ملڻ، پر چڙهئين ور وزير جي.

7- چا ڪيئہ مينڌرا، حال ڪيئہ هاٽي!
ساڻ آندو هوءِ سنگتي امير ڪنهن آٽاٽي
نقري[7] چڙهي نر ويو، سا ٻہ ولايت ماٽي
خبر نہ ڪيئہ خيال جي، سندي سوپ سجاٽي
مون تنهن ڪي پاٽهي، جيڪر ڏيان هُندَ[8] سگ سومل جو.

8- ڏيان هُند سگ سومل جو، جيڪا پيڻ منهنجي آهي
پرٽايانس هُند پريت مان، لال ميندي لائي
گلم ڏيانس هُند غاليچا، سوڙيون هنڌ وڇائي
محل ڏيانس ها موڪري، ماڙ مور وجهائي

---

(1). داءُ- بهانو، نمونو. (2) نانيُ- سيڪڙاٽ نپڻ- ٿڻن مان تمام ٿورو کير ڪيڻ. (3) ويسوڙو- وهم. (4) مگهہ- برتن. (5) مانجڻ- ماجڻ، صاف ڪرڻ. (6) جارتُو- زيارتي، زيارت جو طالب. (7) نقرو- سفيد گهوڙو. (8) هُند- هوندہ جيڪر.

گڏ وهاريانس ها، ”غمنّار“ چوي، سالو سيڻ سڏائي
راڻا! ڪيئن رسائي، هاڻي آڻاوڻ[1] اوکو ٿيو.

9- آڻاوڻ اوکو ٿيو، جيڪو مير ويو موٽي
هڪ پيو قافلي[2] ڪُنڊِين جي تاءُ چڙڏي شوخي
جاٽي تو جٽ ڪيو، چِٽڪ[3] ڪري چوکي
مذاق ڪيئہ مير سان، اوچاٽ[4] اها اوچي[5]
لعل اهو لوچي[6] پرڻايان هُند پريت مون.

10- پرڻايان هُند پريت مان، سومل جنهن جو نانءُ
جيڪا ڏهلائي ڏُبر[7] ۾، حسن سان تي ڙي هانءُ
صوبو سڪ منجهان، سو بہ ڪانڌ موٽي ويو ڪاڪ تان.

11- ڪانڌ موٽي ويو ڪاڪ تان، هيٺو ٿيو حرفن[8]
نڪي بادشاهہ سمجهيو بُسريءَ ڪي، تہ اهو ڪاچ رنن
نڪي پرڪيئين پَٽ ڪي، تہ اهو مونڌل آ مانجهين[9]
نڪي سمجهيو راڻي جي رَملن ڪي، وجي ويٺو ساڻ وَچين[10]
ڏهڪي ساڻ ڏکن، سوبہ ڪانڌ موٽي ويو ڪاڪ تان.

12- نکو منهن[11] مومل ڏي، نکو مينڌري تي ميار
هن تہ برابر بيڪ ڪيو، پر جوءِ مٽيو جنسار
ڪٽ پاڳي رکيائين پنڪو، جُتي مڙس جو پار
مينڌري جي مومل سان، نکو هو اچڻ جو اقرار
عاشق جي آڙاهہ جي، هيس من اندر مونجهار
مومل پئي پيڻ سمهاري پر ۾، لِيوي[12] ڪئي لاچار
گوري[13] هئي زوري، جنهن پلايو مومل جو پوتار
پنجاهہ ڪوهہ پري ويئي، سا آڏامي اوتار
دونهين تي سونهون ٿيو، جاٽي هو ڏوڙي ڏگ ڏرار

---

[1]. آڻاوڻ- آڻائڻ. (2) قافلو (ٿ)- مقابلو (3) چِٽڪ- چرچو. (4) اوچاٽ- اڳرائي. (5) اوچي- اجائي يا اڻوڻندڙ. (6) لوچڻ- ووڙڻ، ڳولڻ. (7) ڏُبر- هڪ شهر جو نالو. (8) حرفن- فيصلي يا انصاف موجب. (9) مونڌل- منجهيل، مانجهين- ڏاهين جو. (10) رَمل- اٽڪل. (11) مُنهن- ڏوهہ، ميار. (12) لِيوو- ڪپڙو (جو سومل تاڻي سُتي هئي). (13) گوري- ڏاچي.

منٿائو مومل ٿيس، جيڪا ويس هيس عشق ۾ اڙي
نہ تہ سالڪن جي سراھہ ۾ مينڌري جي سيڪا ڳالھہ چري[3]
بيعقل باھُڙي[4]، منجھان چرڪ ڇڏي ويو.

14- منجھان چرڪ ڇڏي ويو، وجي ٻڌي ڪانڌ ڪمر
ناحقاڻو نانءُ رکي، وجي خوش ٿي وينو گھر
مومل کي مينڌري جي، لڳي لُڇ لھر
وڇڙن ڪوھہ ڪشالا ڪيترا، ڪيا هيا مزورن[5] مقرر
حيلا سڀ هٽي گڙي، ڌن لُٽائي زر
مَٽيو، موٽيو ڪينڪي، سو ٻُ سوڍل ساڳئي در
مومل ڪھڪي[6] نڪتي ڪاڪ مان، ڇڏي هوڏ حشر
ڪيائين قند فقيريءَ جو، ٿي جوڳياڻي ويتر
وجي ڏاٽي ڏنائين ڏٽ ۾، نيٽين ساڻ نظر
مومل نہ سُڃاتي مينڌري، ويئي ويس مٽائي پَر
وجي روش وڏائين راند جي هٽي تاڙي تر
مان ڪٿيو تنھنجو سو منھنجو، تو ڪٿيو منھنجو سو تنھنجو،
ٻي پيچڻ ناهي پر
ڏارا ڏريائون پاڻ ۾، ليکي ڪان تہ اندر
ڏاهي ٿي ڏوري آنجڪيائين[7] مان سُڃاڻي تل تبر
نر سُڃاڻي نيشاني ٿيو پنيرو تہ پڌر
پوءِ ديد ڪري دلبر، جو ويندو ڏسي ويھي رهي.

15- ويندو ڏسي ويھي رهي، رنگيلي راڻو
سوڍو سر تو ڪينڪي، جنھن ڪيو هو مينڌري ماڻو
مومل ڏاڳھ[8] بنائيو، گھرائي گھاڻو
چِڪيي منجھہ چڙهي ويھي نهرايائين پيلي جو پاڻو

---

[1]. رڏي- هوڏ، هٺ. (2) تري هٽڻ- ڌڪاري ڇڏڻ، هٽائي ڇڏڻ. (3) چري- چريائي يا بيوقوفي جھڙي. (4) باھڙجڻ- ٿاٻو کائڻ، ٿلجڻ، دوکو کائڻ. (5) مزور- اجورو وٺي خط پھچائيندڙن ڏانهن اشارو. (6) کھڪڻ- درد محسوس ڪرڻ. (7) آنجڪڻ- ڳنجڻ. (8) ڏاڳھ- باھہ لاءِ ڪاٺين جو تيار ڪيل ڍڳ.

أتي هن جو پڳل من پڇي پيو، چڏيو آياڻي آڻو
مومل توکي اسم الله جو، ٿئي نالو نماڻو
ساهه کري ساڻو، هاڻي لائق ٿي لهي آ.

16- لَهرُ لهڻ جو کين مجي، ويٺي پنهنجي پک کري
ساهيڙين جي سات ۾، جيئن ڳچو کانه کري
جيءُ جلايائين جانب لئي، ظاهر زُوم ذري
چـــرخ[1] ٻـــري چيلاٽ[2] ٿيو، جيئن کڙکا کُنن کري
مر تہ چائو هو مينڌرو، جنهن ڇڏيو وه وه وس کري
دل سچي دِلوين[3] جي، جيکو جهاڳي مچ وُڙي
نہ تہ کوڙو کميڻو کيترا، وڃي هند ڏهہ ڏهہ ڏانءَ[4] کري
پتنگ جان پيهي ويو، سوبہ عاشق کين اڙي
وڃي مومل ساڻ مٽي ٿيو، ڏسو خاکي خاک ڏري
ڇڏيائون سرسي سپ کري، جو کسو ٻنهي مان کونہ ٿيو.

---

(1). چرخ- باهہ جو وڏو مچ. (2) چيلاٽ- ڇپيون ڪيندڙ، تيز باهہ. (3) دِلوَين- جن محبت ۾ دل وڃائي هجي. (4) ڏانءَ- بهانا.

# 9_ بيت عبدالرحيم فقير ڏاهري جا*

-1 اول نام الله جو، قادر رب قدير
هادي حڪمت وارو، سميع بصير
وارث ولهين جو وسيلو، آيو احمد چام اڪسير
لاالهٰ الا الله محمد رسول الله، جنهن ڪيو موهي ماڳ ملير
موليٰ ڏني مؤمنن کي، ڪري جنت جاگير
اندر اداسي امان لاءِ، ساريان اصغر ۽ شبير
ڪريان قصو ڪاڪ جو، ٻڌو نيڪ نظير
اٿيو عمرڪوٽ مان، حاڪم مير همير
ڏؤنئر ٻني، شينهڙو ڏماچاٽي، سوڍو ساڻ وزير
گهوٽن گهوڙا سنجيا، بخمل ساڻ بهير
هيرا زمرد هَنن تي، سونا سنج سڌير
ڪتن ڳانيون ڳچين ۾، سونا جن زنجير
جوانن جامڪيون چوڙيون، توائي ڪري تير
ڪهيو ڪرڳل ڪاڪ تي، وَهي هليا وير
ڪلن ڳالهائين پاڻ، ثابت رکيو سير

---

* . هيءَ روايت شاعر جي زباني قلمبد ڪئي ويئي.
عبدالرحيم پٽ چتن پٽ ولي محمد ذات ڏاهري ڳوٺ صفر ڏاهري، تعلقي شهدادپور ۾ اندازاً سنہ 1902ع/ 1320هجري ۾ ڄائو. تعليم پرائڻ لاءِ ڳوٺ ڪنب دارون جي مدرسي ۾ داخل ٿيو، اتي استاد حاجي جمع ڏيري وٽ 9 مهينا ڪن پڙهيو، جنهن ۾ فقط سيپارو پڙهي سگهيو. جلدئي ملڪ ۾ وڏي بيماري اچي پيئي، جنهنڪري وڌيڪ پڙهڻ ڇڏي پنهنجي مائٽاڻي ڪِرت، ٻني ٻاري سان لڳي ويو.

پير صاحب پاڳاري جي جماعت جو فقير آهي. سندس وڏا پير صاحب جن جا خليفا هئا. 1944ع واري"مارشل لا" جي وقت ۾ لڏي وڃي دؤڙ (ضلعو نوابشاهه) ۾ رهيو، جتي اڄ تائين رهي ٿو. پنهنجي وڏي ڀاءُ جي گذاري وڃڻ وقت بيت چوڻ شروع ڪيائين. سندس گهڻا بيت مارئي جي سُر مان چيل آهن. ازانسواءِ معجزا، مناجاتون ۽ مناقبا وغيره چيا اٿس. سندس بيتن جو مجموعو "عمر مارئي" ڇپيل آهي.

ايندي مرد ڏٺئون منهن ۾، بيهي ترت ڪيئون تعبير
هڪڙي چيو: ٿنيل آهي فراق جو، تالان ڪيو تقدير
ٻئي چيو: ماريل آهي مرض جو، درد ڪيو دلگير
ٽئي چيو: وڇوڙيل آهي وطن ڪان، آويڙو ڪيو اُڪير
چوٿين چيو: پيو آهي منهن مومل جي، جنهن ڦري ڪيو آهي فقير
تڏهن جهوري آهي جهونو ڪيو، اچي ٿو نيٽين نمائيندو نير
مرشد منهنجو مربي، پتڻ اڪاريندو پير
عبدالرحيم ڪي سڪ سردار جي، ساري ساهه سرير
پوءِ ورايو وير، تا پچارين خبرون پاڻ ۾.

2- پيا پچارين خبرون پاڻ ۾، ڪريو ترت تياري
سوڍي ساميءَ ڏي ڪري نظر نهاري
جهونا ڏيندو اچي جهنگ مؤن، بر وٺيو باري
اوڍيل هجيس الفي، ڳُلهن ۾ ڪاري
مٿو اُگهاڙو مرد جو، ڪلهي سانداري
منهن ٻري پيو مشعل جنهن جو جسم جنهواري
سوڍي ساميءَ ساڻ پاڻ خبر پچاري
اچين پيو قبلي ڪاڪ ڪؤن، ڏي ڪا دانهه دلداري
خبرون ٻڌاءِ خير جون، ڪر سڄڻ سرداري
ته ويهي رهيو واٽ ۾، اچي وسائڻ لڳو واري
آٿي آب اکين ۾، ڪرڻ لڳو عاشق انتظاري
"نالو منهنجو بابو، آهيان گودڙيو گرناري
لڳم مجاز مومل جو، جنهن برهه باهه ٻاري
ڪهي ويس ڪاڪ تي، سنگت وٺي ساري
ڪيم ملاقات مُنڌ سان، ڏٺيم مومل موچاري
منهن مٿو نه هو ماڙيءَ جو، هئي اُتي آنڌاري
ٻيا ڪئين ايندي ڏٺم ڪاڪ ۾، گهڙي نه هئي گهاري
روڪيو وٺي ريب سان، ڪريو حڪم هچاري
ستل اُتي مون سلطان ڏٺا، جن جي پَٽ تي پاتاري
حيلو هلي ڪونه ڪو، ٻي آهي توبهه زاري

ٿورو چوڻ گهٽو سمجهو، ڪريو عاشق اعتباري
ڪالهه هليو آهيان ڪاڪ تؤن، ڪئي اٺر پنتي پوئواري
سامر جهلي آ سيّد مون، ڪندو قيامت قربداري
عيبدارن سان عبدالرحيم چوي، ڪندو محمد موچاري
پڌايو سڌ خبر ساري، مرد پنهنجي مذڪور جي.

3- ميان اسان جي مذڪور جو، بابو! پڌ بيان
عمرڪوٽ اسان جو، سندو ماڳ مڪان
چوٽون اسان ۾ چڱو، خاص اسان جو خاندان
همير نالي سومرو، سنڌ سندو سلطان
اسين آڏو تنهن امير جي آهيون در سندا دربان
سڻ تہ سٺايئين نالا، اسان جا نيشان
ڏونر پٽي، شينهڙو ڏماچاڻي، سوڍو سرت سجان
ڍُليا هليا آهيون ڍٽ مؤن، اچون ٿا ڪڏائيندا ڪيڪان
اڄ اڄوڪي راتڙي، ٿينداسون مومل جا مهمان
سامي! ٿيءُ سنگتي اسان جو، لاهہ اندر جو ارمان
موٽي هل ماڳ تي، ڏسون مومل جو ميدان
جتي تي ڪامڻ مرد ڪُهي، هَل چڙهہ تہ ڏسون چوغان
”نصر من الله و فتح قريب“، سوپون هٿ سبحان
جنهن جي توڪل تبّار تي، تنهن کي ڪامڻ چوندي ڪانُ
عبدالرحيم جو امام آهي، پير يلو پهلوان
پتڻ اڪاري پارو ڪندو اڙين تي احسان
هلي ڪاڪ ٿيان قربان سامي! تنهنجي سر تان.

# 10_ بيت ليمي فقير شر جا*

-1 ساراهيان سچو ڌڻي، صفت ڪيان ستار
سورهيه سنبري هليا، ڪرڻ شيل شڪار
تہ هلي ملؤن انهيءَ مومل ڪي، جيڪا آهي نازڪ نار
سامي گڏيو هُنِ سُج ۾، جنهن پورا ڏنن پار
پنج سؤ پهلوان، هيا سپيئي سوار
اُهي تہ مومل ماري ڏنا، جيڪي اهڙا عقلدار
گهوڙا تن گهوٽن جا هُن ڏُوتيءَ وڪيا ڌار
مڙهہ تہ تن مردن جا، آهن گوليءَ ڪيا گار
ڏسي حال تہ هُن جو، پين ڏِيل ۾ ڌهڪار
هو تہ ڪري ڳالهہ ڳري ويو، پيو روئي زاروزار
لوڙيائين پئي ، ليمون چئي، جيڪا هئي لِکيي جي لغار
ساري خبر چار، سامي ڏيئي ويو پنهنجي سور جي.
-2 سامي جو سورن هيٺو ڪيو هو حال
اُتاهون وير وري پيا، ڳري ٻڌائون ڳالهہ
سوڍي چيو سنگتين ڪي، تہ ڪونهي اوهان ۾ افعال
محبت جي ميدان ۾، ڪُتا ڪئين ڪمال
هتئون بہ لک هليا ويا، ڇڏي جُوءِ جمال

---

* . هي روايت شاعر جي زباني قلمبند ڪئي ويئي.
ليمون فقير پٽ مَرڪَڻُ پٽ گلاب، پٽ ٿٿر، پٽ مانجهي، پٽ مهِرڻ، پٽ پليو، پٽ سعدڻ ذات شر بلوچ، پاڙو بنگلاڻي، ويٺل ديهہ سَلرَٽہ تپو جڪراهُو، تعلقو سانگهڙ، ضلعو سانگهڙ، جمڙائو وُڙهو، فقير انهي سال (1900ع) ڄائو. هر هاري ۽ مالوند پاڳيو آهي، جوانيءَ ۾ پهريائين سَهَن تي بيت(مناظرو) جوڙيائين. ٿر جي سٺن سگهڙن ۽ شاعرن سان ڪچهريون ڪيائين، جيئن تہ بچايو رند، حڪيم ڏاهري، موريو خاصخيلي. انهن جا ڪجهہ بيت ياد ڪيائين، ۽ پاڻ مارئي، مومل راڻي وغيره جا بيت چيائين. "ڏور" بہ جوڙيل اٿس. اٽپڙهيل آهي، ڪيس ڪجهہ گس بَچائي فقير رند ڏسيو.

خار تہ آيو خانن کي، هاڻ تي ناتر نِوائي
ڏکي ڏونر اُٿيو، حڪم هلائي
هڪل همير ڪئي، جنهن جي تاب ڏني تائي
سوڍي سَٽي سنئين ڪئي، چابُڪ چڪائي
مار ڪيڍيانئين منڌ کي چيٽي چِتائي
تڏهن ساري ڳالهہ سچي ڪري، تي ٻانهي ٻُڌائي
اَٿو زهر انهي ۾ متان ڪو ڪاچ ڪٽي کائي
لڪين هِت، ليمون چئي، چِڏيا انهي مومل مارائي
پوءِ سچي سُڻائي، ويئي حقيقت هُنن کي.
9- حقيقت هِن جي، وڃي پئي مومل ڪن مَقال
چيائين تہ: ڪئين ٿيا هتا ڪاڪ تي سامي ڪي ڪي سال
ماريم سڀ ملوڪ تن جا هيٺا ڪري حال
هي تہ آيا آهن اوچتا، ڪاڪ متي ڪالهہ
اچ ڦُري فقيرن ڪان مڏيون گهوڙا مال
ٻانهي ٻولائي چيو تہ: هلن ٿا هنر سان ڪيو چڱي پنهنجي چال
ڪانهي فوج فقيرن سان، ڪي توبخانا تال
لُٽي ويندئي، ليمون چئي، اِهي ڪاڪ ڪمال
نانگا نيندئي نال، بيشڪ وٺي هن باغ مان.
10- بيشڪ مونکي باغ جو اچ طعنو هنيو تو
مون کي تي مهٽا ڏين، توکي ڪامڻ ڪنهن چيو
هنر هُن جي حال جو، توکي عقل نہ آيو
توکان مرد ماريا نہ ٿيا، جن کي ڀيو ڏينهن ٿيو
اڳي تہ ڪئين ڪُتا هئي ڪاڪ تي نر نيش چِڏيئي نايو
اهو سائڻ سچ چيو، ٻولائي تنهن ٻانهيءَ کي.
11- ٻُولائي تنهن ٻانهيءَ کي، اچ مومل ڏني مار
ڪيڍي چِڏيائين ڪر مان، اِها ڏُوتي ڪري ڏار
سِڌي آئي سومل وٽ اِهو ڪٽي آچار
چئي: ٻانهي ٻہ- ٿي ڏينهڙا، هئس دائي دربار
لُچايون، ليمون چئي، ڪيم پئي ساري سڀ چمار

هاڻ تہ هلي ڏي ڪا هيتري مومل ڪي ميار
پر هوءَ ساز نہ هئي سومل سان، مومل هئي مختيار
"ننڊ" اڳئي ناڻي تؤن، ڪري ڇڏي هئي ڏاڙيلي ڏار
لاهي منڊ ميار، ٻانهي ٻاهر نِڪتي.

12- ٻانهي ٻاهر نڪتي، ڳولي ڪائي غم
سڏي آئي سوڍي وٽہ، ٻيو دير نہ ڪيائين دم
آءٌ اوهان ڏي آئي آهيان ڪار ڇڏي ڪُل ڪم
اهي اٿو ڪَلُون ڪوڙ جون، غازي ڪريو نہ غم
ڪٽ رکيل آهہ ڪوهہ تي، جنهن ۾ آهي زور ظلم
اهو حال تہ هُن جو ٿيو مڙني ڪي مَعلُم
سورهيہ سنبري پيا، دير نہ ڪيائون دم
رهائي راڻو ڇڏيائون جنهن ڪي وڏو وهم
پوءِ ڪيرائي قلم، مُنجهي موٽي آئيا.

13- منجهي موٽي آئيا، مرد ڪري ميدان
هن تہ ڪئين ڇهل ڇپايا هئا، ڪري نشانبر نيشان
گدڙ، بگهڙ، پولڙا، هُيا هرڻ مِرون حيوان
آدمخور اِلاهي، اُتي هاٿين جا هاگام
شينهن تہ شير خدا جا، گوڙيون ڪن گهمسان
اڪئين ڏٿائون ايترا جنّ اُتي ڪي جام
ٻُڌي سُوسٽ سُپَن جا ٻيون بلائون بيابان
"ڏؤنر" تہ اُتي ڏڪڻ لڳو، ويو سالڪ ڪؤن سامان
هليو ڪونہ "همير" ان، اوستائين ايمان
لڄ پت سان، ليمون چئي، شل ڏٽي ڏئي ڏيان
پوءِ سوڍي جو سلام، اچي ٻانڪن ڪيو هو باغ ۾.

14- هاٽي ٻانڪن ڪؤن باغ ۾ تو پڇي خان خبز
تہ مومل جي مڪان جا آهن ڪهڙا حال هنر
حقيقت هُن جي ٻڌايو ٻيهر
چئي: ڪانهي واٽ وڃڻ جي، هلڻ جي هيڪر
هنن پالي شينهن پوڏا ڪيا، ڏاڙيليءَ ڏچر

وينا آهن واٽ تي ڪنيو ڪُنيارا ڪر
اسان تہ اڪين ڏسي آيا آهيون، سورهيہ بچائي سِر
سوڍا سُڌ خبر، اسان ڪي اٿئي ايتري.

-15 اسان سان ايتري ڪامڻ ڪئي آهي ڪار
پنيان پوئواري تو سوڍا لڏي نہ سنپار
اسان تنهنجي آسري، ٿياسون تيڏيءَ ويل تيار
پر ڏٺاسون اڪين سان، پاڻ تنهنجا پرڪار
مڙسي تو منجهہ مينڌرا نر ڪانهي نروار
اتي راڻي ڪي روح ۾ وڏو ٿيو ويچار
چئي: مون ڪي چڏي ماڳ تي، ويئو ويهاري وينجهار
هُيا اوهان جي هٿ ۾ هزاري هٿيار
ماريو ها تن مرن ڪي هٽي ڪانَ قهار
وجي مُنهن چڙهو هو مومل جي ياقي تي يار
هاڻ سوپ تہ وس آهي، سائينءَ جي، جنهن ڪي ڏياري ڏاتار
تي تيڏيءَ مهل تيار، سوڍو هليو آ سنيري.

-16 سوڍو هليو آهي سنيري، وڳا ڪري وَنَ
مڙيئي مينڌري تي خان ڪِلون پيا ڪن:
اِها مومل توڪي ماريندي ريهي ڪنهن ريبن
تون ڪڏهن پڄندين ڪينڪي هن جي ڪوٽ ڪِريبن
پر راڻو رهيو ئي ڪينڪي جو هن ڪي تار لڳي هئي تن
ڪاهي آيو ڪاڪ تي جتي هاٿي شينهن هجن
ساهہ بنان سي اڄ ويري ڪيئن وڙهن
ٻڌائين تي ٻروچ چئي، اڄ ڪُوڪٽ پنهنجي ڪن
پوءِ سوڍي جو سُورن، هو اُتي من منجهائيو.

-17 سيئي ڳالهيون سِر تي سوڍو ويو سهي
ڪاهي آيو ڪاڪ تي پڄائي پهي
سوڍي سوپاري اچي هٿن ساڻ هنئي
امر ساڻ الله جي پيو در لهي
لنگهي ويو، ليمون چئي، اُتاهُون وِير وهي

وچي مُنهن چڙهيو مومل جي، جيڪا حور هُئِي
ويٺي آهي پاڻ پلنگ تي ڪٽايو ڪُهي
ڏسڻ ساڻ عجيب جي راڻيءَ ڏنو روئي
ظاهر وڏي زور سان، هئي راڻي راند ڪنئي
پوءِ خبر اها پئي، تہ اڄ مومل ماڻي مينڌري.
-18 مومل ماڻي مينڌرو خوش تي ويٺو خان
راڻيءَ ڪي روح ۾ اُتي ٿيو ارمان
تہ ڪاڻو منهنجي ڪرم ۾ اڄ اچي مليو انسان
رتائون روح ويٺي ڪري غم گمان
عقل پئي انصاف ڪيو تيڏي ويل تمام
اُتي مير چيو هئس مينڌري، تو هنئي چو تي هام؟
هينئر تہ مومل تي ماڻا ڪرين، تنهنجو پڳو آهي ڪنڌ ڪلام
هاڻي موڳي تو وٺ ماڻُ، منهنجو قدر آهي ڪونہ ڪو.
-19 چئي: منهنجي قدر ڪم جو، توکي پيو ڪيئن پرو
جوڳي هن جاءِ تان هڪڙو سامي ويو سَنرو
اُنهي ڏائڻ توکي ڏسيو آهي اِهو وچ ورو
تڏهن ڪاهي آئين ڪاڪ تي پچائي پيرو
راڻا منهنجي روبرا آهيين خوشيءَ ۾ ڪيرو
هن مومل ڪي ميرو، اچي سوڍا تنهنجي سِر ڪيو.
-20 مڙئي ڳالهيون مومل جون، سوڍو ويو سمجهي
ٿيو ڪامل ڏٺي ڪاڪ جو، ٻي ڏٺئين ڪانہ اهنجي
آهي پڻ الله جو، ٻي ڪاڻ نہ آهي ڪنهن جي
جي مالڪ مهربان ٿئي تہ پوءِ آهي سڀ ڳالھ سهنجي
هو جي باڪا چڏيا هئائين باغ ۾، ٽڪ هئس تن جي
هليو ويو هنن ڏي، پڪ ڏيو پنهنجي
ٿيو سچ لهي سانجهي، اچي سوڍي هو سلام ڪيو.
-21 سيئي سوڍي ڪاڻ هئا ماندا مير
ڏٺائون عجيب ڪي پوءِ ڪِلي پيتائون ڪير
روبرا راڻي ڪان پُڇيو پاڻ همير:

تون اتين پهر آيو آهين، تو سان ويڙن کهڙي وير؟
ڪُڇي پڇي ڪونہ ڪو، پيو نيٽين وهائي نير
ڪيئن لڪائي، ليمون چئي، جو هن کي سِڪ وهائي سِير
اِهو اٿئي حال همير، سوڍي جي سِر جو.

-22 سوڍي جي سِر تي اچي ڪاوڙيو قهار:
توکي ڪڏهن ڇڏيندس ڪينڪي، ٿيءُ خان بہ خبردار
بچ ڪيائين باڪن کي تہ هن کي ڳِهلي ڪيو گار
سوڍو ويل صبوح جي، ٿيو اُتي انتظار
چئي: مالڪ نانءِ معافي ڏي، آهين منهنجو يار
بانڪا مون تي بار، اچ حاڪم ڏي نہ هيترو.

-23 حاڪم سو همير ريجهايائين راءُ
پرچائي ڪيائين پانهنجو، ياڪُر وجهي ياءُ
هٽي هِن زماني جو توکي وير لڳو آهي واءُ
منهنجي ئي مارڻ جو توکي ڏؤنر ڏسيو آهي ڏاءُ
پر باطوني جي بحر جو مون وِير پَسيو آهي واءُ
هُو هو بانو بادشاهہ، جنهن بندي ڪنيو ڪٽي باغ مان

-24 بندي ڪنيو هٿائين باغ مان، سوڍو ڪري سُڪ
حاڪم هليو آئيو، اِهين اُمالڪ
آيو مير بہ پنهنجي ملڪ تي تهدل ڪيو ٽِڪ
سموري سلام تي آئي خوشيءَ مئون خلق
هاٽي حرف نہ بيٺو هِڪ، سوڍي جي سِرَ تي.

-25 سِڪ سوڍي جي ساهہ کي پلٽي پيا آهن پُور
هن کي عشق اندر ۾، گهائي وڌا آهن گهور
ڪاڪ ٻُجهي تي ڪيترو، هن ڏيهہ منجهان ئي ڏُور
سُجهي تي سئو ڪوهہ تي سا مومل آهي مُور
عاشق جو آهي ايترو مڙيئي مذڪور
لئون لڳي هئس، ليمون چئي، ڪا دِل انهي دستور
هاٽي ظاهر ڳالهہ ضرور، اچ پاريندو پانهنجي.

-26 پارڻ ڳالهہ پانهنجي، هليو آهي رند وني راڻو

وَهندو آيو وات سان سُونهون سِڏاڻو
ڪاهيو آيو ڪرهي ڪي عاشق أڏاڻو
دوست بيٺو هئس در تي سوڍل هو سياڻو
ڪُڇي پڇي تو ڪونہ ڪو، ٿيو أتي اياڻو.
پوءِ مومل چڏي ماڻو، ڪلي ڏنو هو ڪٽ تي.

27- ڪلي ڏنو هئين ڪٽ تي، جڏهن مُنهن چڙهيس مير
ڪي ڏهاڙا ڪاڪ تي آيو پئي امير
مومل سان مجاز جي آئيو سچو رکيو سِيرُ
مومل مَٽِي هئي ڪانڪا، لکيل هئي توڙئون جي تقدير
اڄ ماڻو ڪري مِير، راڻو رات رُسي ويو.

28- راڻو رات رسي ويو، سوڍو مَٽي ساءُ
ڏٺائين اکين سان هن ڪي قرب ڏنو ڪهڪاءُ
چڙهي ويٺو چانگي تي جيڪو گورو چري گاه
هڪليائين حيوان کي تاب رکي تاءُ
وَهندو آيو وات سان، رند وٺايو راه
وري آڻيندو نہ الله، مومل تنهنجي ماڳ تي.

29- مومل تنهنجي ماڳ تي هاڻي ڪڏهن ايندس ڪين
پُڇڻ ريءَ پڪ تي، هي اکيون آهن امين
منهنجا آهن ڪم الله تي، پيو جهليو آهي زور زمين
تو نہ لکين ماريا آهن، ليمون چئي، جيڪي حاڪم زور حسين
ات ڪچڻ ڏينديئي ڪين، جتي آهي جاءِ جواب جي.

30- جتي آهي جاءِ جواب جي، أتي سچن کي آهي سوڀ
ڪُوڙا ماريا ڪيترا، لالچ انهيءَ لوڀ
سُومل سُتي سيج تي، تو پانيو ڪوٽ خريب
هتان پئي اتر هيتري، هاڻي لهہ ۾ تي آهيان ليڙُ
هت نہ ڪيئن ماريا هئم ڪيترا، تازا ڏيئي تيز
اڄ قرب ڪيو آ قيذ، سوڍا! منهنجي ساهہ ڪي.

31- سوڍا! منهنجي ساهہ ڪي راڻا ڪيم رنجاءِ
جيتر آهي حياتي هن جهان ۾، تيتر محبت ڪين مٽاءِ

کُهي هِن کامڻ کي، تون هٿن ساڻ هلاءِ
راڻا انهيءَ رنج جا اڄ واڄا ڪير وڄاءِ
پرچڻ ريءَ پوئتي آءٌ وري نہ ويندياءِ
توکي سوڍا ٿي سچ چوان، ٻي ٻولي ڪين ٻڌاءِ
هاڻي اگهڻ منهنجي آءُ، ڪامل وري ڪاڪ تي.

32- ڪاڪ تي ايندس ڪينڪي، جيسين هوندم حياتي
وَهي ڪانہ وجود ۾ قرب ٻنان ڪاتي
انهي جيئڻ کان جلي وڃين، ٿئين مومل مماتي
لکئي جي، ليمون چئي، تو سان لئون هيم لاتي
جنهن کي قدرؔ ناهي قرب جو تنهن سان ظاهر نہ ڪجي ذاتي
جيڪا هجي حياتي، تہ وري اگهڻ نہ وڃجي اُن جي.

33- سوڍا تنهنجي سر لاءِ مون ڪاڪ ڇڏي آهي ڪالهہ
آيس تنهنجي اگهڻ تي اڄ ههڙا ڪري حال
هيئن نہ ڪجن هيترا عاشق تي احمال
راڻا رنج ڇڏي ڏي سائين سڻ تون سوال
لائي ويُون، ليمون چوي، نينهن بہ منهنجي نال
مڏيون خزانا مال، مون تہ ڪئين ڇڏيا آهن ڪاڪ تي.

34- ڪامڻ پنهنجي ڪاڪ تي، اڄ مومل وڃ موٽي
جڏهن روح پکو هئئي راڻي ڪان تڏهن تو هئي ساري ڳالهہ سَٽِي
آيس تنهنجي اگهڻ تي گهمي هوءَ گهَٽِي
ڏٺو هئم اکين سان، تڏهن ويئي حُبَ هٽي
هاڻي تہ ماڻهن جي ميار کان ٿي ڪوٽ ڪرين ڪوٽي
جن کي لئون لڳي آهي، ليمون چئي، سي ٿيا آهن فراق ۾ ڦٽِي
هاڻي تہ ايندا خان ڪٽي، مومل تنهنجي ماڳ تي.

35- هيءُ ماڳ تہ آهي مومل جو، جاءِ مڙيئي جڙُ
ڪئين آيا ها ڪيترا هن ڪاڪ مٿي ڪونڙ
ڦري وئي هئس ڦيري سان تن جا ٽڪا ۽ ٽڪر
موٽيا ڪين مون وٽان ثابت تن جا سِر
تو آئي طبلا مون وير ڇڏيا آهن ور

راڻا تنهنجي روح جي مونکي پئي تي ڪانہ خبر
هڪ ڦيرو هاڻي هيڪر، تون مير موٽي هل ماڳ تي.
-36 موڻ جي مون سان اڄ وائي نہ وار
جيڪي آهن ڳالهيون عشق جون، سو پنڌ ٻُجهي تو پار
ماٺ ڪري موٽي وڃ نہ تہ موڳي ڪائينديئين مار
ظاهر پنهنجيءَ ذات جا تو پڌرا ڪيا پرڪار
اِهي توسان آچار، هلي ڪهڙا ڪندس ڪاڪ تي.
-37 چئي: ڪامل وري هل ڪاڪ تي، مير چڙهي ماڻو
هوڏ نہ ڪجي هيتري، سوڍا تيءُ سياڻو
وينو آهين ويچارو، ڪامل ڪوماڻو
منٿون ڪري پئي ماڻهن کي تہ مونکي ڏيو ريجهائي راڻو
گهوٽ اوهان جي گهوڙن کي درس ڏيندس داڻو
لُٽينديس، ليمون چئي، نينهن پنيان ناڻو
پر هُو تہ هيو هوڏي هاڪٽو، جيڪو رُسي آيو رات جو.
-38 رسڻ پرچڻ روح جو، سو اصل ڪوڻ آهي
ڪڏهن ايندس ڪينڪي هاڻي ڪاڪ متي ڪاهي
تون اهي تال طمع جا، لُولهڻ چڙهُ لاهي
منهنجو توسان مومل هاڻي رُوح نہ روائي
قادر پنهنجي قدرت سان تو سائين سمجهائي
ناهہ اِهي ناهي، اڄ آئي آهين مومل ڪرڻ مقابلو!
-39 ڪندي سئين مير مقابلو، جڏهن اهو ٽيندو آچار
سوڍا منهنجي سڪ تي تون آهين نٿو اعتبار
سچن ڪوڙن کي تو ڏسي پسي ڏاتار
عيبن ڪان آجو منهنجو واندو ڪونهي وار
جتي ڪورٽ ڪريم جي، اُتي باري ڪٽندو بار
جتي شرع ٿيندي، شر چئي، اُتي عاشق ڏيندا اظهار
قادر وٽ پوءِ ڪار، هر ڪنهن جي پاڻهي ٿيندي پڌري.
-40 پاڻهي ڪار تہ پڌري اڄ اتي ئي آهي
ڪوڙ نہ ڪجي ڪنهن سان، ناهہ اهڙو ناهي

دغا نہ رکجي دل ۾ ڇڏجي ٻاهر ٻُڌائي
سوين سامي آئيا ڪاڪ متي ڪاهي
بيڻوها بغداد ۾ ڇڏيئي ڪُونتر کُهائي
اهڙي ڪنهن ڪان پُڳي آهي ڪانڪا، جهڙي
تو ڇڏي آهي ڪار بہ ڪرائي
هاڻي وير بہ ورائي، اڳئيون پڇنديئي آچار ۾

41- اڳيان پڇندو اُنهي کي جيڪو آهي آرهو منجھ اَمُر
مرد آيا ميدان ۾ سورهيہ ڪٽي سِر
وساري ويهي رهيا گهوٽ بہ پنهنجا گهر
آڻي ڏنر تي انصاف سان ظاهر تن کي زهر
پيو تي پُر تيا کُوپا قداور
هڪڙا بچي ويا ٻاهر ڪان ٻيا لُوهير تي لشڪر
ڪونہ پانيو هئر ڪاڪ تي تہ ڪندو ڪو تڪراري تونگر
پر اهڙو سوڊو آهي ستر، جو اڄ ماريو وڃي تو ماٺ ۾.

42- تون مومل مرندينءَ ڪانہ ڪا، ٻي ساهِي بيحد
پُڳا ڪين پريت جا، اوڳي تو ڪان عهد
هوڏ نہ ڪجي هيتري ظاهر ڪنهن سان ضد
ڪانڌ تہ ڪهڙيءَ ڳالھ تئون توکي راڻي ڪيو رد
ڪري پڇائي ڪونہ ڪو ڪامڻ توسان قدّ
پوءِ ناڻي اتان نند، توکي ڏاڙيلي هو ڏار ڪيو.

43- ڏار تہ تي هيس ڏاڙي تؤن، اَمُر ساڻ اڳي
اڃي اسم وڏو هو الله جو، نانءُ تهين نانگي
ڪٽي ويو ڪريب سان ٻيو ڏند ساڳي
جيئن قلم لکيو آهي قسمت ۾، تيئن سا لاڳ لڳي
ٻيو مرض ماريندو ڪينڪي، توٽي ويري پيو وڳي
شوق انهيءَ ۾، شَر چئي، اڄ تي تنهنجي تار تڳي
هاڻي سوڍا سِر لڳي، محبت جي ميدان ۾.

44- محبت جي ميدان ۾ ڪو ساڻو سِر واري
ڪڏهن ايندي ڪانڪا جوءِ انهيءَ جاري

مجنو بيٺو هو ميدان ۾، ليليٰ جي لاري
هير هندورن ۾ تي رانجهوءَ کي ساري
سسئي بيٺي آ سُڄ ۾ تہ ايندم پنهون قول پاري
مارئي ماندي مارن ڪاڻ، تنهن کي ڏاتر ڏيکاري
سهڻي گهڙي پئي سِير ۾ تنهن کي تارڻ وارو تاري
ليلا ور تہ لاڏڪو، چڏيو هار مڻان واري
سيفل سعد سمونڊ ۾ تنهن کي الله اُڪاري
هو ماڙي آيو منگتو، ٻڌو جنهن ۾ هُل بہ هزاري
جتي شرع ٿيندي، شر چئي، اُتي مومل ويندئي ماري
انهي اظهاري، تون ڪامڻ پچندئين ڪانہ ڪا.

-45 ڪري پڇائي ڪونہ ڪو، آهي سندو محبت مُلهہ
سائُو ڪو سمجهي، ٻيا هُونهين پائين هُل
ڪري تي عرض الله کي سوال ڪري سائل
ٿئي ميلو محبوبن سان، رمز ۾ رلمل
اي راڻا تون راضي ٿيءُ، هڪ ڦيرو وري هل
هاڻي سُور مڙيئي سل، سودا منهنجي ساهہ سان.

-46 سورن جي صلاح ۾ اڄ ڪونہ هلي ڪنهن سان
پچندو ڪونہ پرينءَ کي مغر ۾ مَئي سان
وهاري وجود ۾ جيءُ هجي جنهن سان
اِها مُنڌ مَلُوڪ آهي، هلڻ آهي هَئي سان
راند تہ چڏجي رنگ ۾، ليمون چئي، لئي سان
هاڻي جيءُ هجي جنهن سان، تنهن کي ڏوري وڃي ڏسجي.

-47 چئي: آيس ڏوري تنهنجي ڏيهہ ۾، حال ڪري مان هيءُ
هاڻي پرچڻ جو پرين تون پيالو مون سان پيءُ
ويهہ ڪلي چڙهہ ڪٽ تي، توکي جانب چوان جيءُ
هلي ماڻ مُلڪ تي وِيرهَ پيلي وِيءُ
پَٽ پوشاڪون بافتا، هي صُوفن جهليو سيءُ
اهي لُولهڻ مڄ، ليمون چئي، راڻا راضي ٿيءُ
هاڻي رکيئي چو تي رِيءُ، انهي مهٽي ڪان ماري چڏين ها.

48- انهي مهٽي جي موت جو ٿيندو ڪنهن ساڻوءِ ڪي سُور
تون تہ ڪامڻ پنهنجي ڪم سان، اڄ مومل ٿئين مشهور
اهڙو ڪنهن ڪان پُڇي ٿو ڪونہ ڪو، جهڙو تو ڪيو قهر ڪَلُور
اتڪل ڪان بہ اڳي آهي، محبت جو مذڪور
دنيا، دين، ايمان جو، پاڻ ڪري وڃ پُور
ڪونهي منهنجو ڪاڪ تي هاڻي ظاهر ڪم ضرور
اهو ڪيو اٿم شرط شهور، سو شل قول ڪُوڙو نہ ٿئي.

49- هت تہ ڪوڙا آهن ڪيترا، هڪڙو آهي سائين رب سچو
ميڻي ٿو مڙني جا، اِهي عيب اچو
ڪنهن کي چوي ٿو ڪينڪي تو ڪيو آهي ڪم ڪَچو
اڄ مونکي ٿو مهڻا ڏين، اِهي يار اچو
لکيو انگ تہ ليمون چئي، ٿي ماڻهو سان مون چيو
پر تون ڪنهن مُڙين ٿو ڪينڪي، آهين ٻاوَنگيرُ ٻچو
هاڻي وير آهين وِرچيو، سوڍا منهنجي سِر ڪان.

50- وِرچي وري آيس، ٻيو هلي ٿيو هئس هيٺ
تنهنجي چَٽِ چريو ڪيس، ماريس انهيءَ ميٽ
هاڻي ڪنهن سان هلندس ڪينڪي، توڙي ڪو سَوَ آڇي ڪٽي سيٽ
اَمُر رب الله جو، سو نائي نيندو نيٽ
لڪئي جون، ليمون چئي، تون چَري ڳالهيون چيٽ
هاڻي ڳهلي پنهنجو ڳوٺ، تون هتان ويندئين هيڪلي.

51- اهي ڳالهيون ڳوٺ جون مونکي سوڍا ڪين سٺاءِ
دانهون منهنجي درد جون ويجهو ٿي ورناءِ
اکيون اکين سامهيون مُنهن مُنهَن سان لاءِ
منٿ مڃ مومل جي، اِها وک وڌاءِ
ڪچايون ڪمذات جون ٻاهر ڪين ٻڌاءِ
هاڻي سياڻو ٿي سمجهاءِ، سوڍا پنهنجي ساهہ کي.

52- سمجهہ تہ منهنجي ساهہ کي آهي ڏاتار ڏني
ڪَنَر ٻنان ڪونہ چڏي ڪو اهڙي وير وني
تو وٽ تال خِريب جي بازي آهہ بني

جُتُ نہ ڪجي جوءِ سان ڪَسِي ڳالهہ ڪِني
مذهب پُڇجي مرشد ڪان، شيعو هوءِ توڙي سُني
ڪاهي هر حلال جا، ٻولائي ڪجي ٻني
لڄ، حياءُ، ليمون چئي، ونجي پرور ڪان پني
ٻنهين ٻياني، ڪجي ڪانہ قريب سان.

-53 ڪجي ڪانہ قريب سان اهڙو وير وڏاءُ
ڪوڙ تہ هلندو ڪونہ ڪو آهي عمر بي بقاءِ
سچ ۽ صفائي جو اڄ پُورو ناهي پاءُ
چا ٿيو، چا ٿيندو، آهي سائينءَ کي سماءِ
راڻا تنهنجي رنج جو آ مونکي اندر منجهہ اُباءِ
پرچڻ جي پاڻ ۾ اڄ سوڍا ڪريون صلاح
اڄ وير ڪري واهہ، آئي آهيان دوست تنهنجي در تي.

-54 در چڏي وڃ دم ۾، ظاهر ڪر نہ ذات
جن کي لڱو نعرو نيهن جو، تنهن کي قرب وهايو ڪات
آهي يار جي انهن کي ، تَن ۾ اها تات
هاڻي ڪامڻ ڪر نہ ڪِينرو اها وائي ڪونہ وات
منهنجي توسان مومل هاڻي ٻنهہ ناهي ٻات
شرع پارڻ، شر چئي، آهي ننگ نِيات
پر راڻي اُتي رات، پَري ڪئي هئي پاڻ ڪان.

-55 پري ڪونہ پاڻ ڪؤن، آئي آهيان دوست تنهنجي در
تڏي آئي تڪرار نہ ڪجي، توڙي وير هجي ويتر
هونئن تو سياڻو سڏائين، پر آهين بيعقل بهتر
ڪانہ جهلي اٿم ڪاڪ تي ڪا ظاهري تنهنجي زر
هاڻي مونکي تون معافي ڏي، سوڍا پنهنجي سر
اِها شرط رکي اٿم، شَر چئي، سا پوري ڪنديس پر
اِهين مير مَ ڪِر، متان حرفي ٿئين هنن جو.

-56 حرف تہ مون تي هيترو، آٽيندو ڪونہ اڃان
يار ميارون يارن جون اهي مِير مڃان
ڪاهي آيا ڪاڪ ۾ ڪي ساعت منجهہ سُڄان

منجهائي ماريئي تن کي ڏيئي ڏکَ ڏجان
مومل توسان مامرا، أهي هَنئِي کندا هاجان
جيکي لُوهي وئين، ليمون چئي، سي آيا کين اجان
وري کيئن وجان، هاڻي تنهنجي هنڌ تي.

-57 هاڻي منهنجي هنڌ تي، تون پاڻ پري هل پير
کونهي توسان کاڪ تي کو وِير بہ کنهن جو وير
سائين تو صفا کري، تو مالک لاهي مير
مڙني کان متي آهي، محمد شاهہ متير
سو اچي أکاريندو أمن سان اِهي گهڻيون گهير
پڙهي کلمو پاک وٽ پيغمبر جو پير
جو تو ساهہُ سَڏائي سيرُ، سو آهي ڏُکو تو ۾ دم جو.

لا اِلہٰ اِلاالله محمد رسول الله

## [روايت_4]
### راجا نند جي خزاني، مرونءَ جي ڏند ۽ سامي سِيتل جي ٽاڻن واري ڳالھ

ڪنهن زماني ۾، سنڌ جي ماتيلي واري حصي تي[1] راجا نند نالي هڪ راجا راڄ ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن راجا نند شڪار تي چڙهيو تہ جهنگ ۾ منهن سامهون هڪڙو مرون نظر آيس. گهوڙو ڪٽي ان جي پٺيان چڙهائين ۽ مرون ڀڄندو وڃي درياءُ ۾ گهڙيو. راجا نند ڏٺو تہ مرون ڀڄندو وڃي ۽ پاڻي ڪيس گس ڏيندو وڃي. راجا نند بہ گهوڙو انهيءَ گس تي ڪاهي وڃي پار پهتو. مرون درياءَ مان نڪتو تہ پويان پاڻي گڏجي ويو. آخرڪار راجا نند مرونءَ کي ماريو ۽ پڪ ٿيس تہ اهو خريب مرونءَ ۾ آهي، سو ان کي گهوڙي تي ڪٽي پوئتي موٽيو.

راجا نند درياءَ ۾ گهڙيو تہ وري بہ پاڻيءَ مان گس تي پيو. درياءَ اُڪري، مرونءَ کي ڪپ تي رکيائين ۽ ان جو عضوو. عضوو وڍيندو پاڻيءَ ۾ وجهندو ويو، تان جو مرونءَ جو هڪڙو ڏند اُڇليائين تہ پاڻي اها جاءِ ڇڏي ڏني. راجا نند اهو ڏند[2] ڪٽي قابو ڪيو، ۽ موٽي اچي محلات پيڙو ٿيو. هاڻي راجا خيال ڪيو تہ ڇو نہ سمورو خزانو درياءَ جي پيٽ ۾ لڪائي ڇڏيان، جيئن ڪنهن بہ دشمن کي هٿ نہ اچي سو ٿورو ٿورو ڪري سمورو خزانو درياءَ جي پيٽ ۾ لڪائي ڇڏيائين، ۽ انهيءَ راز جي ڪنهن کي بہ سڌ نہ ڏنائين.

راجا نند کي ست ڌيئون هيون: سومل، صحت، سليمت، سهجان، سوڍي، مرادي ۽ مومل[3]. جهڙيون هيون عقلوند تهڙيون هيون حسنوند. پر سومل جا سيني کان وڏي هئي، سا عقل ۾ سيني کان اڪابر هئي ۽ مومل جا مڙني ۾ ننڍي هئي سا وري سونهن ۾ سيني کان سرس هئي.

---

[1]. پانڊي ڀهنور جي بيتن موجب، سندس نالو راجا پوج هو ۽ هُو ٻاهڙ مير جو حاڪم هو.

[2]. گل محمد ڪوسي جي بيتن موجب: مرونءَ جي هڪ هڏي.

[3]. لال محمد انڊڙ جي بيتن موجب: راجا نند کي چار ڌيئون، ۽ پانڊي ڀهنور جي بيتن موجب ست ڌيئون هيون.

انهيءَ ڪري راجا نند جو راضُ بہ هو مومل تي. هڪ ڏينهن راجا نند خيال ڪيو تہ متان مون کان ڏند وڃائجي وڃي تنهڪري چونہ ڏند ڪٽي هٽيڪو ڪري رکان، اهو پڻ پچائي مومل کي سڏي ڏند سندس حوالي ڪيائين، ۽ چيائينس تہ: اهو ڪنهن کي بہ نہ ڏج، پوءِ پل چونہ تنهنجي سڳي پيڻ سومل توکان گهري. مومل وراڻي ڏنيس تہ: بابا، توکان منو مون کي ڪير! تون اُلڪو نہ ڪر، هن ڏند کي آءٌ پنهنجي ساهہ کان منو ڪري پانئيندس. انين پيءُ کي خاطري ڏيئي، مومل يڪدم وينجهار گهرائي، مرونءَ جو ڏند پنهنجي نوَ لکي هار ۾ پُوئائي، ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. ڪيس ڏند جي اصل انت جي ڪا ڪل ڪانہ هئي. تڏهن بہ پيءُ جي تاڪيد ڪري، مومل ان کي ساهہ سان سانڍڻ لڳي.

هڪڙي ڏينهن مومل پنهنجن پينرن ۽ سرتين سان گڏجي تلاءُ تي وهنجڻ ويئي. مومل تلاءَ ۾ گهڙي تہ تلاءُ جو پاڻي سڪي ويو. اهو حال ڏسي سڀ اچي حيران ٿيون، ۽ پڇڻ لڳيون تہ: مومل، اهو ڪهڙو اسرار آهي؟ تڏهن سومل چيو تہ: اهو منڊ يا مومل ۾ آهي يا وري نوَ لکي هار ۾. اهڙيءَ طرح هار جي سيني کي سڌ پيئي، پر راجا نند جي خزاني جي ڪنهن کي بہ پروڙ نہ پيئي.

اوچل ڪوٽ[1] ۾ سيتل راءُ نالي هڪڙو جادوگر رهندو هو، تنهن کي جادو وسيلي راجا نند جي خزاني جي خبر پئجي ويئي. سو ساميءَ جو ويس ڪري، سهي سنيري هڪڙي ڏينهن اچي راجا نند جي شهر ۾ سهڙيو. شهر کان ٻاهران دونهي دکائي ويهي رهيو. هڪڙي ڏينهن راجا نند شڪار تي چڙهيو، سامي وجهہ ڏسي، صبح جو سج اڀرڻ کان بہ اڳ بادشاهي ويس وڳا پائي، مومل جي ماڙيءَ هيٺان اچي سَين هنئي. ٻانهي نڪري آئي. سامي سيتل سهڻو هو، ۽ سندس صورت سون وانگر تجلا ڏنا. ٻانهي هن جي سونهن پسي حيران ٿي ويئي، ۽ چيائينس تہ: سامي صبح جو ايترو سويل اچي سَين هنئي اٿئي! پر هاڻي آيو آهين تہ ڀِکيا وٺي وڃ. سامي جواب ڏنس تہ: آءٌ پري کان پنڌ ڪري، ڪشالا ڪڍي هتي آيو آهيان، دل ۾ آس اٿم تہ مومل جي هٿان

[1]. ٻي هڪ روايت موجب: سيتل سامي هنگلاج جو ويٺل هو.

هار جي ٻکيا وٺندس. ٻانهي موٽي وڃي مومل کي حقيقت ٻڌائي. تڏهن مومل ڪاوڙجي ٻانهيءَ کي چيو ته: وڃي ساميءَ جو نالو نشان پڇي اچ. ٻانهي ويئي پر سامي پنهنجو نالو نشان نه ٻڌايو، ۽ ٻانهيءَ کي چيائين ته مومل کي وڃي چئو ته تنهنجي دروازي تان ڪوبه سوالي خالي نه ويو آهي، آءٌ به توڪان ڏٽيءَ جي نانءُ تي هار جي خيرات ٿو گهران، باقي منهنجي نالي نشان کي ڇا ڪنديئن! هار ڏيڻو اٿئي ته ڏي. اٿين چئي سامي به منهن رکي هليو ويو ۽ شهر جي ٻاهران پنهنجي آستاني تي ويٺو.

ٻانهي موٽي محلات ۾ آئي، ۽ سامي جيئن چيو هئس، تيئن اچي مومل کي ٻڌايائين. مومل جي پيڻن، ساميءَ جا پار پتا پڇيا، ٻانهي چيو ته: سامي مون به سوين ڏٺا، پر هھڙو عمر نه ڏٺم. سندس سونهن اڳيان سج چنڊ شرمسار آهن. اٿين چوان ته سامي سچو سون آهي ته به ڳالهه گهٽ آهي. ٻانهي جي واتان ساميءَ جي سونهن جي ساراهه ٻڌي نَوَ ئي پينرون سامي کي ڏسڻ لاءِ گهوڙن تي چڙهي نڪتيون. ۽ شهر جي ٻاهران سامي کي سندس آستاني تي ويٺل ڏسي موٽيون. ساميءَ جي جهڙي ڳالهه ٻڌي هئائون، انهيءَ کان وڌ ڏٺائون. سنديس صورت جي ڏيا سج چنڊ کان به اڳري هئي. سومل چيو: يا ته ڪو جادوگر آهي، يا ڪو عقلوند. موٽي محلات ۾ آيون، پر مومل، ساميءَ جي سونهن تي موهت ٿي پئي.

رات جو مومل خواب ۾ ڏٺو ته بادشاهي پئي بيران ٿئي. ڇرڪ پري ننڊ مان اٿي. صبح جو سيني کان انهيءَ خواب جو مطلب پڇيائين. پر ڪنهن به نه ٻڌايس. اتي خيال آيس ته منهنجي در تان ڪوبه سوالي ڪڏهن خالي نه ويو آهي. ڪالهه ساميءَ ڏٽي جي نالي تي صدا هنئي، انڪي موٽايو اٿم، متان انهيءَ ڪري اسان تي ڪا مصيبت ايندي هجي! وري خيال آيس ته پيءُ سان انجام ڪيو هئم ته هار ڪنهن کي به نه ڏينديس. هاڻي ڳالهه ته ڏاڍي ڳري ٿي. هڪڙي پاسي ڏٽيءَ جو نالو، ۽ ٻئي پاسي پيءُ سان انجام! نيٺ فيصلو ڪيائين ته: درويش جي پاراتي ڪري بادشاهي ناس ٿئي، اسين دربدر ٿيون، انهيءَ مان ڪهڙو فائدو! بادشاهي سلامت آهي ته اهڙا ڪئين هار نهي سگهن ٿا. اهو ويچار

ڪري ٻانهيءَ کي چيائين ته: وڃي سامي کي وٺي آءُ ته پنهنجي هٿن سان هار جي ٻڪيا ڏيانس.

پوءِ ٻانهي، سامي کي وٺي آڻي محلات جي در تي ويهاريو. مومل، ٻانهيءَ کي چيو ته: سامي کي لڪائي، محلات ۾ اندر وٺي اچ ته آءٌ ڪيس هار اهڙيءَ طرح لڪيچ ۾ ڏينديس جيئن ٻئي ڪنهن کي به ڪل نه پوي. سامي محلات ۾ آيو. سندس حسن ڏسي مومل دل ڪسائي ويٺي. سندس روح سامي سان ڳنڍجي ويو. پوءِ ته ساميءَ جي آجيان ۾ عطر اوتائي، ڪيس وٺي آڻي پنهنجي پلنگ تي ويهاريائين. مومل، سامي جي ست ڏينهن مهماني ڪئي ۽ ست ئي ڏينهن ساڻس روح رهاڻيون ڪيون. هڪ گهڙي به پاڻ کان پاسي نه ڪيائينس. ائين ڏينهن سامي، وري اچڻ جو انجام ڪري مومل کان موڪلايو. موڪلائڻ وقت مومل کان هار گهريائين. مومل چيو ته: ههڙي ساميءَ تان هار ته ڇا، پر سر به قربان آهي. ائين چئي هار سندس حوالي ڪيائين. سامي به هار وٺي، سنڌو درياءَ تي آيو ۽ راجا نند جو سمورو خزانو ڪٺي راهي ٿيو.

راجا نند شڪار تان موٽيو. ٻئي ڏينهن کي خزاني ڏسڻ جو خيال ٿيو. مومل کان مروڻ‌ءَ وارو ڏند گهريائين. مومل هار ڳولڻ جو بهانو ڪري ٽٽائي وئي. مومل کي پڪ ٿي بابي کي خبر پئي ته مارائي ڇڏيندو. سو سومل صلاح ڏنيس ته ابي سان سچي ڳالهه سَلُ، باقي خزانو سو گڏ ڪري ڏينديونسين. پر مومل پيءَ جي آڏو نه وئي. تنهن تي سومل وڃي پيءُ کي سموري حقيقت ٻڌائي.[1] راجا نند ڪاوڙ ۾ ڪارو ٿي ويو. سومل جو منهن ڏسڻ به نه وٽيس. مومل ڏاڍي پشيمان ٿي، ۽ سومل سان صلاح ڪيائين ته هاڻ ڇا ڪجي. سومل صلاح ڏني ته: ڪنهن نه ڪنهن طرح ايترو خزانو گڏ ڪري، پيءُ کي آڻي ڏجي. پوءِ ته راجا نند کان موڪل وٺي ڪاڪ نديءَ جي ڪناري تي، هڪڙي ماڙي

---

[1]. گل محمد ڪوسي جي بيتن موجب: راجا کي اهو اطلاع هڪ ٻانهيءَ ڏنو.

اڏائي، مومل ۽ سومل ۽ سندس ٻانهي "ناتر"، انهيءَ ماڙيءَ ۾ اچي رهيون.[1]

سومل عقل جي اڪابر هئي، تنهن ماڙيءَ جي چوڌاري جادوءَ جو ٽڪساٽ اهڙيءَ طرح منڍي ڇڏيو، جنهن جي ڪنهن کي بہ ڪل ڪانہ ٿي پئي. گلن ڦلن جو باغيچو بنائي، ان جي وچان هڪڙي سوڙهي سرنگهہ ڪٽائي ڇڏيائين، جيڪا جادوءَ جي ڪُلن ۽ جانورن جي وچان لنگهي ماڙيءَ ڏانهن ٿي وئي. ماڙيءَ جي چئني ڪُنڊن تي چار شينهن ويهاريائين. ناتر بہ نالي ۾ ٻانهي هئي پر سونهن ۾ ڪنهن طرح شهزادين کان گهٽ نہ هئي. ويتر جو سومل ڪيس ڪئين اٽڪلون سيکاريون هيون، سو ناز نخرن سان گهڻن جي دل گهائي وجهندي هئي.

ڪاڪ جي ڪنڌيءَ تي اهو سمورو مانڊاڻ منڍي اعلان ڪيائين تہ: جيڪو بہ شخص باغ مان اُڪري صحيح سلامت ماڙيءَ تي پهچندو، تنهن سان مومل شادي ڪندي. اهو هوڪو ٻڌي ڪتان ڪتان جا سورهيہ جوان، مال خزانا کڻي اچي خيما کوڙيندا هئا. مومل بہ روز صبح جو هار سينگار ڪري، هڪڙي لحظي لاءِ ماڙيءَ جي دريءَ کان اچي ويهندي هئي. اُن وقت ماڙيءَ هيٺان سندس مشتاقن جو ميڙو لڳي ويندو هو. مومل جي حسن جو اُهاءُ پسي ڪيترا ويچارا چريا ٿي، ڪپڙا ڦاڙي، جهنگ منهن ڪٽي ڪندا هئا. ڪي وري رڳو ديدار پسڻ لاءِ فقير ٿي اُتي ئي ويهي رهندا هئا. ڪي وري گهوڙي سوڌا ڪاڪ نديءَ ۾ ٽپي، پاڻ کي ٻوڙي ماريندا هئا تہ ڪي وري هٿيار پنوهار پهري، مومل جي ماڙيءَ تائين پهچڻ جو قصد ڪندي، جادوءَ جي ڪُلڻ ۽ خونخوار جانورن جي وچ ۾ وڃي پوندا هئا، ۽ آخرڪار خراب ٿي، مال اسباب ڦرائي، سُڃا ٿي موٽي ويندا هئا.

مومل جي حسن جي هاڪ هنڌين ماڳين هُلي ويئي هئي، سو عاشقن جي بهير ڪُنڊ جي ڪانہ هئي. هڪڙا مَري مَٽ ٿين تہ ٻيا اچي

---

[1]. لال محمد انڊڙ جي بيتن موجب: چار ڀيڻيون مومل، سومل، سهجان ۽ سوڍي ڪاڪ تي اچي رهيون.

هڪيا بيٺا آهن. مومل بہ اُنهن جو خزانو ميڙي چوندي پيءُ ڏانهن پئي موڪليندي هئي.

اُن وقت ۾ عمرڪوٽ جو حاڪم ”همير سومرو“ هو. سندس ٽي وزير هئا: راڻو مينڌرو سوڍو، ڏؤنر پڻي ۽ شينهڙو ڌماچاڻي. ٽيئي ڄڻا عقل جا اڪابر هئا، پر راڻو مڙني کان ڪٿر هو، ۽ وڏو وزير بہ اُهو ئي هو. سنديس پيڻ پڻ همير جي گهر ۾ هئي. همير جي پنهنجن وزيرن سان ياراني هئي. هميشہ چارئي ڄڻا هر ڪم ۾ گڏ هوندا هئا، ۽ هڪٻئي جي صلاح کانسواءِ نہ هلندا هئا.

هڪڙي ڀيري، سندن بادشاهي جي اُتر پاسي ڪنهن شينهن جي خبر ملين، جنهن بادشاهيءَ ۾ باهہ ٻاري ڏني هئي، چارئي ڄڻا صلاح ڪري تازي گهوڙن تي سنج ڪشي اُنهي شينهن جي شڪار تي روانا ٿيا. هلندي هلندي سج لاڙائو ٿيو تہ هڪڙو سامي مُنهن ۾ ملين.[1] سامي تمام حُسن وند هو، سندس مُنهن سج وانگر پئي ٻريو. چئني ڄڻن گهوڙا روڪيا. ساميءَ جي صورت مان سهي ڪيائون تہ سامي ناهي، فقط لباس سامين جو ڍَڪيو اٿس. سو پڇيائونس تہ: سامي!ڪير آهين، ڪٿان پيو اچين، ۽ ڪيڏانهن پيو وڃين؟ صورت سامين جهڙي ڪانہ اٿئي، تڏهن ٿا پڇنس تہ ڪيئن ۽ ڪهڙي فقيري ورتي اٿيئي؟ سامي ڏاڍو ٿڪايو، پر پوءِ هنن جي زور ڀرڻ تي چيائين تہ: آءٌ بہ اوهان جهڙو بادشاهہ هئس. مومل جي ماڻڻ لاءِ نَو لک ناڻو، پنج سؤ همراهہ، اُٺ گهوڙا ساڻ ڪري، ڪاڪ تي وڃي ويٺس. بہ- ٽي ورهيہ اُتي ويٺو رهيس، ۽ منهنجا سيئي ساٿي آهستي آهستي ٿي مومل جي ماڙيءَ ۾ ڦاسي مرندا ويا. تان جو سمورو مال اسباب لٽائي، باقي آءٌ اڪيلو وڃي رهيس. هاڻي مومل سان ملڻ جي اُميد لاهي، فقيريءَ جو ويس ڍڪي، پنهنجي ماڳ موٽيو ٿو وڃان.

---

[1]. لال محمد انڍڙ جي بيتن موجب: هرڻ جي پٺيان ”ماٿيلي“ طرف وڃي نڪتا، جتي جوڳيءَ سان سندن ملاقات ٿي ۽ مومل جي خبر ٻڌائون. پانڌي پنهور ۽ گل محمد ڪوسي جي بيتن موجب: مومل جي حسن جي هاڪ ٻڌي، ڪاڪ ڏي ڪاهيائون. وات تي رات پئجي وين. هڪڙي روجهہ ماري ڊاٻو ڪيائون. صبح جو اُتر پاسي کان سامي ايندو ڏٺائون، جنهن کان مومل جي حسن جي خبر ملين.

همير سومري، مومل جي سونهن جي خبر ساميءَ جي واتان ٻڌي، متس اڳ ڏنو عاشق ٿي، يارن سميت ڪٽي ڪاڪ تي رخ رکيو. صلاح ڪيائون تہ پاڻ بہ هلي ٿا قسمت آزمايون. گهوڙن کي هڪلي سج لٿي مهل اچي ڪاڪ نديءَ تي پهتا. مومل جي ماڙي کي ٽڪي، گهوڙن تان سنج لاهي ويهي رهيا.

رات گذر ٿي، صبح جو سج ڪني مس ڪڍي تہ مومل جي ٻانهي ناتر، ناز سان ٿلندي وڻن آئي. سمجهائون تہ مومل اِها آهي، ڇاڪاڻ تہ ناتر بہ اهڙي سهڻي هئي جو هنن يارن جا حواس ئي خطا ٿي ويا. اِتي راڻي، ناتر جي رَئي مان سهي ڪيو تہ هيءَ ٻانهي آهي. سو يارن کي ٺونٺ هڻي هوشيار ڪري، ناتر کي هڪ ڪيائين تہ: مومل کي وڃي اسان جو اطلاع ڏي. ناتر جواب ڏنو تہ: مومل جو تہ فقط نالو ٻڌو اٿوَ. مون جهڙيون سوين سندس رڳو ٻانهيون آهن. حور پري بہ سندس مَٽ ڪانهي. اوهين رڳو مونکي ڏسي دهلجي ويا آهيو، سو مومل سان مقابلو تہ اجان پري آهي. جتي ڪئين سورهيہ سنيري آيا، پر مومل جي محلات جي ڪَر ڪوبہ لهي نہ سگهيو آهي. اوهين اجان ڇوڪرا آهيو، تنهنڪري منهنجي صلاح مڃو تہ هرويرو پنهنجو سر نہ وڃايو. مومل جي پچر ڇڏي، اڄوڪي رات اسان جي مهماني ڪائي، صبح جو جتي جا آهيو، اوڏانهن موٽي وڃو.

ناتر جي واتان مومل جي سونهن جي ساراهہ ٻڌي ويتر شوق وڌين ۽ مٿان ناتر جي مهڻي تہ هيڪاري اندر ۾ آڳ لڳائي ڇڏين. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ: ٻانهي چئي تہ سچ ٿي، جو سامي بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي هئي، پر هاڻي آيا آهيون تہ مردن لاءِ موٽڻ مهڻو آهي. ڇو نہ واري سان هرڪو قسمت آزمائي. پوءِ جنهن کي مومل ملي اُهو ماڻي.

ٿوري دير گذري تہ ناتر ميڙ جو وڻو ڪٽي آئي ۽ چيائين تہ: اُتي وهنجي سهنجي تازا ٿيو. پر همير چيس تہ: اهي سڀ ڳالهيون پوءِ، پهريائين اسان کي مومل ملائي. ناتر چيو تہ: ملڻ تہ پري رهيو، پر رڳو ڏسڻ سان ئي وايون بَطال ٿي ويندوَ. يا تہ پاڻ ۾ وير وجهي وڙهي مرندو. يا تہ چريا ٿي، ڪپڙا ڦاڙي جهنگ منهن ڪندو. تنهنڪري انهيءَ ڳالهہ تان لهي وڃو. پر جي نٽا مُڙو تہ صبح جو سوير، ڪوٽ جي دريءَ کان مومل مُنهن ڏيکاريندي. پوءِ اوهان جي مرضي.

ناتر ائين چئي، تيل ميڻ هنن کي ڏيئي، موٽي وئي. هي ٻه چارئي يار وهنجي سهنجي ٺهي جڙي اچي ويٺا. گهڙي کن گذري ته ناتر وري وٽن آئي، ۽ کين مُنجهيل سُٽ جو ڦورو ڏيئي چيائين ته: مومل هي سُٽ اوهان ڏي موڪيلو آهي. چوي ٿي ته: واندا ويٺا آهيو، سُلجهائي ڏيو. راڻو اُن مهل تنبوءَ کان ٻاهر هو. همير، ناتر کان سُٽ جو ڦورو ورتو. پوءِ ته ٽيئي يار اچي ڦورو سلجهائڻ ويٺا. پهر کن گذري وين، پر مُندل سٽ سَولو نه ٿيو. اتي راڻو به اچي نڪتو. تنهن معاملو ڪري، يڪدم هنن کان سٽ وٺي، وڏي ڪپي ڦندڻ ٺاهي، پنهنجي گهوڙي کي مڪڻهارو ڪري وجهي ڇڏيو.

ناتر اِهو نظارو ڏسي، ڦورو ڦرائي پوئتي موٽي، ۽ مومل کي اچي چيائين ته: مومل! هي جيڪي چار ڄڻا باغ ۾ ديرو دمايو ويٺا آهن، تن سان ڪوبه چارو ڪونه ٿو چلي. اڳي جيڪي به عاشق ڪاڪ تي آيا آهن، هي انهن کان ٻيءَ طرح ٿا ڏسجن جهڙا آهن سهڻا، تهڙا عقل جا وير. سندن هٿيار پنوهار به جرّات جرّيل آهن، شايد ڪي بادشاهه آهن. پر انهن چئني ۾ هڪڙو مرد تنهنجي لائق آهي. هو ٻين وصفن ۾ ته مڙني کان اڳرو آهي، البت اک ۾ اڻ لکو ڦُلو اٿس. تنهنجو موڪليل سُٽ به انهن وير وڏي ٺُڪي گهوڙي کي مڪڻهارو ڪري وڌو آهي. منهنجي دل چئي ٿي ته اهو جوان تنهنجا سڀ طلسم ٻيجي توڪي ماڻيندو.

اهو قصو ٻڌي مومل کي ماٺ لڳي ويئي، ۽ دل ۾ دهڪاءُ پئجي ويس. اتي ساهيڙين سرتين کي سڏي چيائين ته: منهنجو اهو اقرار هو ته جيڪو مرد پهرين منهنجي ڪڻ تي پير رکندو، آءٌ انهيءَ جي ٿيندس. متان پوءِ ڪا اوهان مان مون کي مهڻو ڏئي! پوءِ ٻانهيءَ کي وري هڪل ڪيائين ته: مهمانن کي خاص ماني ڪارائي، کين ڪِلندي ڪپائي اچ. پوءِ ناتر همير ۽ سندن يارن جي ماني ٺهرائي، انهيءَ ۾ وِهُ وجهي، ڍاڪون ڍڪائي کڻي آئي، ۽ اچي چيائين ته: ”مومل پنهنجن هٿن سان هيءُ طعام تيار ڪيو آهي، ويهي کائو.“ ائين چئي، طعام اُتي رکي، دل ۾ خوش ٿيندي، تڪڙي تڪڙي موٽي ويئي. همير به هٿ ڌوئي يارن کي چيو ته: ڀلا ڀاڳ اسان جا، جو مومل جي هٿن جي ماني نصيب ٿي اٿئون. ٻچي اچي پيڙا ٿيو جو بک ۾ آندا پيا وٽجن. تڏهن راڻي هڪل

ڪئي تہ: ترسو، تڪڙ نہ ڪريو، آءٌ پاڻهي اوهان کي طعام وندي ورهائي ٿو ڏيان. ائين چئي سڄي طعام مان هڪڙو گرانهہ ٿاهي ڪتي کي اُڇلائي ڏنائين. ڪتو گرانهہ کائڻ سان اُتي ئي ڦٿڪي ڦٿڪي مري پيو.

همير اها حالت ڏسي حيران ٿي ويو، ۽ ڪاوڙ مان اُٿي ڪڙو ٿيو. يارن کي چيائين تہ: قسمت زور هئي تڏهن موت جي مُنهن مان بچيا آهيون. نہ تہ هن خونياڻيءَ سان پڇڻ پيٽي ڪانهي. هاڻي ڪڏ ۾ پوي مومل، هلو تہ سر بچائي موٽي هلون. هتي هن خريبڻ سان ڪيترو پڇنداسون! همير جا پيا بہ يار جيڪي اهو لقاءُ ڏسي هراسجي ويا هئا، سي بہ اُٿي گهوڙن تي سنج وجهڻ لڳا. پر راڻي ورندي ڏني تہ: بادشاهہ سلامت! موت لکيل هوندو تہ اوس ايندو، باقي هتان هتين ٿلهو موٽڻ خواري آهي. سوڀ ستار جي وس آهي، پل هرڪو ڪوشش ڪري، پوءِ جنهن جو ڀاڳ ڀڙائي. اها ڳالهہ ٻڌي همير ترسيو. تڏهن وري راڻي چيو تہ: بادشاهہ سلامت! پهرين وارو توکي آهي. هڪ ڀيرو نہ پر بہ ڀيرا مومل جي ماڙيءَ تي چڙهائي ڪج. پر بادشاهي اقرار ڏي تہ جيڪڏهن تون مومل تائين نہ پهتين، ۽ خدا ٻئي ڪنهن يار کي سوڀ ڏياري، تہ پوءِ متان ڪاوڙجي مومل نہ کسي وٺين. همير سومري بادشاهي اقرار ڏنو.

ايتري ۾ ناتر وري اچي سهڙي، هنن کي جيئرو جاڳندو ڏسي ڏاڍي حيران ٿي، ۽ وڦلندي موٽي وڃي محل ۾ مُنهن ويڙهي سمهي رهي. تنهن تي مومل پڇيس تہ: مائي! تون ڪهڙن سورن ۾ پئي آهين؟ چيائين تہ: سانئڻ! ڳالهہ سچي ٿي ڪريان تہ آءٌ هنن کي ماني ڏيئي موٽي آيس، وري جڏهن خبرچار لهڻ لاءِ ويس تہ چاق چڱا ڀلا ويٺا هئا. سچ پچين تہ هنن جي حرفت جي مونکي تہ ڪل ئي نٿي پئي. ڪاڪ تي هن کان اڳ مون انهيءَ حيلي سان ڪيئن ڪونتر ماري ڇڏيا، پر هنن جي آڏو منهنجي ڪابہ نٿي هلي. هاڻي تون تيار ٿي ويهہ، اِنهن مردن سان مقابلو ضرور ٿيندو. اهو ٻڌي مومل ڏٽي کان دعا گُهري تہ: اي ٻاجهارا ڏٽي! منهنجي عيبن افعالن جي توکي ڄاڻ آهي. تون ئي لڄ ڍڪڻ وارو آهين. مرد سان عورت جو ڪهڙو مقابلو! هاڻي اهڙي ڪا من ۾ وجهين جو اتان ئي موٽي وڃن. پوءِ ناتر کي سڏي چيائين تہ:

هيٺي نہ ٿي، هوش سنڀال. ٻاهر وڃي هڪ هڪ ڪري ڪين وٺي اچ تہ فيصلو ڪريون.

ناتر ماڙيءَ مان نڪري هنن وٽ آئي، ۽ مرڪي چيائين تہ: توهان مان هڪ هڪ ٿي مٿي هلي تہ سندس همت جو پتو پوي. تڏهن سمورن ساٿين همير کي چيو تہ: سائين! تنهنجي اڳ اول آهي، پهرين تون چڙهہ. همير بہ يڪدم سمند گهوڙي تي سنج رکي ڪاڪ ڏي ڪاهيو. سندس آڏو ناتر هئي، پر ڪاڪ جي مانداڻ وٽ پهچي، هوءَ ڪنهن حيلي سان اُتان کسڪي وئي ۽ همير گهوڙو جهلي هڪي اُتي بيهي رهيو. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين، پر ڪٿان بہ ڪُهٽي نظر نہ آيس، جهوتون هنيائين تہ مرڳو ڪپڙا ڦاڙائي، پاڻ کي ڦٽي وڌائين. لاچار پنتي موٽيو ۽ ٿڙندو، ٿاٻڙندو اچي پنهنجي ماڳ تي پهتو. سامهون سنگتين کي ويٺل ڏسي، اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيس. اجان يارن خبر چارئي ئي ڪانہ ورتس تہ ناتر بہ ناز سان ٽلندي اُتي آئي. همير، ناتر کي ڏسي جوش مان پڙڪو ڪائي اٿيو ۽ چيائين تہ: ”مومل جي ماڙيءَ تي هڪڙي ڪاهہ اچا بہ ڪندس“ ناتر بہ کلي ڪٽي گهوڙي جي واڳ کان ورتو. همير ٽپ ڏيئي گهوڙي تي چڙهي، ناتر سان گڏ هلڻ لڳو، ۽ ناتر وري بہ اچي سرنگهہ ۾ داخل ٿي. سرنگهہ ۾ اوندهہ انڌوڪار اهڙي هئي جو نہ ڳس جي خبر تہ نہ طرف جو پتو. اوچتو شينهن ۽ جانورن جي گجڪار ٿي، ۽ گهوڙي ٽاهہ ڪائي پوئتي موٽڻ جي ڪئي تہ تنگ ٽُٽي پيو، ۽ همير ڦهڪو وڃي پٽ تي ڪيو. انهيءَ وچ ۾ ناتر ڪيس اتي ئي ڇڏي کسڪي وئي. هڪڙو شينهن جي گجگوڙ، ٻيو ڪَلن جو ڪڙڪو، تن حواس گم ڪري ڇڏيس. ڪٿان وڃڻ جي واٽ ئي نہ پئي لڀيس. مس وري موٽي اچي ميدان تي چڙهيو. دوستن کي ڏٺائين تہ ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين. ويجهو آيو تہ پڇيائونس:”همير ڇا وهيو ڇا واپريو؟ خبر چار ڏي تہ مومل ماٿي آئين يا پئو ڪان سگهوئي پڇي آئين.“ همير خيال ڪيو تہ جي سچ ڳالهائيندس تہ يار کلندا، سو پنهنجي عيب لڪائڻ لاءِ جواب ڏنائين تہ” ادا! ماٿيم ڪانہ. باقي ماڙيءَ کي وڃي پهتو هئس. مومل دري کان بيٺي هئي تنهن جو ديدار ڪري آيو آهيان. بخمل جا ڪپڙا پيل هئس، ۽ سندس منهن مشعال وانگر پئي ٻريو. سندس

سونهن جي کهڙي ڳالهه ڪريان! پر ادا! هن خونياڻيءَ منهنجي مارڻ لاءِ ڪئين حيلا هلايا. قسمت زور هيم جو بچي آيو آهيان. منهنجي ميجو ته مومل جي پچر ڇڏي موٽي هلو.“

همير جي حقيقت ٻڌي سيئي هلڻ لاءِ تيار ٿيا، پر راڻي چيو ته: تڪڙ نه ڪريو، ايمان ٻڌو، من خدا ڪٿي ڪنهن کي سوڀ ڏئي! راڻي جو چوڻ دل سان هنيائي، گهوڙن جا تنگ چوڙي لهي پيا. گهڙي ٻه ڪانه گذري ته ناتر وري ٻه ناز سان ٿلندي آئي، ۽ همير کي طعنو هڻندي چيائين ته ”اسان کي ارمان آهي جو اوهان اڌ پنڌ تان موٽي ٿا اچو. انهيءَ مڙسي سان ڪيئن سوڀ ڪندو؟ هاڻي اوهان مان وري ڪو ٻيو اُٿي هلڻ جي تيار ڪري.“ تڏهن ڏونر ٻئي ڪاوڙ مان گنو ڪٽي، ڇيني گهوڙي تي چڙهي، هلڻ لاءِ تيار ٿيو. ناتر به گهوڙي جي واڳ جهلي، کيس وٺي آڻي طلسم واري ميدان ۾ داخل ڪيو. ميدان ۾ گهڙندي ئي ڳل ڇُري، ڪڙڪو ٿيو، ۽ گوڙ گهمسان مچي ويا. از غيبي ٺڪاوَن ۽ خوفناڪ جانورن جي گوڙين تي مڙس دهلجي بيهي رهيو. ويتر جو ناتر به وجهه وٺي ڪسڪي وئي، سو ٻه به ويس ته ڇهه به ويس. گهوڙي کي گهٽو هڪليائين، پر اهو به اڳتي هلڻ جي بدران ٺرا ڪٽي پٺتي ورڻ لڳو. گهوڙي ٺري گهٽ مڙس کي ماريو هو، سو لاچار ٿي پوئتي موٽيو ۽ ٿڙندو ٿاٻڙندو اچي يارن پيڙو ٿيو.

راڻي کيس ستت ئي موٽندو ڏسي چيو ته:”ادا، سگهي خبر ڏي ته تون به مومل سان ملي آئين يا مار جهلي، مرڻ جي ڊپ کان ڀڄي آيو آهين؟ ڳُل ته ڪا خبر پوي!“ ڏونر ٻئي خيال ڪيو ته جي چوندس ته ٻڇڙو ٿي موٽي آيو آهيان ته يار ٺٺوليون ڪندا. تنهنڪري خواريءَ جي ڊپ کان وٺي ٻناڪ هنيائين ته: ادا! آءٌ به وڃي مومل جي ماڙيءَ جي دروازي کي پهتو هئس، پر قسمت نه پڙايم.

اُتان ئي موٽي آيس. مومل ماڻيم سا ڪانه. باقي پريان سندس ديدار آءٌ به ڪري آيو آهيان. چيائونس ته ”پلا مومل جا پار ڏي.“ چيائين ته”ڳاڙها بخمل جا ڪپڙا پيل اٿس، جن تي هيرن موتين جي جڙات ٿيل آهي. دروازي تي ٻانهي منهنجي لاءِ طعام ڪٽي آئي، اهو ڪائي، خيال ڪيم ته هتي ئي موت کان مس بچي اچي رسيو آهيان، باقي جي

محلات ۾ گهڙيس تہ موت نهيو رکيو آهي، سو اُتان ئي مومل کي ڏسي موٽ ڪاڻم، پر ادا! جي سچ پڇو تہ توڙي ورهيہ ويٺا هجو، پر مرڻ کان پوءِ بہ ڪاڪ ڪڏهن نہ پسي سگهندو.“ هن جي اها ڳالهہ ٻڌي همير نپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيو، ان سان گڏ ڏوڻر پڻي، شينهڙو ڏماچاڻي بہ اُٿيا ۽ گهوڙن تي سنج وجهي عمرڪوٽ ڏانهن موٽڻ جي تياري ڪرڻ لڳا. تڏهن راڻي چين تہ: ائين پڇي هلڻ مان خواري ٿيندي، اجان بہ قسمت آزمائيندا سين. انهن ئي ڳالهين ۾ هئا تہ مٿان ناتر بہ اچي سهڙي. هنن کي چيائين تہ: يا تہ اوهان کان عقل ڇڏائي ويو آهي يا تہ اصل کان ئي بي همٿ آهيو، جو اڌ پنڌ تان موٽيو اچو!

ناتر جي انهيءَ طعني تي وري شينهڙو ڏماچاڻي هٿيار پنوهار ڪٽي اُٿيو ۽ سنجاف گهوڙي تي سنج وجهي، ها هُر ڪندو گوليءَ سان گڏ روانو ٿيو. هي مڙس بہ جڏهن انهيءَ هنڌ پهتو، جتي مِرُن جو محشر مَتل هو، تہ اوچتو ڏم ڏمچر مچي ويو. گوڙ گهمسان ۾ وايون بتال ٿي ويس. وائڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو. ايتري ۾ ناتر بہ ڪائنس ڪسڪي رواني ٿي وئي. آخر لانگ ورائي گهوڙي تان لهي پيو ۽ نيزو هٿ ۾ ڪري، مِرُن ۽ جانورن جي وچان لنگهي، وڃي مومل جي ماڙيءَ وٽ پهتو. ماڙيءَ جي چئني پاسن کان پاڻي نظر آيس، جنهن ۾ چولين جا ڪڙڪا پئي پيا. چولين جي ڏڏڪار تي دل لاهي ويهي رهيو: نہ اُتان ڪا وڃڻ جي واٽ لڌس، ۽ نہ ئي وري ماڙي کي ڪو دري دروازو نظر آيس، جنهن مان رڳو مومل کي پري کان ڏسي سگهي. عقل هلائي جڏهن ٿڪو، تڏهن نااميد ٿي رکيئين پيرن تي زور. دل ۾ چيائين تہ: اهڙي عورت ئي گهوري، جنهن پٺيان جيءُ کي جوکو رسي. واءُ وانگي پوئتي موٽيو ۽ اچي سنگتين وٽ رسيو. راڻي چيس تہ ”اکيان کهڙو آزار آهي، جو سيئي سهڪندا موٽيو اچو؟ هاڻي ڏي خبر تہ تون بہ مومل ماڻي آئين يا اڌ واٽ تان پڇي آيو آهين؟“ شينهڙي خيال ڪيو تہ اڳ ۾ ٻہ يار مومل کي ڏسي آيا آهن، آءٌ چوان ٿو تہ مومل کي ڏسڻ ڪانسواءِ موٽي آيو آهيان تہ ڳالهہ ڪسي ٿي پوندي. سو هن بہ وٺي ٻٽاڪ هنئي تہ”ادا! پري کان مومل جو ديدار آءٌ بہ ڪري آيو آهيان. ماڙيءَ جي دريءَ مان ڏٺم تہ مومل ريشمي ڪپڙا پهريو، هار سينگار

ڪريو، پلنگ تي ويٺي هئي. سندس سونهن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي..!
اهڙي حور پري روءِ زمين تي ڪانه هوندي! پر يار! مومل تائين پهچڻ
واري سرنگهه جي سفر ڪان سوري پلي آهي. جي مرڻو آتوَ ته هلي
ڪتي مڙس ٿي مرو، باقي هتي وڃڻ ۾ وات وجهي مرڻ مان ڪهڙو
فائدو! ڪڏ ۾ پوي مومل ته بَتَ ۾ سندس سونهن. هيءَ زحمت جهڙي
زال شال نه ڪنهن جي پُڪي پوي! جيئرا هونداسين ته هڪڙي جي
عيوض ست ست سوديون هلي پرڻباسين. هاڻ سنبت ڪريو ته هلون،
هتي هڪڙي گهڙي به ترسڻ نه جڳائي.“

اتي همير سومرو، ڏوٺر پٽي ۽ شينهڙو ڏماچاٽي هتيار پنوهار ٻڌي
اُٿيا ۽ گهوڙا سنجي هلڻ لاءِ تيار ٿيا. پر راڻو ويٺو ئي رهيو. همير
چيس ته:”جڏهن اسين ٽيئي بانڪا بهادر ناڪام ٿي موٽيا آهيون، تڏهن
تون ڪهڙي طرح انهيءَ خوفناڪ مانداڻ مان پار پوندين؟ مفت ۾ مري
ويندين تنهنڪري هلڻو اٿئي ته هل، نه ته اسان جي الله واهي اٿئي.“ ته
به راڻو ڪچيو ئي ڪونه، ماٺڙي ڪيو ويٺو رهيو. جڏهن ٽنهي ڄڻن ڏٺو
ته راڻو هلڻ جي نتو ڪري، تڏهن اُٿي هلڻ لڳا. اتي راڻي ڪين سڏ
ڪري چيوته: ”چارئي گڏجي آيا آهيون، هلنداسون به گڏجي. اهو اوهان
سان انجام آهي. باقي اهو ڪهڙو دستور آهي جو ”ڪم لٿو ڍڪڻ
وسريو.“ اوهين پنهنجي قسمت آزمائي، مون کي اڌ ۾ ڇڏي هليا ٿا
وڃو! آءُ به پنهنجي قسمت آزمايان. سڀيئي مَٽ سَٽ ٿيون، پوءِ گهوڙن
تي چڙهي ڏينهڪ ئي هلي پنهنجي ماڳ رسنداسون.“ راڻي جي اها
گفتار ٻڌي ٽنهي يارن دل ۾ خيال ڪيو ته: ”چئي سچ ٿو، اسين پنهنجي
جوش ۾ سنگتي کي وساري ٿي هلياسين.“ پوءِ موٽي آيا، ۽ راڻي کي
چيائون ته:”ادا، چئين سچ ٿو.“ پوءِ گهوڙن تان سنج لاهي بالم ٿي ويهي
رهيا.

اجا پاڻ ۾ ڪل پوڳ پئي ڪيائون ته مئان ناتر به اچي نڪتي.
اڳيئين ڪان وڌيڪ ناز نخرو ڏيکاري هنن کي چيائين ته: اوهان جي اندر
جي به ڪل ئي ڪانه ٿي پئي. ٻناڪون ته گهٽيون پئي هنيوَ، پر پوءِ
ٻاجوڪڙن وانگر ڀڄي آئيو. هاڻي يا ته ڀڄم ڇڏي هليا وڃو، يا ته مڙس
ماڻهو ٿي اچو. تڏهن سوڍو ٽپ ڏيئي اُٿيو. نِيري گهوڙي تي سنج

وجهي سوار ٿيو، ۽ ناتر سان گڏجي هلڻ لڳو. دل ۾ ڏٽي کي ٻاڏائڻ لڳو تہ: سائين! سنگتين جي آڏو منهنجي عزت رهجي اچي! ائين چئي سرنگهہ ۾ گهڙيو، ۽ حشمت سان هلندو اچي اُنهي ميدان ۾ پهتو، جتي ڪَلن جو مانداڻ منديل هو. راڻي جو رَسڻ ۽ گوڙ گهمسان شروع ٿيڻ: خوفناڪ آوازن راڻي جا ڪن ڪِدي وڌا. اوندهہ انڌوڪار ٿي ويئي. ڪابہ شيءِ نظر نٿي آيس. هڪڙي پاسي شينهن ۽ چراغن جي ڏڏڪر تہ ٻئي پاسي هاٿين جون رڙيون. مٿان پکين جي ڪوڪار تہ زمين تي وري نانگن ۽ بلائن جون ڦوڪون. گهڻ پل ۾ لکين جانورن جو لشڪر ويڙهي ويس. ڪٿان بہ وڃڻ جي واٽ ئي نہ پئي لڀيس. جانورن جي انهيءَ لشڪر ۽ انهن جي رڙين ڪوڪن ۾ راڻو بہ حال تہ حيران ٿي بيهي رهيو.

ٻانهي ناتر جو دستور هو تہ اُنهيءَ هنڌ اچي غائب ٿي ويندي هئي. جنهن کي ساڻ وٺي ايندي هئي، سو يا تہ جانورن ۽ نانگن بلائن جي هيبت کان اُتي جو اُتي مري پوندو هو، يا تہ خوار خراب ٿي موٽي ويندو هو. راڻي کي بہ غافل ڏسي ناتر ڀڄڻ لاءِ گوهي ڏني پر راڻي بہ جهٽپ هڻي کيس جهلڻ جي ڪئي. راڻي جو هٿ ناتر جي سڳين ۾ وڃي پيو، ۽ وارن کي چڪ اچڻ سان ناتر ڪِري پئي. راڻو جو گهوڙي تي سوار هو، سو انهيءَ چڪ چڪان ۾ ٻاهڙجي گهوڙي تان ڪِري پيو، سڳيون هٿ مان ڇڏائي ويس. ناتر اهو وجهہ ڏسي، ڀڙڪو ڪائي، سرنگهہ ۾ ڪنهن پاسي گم ٿي وڃي ماڙيءَ ۾ نڪتي.[1] راڻو پاڻ سنڀالي يڪدم اُٿي ڪڙو ٿيو، پر تيسين ناتر سندس نظر کان غائب ٿي وئي، پوءِ تہ راڻو گهوڙي تي سوار ٿي، اُنهيءَ پاسي هلڻ لڳو، جيڏانهن ناتر وئي هئي. ڪاريهر نانگن گَر ڪنيو، سندس پيرن ۾ پئي ڦوڪون ڏنيون. پر هن خيال ڪيو تہ موٽڻ جي خواري کان مرڻ ڀلو آهي. سو جانورن کي لتاڙيندو، هلندو هلندو اچي ڪاڪ ڪنڌيءَ پهتو. ڏسي تہ پاڻي سمنڊ وانگر چوليون پيو ڏئي، ۽ هزارين واڳون، سيسر ۽ لڌڙا پيا

[1]. گل محمد کوسي جي بيتن موجب: راڻي، هڪڙو لڪڻ لڪائي ڪنيو هو. ناتر جڏهن گوهي ڏئي ڀڄڻ جي ڪئي، تہ راڻي چوٽيءَ کان جهلي لڪڻ سان سٽڻ لڳس. نيٺ ناتر طلسمي ڪريب ۽ مومل تائين رسڻ جو رستو ڏسيس.

ڀاڪارين. راڻو هيڪر ته اُنهن کي ڏسي دهلجي ويو، پر پوءِ جڏهن چتائي ڏٺائين، تڏهن شڪ پيس ته اهو پاڻي ۽ جانورن جو ڏيکاءُ، سموري ڪيڏ تي پانئجي. آزمودي لهڻ لاءِ ڪيسي مان سوپاري ڪڍي، ڪٽي پاڻيءَ ۾ اُڇلايائين ته اُها پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ بدران ائين وڃي ڪِري، جيئن ڪائي ته ڪل ڪڙڪو ڪري. اهو تلاءُ ڪائي جي آرسي سان اهڙي ڪاريگريءَ سان ناهيل هو، جو چڻ ته سچ پچ پاڻي هجي. ڪيترائي سورهيه ٻيا سڀ لڪ لتاڙي، جڏهن اُتي پهچندا هئا، تڏهن پاڻي جي ڏڏڪي ۽ آفتن جي رڙين جي ڊپ کان موٽي ويندا هئا. پر راڻو، سياڻپ سان سمورو راز معلوم ڪري، گهوڙي تان لهي پيو، ۽ گهوڙي کي واڳ کان وٺي، پاڻيءَ تان صحيح سلامت هلندو اچي مومل جي ماڙيءَ وٽ پهتو. اوندهه انتوڪار ۾ پري کان ماڙيءَ جو دروازو ڏسجڻ ۾ ئي ڪونه ٿي آيو. پر ويجهو اچڻ سان دروازو ڏسي، اُتي اچي ويهي رهيو. مومل ۽ سندس ساهيڙين، ماڙيءَ جي دريءَ مان راڻي جو مشاهدو ويٺي ڏٺو، جڏهن ڏٺائون ته راڻو سموري ماندائڻ مان اُڪري اچي ماڙيءَ جي دروازي تي پهتو آهي، تڏهن ناتر کي موڪليائين، جنهن دروازو کولي، راڻي کي وٺي آڻي ماڙيءَ جي وچ ۾ ويهاريو.

مومل جون سڀ سهيليون سونهن ۾ هڪٻئي کان وڌيڪ هيون. گهڻ ڪنهن ۾ ڪانه هئي. سيني کان هڪجهڙو ويس، هڪجهڙو سينگار. خبر ئي نه پوي ته سائڻ ڪهڙي ۽ ٻانهي ڪهڙي! ناتر کلي چيس ته "راڻا! پنهنجي مومل ڳولي لهه!" راڻو مُنجهي ويهي رهيو. ايتري ۾ هڪڙو پونئرو، مومل جي مٿان اچي پرڻ لڳو. راڻي سهي ڪيو ته اهائي مومل آهي. پوءِ وڌي وڃي ٻانهن مان جهليائينس. اتي مومل نماڻي ٿي چيس ته: "تو سمورا شرط پورا ڪيا ۽ هاڻي آءٌ تنهنجي آهيان."

مومل چا ڪيو هو جو اندر ماڙيءَ ۾ ڇهه کوهه کٽائي، انهن جي ترِيءَ ۾ ڀالا ۽ نيزا کوڙائي، اُنهن جي مٿان ڪچي سُٽ جا اُٽيل پلنگ رکائي ڇڏيا هئا، جڏهن ڪو به ماڻهو انهن پلنگن تي ويهندو هو، تڏهن وڃي کوهه جي ترِي ۾ پوندو هو. ڀالا ۽ نيزا سندس جسم مان آرپار لنگهي پوندا هئا. فقط ستون پلنگ صحيح هو، جنهن تي مومل پاڻ ويهندي هئي. مومل پاڻ اتي ويٺي ۽ راڻي کي ٻين پلنگن مان هڪڙي

تي ويهڻ جو اشارو ڪيائين. پلنگ ڏسي راڻي کي ٿورو شڪ جاڳيو. خيال ڪيائين تہ جنهن خونياڻي سوين سورهيہ ماريا آهن، تنهن هتي بہ متان ڪو فريب رکيو هجي. سو ڇا ڪيائين جو نيزي جي نوڪ سان، پلنگ جي وچ تي ٿورو زور ڏنائين تہ پلنگ وڃي کوهہ ۾ ڪِريو. اهڙيءَ ريت ڇهئي پلنگ ڇني، ستين پلنگ تي مومل ساڻ گڏ بالم ٿي ويهي رهيو. مومل، راڻي جي سورهيائي تي اڳئي عاشق ٿي چڪي هئي، ويتر سندس چترائي ڏسي، هيڪاري سندس محبت ۾ سوگهي ٿي ويئي، اتي راڻي کي ڳڙهاٽي ڏنائين ۽ چيائين تہ: اڄ کان وٺي آءٌ تنهنجي ٻانهي آهيان.“

مومل جي ماڙي، عاج ۽ چندن جي چٽن سان سهڻي سينگاريل هئي. راڻو مومل کي ماڻي ڏاڍو خوش ٿيو، ماڙيءَ ۾ پڻ خوشيون ٿي ويون. سيني سهيلين راڻي کي مبارڪون ڏنيون. راڻي ۽ مومل اجان پاڻ ۾ رهاڻ ئي ڪانہ ڪئي تہ متان اُسُر اچي ٿيو. جڏهن راڻو، هٿيار پنوهار ڪٽي، گهوڙي تي چڙهڻ لاءِ تيار ٿيو، تڏهن مومل ڊوڙي آئي ۽ منهن ۾ شور وجهي، راڻي کان تلوار کسي، چيائين تہ مونکي اڪيلو هتي ڇڏي ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ راڻي جواب ڏنو تہ، مومل! آءٌ همير سومري جو وڏو وزير آهيان. همير، ٻن ٻين وزيرن ساڻ ٻاهر ويٺو آهي. آءٌ وعدو ٿو ڪريان تہ انهن کي روانو ڪري، ترت ئي ٿو تو وٽ موٽي اچان. تڏهن مومل چيو تہ، راڻا! هاڻي هڪ گهڙي بہ توکان سواءِ آرام نہ ايندم. جي دير ڪيئي تہ آءٌ پاڻ ماري وجهنديس ۽ پوءِ اجايا هٿ هڻندين. راڻو مومل کي سُنهن ويساهہ ۽ دلاسا دلبريون ڏيئي گهوڙي تي چڙهي، مومل کان موڪلائي اچي سنگتين وٽ پهتو.

هن کان اڳ ٻيا سڀيئي سنگتي، مومل جي ماڙيءَ مان جان بچائي جلد موٽيا هئا، پر راڻي کي جو سڄي رات گذري وئي هئي، سو پڪ ٿين تہ راڻو وڃي مومل سان گڏيو. سو راڻي کي ڏسندي ئي همير هڪل ڪئي، تہ اچڻ ۾ اويل ڪيئي، متان مومل ماڻي آئين؟ راڻي سوال مان سهي ڪيو تہ همير ڪاوڙيو ويٺو آهي: جي سچي ڪندس تہ متان مارائي ڇڏيم، يا مومل کسي وٺيم، تنهنڪري ڪوڙ ڪري چيائين تہ، سائين! ٻن پئي ماڙي تہ ڪڏ ۾ پئي مومل! جنهن کي سر جو سانگو نہ هجي، سو

انھيءَ خونياڻي سان ھٿ اٽڪائي! آءٌ بہ اوھان وانگر سچي رات سرنگھہ ۾ سَمُون ڏيئي، پرھہ ڦٽيءَ جو موٽي آيو آھيان، جيستائين جيئرو ھوندس تہ وري مومل جي وائي وات مان نہ ڪيندس. ھاڻي اُٺو ساجھر ھلي پنھنجي وطن پيڙا ٿيون. راڻي جي روداد ٻڌي، چائري گھوڙن تي چڙھي روانا ٿيا ۽ آخر اچي عمرڪوٽ پھتا. پر اھا ڪنھن کي بہ خبر ئي ڪانہ رھي تہ ڪا راڻي، مومل ماڻي آھي.[1]

پوءِ البت راڻي جي ھلت- چلت مان ھمير کي شڪ پئجي ويو ھو تہ راڻو، مومل وٽ وڃي پھتو آھي، پر اسان کان ڳالھہ لِڪائي. ويتر جو مومل جي سونھن جي ساراھہ ٻڌي ھئائين، سو اندر ۾ آنڌ - مانڌ ھئس. نہ ڪچھري ڪري، نہ طعام کائي، نہ راڻي سان پورو منھن ڏيئي ڳالھائي، ۽ نہ وري سندس سلام جھلي. ڪي ڏينھن ائين گذريا. آخر راڻي کان ھمير جي اھا رَوَش سَٺي نہ ٿي، سو ھڪڙي ڏينھن ھمير کي اڪيلو ڏسي، ھٿ ٻڌي عرض ڪيائين تہ، سائين! مون کي برابر ڏڀ وچان اوھان سان ڪوڙ ڳالھايو ھو. آءٌ مومل سان ملي آيو آھيان. ڏُڌو ڪير وري ٿٽين ڪونہ پوندو. ھاڻي جيڪا سزا ڏيڻي ھجنئي سان ڏي. پوءِ راڻي ڪيس سچي حقيقت ڪري ٻڌائي. اتي ھمير پنھنجي دل مان راڻي ڏانھن غير ڪڍي، ڪيس چيو، تہ مون کان تنھنجي حق ۾ ڪُڇي ڪڏھن ڪانہ ٿيندي. اڄ کان وٺي مومل منھنجي نياڻي آھي. پر ھڪڙي ڳالھہ آھي جو مومل ھڪوار پنھنجي اکين سان ڏسان. راڻي خوش ٿي ھمير کي چيو تہ: سائين! تون بادشاھہ آھين، متان مومل ھراسجي تنھنجي سامھون نہ اچي، تنھنڪري تون ڌنارن جو ويس ڪري، ڏانگ کڻي مون سان گڏجي ھل تہ توکي مومل ڏيکاريان. ھمير اھو شرط قبول ڪيو.[2]

---

[1]. لال محمد انڊڙ جي بيتن موجب: راڻي موٽي اچي سنگت سان سچي ڪئي، تہ مومل ماڻي آيو آھيان. جنھن تي ھمير سومرو ڪاوڙيو ۽ دل ۾ دغا پيدا ٿيس.

[2]. پاڻڌي پنھور جي بيتن موجب: جڏھن راڻي، مومل ماڻي، تڏھن ست ڏينھن وٽس رھيو. ائين ڏينھن مومل چيس تہ مونکي ھمير ڏيکار. پوءِ ھمير وٽ آيو، ۽ چيائينس تہ توکي مومل سڏايو آھي، پر ميھار ٿي ھل. ھمير، راڻي سان گڏجي ويو. مومل سڃاتس چي، ھي ميھار نہ آھي، پر ڪو سومرو آھي ۽ منھنجو ڀاءُ آھي، پر راڻا! تو ھن سان رڻ ڪري ڇڏيو جو ھن ويس ۾ ھتي وٺي آيو آھينس.

پوءِ راڻو ۽ همير صلاح ڪري اُٺ تي ٻيلهه چڙهيا ۽ ڪاڪ تي پهچي ساجهر ئي اچي سرنگهه ۾ گهڙيا، اُتي اُٺ تان لهي همير پنهنجي پوشاڪ بدلائي ڏنارن جو ويس ڪيو، ۽ ڏانگ هٿ ۾ ڪٽي، اُٺ کي مهار کان ڇڪي وچي مومل جي ماڙيءَ اڳيان جهُڪايو. همير اُتي ئي ٻيهي رهيو ۽ راڻو ٽپ ڏيئي اُٺ تان لهي ماڙيءَ تي چڙهي ويو. مومل سندس اُڪير ۾ ويڳاڻي ويٺي هئي، تنهن ساڻس ملي سِڪ لاٿي. مومل، راڻي جي انتظار ۾ ماڙيءَ جي دريءَ کان ويٺي هئي، تنهن همير کي به ايندي ڏٺو هو. جڏهن راڻي سان رهاڻ ڪري دل خوش ڪيائين، تڏهن همير جي يادگيري پيس، سو راڻي کان پڇيائين ته، مينڌرا! اهو ڪنجڪي پاڻ سان ڪير آندو اٿئي؟ نڪو جَت ٿو ڏسجي، نڪوئي فقير ٿو لڳي! مُنهن مهانڊي مان ته وڏي بخت وارو شخص ٿو معلوم ٿئي! تڏهن مينڌري مرڪي جواب ڏنس، ته هي شخص منهنجو ميهار آهي، ٻانهيءَ جو ٻار هو، جو ننيو ڪري نپايو هئوسين، تڏهن هن ۾ اميراڻا ارڪان آهن.

مومل کي راڻي جي جواب مان خاطري ڪانه ٿي، سو اُتي همير وٽ آئي، ۽ چيائينس ته، ميان ميهار! هلي مينهن ته ڏهي ڏي! همير ويچارو مومل جو حڪم بجا آڻي اُٿيو ۽ وڃي مينهن ڏهڻ ويٺو. پر ڇا لڳي بادشاهه، ڇا لڳي ميهارڪو ڪم! ڪُجي به نه سگهي، بس، مينهن ڏهندي ڏهندي نازڪ هٿن ۾ ڇلٽا پئجي ويس، ۽ رت وهڻ لڳس. ڪير ڏهي ٻانهي جي حوالي ڪري، وري اچي اُٺ وٽ ويٺو. مومل ۽ راڻو پنهنجي رهاڻ ۾ پورا هئا. سڄو ڏينهن گذرين، متان سومهڻي به گذري وئي.

همير، مومل کي ڏٺو ته سهي، پر سندس حُسن ڏسي، پنهنجي اندر سان اورڻ لڳو ته ”ههڙي حُسن- وند، حُورن ۾ به مشڪل سان لڀندي! مومل جي متان سؤ سوڍيون قربان ڪري ڇڏجن! ههڙي حور جي متان ته مونکي لشڪر مارائڻ کپندو هو! راڻي اهڙي ڪُڌائي ڪئي آهي جو ڪيس جيئرو نه ڇڏڻ گهرجي!“ راڻي، همير جو اهو پٽڪو ٻڌي ڪن ڪڙا ڪيا. همير کي ڪاوڙيل ڏسي، مومل کان موڪلائڻ لڳو. مومل، راڻي کي رات ٽڪڻ لاءِ گهڻيون ئي منٿون ڪيون، پر راڻو، همير کي وٺي

روانو ٿيو. سرنگهه مان نڪري سولا ٿيا تہ همير ڪاوڙ ۾ ڪاراٽجي، راڻي کي طعنن مهڻ سان تائي ڪنيو ۽ عمرڪوٽ پهچي کيس ڪٽي قيد ۾ هنيائين.

ست ڏينهن ست راتيون راڻو قيد ۾ هو[1]. راڻي جي پيڻ همير سان پرڻيل هئي. صورت ۽ سيرت ۾ همير جي ڀين راڻين کان برک هئي. همير جو بہ مٿس راض هو. تنهن ڀاءُ کي قيد ۾ ڏسي، همير کي محلات ۾ گهرايو ۽ کيس چيائين، تہ منهنجي ڀاءُ کي قيد مان ڪڍي جيئدان ڏي. تڏهن همير چيس تہ، ڀائي! هڪڙي شرط سان راڻي کي ڇڏيندس. اهو هيءُ تہ اُن رات واري پنهنجي رهاڻ جي پرولي ڏيندوسانس، ڀڳائين تہ ڇٽو، نہ تہ ڦاهي چڙهندو. همير جو فيصلو ٻڌي راڻيءَ سڄي رات واري حقيقت پنهنجي ڀاءُ تائين پهچائي. ٻئي ڏينهن همير، راڻي کي قيد مان ڪڍائي پنهنجي ڪچهري ۾ گهرايو ۽ پرولي ڏنائينس تہ:

"چُنيءَ آيو چير، سو ڏٺم پنهنجي ڏانوَ ۾"

راڻي پرولي ٻڌي جواب ڏنو تہ:

"تون ٿي راحت رسئين، تڏهن ڀال مڱيو ٿي ڪير
چاڪ چُنيءَ کي چير، تڏانهن آيو تڪڙو."

حقيقت هن ريت هئي تہ هڪڙيءَ رات همير بادشاهہ راڻيءَ سان رهاڻ ۾ هو تہ اوچتو سندس ٿڄ پياڪ ٻارڙو جاڳي پيو ۽ روئڻ لڳو. راڻِي، همير کي ڇڏي تڪڙ مان اُٿي ٻارڙي ڏانهن ڊوڙي تہ سندس پوتيءَ کي چِڪ آئي، ۽ ڦاٽي پيئي. همير بادشاهہ انهيءَ واقعي جي اهڃاڻ پروليءَ جي صورت ۾ راڻي کي ڏنو، جنهن جو هن پورو جواب ڏنو. راڻي جو جواب ٻڌي همير کِلي ڏنو، ۽ مٿانئس بند معاف ڪري کيس جيئدان ڏنائين ۽ اڳئين کان بہ وڌيڪ عزت ڏيئي پنهنجو وزير مقرر ڪيائين.

---

[1]. لال محمد انڊڙ جي بيتن موجب: همير راڻي کي ڪاٺ ۾ وڌو. اُتي بہ راڻي کي مومل ڪانسواءِ سُک نٿي آيو. آخرڪار ڪنهن حيلي بنديخاني جي داروغن کي پاڻ سان ملائي، رات جو نڪري اُٺ تي چڙهي، مومل سان وڃي ملاقات ڪندو هو، ۽ پرهہ ڦُٽيءَ کان اڳ موٽي ايندو هو.

همير جي قيد مان آزاد ٿيڻ کانپوءِ، راڻو روزانو رات جو هڪڙي اُٺ تي چڙهي مومل ڏي ويندو هو، ۽ اُسر جو موٽي اچي سمهي رهندو هو. سيني کي خبر هئي تہ راڻي، مومل ماڻي آهي. پر اها ڪنهن کي خبر ڪانہ هئي تہ راڻو روزانو رات جو اُن وٽ وڃي ٿو. هڪڙيءَ رات راڻي زال ننڍ مان سجاڳ ٿي ڏسي تہ راڻو آهي ئي ڪونہ. ان بعد روز رات جو راڻي کي پنهنجي هنڌ تي نہ ڏسي، پنهنجي سَهُري "ڪبير" سان خبر ڪيائين، جنهن پنهنجي نُنهن کان نشانيون ورتيون. نُنهن ٻڌايس، تہ راڻو صبح جو وهنجي ٿو تہ سندس جسم تي لڱل ڳاڙهي مِٽي، پاڻيءَ ۾ ملي رت جهڙي ٿيو پوي. اهو اُهڃاڻ ٻڌي ڪبير سهي ڪيو تہ اها مِٽي ڪاڪ جي آهي. تنهن پنهنجن جتن کي گهرائي خبر پڇي، تہ راڻو ڪيڏيءَ مهل ۽ ڪهڙي اُٺِ تي وڃي ٿو؟ جتن چيو، تہ رات جي ٽئين پهر ۾، راڻو وڳ ۾ اچي، پنهنجي اُٺ تي چڙهي ڪيڏانهن ٿو وڃي، سا اسان کي خبر ڪانهي، باقي اسين اُنهيءَ اُٺ کي وري اُسر جو وڳ ۾ چرندي ڏسون ٿا. تڏهن ڪبير انهيءَ مهل ئي اُٺ گهرائي پنهنجي روبرو کهائي ڇڏي. چيائين، تہ وڳ ۾ ٻي ڪا اهڙي اُٺ آهي ئي ڪانہ جنهن تي راڻو رات وچ ۾ ڪاڪ تان ٿي ايندو.

سوڍو بہ رات سنيري، دستور موجب وڳ ۾ آيو. اُٺ ڳوليائين پر نہ لڌي، تڏهن جت کي سڏڻ لڳو. انهيءَ وڳ جو سنڀاليندڙ ٻوڙو جت هو. آخرڪار انهيءَ سوڍي جا سڏ ٻڌي، چيو تہ، راڻا! اُٺ تنهنجي پيءَ کهائي ڇڏي. باقي اُن جو توڏو آهي، جيڪو ڪئين پيرا ماءُ سان گڏ ڪاڪ گهمي آيو آهي. اُهو بہ ماءُ جهڙو ئي هلڻ جو چوهو آهي. راڻي چيس تہ، تہ اهوئي پلاڻي ڏي. جت يڪدم توڏو پلاڻي، مهار وجهي، راڻي جي حوالي ڪيو. راڻو چانگي تي چڙهيو تہ ماءُ کان بہ ٻہ رتيون وڌيڪ نظر آيس. راڻو جلدي ئي وڃي ڪاڪ ۾ پهتو ۽ مومل سان ملاقات ڪري رات وچ ۾ موٽي آيو. راڻي کي جيتوڻيڪ اُٺ جي مارجڻ جو ڏاڍو ڏُک لهي ويس. پوءِ تہ روزانو رات جو لڪچوريءَ انهيءَ ڳوُنري تي پيو ايندو ويندو هو.

جنهن ڏينهن مومل جي ماڙيءَ ۾ راڻي پير پاتو هو، تڏهن کان وٺي مومل پنهنجي ماءُ ڏي ڪو احوال ڪونہ موڪليو هو. تنهن وري

سومل کي سمجهائي مومل جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو. سومل، مومل جي وڏي ڀيڻ هئي. تنهن مومل کان سمورو حال احوال وٺي، خيال ڪيو ته چونه مومل کي راڻي کان جدا ڪري، پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽائي وڃان. سو هڪڙو ماڻهو سيڪاري راڻي جي گس تي ويهاري ڇڏيائين ۽ پاڻ وري مردانا ڪپڙا ڍڪي، مومل سان گڏ سمهي رهي.

قدرت سان انهيءَ رات راڻو به گس کان ڀُلجي وڃي اوجهڙ ۾ پيو. مُنهن سامهون ميهار جي ويس ۾ اُهوئي ماڻهو نظر آيس، جيڪي سومل سيڪاري روانو ڪيو هو. راڻي اُن کي انهيءَ جوءِ جو ماڻهو ڄاڻي مومل جي ماڙيءَ جو گس پڇيو. تنهن تي هن شخص جواب ڏنو ته: اهائي مومل ٿو پڇين، جيڪا راجا نند جي ڌيءَ آهي، ۽ جنهن جو سامي سيتل يار آهي! اها ڳالهه ٻڌي راڻي کي اندر ۾ وڌ پئجي ويا. مرندي ڪُسندي هائوڪار ڪيائين. تڏهن ميهار هٿ سان اوپر ڏي اشارو ڪري چيس ته: انهيءَ طرف اٿئي- هاڻي اچي رسيو آهين.

راڻي اُوڦٽو ميهار جي واتان مومل جي لاءِ اها خبر ٻڌي غيرت وچان ڪاراٽجي ويو. مومل ڏانهن هليو ته سهي، پر شڪ اندر ۾ چيڪار لائي ڏنس. نيٺ ڪاهي اچي ڪاڪ تي رسيو. راڻي کان اوجهڙ ۾ ڪافي وقت لڳي ويو هو. مومل سان ملڻ جي ويل ٽري ويئي، تنهن کي به ننڊ اچي ويئي، سا سومل جي پر ۾ سمهي رهي. راڻو در جي تاڙي لاهي اندر آيو. سيج تي مومل سان گڏ مرداني ويس ۾ سومل کي ستل ڏسي شَڪ مان ڦري پَڪ ٿيس. دل ۾ غيرت جو ڪٽر آٽي، نشاني طور پنهنجو لَڪڻ مومل جي ڪَڇ ۾ رکي، چانگي تي چڙهي موٽي آيو.

صبح جو سوير، اجان منهن مير هئي ته مومل ننڊ مان سجاڳ ٿي. پرسان ڪانڌ جي رکيل ڪام ڏسڻ ۾ آيس. يڪدم شمع ٻاري لڪڻ کي جاچي ڏٺائين. راڻي جو لڪڻ سڃاڻي پڪ ٿيس ته راڻو رات آيو هو. ڊوڙي دروازي تي آئي ته اُتي به اُٺ جي پيرن جا تازا نشان ڏسڻ ۾ آيس. هيڪاري ٿيس ته راڻو آيو هو پر ڪاوڙجي موٽي ويو. بيهي پوءِ

درد مان دانهون ڪِري ڏرتيءَ تي ڪِري پيئي ۽ رات ڏينهن راڻي جي تات ۽ روڄ راڙي ۾ پئجي ويئي.

مومل ڏاهي ته گهڻي هئي، پر سومل جي سياٽپ اڳيان سندس نه چلي. ٻه- چار راتيون راڻي جو انتظار ڪيائين. پر راڻو نه آيو. گوڙها ڳاڙيندي رات وهامي ويندي هيس. آخرڪار راڻي ڏانهن نياپو موڪليائين ته، سوڍا! تو سواءِ سِڪ سمهڻ نتي ڏي. خبر نه آهي ته ڪهڙي سبب رُٺو آهين! تڏهن راڻي چوائي موڪليس، ته آءٌ انجام تي آيس، پر توکي سيتل سان ستل ڏٺم. هيڪر خيال آيم ته تلوار سان ٻنهي کي ماري هليو وڃان، پرخواري جي خوف کان پنهنجي ڪام تنهنجي ڪڇ ۾ رکي، توکي حرفي ڪري هليو آيس.

مومل کي جڏهن حقيقت جي خبر پئي، تڏهن هنيون هارجي ويس، زاروزار روئي راڻي ڏي چوائي موڪليائين ته، راڻا! توسان حجت جا اکر ڪانه تي ڳالهايان، پر سچ تي چوان. آءٌ سومل سان ستي پيئي هيس. هُن سڙي جي اندر جي ڪل ڪانه پيم ته ڪهڙي سبب کان مردانا ڪپڙا پائي، مون سان گڏ تي سمهي. پر هينئر خبر پيم ته منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ وير وجهڻ لاءِ ائين ڪيائين. راڻا، ٻيا عيب مون ۾ گهڻا آهن، انهن جو مهڻو ڏين ته پلي ڏي، پر حق جو حرف مون تي نه رک.

راڻي کي مومل جو جواب مليو، پر هن جي دل مان ڪنڙ نه لٿو. سمجهيائين ته مومل ڪوڙ تي ڪري. تڏهن چوائي موڪليائينس ته: مومل! توکي انهيءَ مام ۾ مري وڃڻ گهربو هو. پر جڏهن ڇنو چوائي موڪليم تڏهن ته ڪوڙ سان پڇاڻي ڪري ڇڏيئي. هاڻي مون ڪاڪ تان دل ڪنئي. اڄ کان منهنجو ۽ تنهنجو ناتو ٽُٽو. پر مومل وري ٻه چوائي موڪليس ته، راڻا! چوندا آهن ته ”خون ۽ ڪٿوري ڪونه لڪي.“ منهنجي ڪنهن سان ڪَڇي هجي ها ته لڪي ڪانه رهي ها. سمجهان ٿي ته ڪنهن دشمن توکي ڪوڙ ٻڌائي مون کان برغلايو آهي. خدا حق وڪيل آهي. ڪوڙ سچ جي ڪيس سموري خبر آهي. اُهو پاڻ ٻنهي جي وچان آهي. آءٌ توکان سواءِ ٻيو سيڪو مرد ڀاءُ ڪري تي ڀانئيان، تنهنڪري رسامو ڇڏي هليو اچ ته روح رهاڻيون ڪريون.

پر راڻي جي ”نہ کي نہ ڪوٽ“. دل تي شڪ ويهي رهيو هوس، سو مومل کي چوائي موڪليائين، تہ ڇني وري ڪانہ ڳنيبي- توڙي هزارين حيلا هلائين ۽ مڪر ڪرين، منهنجي توڙ تائين اِها ڳالهہ اٿئي. مون پنهنجن اکين سان توکي سيج تي سيتل سان گڏ ستل ڏٺو آهي، پوءِ بہ تنهنجي ڳالهہ تي اعتبار ڪريان! هاڻي اهي تال مڪر توکي ڦبيا، مون تنهنجي دعويٰ ڇڏي.

مومل، راڻي کي پرچائڻ لاءِ ڏاڍا وس ڪيا، پر هن ڪنهن طرح پرچڻ جي ڪانہ ڪئي. ويتر طعنن ۽ مهڻن سان مومل کي مارڻ لڳو. تڏهن مومل بہ چوائي موڪليس تہ راڻا! جڏهن توکي مون نياهڻي نہ هئي ۽ پريت جو ناتو ٽوڙڻو هو، تڏهن ائين بهانا بنائي، مون تي اجايو حرف نہ رکين ها. سمجهان ٿي تہ تو ۾ عقل جي رتي بہ ڪانهي، نہ تہ توتي واجب هو تہ ڪٽ تي دشمن سُتل ڏسي اُن سان مقابلو ڪرين ها. پر اُٺلندو ساهہ جي خوف کان ڊڄي پوئين پيرين موٽي وئين. هڪڙو مڙس هو، توکان ڏاڍو ڪونہ ٿئي ها، ماري مَٽ ڪرينس ها. پر جي ان کان ڊنين ٿي، تہ ننگ جي غيرت کان پاڻ کي ماري وجهين ها! پر تو ۾ ڪا اباڻي آلَ آهي. هاڻي توکي ائين جڳائي جو وَٽ ڪٽي وجي هٽ هلاءِ، جيڪو تنهنجو اصل مرڪ آهي.

راڻي چوائي موڪليس تہ، مومل! جڏهن ڏسين ٿي تہ راڻو هٽن مان ويو، تڏهن تي طعنا هڻين ۽ تڪرار ڪرين. آءٌ هَٽ- واڻيو نہ، پر ڄمندي ڄام آهيان. ننڍي هوندي کان عقل جو اڪابر آهيان، ويرين سان وڙهڻ ۽ شينهن جي شڪار ۾ عمر گذاري اٿم. آءٌ ڪنهن سبب کان توکي جيئرو ڇڏي آيو آهيان. مومل بہ جواب ڏنس، تہ تون جي عقلوند امير آهين تہ گهٽ آءٌ بہ ڪانہ آهيان. تو جهڙا ڪئين مون وٽ ڪمي آهن، جن تي حڪم ٿي هلايان. راڻا! جڏهن لڪئي توسان اڙايو اٿم، تڏهن ٿو تون مون سان مذاقون ڪرين!

قصو ڪوتاهہ، مومل، راڻي کي گهڻي ئي منٿون ڪيون، ماڻهو موڪليا ۽ قاصد هلايا تہ: ”مينڌرا! مون کي ائين ڌار نہ ڪر، سڄي عمر ساهيڙيون طعنا ڏيندم.“ پر راڻي جو جواب اهوئي تہ، ”هاڻي وڃي گذار، ساڳين ساهيڙين سان.“ قاصد نا اُميد ٿي موٽي آيو. پر راڻي موٽڻ جي

ڪانه ڪئي. مومل جون سڀ منٿون اجايون ويون. مومل کي سرتين، پيٽن ۽ ماءُ جي مهڻن سک سمهڻ نه ڏنو. آخر ارادو ڪيائين ته ڪنهن حيلي راڻي سان روبرو ٿي، خطا بخشائي، سندس دل تان شڪ لاهيان، ۽ سڄي عمر سندس ٻانهي ٿي گذاريان.

سو هڪڙي ڏينهن جوڳين وارو لباس ڍڪي اچي ڍٽ ۾ نڪتي. در در تي صدا هڻندي، ٻيڪ ونندي، راڻي جي در تي آئي. صدا هنيائين، راڻو ٻاهر نڪري آيو. مومل جي مهاندي، جوڳيءَ جي صورت ڏسي، روح کي ڇڪي آيس، ڪجهه شڪ به ٿيس ته متان ساڳي مومل هجي. سو کيس وڏيءَ حب سان وٺي آڻي محلات ۾ ويهاريائين، ۽ خبرچار پڇيائين ته، ڪاپڙي! تون اصل جو آڏوتي آهين يا ڪنهن سبب ڪان ٻيڪ ٻنايو اٿئي؟ تڏهن مومل جواب ڏنو، ته آءٌ نڪي جوڳي، نڪي گوسائين چيلو آهيان، پر قسمت آڻي ڪاڪ تي ڇڏيم. اُتان مومل جي عشق ۾ جوڳي ٿيو آهيان. هاڻي ڪا دعا ڪر ته ڏٽي من مومل سان ميلو ڪري.[1]

راڻي خود انهيءَ گس جو گهايل هو، تنهن کي جوڳيءَ جا پار پتا دل سان لڳي آيا. سو وڏيءَ حب سان چيائين ته، جوڳي! توکي جس هجي جو حُب مان هلي هن ديس ۾ آيو آهين. هاڻي منهنجو مهمان ٿي ڪي ٿورا ڏينهن مون وٽ گهار ته ڪي روح رهاڻيون ڪري من تان ڪس لاهيان، جو آءٌ خود انهي ڪاٽيءَ جو ڪانيل آهيان.

مومل چيو ته، راڻا! اسين جوڳي، هڪڙي هنڌ اسان کي سک ڪونه اچي. اڄ هِتي، سڀاڻي هُتي. پر راڻي نه ڇڏيس. چيائينس ته، اي مسافر! توکي الله آندو آهي، ٻئي به ڪنهن هنڌ وڃي صدائون هڻندين، تنهن ڪان هتي وينو ڪاءُ پيءُ.

---

[1]. سليمان فقير جي بيتن موجب: مومل جوڳيءَ جو ويس ڪري راڻي وٽ آئي. راڻي کيس سڃاتو. مومل گهڻيون ئي منٿون ڪيس، پر راڻي معاف نه ڪيس، ۽ ڇڏي هليو ويس. پوءِ مومل اُتي محل اڏائي ويٺي. پوءِ روزانو ئهي جُڙي اچي چوڏول تي ويهندي هئي. آخرڪار راڻي جي دل ۾ سندس لاءِ عشق جاڳيو، ۽ ڪيس معاف ڪيائين. پر مومل چيس، ته تو مون کي معاف ڪيو، مون لک لڏا. هاڻي توکان جدائي ڪانهي. پوءِ وڃي ڏاگهه چڙهي، راڻو به سهي نه سگهيو ۽ مچ ۾ ٽپو ڏنائين.

مومل کي تہ کپندي اها ڳالھ هئي، سو راڻي جي زور پرڻ تي رهجي پئي. راڻو ڪچهريءَ مان موٽي، تہ هي ٻيئي پاڻ ۾ ويهي کل خوشي ڪن ۽ ڏاري راند رهن. هڪڙي ڏينهن راند ڪندي، پڇاڙيءَ جي داءُ تي، مومل ڏارو اُڇلي ڏاھ ڏني تہ:

”هاريو تہ بہ گھر آپڻي، کٽيو تہ واہ واہ!“

يعني: جي هارايم تہ بہ گھر پنهنجو آهي، ۽ جي کٽيم تہ بہ ڀلو. داءُ سولو پيو. مومل خوشيءَ مان هٿ وڌائي ڏارو ٽي ڪنيو تہ اُڇل ۾ ٻانهن تان ڪپڙو ڪڇي ويس. مومل جي ٻانهن تي لسڻ جو نشان هو، اُهو ظاهر ٿي پيو. راڻي جي نظر جڏهن انهيءَ نشان تي پئي، ۽ خبر پيس تہ جوڳيءَ جي لباس ۾ خود مومل آهي، تڏهن ٽپ ڏيئي اٿيو، ۽ محلات مان نڪري هليو ويو.

مومل، راڻي کي پنهنجي سچائي جي سُنهن ساک ڏيڻ، ۽ ڪيس پرچائڻ ۾ وسئون ڪين گھٽايو، پر راڻو نہ پرتو. مومل بہ ڏٺو تہ جنهن لاءِ ڪاڪ ڇڏيم، پيٽون ۽ سرتيون ڇڏيم، جوڳياڻي ٿي وٽس آيس، تڏهن بہ پنهنجو نٿو ڪري، نہ هيڏانهن جي رهيس نہ هوڏانهن جي. هاڻي انهيءَ جيئڻ کان مرڻ بهتر آهي. اهو خيال ڪري، ڏاگھ ٺهرائي، پاڻ پوري ڪرڻ لاءِ تيار ٿي. راڻي کي جڏهن خبر پئي تہ مومل ڏاگھ تي چڙهي، سو ڊوڙي آيو. ان وقت مومل مچ ۾ ٽپي ڏيڻ لاءِ تيار هئي. راڻي کي اکين ۾ پاڻي تري آيو. ڳوڙها ڳاڙيندي مومل کي چيائين، تہ مون رسامو ڇڏيو، هاڻي اچ تہ پاڻ ۾ پرچون. مومل جواب ڏنس تہ، مينڌرا! مس مس توسان ٿي پريت پڪي ٿئي. هاڻي جي هيءُ وجھ وڃايان تہ قيامت تائين ڪچي ٿيان. ائين چئي مچ ۾ ڪٽي ٽپ ڏنائين. اتي راڻي کي پڪ ٿي تہ مومل جي مون سان پڪي پريت هئي. هوءَ حق تي هئي، نہ تہ مرڻ ڪونہ قبولي ها. دل ۾ ڏاڍو ارمان ٿيس چيائين، تہ هن زال ذات ٿي ڪري سِڪ جي سچائي ثابت ڪئي. آءٌ تہ مرد آهيان. پوءِ پاڻ کي بہ مچ جي حوالي ڪيائين. اهڙيءَ طرح ٻيئي عاشق هڪٻئي تان سِر گھوري، هميشہ لاءِ هڪ ٿي ويا.

# 1_ بيت حفيظ تيوڻي جا*

## حفيظ تيوڻي جي چيل بيتن جي منڍ ۾ ڏنل مختصر مومل جي ڳالهہ

مومل هڪڙي راجا نند نالي حاڪم جي ڌيءُ هئي. هن کي ست ڀينر ڀيون هيون، جن مان هن جي دل هڪڙي ڀيڻ سومل نالي سان گهڻي هوندي هئي. جهڙيءَ طرح مومل جي دل سومل سان هئي تهڙي ريت راجا نند مومل جي پيءُ جي دل مومل سان سيني ڌيئرن کؤن وڌيڪ هئي. راجا نند وٽ جيڪو خزانو هو سو درياهہ ۾ پوري رکندو هو. جڏهن راجا نند کي خزاني جي ضرورت پوندي هئي، تڏهن درياهہ کي سُڪائي منجهانس خزانو ڪڍندو هو. هن کي هڪڙو اهڙو ڏاتوءَ جو ٽڪر ڪرامتي هو، جو جڏهن خزانو رکڻ ويندو هو ۽ درياهہ جي جيتري ڀاڱي تائين پاڻي سڪائڻو هوندو هوس اوتري ڀاڱي تائين اهو ڏاتو جو ٽڪر ڦيريندو هو تہ پاڻي سُڪي ويندو هو. پوءِ بادشاهہ پنهنجو خزانو پوري اهو ڏاتو پاڻ سان ڪڻي ايندو هو، ۽ ٻي هڪڙي وٽس ڪَل هئي وري جڏهن انهيءَ خزاني جي مٿئون ڪڻي گهمائيندو هو تہ پاڻي هليو ويندو هو ۽ پاڻ اهي برڪتي شيون پاڻ وٽ رکندو هو.

هڪڙي وقت بادشاهہ ڪي ٻاهر وڃڻو پيو سو اهي ٻيئي برڪتي شيون خزاني جون پنهنجي پياري ڌيءُ مومل وٽ رکي ويو. مومل وٽ ٿورن ڏينهن ڪان پوءِ هڪڙو فقير آيو، جنهن مومل ڪان اچي خيرات گهري تہ مونکي اها ڏاتوءَ جي ٽڪري خيرات ۾ ڏي. مومل کي بہ انهيءَ ڏاتوءَ جي اسرار جي خبر ڪانہ هئي، تنهن فقير کي ڪڻي ڏني (ڪذا) ۽

---

* . ”قصو مومل ۽ مينڌري (جو)، اصل چيل ميان حفيظ تيوڻي جو، گڏ ڪيل منشي مير محمد جو“، ڇپايل منشي پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب شڪارپور، دفعو-1 (غالباً سنہ 1910ع؟) ليٿو آريہ سٽيم پريس لاهور. پوئين سرورق تي عبارت: ” (قصو) حفيظ تيوڻي وارو جو سڄي سنڌ ۾ سچو عاشق ٿي گذريو آهي، ان جو شعر گهڻن صاحبن هٿ ڪري ڪيترائي ڀيرا ڇپايو آهي. مون وٽ بہ ”سٽريل مومل مينڌرو“ گهڻن ڏينهن ڪان رکيل هو، سو واجب سمجهيو ويو پڌرو ڪرڻ – درمحمد“ (اندر ڪل 115 بيت) ”مختصر مومل جي ڳالهہ“ هن ڇپيل ڪتابڙي جي شروع ۾ مهاڳ طور ڏنل آهي.

هوڏانهن جڏهن مومل جي پيءُ موٽي آيو، اچي ڪائونس ڏاتو گهريائين، تنهن چيس، مون اهو فقير کي ڏئي ڇڏيو. بادشاهه کي انهيءَ وقت ڏاڍو رنج ۽ ڏک ٿيو. مومل کي اُڪٽ مارڻ تي هو مگر ڪيس رحم اچي ويو، تنهن دل تان لاهي ڇڏيس.

مومل کي ڏاڍو ڏک ٿيو سو وڃي پنهنجي پياري ڀيڻ سومل سان صلاح ڪيائين ۽ سومل صلاح ڏنيس ته بابي جو تو خزانو ناس ڪيو آهي، تنهنڪري مان توکي صلاح ٿي ڏيان ته تون پنهنجي سهڻي صورت جي شڪل جي تصوير ٺاهي ڏي ته مان اها عجب طرح سان ڪم آڻينديس جو توکي هڪڙو جادو جو درياهه رنگا رنگي ٺاهي تي ڏيان جنهن جو نالو ڪاڪ رکنديس ۽ ٻيا جادو جا شينهن ۽ خوفناڪ جانور ٺاهي ٻيهارينديس، تنهنجي شڪل دروازي جي ٻاهران ٽنگي ڇڏينديس ۽ ظاهر ڪنديس ته مومل انهيءَ شخص سان شادي ڪندي جو ڪاڪ وارو درياهه لنگهي مومل سان وڃي ملاقات ڪندو. انهيءَ سهڻي صورت تي گهڻا ئي عاشق ٿيندا جي ايندا مگر تو تائين پهچي ڪين سگهندا. مال رستي تي سڀ مان خزانو ڦري ڇڏينديسان. انهيءَ ريت بابي جي وڃايل خزاني جيترو ڌن گڏ ڪري ڏينداسونس ته بابو خوش ٿيندو.

اها صلاح سڻي مومل ۽ سومل شهر کان ٻاهر نڪري مٿئين ريت وارو جادوگريءَ جو درياهه ٺاهي ۽ شينهن وغيره جانور رکي وڃي انهيءَ شهر جاءِ تي رهڻ لڳيون. سومل گهڻن ئي شهرن ۾ مشهور ڪرايو ته مومل شادي ڪرڻ واري آهي جيڪو ڪاڪ جو درياهه لنگهي سائنس ملاقات ڪري سگهندو، ان سان شادي ڪندي. انهيءَ لُڙ تي گهڻائي سوداگر وڏا وڏا خزانا ڪٽي شان شوڪت سان ايندا هئا. جڏهن ڪاڪ جي درياهه ڏي ويندا هئا ته جادوءَ جي باندرن ۽ شينهن کان ڊڄي متاع مال ڇڏي اتي پنتي ڀڄندا هئا. انهيءَ ريت هنن گهڻو خزانو گڏ ڪيو.

ڪنهن وقت همير بادشاهه پنهنجي سياڻي وزير راڻي ۽ ٻين سردارن سان گڏجي ڪاڪ تي ڪاهي آيو. اچي سومل کان پڇيائون، ته اسين مومل ڏي ويندا سين. تنهن چين، ته مومل هڪ سان شادي ڪندي نه گهڻن سان، تنهنڪري هڪڙو هڪڙو ٿي وڃييس. انهيءَ طرح اول

همير ويو، پوءِ ٻيا سردار ويا. سيئي هڪٻئي پٺيان پاڻ ڦرائيندا دانهون ڪندا ويا. نيٺ راڻي ڪي وارو آيو. راڻو بہ ڪاڪ تي ڪاهي آيو، جڏهن درياءُ وٽ اچي بيٺو، هوڏانهن جانورن جون دانهون رڙيون ٿي ٻڌائين، مگر هيءُ ڊنو ڪين. درياهہ جي ڪناري تي بيهي جيڪا ساڻس سونٽي هئي سا درياهہ تي رکي ڏٺائين تہ سونٽي کي پاڻي ڪونہ لڳو: سمجهائين تہ هي جادوگري آهي. سو بي- پئو ٿي لنگهي وڃي مومل جي ماڙيءَ ۾ پهتو جي هڪٻئي جون سهڻيون صورتون ڏسي رات پنهنجي تات ڪري سچا عاشق معشوق ٻڻجي پيا.

صبح جو راڻو پنهنجي سنگت سان مليو، انهن کي ڪوڙ ڪري اچي چيائين، تہ مان بہ ٿاٻا کائي موٽي آيس. اها ڳالهہ ٻڌي همير سردارن ۽ راڻي سميت موٽي پنهنجي ملڪ آيو. راڻي کي گهڻي بيقراري هئي. هو رات جو وجهہ وٺي ڪڏهن ڪڏهن مومل سان ملي ايندو هو. هيڏانهن مومل جي پيءُ جي ڪنين اها ڳالهہ پئي جنهن مومل کي سخت بند رکيو. هڪ ڏينهن همير کي راڻي جي سڌ پئي جو همير راڻي کي بند رکيو. اهڙيءَ طرح ٻيئي عاشق معشوق ڏسڻ کان بند رهيا ۽ سوز فراق ۾ گهڻائي بيت چيائين.

اسان وٽ ايتري تاريخ رکيل هئي جو ڇاپي ۾ آندي وئي.

# بيت حفيظ تيوٽي جا*

1- صفت تنهن صاحب جي، جڳ اُپايو جنهن
پاڻ جوڙي ڪم پانهنجا ٻئي ناهه ڪرامت ڪنهن
هندو راجا نند هو، ڪنهن پونءِ ڪڏهن
عجب ڏند مرونءِ جو هيو هٽ ۾ تنهن
رکيائين خزانو لڪائي وچ درياهه ٻنهن
ويندو هو وري هو انهيءَ جاءِ جڏهن
تاتوُن سو تڏهن، ساعت ۾ سکي وڃي.

2- ٻيٽيون راجا نند جون هيون اٺگيليون اَجهل
نوئين ناز پريون تي مرڪيون منجهه محل
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾ ڪن البيليون انگل
خاطر ڏند خنزير جي ڪنهن ستاين سائل
سو سڏي سواليءَ کي ڏنو موچاريءَ مومل
راجا ساڻ رهاڻ ۾ سڀ سَلي سومل

---

* هنن بيتن جو متن سگهڙن جي زباني روايتن ۽ ٻن ڇاپن کي پيش نظر رکي تيار ڪيو ويو آهي. اهي ڇاپا هي آهن:(1) ”مومل – راڻي جو قصو، اصل حفيظ وارو“ گڏ ڪيل خانبهادر مرزا قليچ بيگ فريدون بيگ ڊپٽي ڪليڪٽر جو، سنہ 1887ع (ڇاپو ڏهون، پوڪرداس ائنڊ سنس ڪراچي 1947ع) (2) ”ديوان حفيظ“ مرتب قربان علي نقشبندي(ڇپايل محمد يوسف ائنڊ برادرس حيدرآباد، سال 1953ع). حفيظ جو اصل نالو لال بخش هو. ماڻهو کيس ”لالو فقير“ ڪري سڏيندا هئا. ذات جو ”تيوٽو“ وينل ڳوٺ ڏاتو تيوٽو تعلقي وارهه جو هو. حفيظ اڻ پڙهيل هو، ٻالپڻ کان وٺي ڀوهه جواني تائين مينهون چاريندو هو. مينهن سان ايتري محبت هوندي هيس جو انهن کي مومل، هير، سهڻي ۽ سسئي وغيره جي نالن سان سڏيندو هو. جوانيءَ ۾ کيس ماتا نڪتي، جنهن ۾ هو نابين ٿي پيو. گهر ۾ رهندي عاجز ٿي پيو، انهيءَ سبب هو پير عبدالله شاهه گودڙئي جي درگاهه تي وڃي سوالي ٿي رهيو. اتي خواب ڏٺائين ۽ ارشاد ٿيس تہ ”تنهنجي دعا قبول پيئي، هاڻي عوض وڃ: تون ”لالو فقير“ نہ، پر ”حفيظ آهين“. اتان ڳوٺ آيو ۽ شاهه گودڙئي جي ساراهه ۾ شعر چيائين. سندس ڪلام مثنوي، ڪافين ۽ مومل راڻو، سهڻي ميهر جي قصن جي بيتن تي مشتمل آهي. شعر ۾ پنهنجو نالو”حفيظ“ ۽ ”تيوٽو“ ۽ ”لالو“ ڪر آندو اٿس. اندازي موجب 60- 61 ورهين جي ڄمار ۾ 1890ع ڌاري وفات ڪيائين.

راوَ رُنا رت گاڏوان ڳوڙها مٿئون ڳل
ڪاوڙجي ڪارو ٿيو جهُمي ڪان جَهَل[1]
مونڻ انهيءَ مال جي، ڪامڻ جوڙي ڪل
ناتر وڏي ناز سان ٿي ٽڪي منجهه ٽهل
سڀ شعور شهل، سائڻ تنهن کي سيکاريا.

3- سڀ سکي سائڻ کان، جيکي انگ عقل
معلوم ٿيس مشاهدا، سندا نينهن نقل
پوکيائين پريت جا، خوب ڪتوريون ڳل
مومل جي ماڙيءَ تي قورون ڏين قل
مومل جي ماڙيءَ تي، وڏا شور شغل
سڀ ظاهر ۽ باطل، هن بازيگر بنائيا.

4- بازيگر بنائيا، طرح گهٽيريءَ تار
شيشي تي شعور سان، جڙيائين جنسار
لڳي چين چمن کي چورنگي چوڌار
گهٽي گهوڙيسوار جي، هئي وٽ اتاهون وار
طرح انهيءَ، تيوٽو چوي، ٿيا آب منجهئون اسرار
ميرا مير هزار، ٿي هلي آيا هاڪ تي.

5- هئي انهيءَ هاڪ جي، هر ڪنهن حيراني
چوڪنديارا ڪاڪ کي وئي شينهن ٻڌي ٻانهي
ناتر نمونو ڪيو نقل نيشاني
ڪائي تي ڪاغذ جي ڪل کي ڪاني
ڪجهه ڪنهن کي ڪانهِ هئي سڌ اها ساني
تي ويا ۽ ورياني، ڏور انهيءَ ڏهڪار ڪؤن.

6- ڏسي هرڪو ڏورئون، ٿي ڏکيو منجهه ڏهڪار[2]
ڪکوري ڪاڪ وهي، نينهن سندي نروار
پاٽي سر ڪنڌ گاڏئون هو قاتل ڪيف قهار
گهوڙو ۽ هسوار، ٿي .ڳڏ گنوايائين غار ۾.

---

[1]. ر. 'زومي ڪان زحل'. (2) ق. ڏسيو هرڪو ڏريو ٿي عنر جو اسرار

-7 گڏ گنوايائين غار ۾، تي مشاطر ساڻ شڪل
ويٺي انهيءَ واجهه تي، رکي خاص خلل
خبر خونياڻيءَ جي پئي، مُلڪين هاڪ هڪل
پَريءَ انهيءَ پور ۾، ڪيئي دهوڙيا دَل[1]
کي کهيو وجن ڪاڪ تي، کي موٺيا وجن مل
ڪل ڪنهن کي ڪانہ هئي، انت سندي اٽڪل
ڪامڻ ڪيا ڪيترا، قتل ساڻ ڪجل
ڏائڻ ڏاڍي ڏانوَ سان، تي وري وير وڍيل
ڪانہ پوي تي ڪَل، هن جي هنر جي، حفيظ چئي.

-8 ڏاتر ڏانن جو ڏٺي، بخشي بخش بصير
ڪين منجهان ڪيميا ڪري، باري بينظير
آهہ حمايت هاشمي، مانڊن جو من- ڏير
مدد مڙني ڪندو، واهر وڏو پير
ٻتم حڪايت هڪڙي، سڄو سو تفسير
تہ ارڏو "عمرڪوٽ" ۾، ڪو حاڪم چون "همير"
ذات سڏائي "سومرو"، ملڪ مٿاهون مير
"راڻو" تنهن جي راڄ ۾، وڏو هو تہ وزير
"ڏونر پٽي" ڏاڍو چون، ٻي ٻي ٻاون وير
"ڏماچاڻي شينهڙو"، ٽيون سالڪ سرت سڌير
گڏ ڪاٺن ڪنبون ڪير، ڪن چوچ چؤياريون پاڻ ۾[2]

-9 گڏ گذارن گام ۾، بانڪا بي پرواهہ
ڪاٺيون خزانن جون، سهسين لک سپاهہ
اڪابر عقل جا هئا، سوڍا منجهہ صلاح
شهزادن کي شينهن جي، ڪا ڏوري پوي تي ڏاهہ
عاقل وجن اتهين، ڪري ڪاهون ڪاهہ[3]
چڙهي منجهؤن چاهہ، اتر پاسي اسهيا.

---

[1]. ر. دهلايا دل. (2) قـ چچ چورياون (3) ر. عاقل وجن اتهين.

10- الله آهر أسهيا، تنگ ڪشي تازن
جوان وڏا ڪنهن جوءِ تي، پُلائي ياڳن
پٽري تي پيدا ٿيو، ڪو سامي سورج وَن
مرد مثل مهتاب جي، ڏوران ڏٺو تن
نهاريو نانگي ڏي ٿا، وير گهٽو وهسن
اچي ٿيو اوڏڙو، ڪهي سو ڪوپن
خان ڪيڪاريو خبرون، ٿا تنهين ڪؤن بہ پڇن
تہ ”تون ڪڪوريو ڪن، ڪير آهين، ڪاڏي وڃيين؟“
11- چئي، مُنهنجي نہ پئو مامري، سڄڻ منجهہ سورن
مـــون ســـان مـــرد مٽير هـــا، پنـــج ســـؤ پُرسن(1)
حاڪم حڪومت جا هئا درس سندا ديسن
نَوَ لک ناٿي مال جا هئا هٿِ سندن
چٽيهہ ڪروڙيون ساڻ هيون سيني سان صوبن
أٺ هيلي ٻانها گهٽا، خدمت منجهہ ڪپن
اسلح ۽ سامان جو، توڙ نہ مٿو تن
ويٺي ٻہ- ٽي ورهيہ ٿيا، مٿي ڪاڪ ڪنڌن
هئا سي هڪ قبلي، چوٽين پاس چمن(2)
خونڻ سي ڪپائيا، گهوٽ سوڍا گهوڙن(3)
وري وريو ڪونہ ڪو، موٽي تي ماڳن
گُجَر گنوائي چڏيا، لٽي لال لکن
اجا اوڙڪ اهڙا، ڪئين ٿا بہ ڪُسن
مومل جي ميدان ۾، ويا ڪين ورن
هادي جاٽي هيڪڙو، آهيان آءٌ بہ منجهان اُن
ڏڌو ساڻ ڏکن، تو موٽيو وڃان ماڳ تي.
12- پوءِ هو أيي تي هليا، پڇي پنڌ پهي
قابو ٿيا ڪاڪ ڪي، وهنلو نِت وهي
اچـــي بيٺـــا ٻهـــي تـــي، ڪـــري ســـڌ ســـهـــي(4)
پيا رات رهي، بانڪا انهيءَ باغ ۾.

---

(1). ق. مون سان مرد مطيع هئا پنج سا پُرسن (2) ق. هڪ قبيلي (3) ق. سي خونياڻي ڪپائيا
(4). ق. پٺي تي.

13- رات گذري ڏينهن ٿيو، سج ڪڍي سيلي
ناتر وڏي ناز سان، آئي البيلي
گولي گجر جي اڳيان هئي چست چٽي چيلي
پسي خوءِ ڪيا ٿيا، روءِ ته رنگيلي
چيائون ته، ”اها آهي مومل ربَ ميلي“
فهمؤن فراموش ٿيا، وين سُرت به سويلي
حسن جي هراس ۾، ڏڏ ڪريا ڏهلي
راڻي رمز سهي ڪري، اٽڪل اڪيلي
چئي: ”پاڻ آئين سر پانهنجي، ڪي سندس سهيلي
ٻائي ٿيءُ ٻيلي، پلڪ نه پاسي ٿيءُ تون.“

14- چئي: آءٌ ٻانهي، ٻايون ٻيون، جوڙ وڏي جهنوَر
مون جهڙيون مون ڪان گهٽيون، هن جون دايون مٽي در
منڊ نه ماڻهن جهڙي، آهي عين پري اپسر
مومل جي محل جي آهي ڪانه ڪنهين کي ڪر
مور نه ماڙيءَ ڪؤن مَٽي ويو ڪو هن ير
جڏهن ٿي جلوو ڪري، ڪامڻ ساهي ڪر
ته چنڊ وانگر چمڪاٽ ٿين، تجلا منجهه تجر
پئي نه پيشاني تي اٽس، نر جي ڪا نظر
اڻ ڏٺي ڪِري پون ماڻهو ٿيو مُضطر
ڪيئي وتن ڪيترا، سِڪ ۾ سوداگر
حڪايت، حفيظ چئي، ٿوَ گرِي هيءَ خبر
اوهان جهڙا ان کي چا ڏسندا چوڪر
آهيو مهمان اسان جا، ڪو دم دلاور
من نيڪي ڪريو نينگر، ڪائي وجو ڪنڊ خونچا.

15- ائين چئي اُٿلي وئي، صفت ڪري ساري
ناتر ڏِنين ناز جي، ڏادي ڏيکاري
سُٽي چارئي چڪي ويا، لڳين بيحد بيماري
ڳالهه ٻڌي ڳئورا ٿيا، برهه منجهه باري
اپر اداسي ٿيا، سي شائق شڪاري

ٻانهي ٻائيتال وڏا، ڏيئي ڄُرڄُوٽ چؤڏاري
وڏي وِڪُر ۾ پيا، هيڪر هزاري
پُهه پڇائين پاڻ ۾، ته جلدئون جهونجهاري
ته مور نه موٽڻ جي ڪيون، ڪا پوئتي پوئواري
ملڻ ريءَ مري ويون، اتي عمر ساري
ديکون تان دلڙي ٺري، اها مومل موچاري
جنهن کي ڏاتر ڏياري، آهي مِلڪ انهيءَ جي.

-16 هوءَ به ميٽ ڪٽي موٽي آئي، وهلو تنهين وير
اچڻ سان آزيون ڪري، ٻڌي چل ڇڳير:
تڙ ڪري تازا ٿيو، ٻيو شڪ نه آٿيو شير
آيا آهيو آس ڪري، حُب جنهن جي هير
سا گجر ايندي گڏ تي، صبح وير سوير
مُنهن ڪوليندي مهتاب جان، ٿيندو چنڊ چمن چؤڦير
صورت سگهڙ جي ڏسي، پٽ نه پوندوَ پير
پَٽُن سَٽ پوندؤ پڙ ۾، پڙڪا ڪري پير
وايون ڪندوَ وِلڙيون، وجهي دام دلير
يا ته وڙهندؤ پاڻ ۾، وڏا پائي وير
يا ته ڪاٺيندؤ ڪوڪڙا، وينا ٻيرين هينئون ٻير
يا ڪل ڦاڙيندؤ ڪپڙا، ڍرڪي ٿيندو ڍير
ٻي ڪانَ هٽندي ڪير، مومل ري مجاز جا.

-17 هي وهنجي وري آئيا، موٽي اتي مر
ٻڌي ڳالهه ٻانهي جي، ٿين ڏاڍو ڏر
ڦري آئي ڦورو ڪٽي، گُهمي پنهنجي گهر
چئي ته: ويهه سمجهائي ڏيو، وهلو ڪڍي ور
وٺي وينگيس ڪان، تا هلائين هنر
تند نه ليي تن ڪان، وڏو ٿين وِڪر
ڦوري ڦاسائي وڏا، لڳن پَلڪ پهر
سوڍو اتي سانيرو، هو نه هَڪيو هيڪر
راڻو اچي رسيو، بنان خوف خطر

مينڌري معلوم ڪيو، سنڌو منڌ مڪر
ڦورو تنهن ڦندڻ ڪيو، ڪڇي سو کهڇر
مير مڪڻهارو ڪيو ساري تنهن مان سر
پوءِ ڪري ڏور ڏمر، پيو گهوٽ گهوڙي ڪي وجهي.

18- پسي موٽي پوئتي، هيءَ ناتر نظارو
هلي هٽ چڙا ڪري، ڦڙائي ڦارو
ڀهڳڻ ٻائيءَ سان ڪيو وڃي ايئين اظهارو
ته مائي! مهمانن سان ٿو ڪونه چلي چارو
وينا اٿئي باغ ۾، سي نَرَ هنيو نارو
اٿئي سيئي سهڻا، مُڇ ئي موچارو
بانڪا ٻرن ٿا ٻاهه جان، ڪونه منجهن ڪارو
هيرو هٿيارن تي، ٿَنِ جوهر جڙيل سارو
سونا ڇَٽ مٿن تي، ڄِندين ڄنسارو
هٿين پيرين ان جي لعلن لهڪاريو
ماڻڪ موتين جو پئي، چولين چمڪارو
چنڊ وانگر چمڪا ڏئي تن جو تجلارو
آتش ڪڙن اڳرو اٿن ابر اجارو
پر چوٽون آهي چئن ۾، هڪ مرد موچارو
جوان وڏي جلوي سان، سهڻو سوپارو
سورهيه صورت سڦرو، ڪُوپو ڪرارو
اَڻ لکو آهس آک ۾ ڪو فائق ڦليارو
واهه نهي وينگس جو تنهين سان تارو
ڦورو ڦندڻ ڪيو، وڏي وچارو
بيٺو گهوڙي کي وجهي، مُنهن تي مڪڻهارو
سو ڪونه رهندءِ ڪل مون هاڙهو هيڪارو
ڪري ناميو نظارو، اچي ڪڙنر چوندينڌءُ ڪاڪ جا.

19- مومل کي ماٽ لڳي، سُڻي قصو سارو
ٻُڌڻ سان ٻيٺو ٻيس دل ۾ دهڪارو
منڌ سندي ماڙي ۾ ٿيو بلند ٻوهيارو

سڏي تنهن سهيلين کي، ڪيو اهو اشارو
اديون عهد اصل کؤن منهنجو اهو اقرارو
تہ مرد منهنجي ڪڻ تي جو پير ڏئي پهرارو
آهي حق انهيءَ سان، منهنجو مهارو
پوءِ گلا گلارو، متان ڪا مون کي ڪري.

20- ڀڳڻ ٻانهي کي چيو، ٻيهر ٻولائي
تہ ماني مهمانن ڏي، وڃ تهہ پهہ ٿهائي
ڪِلندي ڪپائي، آءُ هنر سان هاڙهن کي.

21- سا ڪاچ ڪٽي خونچا، وئي ستت سنباهي
وٺي تن وينگس ڪان ڏريو پلئہ پائي
سوڍي سنگتين کي چيو: ”متان ڪو ڪائي
ترسو تڪڙ نہ ڪريو، وهم ويهو لاهي
اول اوهان کي ڏيان، مان وندي وراهي“
پر خانن کي کائڻ جي، طلب ڏنو تائي
سو هرڪو هن جي هٿ ڏي، ويٺو واجهائي،
سالڪ وڏو سگ کي، لقمو لڪائي
سو سگ ٽنگون ساهي، گهڻ سان ڪري پيو.

22- ڪوڪڻ ڪيهون ڪلب جون، ٻڏيون ٻاون گير
سُر پسي سُست ٿيا، دم تنهين دلگير
ڏسڻ سان ڏاڍي لڳي هيبت کي بہ همير
چئي: ڪُهہ ڪندون، ٻَن خونچا، ڪُهہِ ڪُٽيءَ جا ڪير“
ڪاچ هنيائون ڪڏ ۾، اچلي انب انجير
متي هُيَن نہ موت جي لکيل ڪا تقدير
بازي ساڻ بچي ويا، پيچي شرط شرير
پهچائج پليت ڪؤن پوئتي وڏا پير!
هيءَ گهوٽ گهائي تي ڪيترا عقل ساڻ امير
ڪي ڪهي چڏي ڪاڪ تي، ڪي ڦري ڪري فقير
ڪري ڪبي ڪيتري، تنهن تتي جي تدبير
ساڻ بچائي سِير، موٽو تان موٽي هلون.

23- تڏهن راڻي چيو راوَ کي، وَرائي وينجهار
تہ ورڻ واڍوڙين جو ڪرڻ نانءُ خوار
پوءِ مونڻ جي پاڻ تي، مرد نہ ڏين ميار
ڪو ڪٽي ڪائي رکي توڪّل تي تبار
”ونَحنُ اَقرَبُ اليه مِن حبل الوَرِيد“ وٽ نہ آهي وار
آهن سدائين صحيح سوڍون هٽ ستار
تون پاتشاهي پانهنجا ڪر اسان سان اقرار:
تہ ڪاوڙجي ڪونہ ڪرين، دشمنو دلدار
ڳنّي ڪِ ڪسي وٺين، زوري ڪان پتار
اهي مِلڪ تُنهنجي، پهرئين ساڻ آچار
وڃ چڙهي چوٽ ڏي، ٻہ پيرا ٻيهار
تهان پوءِ ٻين کي، موڪل ڏي مختيار
پوءِ جنهن کي ڏياري ڏاتار، آهي مِلڪ انهيءَ جي.

24- هو ڪاڄ ڏيئي ڪسڪي ويئي، ڏڪندي ڏُکي ئي
وري آئي واجهہ تي، ڦيرڻ ڦيرو ڏئي
خوش ڪڙا هئا ڪاڄ ري جهڙا جتيئي
وينا ڏنائين وڳڙيا، تهڙا تتيئي
مونٽي سا ماڙي ڏي، وِجهلنڊِي ويئي
منهن ويڙهي معذور جان، وجي پاسيري پيئي
تڏهن ڳجر گولي کي چيو سڏي اتيئي:
سُتينءَ کهڙي سور ڪان، وڃ خبر ڏيئي
چئي: ”مائي هن منهن سان، ڳالهہ ڪريان ڪيهي!
سچ چوانءَ سامهون، جي چڙ نہ لڳيئي
آيس آءٌ ماني وجي ڏانوَ ڪري ڏيئي
وري ويس واجهہ تي تڪڙي اتيئي
تہ خوش ڏٺم سي ڪاڄ ري سالم سيئي
هنن جي حرفت جي، ڪاڪل نہ مون پيئي
مِـهَـن مَڪَـر معلـوم ٿيـن، منهنجـا مڙيئي(1)

(1). ر. کي منهندان مڙيئي

آهن حريف هوشورَ چونديل چاريئي
چست تني سان نہ چلي هنر هڏيئي
آيا اڳي يي گھٽا، ڪاڪ متي ڪيئي
ماريم مَهاڏا ڪيو، ٿي پڙ ڪان پريئي
سيڪاريُئي ساڻ ڪري، مون ڪي ناحق نِنديئي
برپ ويڙهايم ٻوھ جا، جوراٽا جيئي
زايــر ڪنم زهــر سان، ري حــملــي هتيئي[1]
سوين ڪپايم صورتون، ڪري مڪر مڙيئي
حق ڏيندو سين هنن کي، ٻڌ جانءِ ٻيئي
هُئينءِ جوسياڻي جن جي سُوڏ گڏيئي سيئي
هاڻي صبح سنجهيئي، ڳنءِ مرد مقابلو.
25- ڀيڳڻ ٻانهي جي ٻڌي، ڪيا سائين کي سوال
تہ: ”مالڪ! معلومي اٿئي، سيئي عيب افعال
مون منجھ ڏنگ ڏانو گهٽا، تون يلا! ڪج ڪي يال
ڪوڙو ڪاغذ ڪچ جو، ڪوڙي ڪائي ڪال
ڍڪجانءِ ڍڪ ڏٽي، تون لڄ پرور لال
ڪانڌ اگهاڙا نہ ڪرين شُئَ اسان جا شال
مردن ساڻ مقابلو، مِهري چا مجال!
نڪو لشڪر هٿ م، نڪا سپر ڍال!
مُنهن نہ وجهج مون ڏٽي اهڙا ڏُز دَجال
ڳُهہ خزانا هنن جا، ڪھہ مُنن جا مال
چِڏي ڪُوند ڪُلال، مُنجهي من موٽي وڃن.“
26- پوءِ سڏي ٻانهي کي چَيئين: وڃ وٺن في الحال
هيٽي ٻول نہ، هوش رک، متان ماريا ڪن مقال
سٽ سانگا، تيءُ سامُهين، ٻيا خطرا ڇڏ خيال
ڪر سَتيا، ٻڌ سنلرو، ڏُوٽي ڏين ڏمال
ڪري هڪ هڪ آڻ تون، طرح ڪنهين سان تال
اهڙي سان احوال، ڪٽي ترت نبيرو تن ڪريون.

---

[1]. ر. زائر ڪنم زهر سان.

27- ناتر هلي نڪري، تڏهن مونٖي ماڙي ڪانءُ
وجي واڍوڙين ڪي، گهور ڏنائين گهاءُ
مرڪي مهمانن ڪي، چيو منڌ منجهاءُ:
ته: حال توهان مان هيڪڙو، اچي اسان ڏانه
تـــه پـــوي ســـڌ ســمـــاءُ، لڳي جنگ جلـــوو تئي.[1]
28- تڏهن صوبن صاحب ڪي چيو سيني صلاحي:
ته ونءُ چڙهي تون چوٽ ڏي تنهنجي آڳ اڳي آهي
تڏ اٿي خان ڪڙو ٿيو، پير جُتي پائي
سورهيه ٻتو سندرو، سڪ منجها ساهي
وجهي سنج سمند تي، آيا سنباهي[2]
سالڪ چڙهيو سمند تي، وَنگڙي ورائي
گهوڙو گهڻي ڪؤن هليو ڪاڪ مٿان ڪاهي
ناتر وني نُختو، هلي هٿ لائي
وچ ته وَرنهه ڪي چيو ٻانهي ٻولائي:
”ونڻ واڳ واجب مون، نرن جي ناهي
مِهري ڱنجڪي مرد سان، جوڙ نه جڳائي“
تڏهن پائوَ بيٺو پوئتي، تازي ترسائي،
چيائينس چٽو ڪري، وري ورجائي:
ته ”هل جاسوسڻ جلد مون، وڪڙي وڌائي.“
سا چڏي واڳ ڇڄي هلي، دائي دڳ لائي
چٽڪي ڏاڍي چوهه مؤن، جئن واءُ تڪو وائي
پوءِ ڱولي ڱسائي، وئي وهلو تن وڪڙن مئون.
29- ڱولي ڱسائي وئي، لڪري دانهہَ سان دَرڙو
مير منجهي مالدو ٿيو، سخت سُسي سوڙهو
بيٺو بدحواس ٿي خان ڱُندو ڪوڙو
ڪَرڱل ڱَلن جي ٻُڌي، ڀهڳڻ ٿيو ٻوڙو
ٻنهي پارين نه پُنو، ڏک لڳس ڏوڙو

---

[1]. ر. لڳي جنگ جوانن سان. (2) ر. ”سنج سامونديءَ تي وجهي آيا سنباهي.“

وڻي بيٺو وچ تي وڏو وچوڙو
پُرجهي موٽيو پوئتي مَگ ڏيئي موڙو
پنيءَ پيرين پانهنجو ٿيو، عاشق آهوڙو[1]
رند ٽُڪيو رستو لهي، وَرنهہُ واڍوڙو
سو ٽِڙندو ٽاقڙندو اچي انتن جان اوڙو[2]
پوءِ گهوٽ وڻي گهوڙو، اچي پانَ پَٽري چڙهيو.
30- پانوَ کي پٽري ۾ جان گذري اڌ گهڙي
سامهون سنگتين ڏي ڏسي، ڳوڙها پيس ڳڙي
ناتر نظارو ڪري، اچي پوئتان ٽي ڪڙي
نهاري تنهن نار ڏي، سالڪ ويو سڙي
چئي: ”عاقل اڳي نہ هئس جو موٽيس پوءِ مڙي
مومل جي ماڙي کي، اجان ڏيندس چوٽ چڙهي
ڌوڙي درياهہ ۾، ڪندس ڌُف دَڙي“
سو ڪاهي هليو ڪاڪ ٽي، سورن سبق پڙهي
ٽپائي تازي کي، تنهن ڏني ترت ٽڙي
گولي تنهن سان گام ۾، وئي گڏ گهڙي
اٺايو اوڏانہ وچي، جيڏانہ جيءُ جڙي
شينهن شهہ گوشن جي وچي ماڻي مير مڙهي
ڪَل چُري، ڪڙڪو ٿيو، متي ڏُم ڏڙي
تنگ ٽُٽو تازي جو، پيو ٽهڻ منجهہ ٽُڙي
گهوڙو گهٽي سان لڳي، موٽيو پوءِ مُڙي
ناتر ٻيهر نڪتي، چو هي گهاءِ چڙي
پاوَنگ پچي نہ سگهيو، پنيءَ تنهن پڙي
مانجهي موٽيو پوئتي، ڪري خان ڪڙي
حق ڏونہ حفيظ چئي، هئي ائين جوڙ جڙي
مومل جي ماڙي کي ڏيئي هليو ٻُند ٻڙي
اچي پرين پٽري تي چڙهيو ٽڙي ٽاقڙي

(1). ٻي پڙهڻي: ’پيرن پُنيءَ‘ پانهنجي ٿيو عاشق آهوڙو. (2) ر. ڪيو انتن جان اوڙو.

لَڄا منجهه لُڙهي، اچي صاحب پيڙو صوبن ٿيو.

31- تڏهن صوبن صاحب کي چيو: ”سائين ڳالهه سڻاءِ!
ڪـــر ڪنڌ هيٺ نه قبــلا! تون ڳاٽ ڪٽي ڳالهاءِ[1]
ڪڇي ڪندو ڪو نڪو، ڪنهن جي ڪوهِن جاءِ
ڪر حقيقت حق جي، ٻولي خان ٻڌاءِ
ستت آئين سگهڙو، وٽ نه وڙِيئه ڪاءِ
ٻڇي مونئين ٻَوَ ڪؤن، ڪر ملي مُنڌ ڏنياءِ
هاڻي دلاسو دلجاءِ، ٻول ته ٻين کي ٽئي.“

32- چئي: ”ڳالهه نه ڳرهڻ جهڙي آءٌ ڪريان ڪڇاڙو
مومل جي ماڙي کي، آهي ورن سان واڙو
سُڌ نه سَنوَت جهڙي، آهي سوري سواڙو
ڪري ويهر وچ تئون ٻانهي ٻيلهاڙو
بيهي رهيس بند جي، ٽي بر ۾ بي- ماڙو
سج نه ليي سوجهرو، جئن اوندهه انڌارو
چنڊ نه چانڊوڪي ڪري، تجلي نه تارو
ڳل قبلي جي نه پوي، ٻيو وهي جر به جالارو
اُتر اُمارو ڪريان ته ٽئي ڏکڻ ڏيڪارو
جي اٿلي اولهه ڏي وڃان، ته ڇڻ آهيان اوپارو
گهمرا گهٽين سان ڏنم، جئن نِيهه ڦِري ناڙو[2]
ائين سَٽيم پاڻ کي، جيئن تند سٽي تاڙو[3]
اندر اوٻاٽيون وڃي، جيئن قبر جو ڪاڙهو
لاهي لٽاڪو لٽن جو، ٽيس الف اگهاڙو
مٿئون مرن جو پوي بيحد بگهياڙو
واٽ ورڻ جي نه ليي، نه ڪو چرڻ جو چارو
ٻنهي پيرين ٻُڌجؤ، ٽيم ڪيڏو ڪيڏارو

---

[1]. ر. ”ڪڇي آک نه قبلا، تون ڳاٽ ڪٽي ڳالهاءِ.“ (2) يعني ته جيئن هلر ڳاهڻ وقت ناڙي ۾ ٻڌل ڏاند، نيهه واري ڪاٺي جي چوڌاري ڦرن. (3) تاڙو- ڪوريءَ جو اوزار جيڪو تند کي هيڏانهن هوڏانهن اڇلي.

نيچي پاس نصيب ۾ نہ هو نظارو
منجهي مونيس پوئتي، لهي ڪري لاڙو
پڇي آيس پائرو، پَلو جهلي پاڙو
هِت سو اٿوَ هيترو هن ڌرتي تي ڏاڙو
مـــرو ڪهڙي مـــرض ڪـــؤن، ســـر ۾ اٿوَ ساڙو[1]
تتا آهيو گهر ڪؤن، ڪِ ٻڌي لڳو ٻاڙو
چڏي پني جو پاڙو، مونو تان موني هلون.“
-33 جڏهن مير مٿيون ڪيو بانڪن ساڻ بيان
من ۾ مڙني ڪي پيو جوش وڏو جولان
ڦِرين روۓ، ڦِڪا ٿيا، هلڻ ۾ حيران
تڏ سوڍي سيني ڪي چيو، سٽائي ساڏان:
”ترسو، تڪڙ نہ ڪريو، ٻيهو ٻڌي ايمان
پولو سڀ پڇي هلون، لاهي غير گمان
مانَ ڪنهين ڪي موليٰ دل تي ڏياري دان.“
تڏ تنگ چوڙي، ترسي پيا، سٽي شير شغان[2]
وهم جهلي ويهي رهيا، ٿانهَر وني ٿان
ناتڙ اچي نڪتي، گوڙ ڪري گهمسان
چيائين تہ: ”اُتي اچي ڪو جلدي ساڻ جوان
اوهان جي انصاف جو، آهي اسان ڪي ارمان!
اچو ۽ اُٿليا وڃو، وڃ تؤن ٿيا ويران!
ان مڙسي سان ميدان، ڪئين ماٽيندو مومل جو“!
-34 تڏهن ڏؤنر ڏڪي اُٿيو، ڪٽي ڪنو خان
پهري پوش ڪو ٿيو، سيني- بند سُجان
چڙهي چيني تي هليو، جوش ڪري جولان
سِڌ وني سولو ٿيو، پانوَ پهلوان
گولي ڪڍ گڏيو وڃي، نُرُ ٽپيو نشان
راوَت اچي اُت رسيو، جتي مردن جو ميدان

---

(1). ر. مرد ڪهڙي مرض ڪؤن ٿا سر ڪريو ساڙو. (2) ر. رڪي شان شغان

ڪَل چُري، ڪڙڪو ٿيو، گروڙيون گهمسان
ٺهه ٺهه ٺڪاوَن جا ٿيا، ڏڌڪارا دوفان
دانهُ بينو دهلي، ڏور پسي دهمان
ناتر ويس نڪري، تاٺئون ڪري تان
پاوَنگ پنيءَ تنهن جي، پيو پرائي ارمان
چِيني چيو نہ ڪيو، هليو نہ حيوان
ڦاسي فڪر ۾ پيو، ڪري جُهدُ جوان
هوش هنر سڀ هارجي ٿيس گوهين ۾ غلطان
گهوڙي ڪيو هو گهوٽ ڪي ذري گهٽ زيان
مونڊ لاءِ ماندو ٿيو، فائق فريشان[1]
تو آهون، اِلاهون ڪري، سنيالي سبحان
تہ: "ڪونہ لهندو هن ڪل جو، ريءَ آڳي امتحان
بندو ڇڏائج بند مؤن، امن ساڻ امان
لنگهائج لطف سان تون مون ڪي مهربان!"
ٽِڙندو ٽاٻڙندو وڃي ڪيائين ڏرتيءَ منجهہ ڏيان
دم تنهين درميان، اچي سنگتين سان سوڙهو ٿيو.[2]

35- ڏاهي پڇيو ڏوُنر ڪان: "ادا ڏي اخبار
پوري بَڪج پانهنجي، يارَن اڳيون يار!
جدا جالي نہ سگهي ڏڙ سسي ڪان ڏار
مُنهن تي چوڻ مناسبي، پر پٽ آهہ پچار.
ستت موٺئين سگهڙو، وِٽ نہ وِڌيئہ وار
ملي ڏٺئي منڌ ڪي، ڪ موٺئين جهلي مار
پسون تو پرڪار، ڪُلُ تہ ڪا خبر پوي."

36- چئي: خبر هن خواري جي، ڪريان آءٌ ڪيهي
واڻ بيگاني بچڙي، جوراٽي جيهي
پيس منهن مِرُن جي هٿ دَهڪي تي ديهِي
ڪاڪ پسندو ڪونڪو، تنهن ڀِني جي پيهي

[1] فريشان- پريشان (2) ر. اچي ستت سنگتين سان گڏيو.

توڙي انهي آسري، آئين ورهيہ رهو ويهي
ڪائي ڪندوَ ڪِرڪٽا اتي اَڏيهي
مَرندؤ مِهڻي هابَ تي، پري پرڏيهي
هِت عَقوبت ايهي، پسندو اوهين ايتري.
37- جڏ ڏيئي ڏؤنر بس ڪئي، خبر پنهنجي خان
ٻَئي ٻوڙڻ ۾ پيا، وڏي جار جوان
ڏُڏي ڏارو ڏار ٿيا، اتي ڪان ايمان
اتي عمرڪوٽ ڏي، تن سنبرايا سامان
سنبت سر انجام ۾، راڻي ڦِري ران
وَرُ ڏيئي ويهي رهيو، مومِني تي ميدان
چئي: جيئري انهيءَ جاءِ تؤن، ايڏانهن هلندس آن نہ
پيچي هلندس پاڻ تي، هن ڏُوتي جا دهمان
خاوند ڪِلن ڪان رکي، اتي ماري مانَ
وجو، جي ويهي رهو، منهنجي ڪاوڙ اٿو ڪانہ."
هو پيي ٻڌي ٻولي ٻيهي رهيا، ڪُپي وينا خان
تہ گولي آئي گجندي، ترٽئون ڪري تان
پانهي چين: "ٻوگهلا! آهيو نسورا نادان
عقل اوهان ڪؤن ويو، ٿيئو مڙيئي مستان
آهيو ڪنهين پار جا، بدو بي ايمان
يا تہ ويندؤ پانهنجي، هِت جند جلائي جوان
يا تہ ورندؤ پوئتي، گڏيا منجهہ گمان
ڪَل پوي ٿي ڪانہ، اوهان جي اسرار جي."
38- تڏهن شِرجي اٿيو شينهڙو، ڪٽي خان خنجر
چئني ۾ چَڙهند هو، ڪوپو قداور[1]
چيلهہ سنهي، مُنهن موڪرو، سگهو جوان سبر
مور مرڪي مرڪڻو، اٽڪيلو اٽڙ
وجهي سنج سنجاف تي، آيو جُڙي جوان جوهر

---

[1] ر. چئني ۾ چڙهندو هو ڪو پو قداور.

سورهيہ سرخي تــي چڙهيــو، گــوڙ ڪري گوهر[1]
گهوڙو گهڻيءَ ڪان هليو، ڪاهي ڪاريگر
هَسَندو هاڻُرندو وڃي ڪُڏندو ڪبوتر
گوليءَ ڪَي گڏيو وڃي، زوڏئون زورآور
اچي خان انهي خاني رسيو، جت مرن جو محشر
ڪَل چُري، ڪڙڪو ٿيو، متي ڏم ڏچر
ڏڏڪا ڏيمن جا ٿيا، جيئن اُپ گجي ازگر
ڏوڏٽ پسي دهليو، بانڪو بيخبر
ناتر ويس نڪري، جيئن نر ڀڄي ناهر
بيٺو بدحواس ٿي، بخت چڏيس بانور
وٽ وجڻ جي نہ ليي، ٿيس اٽانگو اوڪر
متئون آبر اوندهہ جو، هيٺئون جارو جر
مالهيو مرن سان وڃي، ڪريو ڪل ڪپر
لاڙي لانگ لهي پيو، نيزو ڪوڙي نر[2]
جانچي جانارن ڏسي، دهڪي ڳولي در[3]
اچي ڪين عقل ۾، تانگهہ تنهين جو تر
متا هٽي موٽيو، نهندون ڏيئي نينگر
چي: گهوريون ڪتون ڪاٽي جون گهوريو سندس گهر
هي گهي ڪٽندو ڪونڪو، توڙي هوءِ تونگر[4]
سو مڙي موٽيو پوئتي، سِڏ وٺي ساجهر
وڃي هليو واوَ جان، جيئن چنڪي باز بحر
پير پٽي تي نہ ڏئي، رؤ بنا رهبر
دم تنهن دلاور، اچي ساجهر سنگتين ڪي مليو.
39- شير تہ شينهڙي ڪان پڇيو، سوڍي هڪ سوال
تہ ڪر پروڙي پانهنجو، اسان سان احوال.
ستت آئين سگهڙو، تون پيي حال في الحال

---

(1). ر. گهور ڪري گوهر. (2) ر. نعرو هٽي نر (3) ر. بوڙيو ڳولي در (4) ر. هٽ ڪهيءَ ڪٽندو ڪونڪو.

سڀ اڃو تا سهڪندا، وهلو ڪيو وصال
شايد گڏيو پر ۾، ڪنهن ٻهاني برحال
ڪِ پڇي آئين پيٺ ڪري، ترت رساڻي تال
ڏرم واري ڏي اٿو، کهڙو پيو اٿو ڪال
پاپ وسايو پاڻ تي، پاپي جو ٻنبال
سُــتيــري ســرحــال! چئو تــہ ڇهرائي ٽئــي.”[1]

40- چئي: ”ڪريان کهڙي اوهان سان، حالؤن حقيقت
ماڻڻ مشڪل مينترا! آهي ڪاڪ وڏي ڪثرت
ڪانہ ڏني سين ڪاڻهين، هڏ اهڙي حرڪت
مس بچيو آهيان موت کان، ٻاري جي برڪت
ڪڍي آندو قيد مون، مون کي ڪنهن قسمت[2]
مٿو ناهي مرن جو، پيو جو وهي جافت
بس نہ بلائن کي، ڪا ڦوڪن ري فرحت
راتيان ڏينهان رچ ۾، ڪن جو راڻا جلوَت[3]
ساڙي سَوَن کي وجهي، جي اُٺي هڪ آفت
وڃڻ اهڙي ويڙ ۾، هاءِ گهٽي هيبت
واڻ بيگانيِ بڇڙي، نحس تِڪي نافت
سوري پلي سرنگهہ ڪان، قبر، قيامت
مرڻ هن مراد سان آهي، شَهہ گهٽي شُهرت[4]
ڪَش آئي ٿوَ کهڙي، ان رن منجهون راحت
ڪچ ڪرائي کهڙا رنگ روها رچ رت
ڪڏ ۾ ڪاٽي جي پوي، سوپيا ۽ صورت
ڇُرڙ چتي چا ڪبي، زال جهڙي زحمت
پُڪي ڪنهن جي نہ پوي، شل اهڙي علامت
اِنهَؤن اُتم اسان کي سوڍيون ملن ست
جيئرا آهيون جاءِ تي اڃان سيئي سلامت

[1]. سرحال- يعني سيني ۾ مُک، جيڪو حال ڏئي وني (2) ر. ’طالع آندس قيد مؤن ڪڍي ڪنهن قسمت. (3) ر. ڪن جوش وڏي جلوَت (4) ر. مرڻ هن مراد ۾ آهي شاهہ گهٽي شهرت

رب رکيا آهيون رن کان، مس ڏيئي مهلت
هاڻ سنبت سگهيري کيو کا موٽڻ جي مصلحت
نہ تہ صبح سپارت، هت پسنڌؤ هيتري!“
-41 سورهيہ سٽائسي جڏهن، ٽئين اها ٽيهر
سـپ سـٽـي سـرهـو ٿيـو، ڪُتـي خـان خبر[1]
ڪٽي خنجر خوش ٿيو، سوڍو چندي سپر
سيني سورهيہ ڏي ڏٺو، ڪري نيڪ نظر
ڪُلِجهي ڪؤڙا ٿيا، ورتا زور زهر
ٽنهين ماري ٽامٽي، ڏاڍي کان ڏمر
لُجهن ڪُلجهن ڪينڪي، وين ڄَراٽي ڄر
ڀهري پنيرا ٿيا، ڪَنَاريون ڪَهبر
سڏيو سوڍي کي چون، هٿ ڪنيو هرهر:
”اتي هل اسان سان، تا ٻولايونءِ ٻيهر
راڻا ٽِڪ نہ رُڃ ۾، سُڃ جا ڇڏ سفر
مرون مارينڊءِ مينترا، بن هٽي باندر
ماس ڪائينڊءِ بي مَتيا، نانگ پٽون ناهر
ڪڏهن ڪنلو ڪونڪو، اسان مؤن اپٽر
ڪاڻا مُڙين ٿو ڪينڪي، ياد ڪندين سو يَر![2]
هاڻ الله توهر، اٿئي اسان جي ايتري.“
-42 ائين اٿي هليا، لڏي لوءِ لِپر
سڏي سيني کي چيو، دم تنهن دلاور:
تہ ”هيئن نہ هلڻ جي ڪريو، اهڙي اٻاهر
ترسو تسليٰ ڪريو، دير وٺو دلبر
آءٌ پي اوهان جان وجي حال پَسان هيڪر
مَٽ سَٽ سيئي ٿيون، پوئين گهاءِ پچر
تِر نہ اٿي ترسجؤ پڇاڻا تنهن پر
چڙهيا چاريئي هلون، جملو ڪيون جيڪر

[1]. ر. سگ سٽي سرهو ٿيو، ڪتي خان خبر (2) يَرَ- اي يار!

ڏينهڪ وچي پنهنجا ڏسون شرم شهر“
پوءِ اهڙي سان آڌر، ڏيئي ٿهڪ ٽِڪي پيا.
43- ڏيئي ٿهڪ ٽِڪي پيا، ننگ ڳٽي نينگر
ته ناتر اچي نڪتي، گهور ڪري ڏونه گهر
چيائين ڇنو ڪري، چست چڱيان چوءِ تر[1]
ته ”آهيو گوساڪڙ گيتلا، ڪي ڳِلافي گوهيرَ
اوهان جي اندر جي، ڪانه پوي ٿي ڪر
هاڻ ڇڏي پاند، پڇر، اچو يا اُٿلي وڃو.“
44- تڏهن سوڊو اٿيو سنبري، ڪوپو ساهي ڪر
سنڀاليو سبحان کي، ٿو پاڪ مڱي پاڪر
ته ”مُهت ڏيارج مون ڏٽي، آهيان تو آڌر
هاٿي هڪجيڏن ۾، منهنجي پت رکج پرور!“
سوناميون نيري تي چڙهيو، ڪري الله توهر
سورهيه گهِڙيو سرنگهه ۾، آهر الاهر
لکٽي نينهن نصيب جي آهي ڪانه ڪنهين کي ڪر
پر لکيا هئا، حفيظ چئي، آڳي انگ اکر
سو عاشق امارو ڪري، اُٿلي پاس اُتر
هليو حشمت سان وچي، تکڙو ڏانهن تجر
آخر اُتي رسيو، جت پئي سندي پُلڪر
ڳل چُري، ڪڙڪو ٿيو، متا ڏم ڏچر
ڪرڳل ڳَن ڪدي وڏا، ٿيا ڇهڇٽا چوڏر
ڳل ڪنهن جي ڪانه پوي، ڪڙڪي ڪانءِ خبر
ناميي نظر نه اچي، وَسون ڪا ويجهر
شينهن شهه گوشن جي، ٿي دور پوي ڏڏڪر
چبن، چيتن، چراخن جي پئي کوهه متي ڪوڪر
راڙيون رچن جون تيون، هابا، هل، حشر
ڪيهر، بيلائي ڪيترا، ڳَن گروڙيون گينور

(1). چوتر- چوٿون پيرو.

ممون، ڳوهون، ڳورپٽ، ٻيا پڻون پيٽي پر
ڳرڳ، ڳدڙ، ڀولڙا، ويڙهي ويس ولر
ڦوڪون ڏين فراق مان، ڪنيو ڪاريهر ڪر
ٻيا ٻاڪارين ٻاهرئون، جَر جا جناور
بحر بلائون بڇڙيون، آفتون ازگر
مڇ، مانگر، موريون گهٽيون، پئي پکين جي ٻه پُڪر
ڀهون گهُمن ٻلهٽيون، ساڻ تنهين سيسر
واڳن وات وڏا پٽيا، ڪڍيا واسينگن ور
وات وچڻ جي نہ ليي، پيا پکڙي ڪوڙ ڪپر
ڳڻ ڳاٽيٽي نہ اچن، ليکي منجھ لشڪر.
تڏهن ڀڄڻ ٻانهي ڪي، ڪيو سٽي سڳين پر
پر بانڪو ڪِريو باهُڙي، اُن هاسي ۾ هيڪر
۽ گولي ويس گر تي، نڪري ڪانءُ نظر
پَٺُن سٽ پيرن پر، اتي خان ڪڙو ٿيو.
45- اتي خان ڪڙو ٿيو، ڪري ڪنڌ اچل
ڪامل ڪپر تي چڙهي، نهاريو نرمل
سوڍي سوپاري هنئي، جودئون متي جل
سا ڪڙڪي ڪائي تي پئي، جيئن ڪڙڪو ڪري ڪل
تڏ مينتري معلوم ٿيا، ويڙهه وڪڙ سڀ ول
گهوٽ وٺي گهوڙو گهڙيو، ڪري سو ڪؤنتل
ڪاهي ويو ڪاڪ تي، مير ڪٽي منزل
ڪوڙيا نيزا نينهن جا، تنهن آٽي اگڻ جهل
ڪري گهور گهڙي پيو، مانجهي منجھ محل
منڌ ڏني مهمان ڪي، ڪٽي هٿ هڪل
تہ، ”ويھ تهمرجي ٿانءَ تي، هيڏي ڪرم هل.“
تان پي ترسيو ڪينڪي، ڪين پليو ڪنهن پل[1]
هنيو ٻانهن هليو وڃي دانهه ساڻ دخل

---

(1). ر. حفيظ چنه

هُن پي ساز سنوان ڪيا، تنهين وير طبل
پر خان ڪامائِي ڪٽ تي، چست چڙهي چئنچل
بيهي بلحذير جون ويون اڙايون انگل
سا سُڪ وني سوگهي ڪئي، رمز هٽي راٽل
هن جي، حفيظ چئي، وجـي تـوڙ رسـي توڪل[1]
وير ڪيي ول چل، ماري وينس مينترو
46- ول چل ويس وسري، ترت منجهارون تار
مومل جي ماڙيءَ کي، چنساليون چوڏار
بنگلو بَقم بَنات جو، جوڙ وڏي جنسار[2]
در چندن جا چيروان، جڙيا جال جنوهار
سو سگ پسي سرهو ٿيو، ڪٽي ڪاند ڪنوار
ڪٽيءَ مون ڪونہ ڪٽي، بنا امر اختيار
پر هن جي حفيظو چئي، توڪل هئي تار
سوڊل ساڻ سنگهار، مر موجون ماڻي مينترو
47- مومل مهاري ۾ تي لاهي چير چڳير[3]
گفتگو ڪري گهَرا ٿيا، پانءِ سيباڻن پير
ڳل ڳرهيائون ڳالهڙيون، چٽيون تير پَتير
پوءِ اٿي اسپ سوار ٿيو، پائُو پوئين پير
ڪسي منڊ ملوڪ ڪؤن شور وجهي شمشير
تہ، ”مون کي ماڙي ۾ چڏيو، وجيين کهڙي وير!
پاڻ مارينديس پانهنجو، جي دم ڪندين هڪ دير
ڪانڊي ٿيندم ڪير، جي تو ري مرنديس مينترا!“
48- چئي، ”موٽي ايندس تو مٽي، دم نہ ٿيءُ دلگير
اسان تنهنجي عهد ۾ آ وچئون وڏو پير
باهر بن چٽن سان، آهي وينو منهنجو مير
ذات سڏائي سومرو، حاڪم نانءُ همير

---

(1). ر. تاڻي ترسيو ڪينڪي (2) بقم بنات جو- ڪرمچي رنگ جي بقم ڪلٽ جي بناوت سان (3) ر. ٿي ڪري چيڙ جڳير.

آءُ انهين جي اڳيان آهيان وڏو وزير
تڏ ٽِينُم ساهه سڌير، جڏ اماڻي ان کي اچان."

49- پوءِ موڪلائي مومل کان، هليو چوهه منجهاءُ
جوان آيو تنهن جاءِ تي، دانهُ ڳٽي داءُ
رَين وهاڻيءَ راءُ، اچي سوڍو سنگتين سان گڏيو.

50- تڏ پڇيو مير ملوڪ کان، ذاتي تاب طفيل:
"ڪيئن هئين، ڪاتي هئين، ڪيئُي ايڏي سا اويل![1]
ڪري آئين ڪاڪ تي متان مومل سان مُنهن- ميل
ڪاڻا آهين ڪپِتيو، ڪرين ڪريبتون ڪيل
تين دُور دلِيل، ڳُل تہ ڪا خبر پوي."[2]

51- تڏهن ڪري سُڻايئين مير کي، ڪوڙي هيءَ ڳهات:
"ڳُهِ مومل، ڳُهِ مامرو، ڳُهِ ظالماڻي ذاتِ
بيوَس پيهر بر ۾، روهن جيڏي رات[3]
سَنون ڏيندي سرنگهه ۾ پرهه ڦٽي پريات
نڪو جنبڻ جرڪؤن، نڪا بلائن بات
نڪو ننگ اسان جو، نڪي ذات زمات
جيترو هوندس جيئرو، وائي ڪندس نہ وات
هاڻي ٻي نہ ٻوليو بات، موڻو تان موٽي هلون."

52- پوءِ ڪِينءَ ۾ ڪٽي هليا، خير صَلح سان خان
آيا عمرڪوٽ ۾، پنهنجي جاءِ جوان
اچي وسايئون پانهنجا، اصل جا آستان
پئي ڳل ڪنهين کي ڪانہ، تہ مومل ماڻي مينتري.

53- پر هُڻ ٽُڻ تي همير کي تنهن ڪؤن پوءِ تمام
غازي کي غيرت جو تيو سوڍي ڏنهُ سرسام
سالِڪ سُڌ سهي ڪئي، جاڻي وينو چام
ڪونڌ ڪچهري نہ ڪري، توڙ نہ ڪائي طعام
پايو وتي پيٽ ۾ مومل لاءِ ماتام

---

[1] ر. ڪيئي اچڻ منجهہ اويل (2) دِليل ڪ دَلِيل (3) ر. روهن جهڙي رات

رُخ نہ راڻي کي ڏئي، اڳين ۽ روءِ، رغام[1]
سوڍي جو سلام، مور نہ وٺي مُنهن تي.

54- جهليون مهميزون مينڌري هُيون هڪ ڇٽي
حاڪم اڳيئن هيڪڙو، ڪيئن مَرڪي هام هٽي
نڪا جاڳهہ جنگ جي، نڪا بازي هِت ٻٽي
آيو جَريدو جاءِ تي، وينو مير مٽي[2]
عرض ڪيائين هٿ ٻڌي، اها ڳالهہ ڳٽي
تہ: "سائين لک لقّاٽ ڪيم، ڊِنس ڊاءِ گهٽي
پر هاريو هٿ نہ پوي، نڪي ڏُڏو ڪير ٽٽين
تون تان انهين تات ڪي، اڃا پيو ٽٽين
آءٌ سَلي سڀ سچي ڪَيان، جي قبلا قسم ڪٽين
هاٿي جيڪا تو وٽي، مون تہ مَنايون ڪيون."

55- سُٽي مذڪور ملوڪ جو، غير ڪڍيو غازي
توبهہ تائب سو ٿيو، هن جي عجز سُٽي آزي
پوءِ قدر ڳٽي ڪمزور ڪي تنهن ڇئي حقيقت هي
تہ: "سوڍل! توسان سگهڙو سرچايس سچي
ڪڏهن ڪندس ڪينڪي، تنهنجي ڪَنَ ڪچي
مِهري مثل ماهہ جي، توڙي ڪامڻ هُئي قوي
تہ بہ مومل منهنجي مينترا! آهي ڏرم هٽيڪي ڏي
پر لهي جوڪو ڄي، جي هيڪر هوند هلي ڏسان."

56- عاشق کي اعتبار ٿيو، ويس اندر مؤن اُڻ- ٿُڻ
تنهن تي وري وير کي لڳو ٻيهر ايئن آکڻ[3]
تہ:"هڪڙو عرض اسان جو تون صاحب ليکي سڻ[4]
گهُري ڏنارا ڪپڙا، تون خان وٺي ڪي ڪڻ
هُجي ڪانچ هيٺ تي، ۽ مٿي سان بوڇڻ
ڏانگ هجي پل هٿ ۾، تون ٻيڪ انهين ۾ بڻ

---

[1]. رغام- رَغم- ڪاوڙيل- ڏڪار سان. (2) ر. آيو جريدي جاءِ تي. جريدو- اڪيلو (3) ر. 'تنهن ٻيهر وري وير کي اهو چيو اوڳڻ' (4) ر. 'تہ ٻيو پي عرض اسان جو تون صاحب ليکي سڻ'

تِهان پڄاڻا پڻ، آءُ مومل تو ڏيکاريان.“[1]

-57 اهي مڙئي مير منظور ڪيا، طعنا تاب طويل
آسُرِ چڙهيا اُت تي، ڀڳڻ ڀئي ڀيلهه
وجي سهڙيا سرنگهه ۾ ساجهر ويل سويل
اتي لهي اُٺ تؤن، ڪيو سخن سچو سرخيل[2]
ڪوجها ڪيائين ڪپڙا، لاهي تيل ڦُليل
هليو حفيظو چئي، پيرين ڪري پيل
وئيو وجي واڳ ڪي، اڳ ۾ ڪيو آليل
ڪاهي رسيا ڪاڪ ڪي، وجي وڏيءَ ويل
ڪري مومل سان مُنهن ميل، آٽي اُٺ جهڪايئون اڳؤن.

-58 سوڍو صندل تي چڙهيو، پلنگين رکي پير
وينو مير موڙي تي، رکي شڪيبت شير[3]
مومل پڇيس: ”مينترا! هيءُ ڪنجڪي آندءِ ڪير[4]
نڪي جوان جتن مؤن، نڪي فقيري پير
اچي وڏي اقبال تو، ڏيکڻ منجهه دلير
آهي سکر ڇڳير، ڪو عقل جهڙو آدمي!.“[5]

-59 تڏهن مُرڪي چيس مينتري، اتي حال في الحا
تہ هي ميهر آهي منهنجو، بنهه ڪرو برحال[6]
خاصو خذمت ۾ رهي، تو ميو چاري مال
نپايوسون ننڍو ڪري، سندو ٻانهي ٻال
لڳين اهڙولال، تيلانهين آهي تڏهين.“

-60 پوءِ مومل ميهر کي چيو: ”ميان مينهن تہ ڏهي ڏي.“
مور ڏهڻ مينهن جو هو ڪونہ ڏٺو ڪاتي
مشڪل ڪم ميهار جو اچي ٻيٺو مير متي
سو مڱ نہ اتي مينهن ڏي، ويٺو ڪَٽ ڪَتي

---

(1). ’تِهان پڄاڻا پڻ‘ (ٿري ٻولي جو محاورو). ر. ’تِهان پوءِ سڄڻ‘ (2) اصل. سرميل (3) ر.ا. رکي سقيمت شير. (4) ڪري سقيمي سير. (5) اصل ڪنجڪ آ (6) ڪو سکر آهي ڇڳير، عقل جهڙو آدمي

آيس رت هٿن ۾، ٻي لايس کهر ڪتي
سالڪ سج لٿي، مس مس مينهن ڏهي اٿيو.

61- ويٺي وريامن ڪي، سومهٽي پيي گذري
من ۾ ويا مير ڪي، ٻيٽا مچ ٻري
ڪيڇي پڇي ڪينڪي، سگهي ڪين سري
پسي حور پري، لڱس ڏنڌ چپن سان.

62- ڏسي مير مومل ڪي، پيو وڏي وِير وِڪُر(1)
ڳجهي ڳرهي ڳالهڙي ويٺو عشق اندر
دانهن دم دم ۾ ڪئي ايءَ پروڙ پڇر
تہ: مونکي مومل ڪوڻ منديون ڪنهن عهد جي اوسر
هڏ نہ هوندي ههڙي ڪا حورن ۾ هيڪر
سؤ سوڍيون صدقي ڪجن، هن جي پيرن جي پادر
مارائڻ مون ٿهن ها، هت لک گهوڙا لشڪر
ڪيڏي ڪوڙائي ڪئي، هن ڪميٽي ڪافر
جيئرو سو جيڪر، هيئن نہ ڇڏجي هن کي.

63- ڪافر ڪن ڪڙا ڪيا، ٻڌي اها اپٽر
مَتيو ڏنائين مير کي، ڪَهليو ڪاريگر(2)
اٿي چڙهيو اُٺ تي، دانهن لاهي در
ڪيائين الله توهر، موڪلائي مومل ڪان

64- موڪلائي مومل ڪان، موٽيو وير وري
ڪجهہ نہ ٽڪيو ڪاڪ تي، ٻڌي بات بري
هينئڙي منجهہ حفيظ چئي، هيبت ويس هري
هليو وٺي همير ڪي، پوئين پير پُري
ورتا گهوٽ گهُري، خطرا خوب خوشيءَ سان.

65- سرنگهہ لنگهي سولا ٿيا چست وٺي چارو
راٽي مٿون راهہ ۾، اچي مير رکيو مارو

---

(1). 1. ر. ا. 'مير تہ مومل کي ڏسي ٿيو وڏو وير وتر'
2. 'ڏسي مومل مير کي، ٿيو وير وڏو ويتر'

(2). ڪهليو- ڪاوڙيو.

جاڙون جيڏي جون ڏسي، ٿيو کهلجي کارو
ڳنيي ڪنيائينس اٿ تي ڪري ڪاٺيارو
لڏيو وچي لڙڪندو پٽيءَ پاسيارو
وٺي ويچارو، نئي ڪامل وڏو قيد ۾
-66 قابو سو ڪوٺين ۾ هيو سالڪ راتيون ست
ڪامڻ ڏي ڪبير جي، هئي سوڍي سان صورت
سا هئي گهر همير جي، محلن ۾ مورت
ٻيا پيي گهر گهٽا هئس پنهنجي پڄندي ڏونهن پاهت
پر سيني ۾ سرتاج هئي، آهلن ۾ عورت
مير اڳيون مقبول هئي، شان وڏي شوڪت
خوش ٿيو خان خيال ۾ ڪري سوڍيءَ سان صحبت
تنهن سندايو سلطان کي، رکي جيءَ رغبت
تہ: جهڄان، جهلي نہ سگهان، تو حاڪم جي هيبت
الله لڳ اسان جي تون آگا رک عقبت
ٻَلا منهنجي ياءُ تي، ڪر مارڻ ڏونہ مهلت
تون شير ڪرين شفقت، تہ مون تان مونجهارو لهي.“
-67 تڏهن سخن سوڍيءَ سان ڪيو، حاڪم وري هي
تہ ”ٻائي! ٻجهارت منهنجي آهہ پَڪي پائي
سا رجوع ڪندس راڻي کي، آءٌ صبح سڏائي
پوءِ ايندءِ ڦاهي، جي ٻَڱئين تان ياٺهين چٽو.“
-68 زبر ظالم جو ٻڌي، سُکي ويس سرير
ننڊ نہ آئي نار کي، نيٽين هاريئين نير
رات وهامي ڏينهن ٿيو، وڳڙي اٿيو وير
ڪڍي آيس قيد مئون، هٿن ساڻ همير
ٻجهارت ٻُڌل کي تو مَرڪيو ڏئي مير
تہ ”ڇُنيءَ آيو ڇير، سو ڏنم پنهنجي ڏانوَ ۾.“
-69 ٻُڌي ٻجهارت خوش ٿيو، بات سٽي بندگير
پتو ڏنس پڪ جو، پُرس سنيالي پير

تہ ”تون تي راحت رسئين، ٻالڪ مگيو ڪير
چاڪ چُنيءَ ڪي چير، تيڏانهن آيو تڪڙو.“

-70 تڏهن ڪلي ڏنائين، خوش ٿيو، سِڌا پار سٽي
ڪڍي قيدن مؤن ڪَيَئينس اڳينءَ خوءِ ڪٽي
سوڍي ڪي ساهہ پيو، لٿيس اوکي آٽي
تنهن ڏنس عزت آبرو اڳئين ڪان ٻہ ڳٽي
اصل عشاقن ڪؤن، ناهي ڏار ڏٽي
توڙ رسائي تن ڪي، جن اهڙي ڳالهہ ڳٽي
هن جو، حفيظو چئي، ويو ٻاري بخت ٻٽي
مومل منڊ مجاز جي، ڪئي پور پٽي
ماڻي وينس مينترو، ڀڳڻ قاڻ هٽي
ويـڙس وٽ وٽـــي، ســوڍي جــي ســاءَ جــي.[1]

-71 سوڍي جي ساءَ جي جڙ لڳس جائي
آپر آر عشق جي، ڪامڻ کَهڪائي
ويڙهہ سندي وائي، مور مٿايس مينتري

-72 مور مٿايس مينتري، زاري ڪانءِ زبان
عشق هٽي عريان ڪئي، نسوري نادان
باقي لڳيس برهہ جون بيحد ٻٽچون بان
پوءِ تہ سارڻ سُود جي، ڪَل رکيائين ڪانہ
ٻڌي جڳ جهان، تہ مومل ماڻي مينتري.

-73 مومل ماڻي مينتري، انهيءَ پر پري
حڪايت، حفيظ چئي، هي خبر آهہ ڪري
ويندو هو وري، راڻو رهي راتڙي

-74 راڻو رهي تو راتڙي، اها ٻڌي ڳالهہ ڪبير[2]
تُهن ڪان نيشانيون وٺي، واچيون وَرنهہ وير
پرکي پاڻي ڪاڪ جو، پيس سنسو منجهہ سرير
تنهن جلڻون جت سڏائيا، تاب رکي تقصيرد

---

(1). ر. سوڍي جي صحبت جي (2) ڪبير، راڻي جو پيءُ.

تہ ”سليو ڳالھ، سچي ڪريو تہ ٿيو اوٺي سڀ امير
ڏسيو سا تدبير، ڪيئن راڻو وڃي ٿو رات ڪي.“

-75 جتن ڪئي جوان جي، خبر هيءَ ڪري
تہ ”عاشق وڃي اُت تي، ٺئين پھر ٽري
ڪري اسان سان ڪانہ ٿو، ظاهر ڪا ذري
وڳ جي پاس وري، ٿي اچي اُتِ اسر جو.“

-76 تڏ گانڌو اُتِ گڏائي ڳڏِ ڪَرائي خامَ
سوڍو آيو سنبھي، انهيءَ تي انجام
اٺ نہ ڏٺي وڳ ۾، تنهين وير وريام
سالڪ سڏ وڏا ڪيا، جتن پاسي جام
پر جَت پڇي ويا جُوءِ مان چڏي هنڌ حرام
تڏ ٻَتو ٻوڙي جَت ڪي، هاڙهي ساڻ حڪام
چيس تنهن چٽو ڪري، ماڳ پروڙي مام
تہ: ”اُٺ ڪُهي قتلام ڪئي، بابي تو بدنام.
ڪَري من ڪلام، جو توڏو آهي تنهن سندو.“

-77 تت وڏي مهار ميي ڪي، هاتڪ هٽي هام
طرحين تعظيمون ڪري، توڏي کي تمام:
”چندن چاريانءَ ڪاڪ جا، لاڙي لونگن لام
گل، ميوا، وڻ، وليون، ڪريانءَ آڏو سڀ انعام
داڻا ڏيانءَ، ڌُرا، راتِب رڌي طعام
پورا ڪر پيغام، منهنجا جي مومل سان.“

-78 پوءِ چڙهي چانگي تي هليو، ڪرهل ماري ڪام
توڏي پيي توفيق هئي، ماءُ ڪؤن وَڌِ مدام
سر گورو پيري گام، وڃي منهندان ماڙيءَ رسيو.

-79 عاشق ڪي اُت ڪؤن وڏو، ٿيو گوري متي گاءُ
روز ويندو هو رات ڪي، چوري منجهان چاھ
ڪل پڪيءَ ڪي نہ پوي، ڪنهن ساسيءَ سر سماءِ
سگھو ايندو هو سئو ڪوھ تان، موٽي تنهن ماڳاءُ
رات پراهون نہ رہي، راڻيءَ پاڇھون راءُ

ڊوليو ايندو هو ڏيٺ تي سوڊو وڻن ساءُ
سومل مومل ڏي مُڪي ڪري مصلحت ماءُ
تہ ”وڃ وڃي لهہ پيڻ جي حقيقت حالاءُ
ڪنهن اهڃاڻي آءُ، راڻي کي رَد ڪري.“
-80 سا مومل هلي سنيري گَڏجڻ گماناءُ
منجهہ مومل کي نہ پيو سندو سحر سماء
سا ستي سيج متاء، اچي ڀاڪر پائي پيڻ سان.
-81 سومل سُتِي مومل سان، ڪري تال مڪار
ڪوٺِي خريبت سان تي پُلائي بہ پتار
ماديءَ مردانو ڊڪيو جند اُتي جنسار
هو پيي ايندو هو اٺ تي هميشہ هَسوار
هيڪل ليو هيج مان، ترت تڪو تڪرار
هڪ ڏينهن ورنهہ واٽ ڪان ٿيو منجهي منتظار
اتي آڏو آدمي ڪو منهن پيس ميهار
ڪامل پڇيو ڪاڪ جو، نانءُ وٺي نروار
تہ ”مون کي ڏس مومل جو، ڪاڏي ديس دَوار“
پر سومل سيڪاري ڪيو هو تنهن کي بہ تيار
سو ميهر ڏنس مام ۾ پڪو تنهن جو پار
”مومل راجا نند جي، سيتل جنهن جو يار؟
اوڏي سان اظهار، اٿئي اوير قبلي.“
-82 تڏهن ٻڌي بن ڪنن سان، ٿيو ورنهہ کي ويچار
غيرت غازيءَ کي، ڪيو، چت اندر چيڪار
اُٺلي اوڏانهين هليو، ڏيل جهلي ڏهڪار
اهڙي شڪ شڪار، ڪاهي هليو ڪاڪ تي.
-83 ڪاهي رسيو ڪاڪ تي، عاشق اناڙي
ٻوڙي لاٿئين در جو طاق پيچي تاڙي
مينتري ماڙي، پولي ۾ پيلي ڏٺي.
-84 سارَهہ صاحب جي ڪجي، جنهن جي تڳائي تاري
مالڪ مَن مَدن کي بخشي بدڪاري

آگو عيبدارن تي ڪري سدا ستاري
دوستيءَ واري دل ڪي شل گھتي نہ گھاري
ساعت تنهن ساٽي ٿئي، جو وڇوڙي واري
ستي پئي هئي سيج تي، مومل ويساري
سوڍو ويل سمن جي آيو اعتباري
پسي ڪڻ ڪٿو ٿيو، شڪيو شڪاري
ڪانڌ تہ ڪامڻ تي ڪيو، حرف هموراي
ڪـام رڪيائينس ڪـڇ ۾، مـام انهـيءَ مـاري(1)
پوءِ ڪاڪ ڪري ڪاري، موٽي ويو مينڌرو.
-85 موٽي ويو مينڌرو، هليو ڀڄي هير
نازڪ جاڳي ننڊمون، ساجهر وير سوير
ڪام لڌائين ڪانڌ جي، منجهہ اوندهہ منهن مير
منڌ اُٿي محلات ۾، ٻاري شمع چڱير
اتي ڏٺائين اٿ جا، پٽ مٿانهون پير
تڏ ڍرڪي مٿي ڍير، دانهن ڪَري ڌرتي ڪِري.
-86 دانهن ڪري ڌرتيءَ ڪِري ڌڙ سر ڌڪائي
ماري ميارن سان، گهوٽ وڏي گهائي
پرين ري پاڻيءَ نہ پيئي، ڪاچ نڪي ڪائي
ويس ٻاهہ برهہ جي، لنؤ لنؤ منجهہ لائي
اولانيي عشق جي، تاوَ ڏني تائي
پاڻ هتؤن پائي، ويٺي هَرج حفيظ چئي.
-87 پيس هرج، حفيظ چئي، هيءَ هتئون هاٽي
ور وڃائي وس ڪؤن، ويٺي ويڳاٽي
آڙهہ منجهہ عشق جي، ريءَ ڪوري ڪاٽي
سحر سگهي مومل جي جولي نہ جاٽي
وڍيائينس وقوف سان، سنڌ سنڌ سجاٽي
ڪنهن قصور ڪري وڏي هيءَ عاقل اياٽي
ويٺي وهاٽي، راٽي ري رَنج راتڙي.

(1). ڪام- اُٺ هڪلڻ جي لٺ

88- ري راڻي رڙيون ڪري، ٻاڙي ٻاڪاري
ڦٽي ڦٽ فراق جي، منڌ وڏي ماري
نيڻين سان جر جوش ڪڙن هئي هئي ڪيو هاري
مومل نياپو موڪليس اهو ڏياري
تہ ”ساھ منھنجو سپرين، توڪي سوڍل تو ساري
آءُ پرين ڏس پاڻ ڏي ننگ نھاري
جڏي جياري، تون هيڪر وچ حفيظ چئي.“
89- تڏهن مير بہ مومل ڏي مُڪو چٺو چوائي:
”آيس تو انجام تي، آءٌ اُٺ يي اُنائي
ستي پيئي هئينءَ سيتل سان، پيچ وڏا پائي
هيڪر چيم هليو وڃان ڪنو ڪنوائي
پر آٿي لاحول ڪري، وَٺم ورائي
ڳٽي ڏنيم ڳالهڙي، دل ڪي دوڙائي
تہ: خواري وڙ خانن جو، جوڙ نہ جڳائي
تڏ ڪام رکي ماڻ ڪچ ۾، مام تہ ملائي
جاڻي جمائي، حرف رکيو ماڻ حق جو.“
90- چئي: ”حرف اهڙي حق جو، ڪانڌ نہ مون ڏي ڪر
مون ۾ ڏنگ ڏانوَ گھٽا اٿئي عيب اپر
حجت ڪڙن، حفيظ چئي، منھنجي توبھ آ تو در
ستي پئي هيس سومل سان، وير پئي ويسر
سڙيءَ کو سحر ڪيو، ولھيءَ کو ويتر
جاڳيس نہ جاڙ ڪري، طرح انھيءَ تيتر
وهڻ مون واجب هو، تون اچين ها جيتر
ڪانڌ چوندين: ڪا بندي هيءَ ڏوتي آ ڏوتر
پر قسم آھ ڪريم جو، آهيان سچي سرار
ناحق ناڻُ نہ ڏر، مري ويندي سانءِ مينترا!“
91- چئي: ”مرٽي هُئينءَ مام سان، انھيءَ پڙ پئي
هٿئون ويئہ ڳالھڙيون، ٻُڌجانءِ ٻئي
مومل! مون توڏي مڪو چٺو حرف چئِي

تو پڄاڻي پانهنجي، ڪوڙي سڀ ڪئي
هاڻي هنر حرفتون، حيلا ڇڏ هَنئي
اسان دل ڪنئي، ڪامڻ تنهنجي ڪاڪ تان.“
-92 چئي: ”ڪاڪ اَئي وڻ موريا، ڪليا باغ بهار
گلن گلزاريون ڪيو، ٽڙيا ڏاڙهن ڏار
توت ڦلاريا ڏقاروان، ليما انب انار
ٻير، ڀيڙا، آنوَرا، هوند پسين هيڪار
املداس، انجير ٿيا، ڄيرا جرڦل ڏار
سنبل، صوف، سُوانجڙا، ليسوڙا ليار
ڪيٽ، ڪجوريون، ڪارڪون، باداميون بسيار
مشڪ، مساڳ ۽ آمريون، جاءِ گلن جنسار[1]
ڪنول، چنبل ڪيترا، ولين جا ولهار[2]
چوڙ، چندن وڻ، ڪيوڙا، آسُو اڪيچار[3]
پست پَواڙين پاڻ ۾، ڪئي ڪارونيار
ثعلب، سوپاريون، سِنجيون، ٿيا ٿوهرين ٿڪار
لونگ، لڪين ڦوٽا ڦريا، ٿيا خوشبوين خنڪار
ڪيسر، ڪيسو، ڪيتڪي، ڪليا ڪنٽهار
سورج سير سَبيل ٿيا، گلابي گلزار[4]
نرگس، ٽانگر، نازبو، ٿي حرصائي هيڪار
ٻقم، بيد ٻهوت ٿيا، جلونتري جافار
ڏاک پڪي تون آءُ پرين، ديس وري دلدار
ڇهڇٽا چمن ۾ گهٽا، پئي پوئرن ۾ پٽڪار
ڳٽي ڳٽيندو ڪيترا، شاعر منجهه شمار
هاڻي وير وڃي ويچار، ٿيون هيڪر هڪ ”حفيظ“ چئي.“
-93 چئي: ”مومل وجهه نه مامرا، ورائي ويچار
مڪر مون معلوم ٿيا، تنهنجا ترڪِ تار

---

(1). اصل مرچ مساڳ (2) ٻي روايت. ڪنول ڦهري (3) ٻي روايت. آلو اڪِيچار. (4) ر. سنبل ٿيا.

104- چئي: ”ڪانڌ وتان ٿي ڪور تي، تو آهَر ٽرندي
ڪَڇو ڪارڻ قوت جي، ڇڪ ڇلڙ ڇَرندي
اها هوڏ، حفيظ چئي، نيٺ ته نبرندي
سوڍل تو سرندي، مون مئي سٽندين مينترا.“

105- چئي: ”مرندو پنهنجي مرٺي، هِتڙي هرڪوئي
جو ڄائو، جو ڄاپندو، ڄاڻي سيڪوئي
اها تال ڦبيو توئي اسان آڳ ڦٽي ڪئي.“

106- چئي: ”آڳ رکي اٿون پيچين، عذر تو آڻي
وئي ڳالهه وجود مؤن، تو هٿ رکين هاڻي
رکي حرف، حفيظ چئي، ڄاڻڻ نه ڄاڻي
اهڙي عادت نه ڪجي، ڪا ڪرهي ڪوڏاڻي
آئين ڏنئي اتهين، ڪٽ جڏهن ڪاڻي
هٽي ڪرين ها هنڌ تي، پنهنجي پڇاڻي
ڏسين ها منهن مرد جو، ثابت سچاڻي
وندين ها ويريءَ سان، پيالا پاڻي
سوپ نه ٿِيئي ساڻـي، مـت گسي مـوڻـي پئين.“(1)

107- چئي: ”مت ته مهل جي ڪو مرد سکي مون ڪؤن
ڪُر ڪچائي ڪانه ڪئي، مومل اتي مون
ڪل اها مون ڪانه هئي ته ڪي طعنا هٽنديںءَ تون
پڳي پڇاڻون، تيلانه تڪراريون ڪرين.“

108- چئي: ”توريءَ تڪراريون ڪندي ڪانڌ هيءَ ڪنهن ساڻ
اڇي ڏنو هوءِ اتهين، پيليو جڏهن پاڻ
مڙس مڙئي هو هڪڙو، ماڙيءَ ۾ مهماڻ
نڪو هوس، حفيظ چئي، اڳئيون ڪو اڳواڻ
سُتي، سَنيرئي جي اڳيان، هوند ڪو ڪونه ڪلياڻ
نڪي مارئي مَٽ ڪي، نڪي مارايئي پاڻ
بنان حق بيگان ٿئين، ڇٽ نه آيئي ڄاڻ
ساڳي ڪار سڄاڻ، وڃي وٽ ڪٽي ويهه هٽ تي.“

---

(1). ر. ’سمجهه نه هُيئي ساڻي، مت ڪسيڻ موٽي پئين.‘

109- چئي "مومل جانڪئُون سنبران، تہ ڪار ڪريان ہي ڪانہ
وهان وزيرن وچ ۾، جاتي جُنگ جوان
اڪابر عقل جا، ديسن منجھہ دهمان
پين شراب شوق مان، ڪٽن اتي خان
جــن جــي ڪتن سونيــون سنگهرون، پيرن روپا ڳان[1]
چڙهن شوق شڪار تي، طبل سان طولان
هلن هٿيارن سان، ساڻ ڪٽي سامان
ڪوڙين ڪنڪ تن سان، نغارا نيشان[2]
لکين لکڻ وارا تن جي دفتر ۾ ديوان
سي پڇن مير مصلحتون، مون ڪون سڀ سُجهان[3]
اتي پانيان آءٌ نہ، تہ ڪا مت گُسي مون ڪؤن ويئي."

110- چئي: "مون وٽ مير متانگريون، تر توڪؤن ئي تار
ون آتڻ وچ ۾، جوڙ ڪري جنسار
چرخا چندن عاج جا، پيرن پليءَ ڏار
ٻانهيون ٻڙا جن ڪي، چوڪا چندن هار
هٿين پيرين جن جي، جڙيا لک جنوهار
لڏن لال هندورين، چمن ۾ چوڏار
جهنجهڻ موتي مهارن ۾، لعلن لک هزار
بينسر، بولا، سينڌ ڦل، جهالر جهلڪيدار
اڇا ڏند، سينڌ سنئين، واہ ڪاريهر وار
منهن مثال مرگهہ جي، موهيڙا موچار
پرون پؤنرن وانگيان، اکيون ميگهہ ملار
پيهہ پپيهل پنبٽيون، جيئن ڪڪر ڪارونيار
عجب زينت زيب جا، سرس تني سينگار
عطر مشڪ عنبير سان، ڪِيُون منجهہ خمار
حسن حسينن جي، ڪئين سڪايا سردار
مرون تان مستاق هئا، پر پکين منجهہ پچار

---

[1]. ر. پالن روپا ڳان. (2) ر. نظارا نيشان. (3) ر. مون ڪؤن سنگ سبحان.

سي مومل اڳئيون مينترا، گوليون منجهہ گفتار
ڪندي هئي ڪسرتون، دائن سان ديدار
پر بي حيا، حفيظ چئي، جاڏي عشق رکي تو آر
جڏهن لڪئي لاتم لار، تڏهن سوڍا تو سرنديون ڪرين.“

111- چئي: ”سوڍي تان سرنديون ڪيون تون ڪا سرندي سار
پاڻ سڃاڻج پانهنجو، پوءِ مون رکج ميار
سائڻ ناهي ستري، ڪا ڳلا جهڙي ڳار
ڪنر وڏئي ڪامڻي، نافت نڪئون تار
هاڻي وجي ڳڏ ڳذار، ساڳين ساهيڙين سان.“

112- چئي: ”ساڳين ساهيڙين ڪؤن، مون ڪي ويڻ نہ ڏيار وري
طعنا هٽنلويون تنهنجا، چونديون آهہ چري
وچ نہ ويچاريءَ تي، رکي پڙ پري
مهڻن منجهہ مري، هيءَ ويندي هت ”حفيظ“ چئي.

113- چئي: ”مرين تون مهڻن ڪؤن، هاڙهي چو تي هاڻ
اڳ نہ ڪڙهيئن ايترو، ڪو قرِيني ڪاڻ[1]
ڏس تہ سڃيئي ڏيهہ ۾، سٽيو واڻ سواڻ[2]
تنهن ڪي تو مَ تاڻ، منڌ ڏنو ڪو مامرو.“

114- چئي: مُئي ٻاجهؤن مامرو، ڪانڌ لهندم ڪيئن
مير منجين تو مينترا، هال چائي هيئن
اهي حرف، حفيظ چئي، آءٌ توريندیس تو سيئن
پرين پوءِ پريئن، ڪوڙ لکندو ڪينڪي.“

115- چئي: ”ڪِٽ جنهين ڪي ڪوڙ جو، اندر ۾ آهي[3]
تال تنهين ڪي ايترو، چپائڻ چاهي
نات تہ تنهنجو نہ ڪو، ڏانوَ اڳيان ڏاهي
هاڻي لالانگهو لاهي، مومل ويهہ مات ڪري.“

---

[1]. اصل ايئن، (ڪڙهہ قريني ڪاڻ) (2) ٻي پڙهڻي: سٽيو واڻ سراڻ (3) ٻي پڙهڻي: ”ڪٽ جنهن ڪي ڪوڙ جي اندر منجهہ آهي.“

116- چئي: ”مران تہ ماٺ ٿئي، نہ تہ جيئري اٿم جڪ
ٻڇيون جي برھ جون، لايئي اندر لڪ
هٽي تن، حفيظ چئي، تن ڪيو آهي تڪ
پرين يانئج پڪ، هي نيٺ مرندي مينڌرا.“
117- چئي: ”مرين پنهنجي مرٺي، آءٌ نہ چوانءِ مر
اڪين ڏٺو آدمي، تنهنجي جو ڪجي ڪو تہ ڪٽر؟
توسان گڏ گذر، هاڻ مور نہ ڪندو مينڌرو.“
118- چئي: ”مرد جو مهريءَ سان، بَر ميَچُڻ آ بادي[1]
نرُ نہ رُسي نار ڪؤن، مَرُ رسي مادي
طرح اها، تيوڻو چئي، تون ڪيئن سڪئين سادي
يا ڪنهن ڪوجي ڪدڙي، ڏنئي اها استادي
ڦِڪي فسادي، ماڻهو سڻندءِ مينڌرا.“
119- چئي ”مومل ويهہ ماٺ ڪري، چري چور نہ چاڪ
راڻو اڳيئي رنجيو، تو ڦسي منجهہ فراق
هڪ سڪ سورن جهڙي، ٻيو ماريو آهہ مَذاق
گڏي گلادار ڪيو، توسان تفاق[2]
تنهنجي سا توڪي ڦبي، جيڪا ڪيئہ قزاق
ڳٽيندا هِن ڳالهڙي، حرف جي هُشناڪ[3]
هاڻي ايندو نہ اوطاق، موٽي تنهنجي مينڌرو.“
120- چئي: ”راڻا نہ ڄاڻان، ڄاڻان نانءُ الله جو
ڪانڌ رکين تو ڪهڙا، نالا نِجاڻان
ڌريي ئي ڌؤنرا ٿيا، توريءَ وهاڻا
لڳي ڪِهہ ڪٽن ڪي، ٿيا پلنگ پراڻا
توريءَ هنڌ، حفيظ چئي، ساهہ نہ سيباڻا
مُئيءَ سان چڌ ماڻا، توڪي ناهہ مناسب مينڌرا.“
121- چئي: ”ماڻا ڻاڻا، مينڌري، ٿي، توسان ڪيا تيٽر
ڪَل تنهنجيءِ ڪُوڙ جي، ڪانہ هيس جيتر

---

(1). برميچڻ- تڪرار ڪرڻ (2) تفاق- اتفاق (3) ڳٽبنداهِن- ڳٽيندا آهن

هاڻي اڳيون آسرو، هاڙهي هڏ نہ ڏر
بيهر ميڙ متان مُنجين، نڪي ڪارو ڪکر
نـڪـي مـيـڙ مـشـاهـدا، نـڪـي پـوءِ پـتر[1]
زيان ڪري ڇو زر، ٿي پئسا پانڌين کي ڏئين.“

-122 چئي: ”زر ڏني زاري اگهي جي منهنجي توسان مير!
تہ سوين ورهايان سڦرا، سڏي سيد فقير
حال في الحال، حفيظ چئي، سڀ پهرايان پير
پوشاڪون پٽ چير، سون رپو صدقي ڪريان.“

-123 چئي: ”سون رپو صدقو ڏئين، توڙي ڪَب ڪَرين
ڀڳو سڄو نہ ٿئي، انهيءَ وٽ وري
ڪانڌ ورائڻ ڪاڻي، چتر ناهہ چري!
وِندينءَ مرڻ مري، مومل تون منٿون ڪري.“

-124 چئي: ”منٿون ڪري مَرُ مران، من تنهنجو ٿپُ ٿري
وينو آن وٽي وجهي، ٻڌي پڪ پري
ماڻهو، ماڻهوءِ جي پنيان، منجنديس ڪُڌ ڪري
ڏينديس پاند پري، پئسا پانڌيڙن کي.“

-125 چئي: ”مومل ماڻهوءَ کي چوڻ، حق آهي هيڪر
لاهي چڏ لباس جا، لُنڊا لالهانگر
اصل عزازيل کي، هو ٽڙايو تڪبر
جي مُڪئي تہ ماريُئي، ري ڪُنيءَ رهبر
اڄ لئون پوءِ پچر، متان ڪا منهنجي ڪرين.“

-126 چئي: ”سوڍل تو سُهمون ڏئين، پر مون جي ساهہ سَري
راڻل تون رسي وئين، ڪَرهي ڪامَ ڏري
ماريس هوت، حفيظ چئي، انهيءَ ذوق ذري
ماڻهو وني مينترا ايانديس ميڙ ڪري
پرين پير پري، آءٌ تڏي اينديس تنهنجي.“

---

(1). پوءِ- پٺو.

127- چئي "منڌ ملهايو پانهنجو، تڏو تو جهڙو
کانہ ملهائي ڪامڻي، اڄان ڪا اهڙو
ايندينءَ تون ڪهڙو، مهن وٺي هٿ ميڙ سان."
128- چئي "منهنجي توسان مينترا، آ هميشائي هڪ
اڳئين ڪؤن اڳري اٿم، سوڍل تنهنجي سڪ
ماڻهو، ماڻهوءَ ڪي وجهي، ڦيرِيندا هِنِ ڦڪ
سومل شل سڙي مري، جنهن اڪوڙيا عاشق
گڏيو آهہ گمان ۾، حرف اهو هاتِڪ
مون مجيو مالڪ، پر تون بخش ڪرين تيوڻو چئي."
129- چئي: "مومل ويهہ ماٺ ڪري، چُنا ڦولهہ مَ ڦٽ
سانگ رچائين سپ سان، چِتُر ڏيئي چِٽ[1]
نانگ آٽي نوڙي ڪيئي، سومل تي سٽ مٽ
پر ريت بہ راڻي ڪؤن سڪي ڪا نار تہ اهڙا نٽ[2]
توڙي تدبيرون ڪرين، مارين مرد مرٽ
هاڻي وَٽ وجهندي وَٺہ ڪُڙن ڪُساڪن جا."
130- چئي: "سوڍل سائين سهڻا، تون سڏائين سياڻو
پر آهين اياڻن ڪؤن، پانيان ۔ اياڻو
ڪيئن ٿئين ڪاڻو، سا شل سچي ڪر سپرين."
131- چئي: "مومل مون ڪان تي پچين، تہ آهہ حقيقت هيئن
رهندو هوم شڪار ڪان روح نہ راتو ڏينهن
پيس پرائي پٽ تي، پنيءَ پاونگ شينهن
لڳو لاڻو اڪ ۾، ٻيا ويٺر اُنا مينهن
هاڻي جيڪا رتي نينهن، سا اٿي ڪاٽي اڪ ۾."
132- چئي: "نينهن لاٽڻ، توڙ نيائڻ، ڊُرنگا ڪن دولاب
مڙس نہ ڏين مينترا، جوين ڪي تہ جواب
ڪاٽا ڪرين ڪيئن تو، مومل مهٽي هاب
اسان تنهنجو ايترو هئو ڪونہ حساب

[1]. اصل. سانگ رسائين (2) اصل. ڪو ناز تہ اهڙا نٽ

وڏو آهي وچ ۾، ڪن هچارن حجاب
حاويءَ منجهه، حفيظ چوي، شل ٿيندا ڳر خراب
توريءَ عيب صواب، سوڍل سارين ڪونڪو.“
133- چئي: ”عيبن اوڳاهيون ڪرين، جي در در ڏين دانهون
عجز ڪرين جي عاجزيون، توڙي ٻئي ٻڌي ٻانهون[1]
تہ ٻي پهہ اها پرچاءُ جو، مور نہ ٿئي مانهون
هاڻ چري سپ چاهون، مومل توتان مون ڪنيون.“
134- منٿ نہ مڃي مينڌري، ٿيو راڻو رضائي
ڪاهي خبر ڪاڪ تي اچي رهبر رسائي
مومل تان مهٽن هئي گهٽيرو گهائي
ڦوڙائي فراق جي، ڪئي جوڳياڻي جائي
ٻڌي بيراڳڻ تي، وڻائي وائي[2]
سا هلي ڏٺ، حفيظ چئي، اُمالڪ آئي
ڪي سِڪ بہ سِڪائي، ڪِي طعنن ٻي تائي ڪنئي.
135- طعنن جي تائي ڪنئي، تي ڪوهن ڪونجاڻي[3]
ڏولئي ڪارڻ ڏٺ ۾، وتي ويڳاڻي
سڌ ڪنهن ڪي سور جي، سلي نہ سياڻي
هاريو پئيس، حفيظ چئي، پنيٽين مئون پاڻي
ڳليون ڳولڻ ڳوٺ جون بيٺي بيبياڻي
آئي در عجيب جي، رَند ڪٽي راڻي
پوءِ ساڳيو سجاڻي، ور لٽو تنهن ويسلي.
136- ور لٽو تنهن ويسلي، ڪري ڪوهہ ڪشال
گهوري ڪيائين گهوٽ تان، ڪُهہ خزانا مال
سوڍو سناسيءَ جاہ، ڏسي چلڻ چال
گمانيو گمان ۾، پاڻ ڪيو پاتال
لڳس منڊ مجاز جو، هنئين حال في الحال

---

[1]. ٻي روايت. عجز ڪري آزيون ڪرين (2) ٻي روايت: بيٺي بيراڳڻ تي (3) ر. ”طعنن ٻي تائي ڪنئي ڪي ڪوهن هن ڪونجاڻي“.

مرليءَ جي محبت ۾، ڪُپي ويس خيالُ
سڏيو ساميءَ کون پڇي، حقيقت حوال:
"ڪاڏنهُن لاتئه ڪاپڙي، گودڙيءَ گلال
آهين آڏوتي اصلي، ڪي ڪِري ٿئين ڪمال
سوئي سل سوال، تون جوڳي کهڙيءَ جُوءِ جو؟"

-137 چئي: "نکي ڪيڙيل کن جو، نکي ڪنهن چيلو
آءُ گُرُ گوساين جو، رانوَل رنگيلو
قسمت وڌو ڪاڪ تي، وجي ڪو ويلو
اچي ويڙم اتهون رنگ سنلو ريلو
ڪير باهه برهه جي، ڪکوري ڪيلو
ماڻ ڏٺي ميلو، منهنجو محبن سان ڪري."

-138 دانهه ڪي دل سان لڳو، ڏيهه تنهين جو ڏس
صلح سناسيءَ سان، رکيو راڻي ويتر رس:
"آئين ديس اسان جي، جوڳي اٿئي جس!
لاٿئي منهنجي من تئون، ڳن ڏينهن جي ڪَس
وير اسان وٽ وس، تہ منيون ڪيون مجلسون."

-139 "منيون ڪيون مجلسون، رهاڻيون ڪي رس[1]
ڏيون هڪبئي ڪي، ڏکن سکن جا ڏس
الله آندو توکي، ميان مون وٽ مس
تو مؤن چندن چس، تي مسافر مونکي اچي."

-140 "سو مسافر متان وڃين، تون مون وٽان مهمان
هاٽي پري پاڻ کؤن، توکي چڏيان تان نہ
ٻوڙ پلاءُ ۽ حلوا، ڪاءُ ويٺو تون خان
آئين جيءُ جوان! ويهہ تہ ورجيسون ڪريون."

-141 تڏهن ويٺا ونبي پاڻ ۾، ڳالهين سندس ڳاهه(2)
سوڍو سناسي ٿيا، ملي هڪ صلاح
ڪن ڪسرتون ڪيتريون، آزمودا آڙاهہ

---

(1). ٻي روايت: ڪي رانديون منجهان رس. (2) ر. تڏهن ويٺا پٽي پاڻ ۾- الخ

کيڏيا راند خوشيءَ ڪؤن، سرَها اندر ساهہ
مومل ڍارو ڍاريو، ڏئِي اها ڏاهہ
تہ ”هاريو تان گهر آپٽي، ڪٽيو تان وهواه!“
پر نر جي نيشانيءَ تي، پئي نرت نگاهہ
اتي تيس آگاهہ، سو چنبي هٿ هليو ويو.
142- چنبي هٿ هليو ويو مَلُ جهلي ماڻو
مينڌرو مشهور هو، ڳالهين ۾ ڳاڻو
اهو جهيڙو جنگ جو، ڪيئن ڪوڏاڻو
ڪارڻ هوڏ، حفيظ چئي، ڪُرَ ۾ ڪچاڻو
مومل ويس متي ڪيو، ظاهر زالاڻو
ڪنڌ رکيائين ڪنجرو، تہ بہ ريتو نہ راڻو
پڇنديءَ ۾ پاڻون، هن ڪين گهٽايو ڪانڌ سان.
143- ڪين گهٽايئين ڪانڌ سان، ڏيئي ٿهہ ٿڪي
ڪيائين سا ڪنہ لڳي، ڦِٽي پوءِ ڦڪي
تڏهن چڙهي ڏاگهہ تي، ڏسي ڏوهہ ڏڪي
ٻٽي باب بنديءَ جي، نافت ناحقي
هر ڪنهن جي، حفيظ چئي، شل رکي ڍول ڍڪي
ات مينڌرو مقابلي ٿيو شير شڪي
چيائين مومل کي، سک منجهان سڏڪي:
”آءُ تہ پرچون پاڻ ۾، مون بدي سڀ بشڪي
تڏ مومل اتي مچ ۾ اها بات بڪي
تہ: ”مس مس منهنجي توسان آهي پرين پت پڪي
هاڻي هيڪاري هلڪي، ڪِران تان ڪَچي ٿيان.“
144- سا ڪري ڪين، ڪباب ٿي، پڪو ڪيائين پاڻ
عشق حمايت اتهين، هوس سلامت ساڻ
راڻي روس ڦٽو ڪيو، چولي اهو چاڻ[1]:
”نار تہ هيئن نوڙت ڪري، اڳري تي اڳواڻ“
پوءِ هي پيي جيءَ جواڻ، گهوري سر گهڙي پيو.

---

[1]. ر. رسڻ ڦٽو ڪيو

145- ڳهوري سر گهڙي پيو، مَرد چڏيا ماڻا
ڏسو ارڙا عشق جا، تو ڪري ڪوڏاڻا
هِنين ڦٽ، حفيظ چئي، تو پٽي پُراڻا[1]
عابد سڪن اتهون، من ڪي اُهڃاڻا
رتا ريڏا پاڻ ۾، لٽن لانجهاڻا
واليءَ وڇوڙين جا، ڪيا موليٰ ميلاڻا
پرتي پڄاڻا، وري وڇڙندا ڪينڪي.[2]

146- وري وڇڙندا ڪينڪي، ڏاتر ڏنن ڏينهن
وسايا ها وِرهه جا مومل متي مينهن
نار سچي منجهه نينهن، سوڍي سان سنمک تي.

147- سوڍي سان سنمک تي، ڏس قادر جوڙيس ڪم
باهه مڙيائي باغ تي، رازق ڪيو رحم
هرڪا ڪلي گل تي، جي هيون ڪل قسم
داربقا ديدار جي، غرض وڃاين غم
هليا هن جهان کؤن، اسريا ڏانهن عدم
ڪن تا عيش عشرتون، اتي دمبدم
ويا تن وهم، جن ڪلمون چيو ڪريم تي

---

[1]. هڪ پڙهڻي: 'هنيو ڦٽ حفيظ چئي تو پٽي پراڻا.' ٻي پڙهڻي: 'حجت ري حفيظ چئي، تو پٽي پراڻا' (2) ٻي پڙهڻي: 'مٺي پڄاڻا، وري وڇڙندا ڪينڪي.'

# 2_ بيت جلال ووگهڙ جا*

-1 ساراهہ ڪجي هڪ صاحب جي، ٻئي جي جوڙ تہ ڪين جڳاءِ
رکي اُميد الله ۾، پنهنجي واحد کي بہ وڏاءِ
اَٿئي پلي ڪِرت ڪريم جي، پنهنجي جيءَ ۾ جوش جنباءِ
رک ڪنهين جو ڪينڪي، ٻيو خيال بہ ري خداءِ:
هو مَلُ هوندو ماٿيلي ۾، جنهن جنگ جوڙائي جاءِ
ڪوٽ جوڙايائين ڪُنگرا، لک تنهين تي لاءِ
پوءِ هي وَکر وينس ڪُل واءِ، آهي ڪوڙي منشا مخلوق جي.

-2 ڪوڙي منشا مخلوق جي، ڪنئي ڪافر ڪوڏ ڪَمان
هن کي لک لشڪر جا هئا طَبُن ساڻ طولان
سالِڪ صوبا سِينگ سان، هئا پرس وڏا پهلوان
قابو ڪُوٽ قلعي ۾، سوگها هئا سامان
پوءِ هن دفتر توڻ ديوان، ڪيئي حڪم هلائي ويا حاڪِمي.

-3 ڪيئي حاڪم هلائي ويا حاڪمي، نازڪ نهاري
ڪمند ڪاڏو هو ڪوٽ ۾، ڪنهن مِرُن پي ڪاري
اهڙي جُلهہ جلال چئي، وير نہ وساري
راجا چڙهيو آيو رُخ مان، سڀ ساز بہ سينگاري
هو سنئون ڪڍ وِيس سير مون، تک منجهون تاري
تہ ڪٽو ڪَلا جو ڪِٽئين، وجي مرون ڪوڻ ماري
پوءِ دنيا درس دريا ۾، هن سڀ رکي ساري

---

* . هيءَ روايت نور محمد سومري، (ويٺل ڳوٺ ڪَٽا، تعلقو اُٻاڙو) جي زباني قلمبند ڪئي وئي. جلال ووگهڙ، ڳوٺ بوهِي (تعلقو پنو عاقل) جو وِيٺل هو. سنہ 1860ع ۾ هگورن ۾ سيد شاهہ محمد شاهہ وٽ ڪچهري ٿي جنهن ۾ سگهڙ عبدالله ڪلهوڙي ويٺل ڳوٺ صالحاڻي لڳ پنو عاقل، (ان وقت سندس عمر 75 سال) چيو تہ: آءٌ ٻارڙو هوس جو مون جلال ووگهڙ کي ڏٺو هو. ان وقت هو پوڙهو هو. هو درويش ۽ شاعر هو. بڪار جي شاهہ مردان شاهہ سان صحبت هيس، جنهن وٽان هن گهڻو فيض پرايو. ا. هہ. هن زباني مان اندازو ٿئي ٿو تہ جلال اٽڪل 1895ع ڌاري وفات ڪئي.

جيڪو جُنگ لنگهيندو جاءِ ۾، پَڇي پٿهين جا پول
پوءِ ڀهڳڻ ڪَئِي ڀول، تہ ڏينديم سِر تنهن کي سَٽ ۾.

-8 چوڙيليُون چَمن ۾، ٽيون ڪن گنوريون گول
ڪَڙيون ڪَنمالان هار هسيَونِ هُينِ موتين جا مٺڪول
ٻانهوٽا ٻانهن ۾، هُن نڪن منجهہ نبول
ڪَنور چوندن ٽيون ڪاڪ جا، ڏِين جهوٽا پريون جهول
گُل گينوَر گُجريون، هِنِ رام جَنگي رابول
پوءِ وجي ڳوٺن ۾ پئي ڳول، تہ اهڙي پارين آدمِي.

-9 اهڙي پارين آدمي، هلي ٽيا تہ همير
ڪَيو ٻُڌائن ڪيترو، ناتر کي بہ نظير
نڪري ويڙن وِچ تي، ٽا واڪيو پُڇن وِير
هڪڙو درس دغا جو دريا آ، ٻيو سُنگ سَٽي ٽي سِير
پولا پئو پٽين کؤن گهٽا، ٻيو نانگ ڪارا کؤن نِير
ڪٽان ڪوٽ خِريب جون، تِڪا هيٺون تير
هڪڙا جُنگ جَلي ويا جاءِ تي، ٻيا ڦِري ٽيا تہ فقير
آءٌ پي وَجان پنهنجي وطن تي، وَس نہ وران وِير
هاٿي تن ۾ جهلي تِير، ٽي نڪتس نانگو نينهن جو.

-10 نڪتو نانگو نينهن جو، طعام ڇڏيائين توڙاءِ
هِيري ۽ جواهر جو هو جوڳيءَ تي جڙاءُ
سامي سهٺو هو سون کؤن، آڏت جي بہ اُهاءِ
پوءِ لهو سُڌ سماءُ، تہ جوڳي کهڙي جُوءِ جو.

-11 جوڳيءَ کؤن، جلال چئي، پُڇيو پَري وجي پير
ڪٽوري خوشبوءِ ۾ تنهنجا سيئي ڀهڪيا سير
اهڙي ڪامڻ ڪير، جنهن توکي جوڳي جادو لائيو؟

-12 جوڳي جادو لائيو، ٽي دانه سان ديماڪ
سالڪ صوبا ڪيترا، هُيس عَملو ئي هُشناڪ
گنوَ ليٽايائين گاڙڙيا، ڪيائين خان مڙيئي خاڪ
خزانا ڪٽي ويئي، جيڪي هُئا اُڙدن جا املاڪ

نانگي شاهہ مُراد جون، ڏنيون هٿائين تاڙيون لائي طاق
پوءِ فهم کسايا فيراق، جڏهن هن جي جوءِ ڇڏي ٻي جوءِ هليا.

-13 جوءِ ڇڏي ٻي جُوءِ تي، ساڻ همير هليا
ڪاهيون آيا ڪاڪ تي، جهلئي ڪين جهليا
ٽيا مقابل مومل جي، اچي رانول روءِ رليا
پوءِ پرين پرس پليا، جڏهن ناتر نيڻ نهاريا.

-14 ناتر نيڻ نهاريا، سمجهي ٽيا سوڙها
عاقل بيهي رهيا اُس ۾، گهوٽ ڇڏي گهوڙا
پوءِ پُجهي ٽيا ٻوڙا، تہ کهڙي ويٽن وير ورائيو.

-15 کهڙي ويٽن ورائيو، اوهان وير! رهو ويهي
منشا اوهان جي من ۾، آهي ڪامل ڙي ڪيهي
محلن منجهہ ملوڪ ڪو، پُرس ڏسي پيهي
اُها مومل متي هئي، جنهن ڪاڻ آيا هو ڪاڪ ۾.

-16 سنيري اٿيو سومرو، ڪري جُنگ منجهئون ني جوڙ
ڪامل بينس ڪاڪ تي، مرڪڻ ٻڌي موڙ
وِچُن وير ورائيو، سَپن رکيس سوڙ
مرڪڻ ڪاڏيون موڙ، ٿو موٽيو اچيئي مينترا.

-17 ڇڪي ڏيئي سينهڙي، وڃي خان ڪنيو هو ڪِڳ
بيحد بلائن جو وڃي وير ڏٺو هو وِڳ
پوءِ هي ٻي موٽي پيو مَڳ، هُن دِرنگُ نہ جهليو داسڙي.

-18 ٻِڙڪو ڏيئي ٻٽي اُٿيو، ٻَڌي حاڪم ڪل هٿيار
پر هٽيو سو هيبت ڏسي، ڪيائين ورڻ جي وار
موٽي سو مهندار، اچي ساجهر سنگتين کي مليو.

-19 تڏ مرڪڻ اٿيو مينترو سورهيہ ٿيو سوار
ٻولائي ٻانهيءَ سان، ڪيئاين گويا هيءَ گفتار
سڏي هل سانئڻ ڏي وهم ڇڏي ويچار
ات ناتر آڏو نڪري ڪئي وڌڻ جي وار
تہ ڇهبڪ ڇُور ڇَري کي راٽي ڪيا رهوار
پوءِ محڪم جهلي مار، رئندي ويئي رت مؤن.

اِها مَڻ مينترا هئي سوڍي منجهه سري
پوءِ ڦيري ديدار ڦري، اچي ڪامل وينس ڪاڪ تي.
26- ڪامل وينس ڪاڪ تي، اتي ڪيو ڪونڌ ڪلام
بيهاري بندگيءَ ۾ ڇڏيو، تو دوست وجهي دام
تنهنجي نينهن ڦٽائي نندڙي، منهنجي اکين جو آرام
پوءِ ذوق پاليو جام، ڪامل پيارين ڪاڪ جو.
27- پياري پيالو ڪاڪ جو، تِي چَڪِني ٻي چَڪچور
اتي ناتر نياز منجهون، ڪري دلبر جو دستور
وَرنــدِي تنهن وَر جــي، ڏي سگهو زامَ ضــرور[1]
پوءِ وات گڏي وهلور، راڻي سندي راهه تي.
28- راڻي سندي راهه تي، ڪنور پيي ڪيريُون
آڻي آسر ويل ڪي، ڏين فجر ڪي ڦيريون
چُوڙا چَئونن تي، پڳائون پيرُون
زينت جون، جلال چئي، چنائون چيريُون
پوءِ ڪاڪ وڃين ڪيريون، اڄ سوڍا کهڙي سُور ڪوُن.
29- سوڍا کهڙي سُور ڪوُن، تو رڙهي ڳُتو هو راهه
ماڙيءَ ۾ من مينترا، تو ڏٺو هو مدخواه
تہ مارڻ سو مينترا، هو توکي مير مباح
وڃي هلائجانءَ هڙيون، ڪجانءِ گڏهن جوني گاهه
پوءِ گوندر ريءَ گراهه، ڪائيندين ڪين خوشيءَ ڪري.
30- ڪائيندو چو نہ خوشي ڪري، هُئين خريبڻ ڪوڻي
سمهاريائي سيج تي، هڪڙا ڏگر ٻيا ڏونِي
ڪريب ڪيئي ڪوڻي، تڏهن ڪانڌ ڇڏي ويئي ڪاڪ ۾.
31- ڪانڌ ڇڏي ويئين ڪاڪ ۾، تئين ها ڪونڌ ڪٽا
سپ وڃايئي ولها، جيڪا هئي تو ۾ محب! مٺا
مان توکي ڪيئن وٺان، لنگهائي ڇڏيم هاتڪ لک هنم سان

---

[1]. زام- جلدي.

# 3_ بيت لال محمد انيڙ جا*

-1 ساراهيان سچو ڌڻي، صاحب ربّ سميع
وحده واحده، جوڙيون . جنهن جميع
جنهن آ کيو "ڪُن" سان، قائم چرخو هيءُ
خَلَقَ الآدَمَ عَلٰيٰ صُورَتهٖ عهد ڪيائين ايءُ
مهند آ مرسلن جي، محمّد مِنڙو ميءُ
لَولاڪَ لَمَا خَلَقتُ الافلاڪَ، پٽاريئين پر تيءُ
وسيلو بي وسيلن جو، تيو والي منجهئون ويءُ
لائق ڪري، لال چئي تاهيئين اهي نيءُ
ضامن آهه ضعيفن جو، حشر منجهه حقيءُ
رکندو پت راضي ٿي، پاڻهي هُت پيءُ
ڏسان وچي ڏيهه ڌڻي جُڪي تو پيو جيءُ
آسرو عجيبن ۾، اتم هردم هيءُ
لِڳو نيش، لال چئي نشانبر ڪو نيه
سدا سرڪ ثمر آهي، سرس سنئون تيو سيءُ
محبت سندو مينهنءُ، ونو آخر وڙ ڪري.
-2 ساراهيان سچو ڌڻي، قادر ربّ ڪريم
وَحدَه لاشرِيڪَ لَهُ، هادي حق حڪيم
بيشڪ آهي برابر، قائم پاڻ قديم
دانا بينا، دهر ۾، عالم آهه عليم

---

* اتر(تعلقي پني عاقل) مان محمد حسن کان مليل.
لال محمد "لال" هڪ روايت موجب ذات جو انيڙ، ڳوٺ شرف الدين انيڙ تعلقي ڪنڌڪوٽ جو ويٺل هو. ٻي روايت موجب ذات جو ڪنڌرو، ڳوٺ ساڪ (اسحاق) ڪنڌرو تعلقي پني عاقل جو ويٺل هو. ٽي روايت موجب فقير لال محمد ذات جو ڪٽي، ريٺل ڳوٺ اسلام آباد تعلقي گهوٽڪي جو هو. پڙهيل هو، ۽ فارسي عربي مان واقف هو. سندس بيت مشهور آهن. اندازاً سنه 1900ع ڌاري وفات ڪيائين.

قُل هُوَاللهُ اَحَدُ، آهي اَحد عظيم
لَم يَلد ولَم يُوْ لَدُ، موليٰ پاڪ مقيم
مهر پريو آهه ملڪ تي، رازق سوئي رحيم
ڪري ٿو ڪُلني تي، نعمتون نعيم
لاهي ڇڏيئين، لال ڇئي، پولا پرم پيم
احمد مان احد ٿيو منجهؤن نقطي ميم
سو آهه شافع حشر جو، ڪوثر جو قسيم
ڪندو راهه چڱيءَ تي، محڪم مستقيم
ڪري قرب ڪريم، اچي لائق ڪندو لحد ۾.

3- ساراهيان سچو ڌڻي، صاحب ربّ ستار
جوڙيو جنهن جهان جو، چرخو هي چوڌار
ڏئي ٿو ڏان ڏڏن ڪي، هيٺن ڪي هر بار
ڏوڙا ڏان ڏئي ٿو، ڪري ڪين پچار
دشمن توڙي دوست سان، وجهي نہ ويچار
ماٺهو، مرون، مرگهه پي گهمن پيا گينوار
هڪڙا پيادا پنڌ ۾، پيا محفلن ۾ منٺار
هڪڙا کائن ٻوڙ پلاءُ، پيا ٻيي لئي ٻيجهار
هڪڙن وٽ نوڪر نشانبر، پيا ماريا وهم ويچار
ڪي ڪُتا پالين ڪست مان، ڪي ماني لئہ مونجهار
ڪي وتن ويڳاڻا وصل لئي، ڪي دم نہ ٽين ڏار
ڪن تي قرب ڪريم جو، ڪي ڏاريا هن ڍڪار
ڪي وسوڙل ويندا رهيا، ڪي راضي ٿيا رهوار
قادر جي قدرت جو، آهي پتو نڪو پار
قادر جي قدرت جو بيحد آ پلڪار
قادر جي قدرت جا، عجب جيها اسرار
قصو ٻڌايانءِ قرب جو، ٻڌ گوش ڌري گفتار
محبت جي مَنجهه جي، ساري لهج سنيار
"ننڊ" نالي راجا هو، مرد تہ مٽيادار
حڪومت جو هوڪو هئس، چؤطرفين چوڌار

هرجا هليس حڪم پئي ڏڏڪو ۽ ڏوڪار
لائق هئو، لال چئي، ويتر ويرو تار
هيٺن جو همراهه هو، هرجائي هربار
اڻ ٽڪ هو اصل ڪؤن، سخا ۾ سردار
پُٽ هئس ڪونه ڪو، ڏيئن جو ته ڏنار
انهيءَ پر اندر ۾ هيس اهائي پچار
وڏي ڪنهن ويچار، مرد رهيو پئي مونجهه ۾.

4- مرد رهيو پئي مونجهه ۾، هيس اندر ۾ اُڏمات
لڳي ويس، لال چئي، لنؤ لنؤ منجهه لپاٽ
ڏيئان هيون دانهه ڪي، اوچيون اوچي ڳاٽ
مومل، سومل، سهجان، سوڍي، گينواريون منجهه گهاٽ
پٽ لاءِ پياسي هو، وينو وچي منجهه واٽ
مومل پياري پٽن ڪان، هيس وڍ وڏاٽ
حڪومت حوالي هيس، چوهون انهيءَ چاٽ
ان ڪي هئي ازل ڪؤن عشق جي اوساٽ
چڙي تي چُري پئي، لڳيس چاڪ چماٽ
قرب وڏس ڪيري ڪٽي، ڪُلي ويس ڪپاٽ
وينس گوندر گهَر ڪري، درد لاتس دڙٻاٽ
ڳٽين ڳهيلي ڪئي، جهوريءَ هنيس جهاٽ
مُننهن مان وييس ماٽ، سِر آيس سور سڄڻ جا.

5- دنيا هئي دانهَ ڪي، بيحد بيشمار
زر، جواهر، هيرا، لعلون، چاندي وڏ چمڪار
وجهي پاڻ ئي پيتين ۾ ڏيئي ڪلف قرار
ڪٺائي ڪريب سان، ٽيو نديءَ تي نروار
ڏند هڪ ڏانءَ پريو، جنهن جو هيس آڌار
ڪٽي ڏند هٿ ۾ آئيو سِير وٺي سردار
پاٽي سارو پَٽ ٽيو، تي ڏرتي ڪڙي ڏار
ڪوٽي خوب خوشي سان، پيٽ ندي ڪنهن پار
دولت ڪٽي دانهه وڏي، الله جي آڌار

آيو هلي هيج مان، ندي چڙي نار
دريا پي دولت تي، لاٿي ڏڙ جهجهي ڏڏڪار
پئي هليو پرت سان، رکي سرت سنپار
پيءُ جي تہ ڏيئن مان، هئي مومل هڪ مختار
ڏنس ڏند پٽس ڪٽي، بنان سوچ سنپار
تہ رکندي ڍڪي دول هيءُ، وڏي ڪنهن ويچار
ڏس الله جا اسرار، جو رتان سپ رُلي ويون.
-6 مومل منڌ عجيب هئي، بيرون از بيان
سخاوت ۾ سهٽيءَ جو ڪو ثاني نہ هو انسان
سوالي نہ خالي ٿئي، وڃي ورتيون دان
موليٰ لڳ مايا جا، پي ڏنئين هر دم ڏانَ
پيءُ جي پڙڀاڻن جي، ڪل رکيائين ڪان
ٻڌي سناءِ سوڙهيہ جي، هليو هڪڙو ڪوئن هيجان
رسيو ماڙيءَ هيٺان مومل جي، دُرس ڪارڻ دان
هنئين سئن سامي اچي، عين اُنهيءَ امڪان
تہ گهر جي ڏند ڏکيءَ کي، نہ تہ ضعيفان ٿيندي زيان
جنهن ۾ عجب جيهو اسرار آهہ، سو مگي ٿو مستان
مومل! ڪر مهر هيءَ، ڏيندءِ ڏاتر ڏوڙا ڏان
ڪندءِ سولي سرس سجان، ڪر مانگ پوري منگي جي.
-7 ٻُڌي ماگ اها منگتي جي، جڏهن مومل موچاري
سُٽي صدا سائل جي، لڳس ڪانُ تہ ڪاپاري
پيس ڪُٽڪ ڪن تي، ٿي ويتر ويچاري
مُنجهي پئي هن مامري، سرس تہ سوياري
ڏيان ڏند ڏکويل کي، کهڙي حال مان هيڪاري!
بابي جي بغداد جي ٿي سرس سجهي ساري
ماري ڪندو ميڻ سو، جڏهن پونديس ڪل ڪاري
ويهي رهي ويچار ۾، ڳڻتي اِن ڳاري
فقير پي ڦيکي پيو، جيئن ڦيکي ڦيڪاري
دانهن ڪري پيو درد ڪوئن، جنهن دانهہ ڏُتاري

لڙي پئي، لال چئي، بس مومل موچاري
سڏي صاف سائل کي، ڪَيئين ڳالھ اھا ساري
تہ چپ ڪر ھن چوٻول ڪان، ٻُڌن نہ ڪي چاري
تنھنجي تات طلب تاري، ٿي ڪريان پوري پلڪ ۾.
8- ٿي ڪريانءِ پوري پلڪ ۾، ڪروڙ نہ تون واءِ واءِ!
ماٺ ڪر موليٰ واسطي، مُونجھان ڪول مٿاءِ
خاطر ڪر، خير سان ويندين، خالي ڪين ھِتاءِ
تنھنجي صَدا سَر ٿيندي، جي والي وڙ ڪنداءِ
مانگ تنھنجي منگتا! ٿي ڪيان پوري ڪنھن پراءِ
پر وھلان ٿي دل ۾، بابي جي تہ پراءِ
ڪنلو ڪاري کھڙي، جي پيءُ ڪئي تہ پڇاءِ
سھنديس سور سيئي سر تي، مونجھان ڪُل مٿاءِ
تنھنجي صَدا سُٺي ڪري، ڪيئن وھان پوءِ ھن جاءِ
ھاڻي اچ تہ اسم الله، ڏيانءِ ڏند ڪٽي ڪري.
9- ڏنس ڏند ڪٽي، ھن مومل متوالي
پتو نہ پيس پيءُ جو، ڪَيئين پيتي پي پالھي
ڪري مھر منگتي تي، ڪَيئين سَرھو سوالي
ڏيئي ڏند ڏکيل کي، خوش رکيئين خالي
ڪٽي ڏند ڪوٽ ڪري، موٽيو موالي
ھي پيو ھيج مان، چھري ڪري چالي
منجھئون پيٽ مھراڻ جي، ڏنس ڏند ڪٽي ڏالي
ڪڍي ھليو ڪست مان، دولت سڀ دالي
لاھي چڏي لالچي گودڙي گُلالي
تيس عنايت الله جي، نرتئون نرالي
ٻُرٽ پَريس پاندا سيئي، وڙ ڪيس والي
ميڙي ڪُل مالي، وجي پھتو پنھنجي گھر ۾.
10- پھتو پنھنجي گھر ۾، وجي ناھ ٺڳيءَ ٺاھي
مومل ويني ماٺ ۾، ويڙھو وسائي
راجا جو راض ٿيو، تہ اچان ملڪيت ڪدائي

کيئين گھر گجر کان، تہ ڏي ڏند ورائي
مومل تہ چڏي فقير کان، هئي ڦکڙي ڦرائي
لاڳ انهيءَ لال چئي، پئي لڇي لنوائي
کھڙي پَر پوري کيان، وڏو گھُر انهيءَ گھائي
ڏنم ڏند ڏکيل کي، مان هٿئون هيجائي
پوندي گل بابل کي، تہ نيندو نُرڪائي
کيئن کيان، ڪاڏي وڃان، کھڙو ٺاهہ وجهان ٺاهي
پاڻ هٿئون پائي، ويهي رهي ويسلي.

-11 ويٺي رهي ويسلي، ٿي وينگس ويڳاڻي
پهلئون ڪنيئين پُرجهي، پير نہ پڇاڻي
پيئي منڌ مامري ۾، ڇاڻ نکي ڇاڻي
ڏنئين ڏند ڏکيل لئي، سَرسئون سڃاڻي
ڪاٺڻ ويس ڪسجي، پلجي ويس پاڻي
خبر پيس ڪريب جي، ٿي نتر نماڻي
آکان ڇا ابي کي، مان آهيان اياڻي
ڄائي پڇاڻي، وڌم ڳيڙ پنهنجي ڳچيءَ ۾.

-12 وڌءِ ڳيڙ پاڻ ڳچيءَ ۾، چڏ مَ همّت هيڪاري
اٿي چؤ ابي کي، ڳالهہ سچي ساري
چڏي ڏي چوهہ ۾، مومل مونجهاري
لڪائي، لال چئي، ڪر نہ ڪوڙي گفتاري
پيل هٿ پنهنجي جي، ٿي هيءَ ڪار سُڄي ڪاري
اٿي سَموهہ سرت سان، ساجهر سوياري!
پڇاڙيءَ جو پيءُ کي، هَنيئي ڪان تہ ڪاپاري
کھڙي پر پيناگر، تنهنجي دلڙي ڏتاري
ڏنس تو ڏند جي، چاڪؤن ڏيکاري
آيئي سرت نہ سمجهہ ڪا، هوري آن هاري
پري گھر ٻين جو، ڪئي بابو بکياري
هاڻ هل، سليونس هلي، هيءَ مام تہ موچاري
چي: وڃي چؤ ابي کي، هيءُ حال تہ هيڪاري

سينو آهہ سورن ۾، سومل! صاف سڙيو
سياڻي هو مومل کي، صفا مون سمجهيو
هيڏي ٿهر کلور جو، مونکي پرو ڪونہ پيو
ڪٽي ويو خزانو ڪو، هئي هئي هيئن هَيو!
هاڻي مومل جو تہ متو، مان پي ماري ڪيان مُج ٿو.
-15 مارج مَر مومل کي، هِن پر هاڻ هٽي
ٿيو وِسارو ويسليءَ ڪؤن، واحد کي بہ وٽي
انهيءَ پر، انڌڙ چئي، لکي ليکِ ڏٽي
هن پي سوالي خالي نہ ڪيو ڏنو ڏند ڪٽي
ٿيو پؤ نہ پوريءَ کي تہ ڪنلو پيءَ پني
هاڻي ڳوڙها ڳلن تي پيا چوهئون ٿس چٽي
تون پي سَت سيل رک، ڏيندو دان ڏٽي
اڄ ئي اُٿيون ٿيون، ائين ترت تٽي
ڏينديونسين ورائي توکي، خزانو تہ ڪٽي
رکيئين سمجھ نہ سارَ ڪا، هئي هک ڄٽي
پر قضا وس قادر جي، چا ڪري ڪامڻي!
هٽي بابا! هيءَ بٽي، ڇڏ ڪاوڙ ڪدي قلب مان.
-16 چئي: ڪاوڙ ڪدان قلب مان، ڪئن سومل صاف ستر!
مومل ڪيو مامرو، مون سان ڪيس ٿهر
ڏنو ڏند ڪٽي ائين، ناڪس نيچ نتر
پتو پيو نہ پٽيل کي، هن حالت جو هيڪر
هاڻي ڪَرين منٿون تي تون سومل سراسر
منهنجي بہ ڳڻ ڳڻن پري! ثابت سرس ڪر
پئسو ناهہ پاند ۾، ڪيئن هلان چئو، آخر!
ڪِلن نہ ماٺهو ملڪ جا، هن حالت تي هن پَر
بس، ملڪن منجهہ مشر، ٿيو مومل جو هي مامرو.
-17 ٿيو مومل لئي هي مامرو، پئي لوڪ پچار
ڇڏي گهر آبي جو، ڍُرڪي انهيءَ ڊار
ويني ڪولي واٽ تي، وِرهہ جو واپار

ڪونتر ڦُري ڪيترا، جيئن رکي دُرس ڏُتار
پوري ڪيان پيءُ جي، دولت ۽ دينار
ڳهي ڪاڪ متان اچي، چمن رکيئين چوڌار
سومل سهجان، سوڍيءَ پي، ڳڌ ڪَيس ڳذار
وينيون ڪنڌيءَ ڪاڪ جي، رکي طلسم تار
آئي وِئي جي اڳتئون پيئون ڦِرن ڦيريدار
ڏتارين پيون رليون، مرد ته مٽيادار
ڪُهڻ لئي ڪُڏي پيون، سونهن پريا سردار
ٻٽيا هن بازار ۾، ڪيئي خريدار
رکي سُر صلاح هيءَ، وينيون پيٽيون چار:
ته ماڻيندو مومل اهو، جيڪو تري ايندو تار
مومل جو آ مڙس اهو، هڪڙو منجهه هزار
لاهي سانگو، لال چئي، جيڪو پهچي تي هن پار
ترتئون انهيءَ تار، رکيو ريب رنن ڪٽي.

18- رکيو ريب رنن ڪٽي، ڇڏيئون ٽِڳا سڀ ٽوڙي
ليڪا لڄ شرم جا، وينيون اڄ ٻوڙي
دنيا خاطر داسڙي، پئي دهلي ۾ دوڙي
ويٺي ڪنڌيءَ ڪاڪ جي، ڪُپ صفا ڪوڙي
ڪٽي نيڻ نماڻا، چڙهي گهاوَڻ جي گهوڙي
جاءِ اها جوڙي، ويلي آخر وَٽ تي.

19- ويٺي آخر وٽ تي، اچي مومل موچاري
ڪُهڻ جي محلات جي، پئي پَر ۾ پچاري
موهيا تنهن منڊ لڪين، ڏيئي دانهه دلداري
هَنيون نوڪان نينهن جون، نشانبر ناري
محبت ۾ مستان ٿيا، تات رکي تاري
پنڌ ڪري پرينءَ جي، پيا پَسن پاتاري
مومل رکي دل ۾، ترت طرحداري
ٿاهي ٿاهه نڳيءَ جو، ويٺي ويچاري
ڦاسايا هن ڦندي ۾، هزارين هاري

وئي گڏيندي واري سان، دولتَ پيءُ واري
ڪٽي ڪيپ ڪري ٿي، ناحق نرواري
آندا پٽي ان اٽڪائي، ڦيري ڦيڪاري
ڪُتا ڪونتر ڪيترا، چوريءَ چوڏاري
گهاريا گهوٽ گهٽيرا، گهورن سان گهاري
ائين هري هيڪاري، مومل مايا موڪ ڪئي.
20- مومل مايا موڪ ڪئي، ٿاهي مُنڊ مڪان
ٻڌي ستاهه سورهه جي آيا جُنگ جوان
مومل ماڻڻ لئي هليا، شهزادا ٻه شگان
ڪونتر ڪيئي ڪُسجي ويا، جوش وڏي جولان
ڪي ڍلجي دور ٿيا، شاهي ڇڏي شان
ڪي ڦُرائي ڦِري هليا، پاڻ وڏي پيمان
ڪي ٻُڌي ڳالهه ڀڳڻ جي، دُرس ٿيا ديوان
مَيا وتن موج سان، مگن ۾ مستان
لڳين لنءُ، لال چٽيّ، غم ڪيا غلطان
وين وِرهه وڪوڙي، گوندر ٿين گلران
وساري ويهي رهيا، مرتبو ۽ مان
آيا در عجيب جي، لاءِ دوا درمان
پر ڪيُن فراق ڦڪيءَ تا، ويتر وڌ وَڌان
ويهاري درد دل ۾ دُرس ٿيا ديوان
لڳين ميخان محبت جون، برهه ڪيا بيگان
اهڙا ڪيئي انسان، هن ڦُريا پٽي ڦندي سان.
21- مومل جي مصلحت جي، ڪوڪ پٽي ڪوهن
هلي پياسي حُب مان ٻُتو جتئون جن
ڪاهي رسيا ڪاڪ تي، محبت رکي من
مجاور محلات جا ٿي، تاڪ انهيءَ ٿهرن
قدرت ڏس قادر جي، پٽي ڳالهه اها ڳوئن
اچن پيا عجيب در، شهل وڏي شرطن
ڦري مايا مڙن ڪان، مايون ٿيون مرڪن
سسي ڪپي تن، ڪيئون ڪنگرا ڪوٽ جا.

-22 ڪنگرا ڪيئون ڪوٽ جا، نشانبر نروار
لاٽي وينيون، لال چئي، چانڊاڻيون چوڏار
همير پي حُب سان هلي چڙهيو شيل شڪار
ٽلندو آيو ٽپن تان گهمندو منجهه گينوار
غفلت ۾ گينوارجي، ڪيئين ”ماتلي“ پرمار
مارڻ ڪاڻ هرڻ جي، جيءَ ۾ هيس جار
ملي ويڙس مُنهن ۾، پرت پريو پينار
جو وِقلي پيو ويتر اهو روئي زاروزار
لڳيل هيس، لال چئي، ڪنهن جي لنءُ لغار
جنهن ماريس ٻاهه برهه جي، اندر منجهه آزار
ڇڏي شوق شهر جا، رڪيئين جهنگل سنڌو جار
ڏسي حال ڏکويل جو، ويس وسري شوق شڪار
سمجهي ويو سرت سان، تہ آهي برهه جو بيمار
ويجهو اچي وَلهو، بينس لاهڻ بار
چي: ڪير آهين، ڪاڏي وڃين، ڪهڙي ڪرين ڪار؟
ڏسج نالو ذات تون، نشانبر نروار
حال ڪيئي ههڙا چو، سلج لڳ ستار
لڳيئي ناوڪ نينهن جي، يا اٿئي ٻيو آزار؟
پرت پريا پينار! اچ ويهہ تہ ونديون ڳالهڙيون.
-23 چئي: ويهہ تہ ونديون ڳالهڙيون، آهيان شاهي ٻار
ٻُڌي ساهہ سورهہ جي، لڳي طلب اندر ۾ تار
مومل جي محبت جي، پئي اندر منجهہ اُجهڪار
اُٿئي وينئي عجيب جي، هُني گهٽيري گفتار
اکئين ننڊ ڦٽي وئي، نينهن لڳو نروار
وٽي ڪين ويتر پيو، ماٺو ريءَ مهندار
هلي پيس حب سان، تہ ڏسان دوساڻي درٻار
لڳو منڊ، لال چئي، ڪيو قابض قرب قرار
آيس در عجيب جي، طرح انهيءَ تڪرار
پهتس نہ پر ڪنهينَ، وَس وڏي ويچار

ڏگ تان موٽيس دهلي، ٻڌجي ڦيريدار
ٺهڙا حال حبيب ڪيا، پرت ڪيو پينار
سڄڻ جي سونهن جي، آ هردم سرت سنڀار
نماڻي کي نصيب ٿيو نہ دلبر جو ديدار
ويو هوش وَتِ ونئي، ڦيان ٻہ ويو ٿي ڏار
پڇايان پانڌين کان، پرينءَ جا پيو پار
لهان ڪٽي، لال چئي، محب منو منٺار
ڦُري جنهن فقير ڪيو، سو سونهن پريو سردار
ڏسان شال ڏيهہ ڏٺي، سرتين جو سينگار
جنهن جي محبت موهيو، آهہ لڳي لوچ لغار
مان وري پيس واٽ ڏسي، عجب جيها اسرار
پولا، نانگ، بلائون، هيون بيحد بيشمار
ڏِٺي جن جي ڏر ڳِنو، سي چُري پيا چوڏار
اُٺي پيا اڳ پوءِ کان، ڏُوڏو ۽ ڏڏڪار
پهتس کين پرينءَ وٽہ، موٽيس ٿي مُردار
اهڙي ٿئي آچار، تو رُلان پيو روهہ ۾.
-24 هِرکي پيو همير هيءَ ٻڌي ظاهر زباني
سُٽي ٻول فقير جا، ٿيس دلڙي ديواني
مومل جي مجاز جي، لڳيس ناوڪ نيشاني
دانهن ڪيئين، دلبر جي ڏسان پاڪ تہ پيشاني
ونئي ايئن وزير هليو، جيئن اچي طغياني
پاٺهي پريشاني، خريديئين خوشيءَ سان
-25 خريديئين خوشيءَ سان، هليو رکي حب همير
مومل جي محبت جا، تن ۾ لڳيس تير
جوش جلايس جيءَ کي، جاءِ ڪري ويس جهير
لنگهي پيو، لال چئي، سُرتئون ونئي سير
کهي آيو ڪاڪ تي، نيٽئون وهائي نير
آيو در عجِيب جي، سوين سُکين پير
ملڻ لئي محبوب جي، هُس اندر منجهہ اکير

لڳيس باھ برھ جي، دردن ڪيو دلگير
مهل انهيءَ ئي مير، لڌي ماڙي اچي مومل جي.
-26 ماڙي ڏسي مومل جي، شاھ ڪيا شڪران
ڏٺئين پاڻ اکين سان، دلبرجا دربان
مومل جي محبت ڪيا، مڙئي هئا مستان
پر ڊنا ڊاءِ همير جي، ڪڇيائون پئي ڪان
لڇيا پئي، لال چئي، هر دم هئا حيران
سوڍو سورھ ساڻ هيس، مرد اُتي مردان
همير هليو حب رکي، جوش وڏي جولان
مومل ماڻيندس مهل ڪنهين، طلب اها هُس تان
ٽپي پيو ٽپ ڏئي، گهڙيو منجھ گهمسان
لاهي سر جو آسرو، آيو منجھ امتحان
اچي آري عشق جي، پيڙو جنگ جوان
پاڻ بچائي پهچي جيڪو مومل جي تہ مڪان
مومل ملڻي تنهن کي هئي شوق وڏي سان شان
همير بہ هو هڪ ڇٽو، ڏٺئين ڇهڇٽا چالان
ڪڙڪا ڪيئي ڪن پيس، ڌوڪارا ڌمان
دانهون درد فراق جون، نشانبر نيشان
وڌيو وک نہ اڳتي، ٿيو غرق اندر غلطان
ڏٺئين وڏي وس سان، چاھ سندو چوگان
پر هلڻ ڪون هنڪي ويو، بيٺو ٿي بي ڌيان
ٺڪي پيو طرح انهيءَ، بي سرو بي سامان
پڇڻ ڪڙن بيزار ٿيو، هٿ ڪنيئين ڪڙن جانِ
وَستي نہ هيس ويجهڙي، ڪل برپٽ هو بَيبان
نہ ڏسي واٽ وڌڻ جي، مونيو جهلي مان
اهڙي ئي امڪان، هليو پُٺتي "همير" ٿي.
-27 هليو پٺتي همير ٿي، صاحب سوڀارو
سوڍي جو سائين ڪٿي ورايو وارو
وريا ڪُلئي واٽ تان، ٿيو مينترو موچارو

لکيل انگ ازل کان، هو سرس ائين سارو
مڙني منجهان مينڌري، نر هنيو نعرو
همير وريو لجي ٿي، ويتر ويچارو
موٽيو پنهنجي ملک تي، ڪُڙم ڪري ڪارو
سوڍي سورهه سِر ڏنو، سانگ چڏي سارو
لال رکي لارو، مومل ماٽي مينڌري.

28- مينڌرو، همير جو هو وهه واهه وير وزير
واري سان وهي پيو، ثابت رکي سير
سنيري هليو سرت سان، ناميون نر نذير
عشق ڏنس اُتهين، ثابت صاف ستير
ٻَڌي سندرو سِڪ جو، ٿيو دانهه نا دلگير
ڪاهي پيو ڪُڏ ڪري، مهل انهيءَ مهمير
مومل جي مجاز جو جوش ٿيس جانگير
ٿيس ماڙ محي الدين حضرت پيران پير
آسري الله جي، وسڪي پيو وير
محبت جي ميدان ۾، وڃي پيئندو ڪنبون ڪير
ماٽيندو مومل ڪي، سوڍو لنگهي سير
هلي پيو هڪ چٽو، انهيءَ ويل امير
ساٿي ڪنيئين نہ ساڻ ڪو، محبت هڪ مشير
لنگهي پيو، لال چئي، عشق جو تہ اسير
لوڏي ٻانهن لڙي هليو، مرد ائين مهمير
ڪيس ماڙ مولي! ڪٽي، پرت بہ رکيس پير
ڏاري قرب قدير، ڪاهي هليو ڪاڪ تي.

29- ڪاهي هليو ڪاڪ تي، سنيالي سبحان
لڱيس ناوڪ نيهن جي، محب ڪيو مستان
چڏي سانگو سر جو، اٿي هليو حيران
ڪوُنتل ڪي ڪُڏائيندو، آيو لئي امتحان
ڏٺئين پٽي ڏور کان، مومل جو ميدان
اُٿي پيو اُچاٽرو، وڏي خوشيءَ خان

حوالي حبيب جي، ڪيئين جند ۽ جان
ٽپي پيو ٽاڏ ڪري، مُهت وڏي ڪنهن مان
ڏوري ڏسان پَر ڪنهين مومل جو تہ مڪان
وائي وات ۾ هيس، ري ۽ قريبن ڪان
لڳي ويس وجود ۾، طلب پرينءَ جي تان
لائي هيس، لال چئي، قرب پريءَ ڪو ڪان
ننڊ ويس نيڻن جي، طعام طلب تاوان
ڏورڻ ڏونگر آيس، برپٽ ۽ بيابان
دلاور دهليو نڪي، هو درد ڪيو ديوان
ٻڌي شملو شوق جو، چريو منجهہ چوگان
مڙس وڏي ڪنهن مان، ڪُڏي آيو ڪاڪ تي.
30- ڪُڏي آيو ڪاڪ تي، سوڍل سوپارو
رڪيئين سر سجڻ اڳيان، نڙ نيارو
لاهي لاڳاپا، لال چئي، تي هليو هيڪارو
هنيئين وک وڏاندري، تي وريو ويچارو
اندر عشق عجيب جو، هُس قرب بہ ڪرارو
ڏسي ڪين ڏکيو ڪتي، جادو جالارو
پيس پتو نہ پَر ڪنهين، هو ويتر واڏارو
پانيئين سيڪجهہ سوجهرو، اڳتئون آنڌارو
بَر ۾ بلائن جو، ڏسي اوتارو
ڊنو نہ ڊاءَ ڪنهين، سوڍو سونهارو
برهہ جي بحر جو، هو طالب ۽ تارو
واليءَ ڏنس ويتر هيءُ ورائي وارو
هلي پيو هڪ ڇٽو، نر هٽي نعرو
دهليو نہ دهمانن کؤن، هيءُ قابل ڪرارو
عشق حمايت هت ڪيس، برهہ ڪنيس بارو
مومل جي محبت وڌس، من پيي مارو
جهٽي شوق شهباز ويس، ڏئي لاشڪ لامارو
چاهہ سندو چارو، ونئين ويل وڏيءَ سان.

3- اُٺي ويل وڏيءَ سان، هليو بانڪو بهادر
دُرس ڏريئين دل سان، سڄڻ اڳيان سِر
ڪيون الله عاشق تي، عنايتون آپر
ڏسان ماڙي مومل جي، قرب وڏي ڪنهن پر
هُيس آس اهائي، اصل ڪؤن اڪثر
لتاڙي لَڪ، لال چئي، هليو همّت سان هُن پَر
رُڪيو ڪنهن نہ رندڪ ۾، ڏريو ڪنهين نہ ڏر
بيٺو بار مڙئي ڪٽي، خوب ڪري ڪيڪر
دلبر جي ديدار جي، هيس من اندر مونجهر
پهچان در پرينءَ جي، ڏوري هي ڏونگر
انهيءَ توهہ تٽي پيو، ڪري الله توهر
جُري لنگهيو جُر ۾، هئا وِنگا جنهن جا وَر
گدڙ، بگهڙ، پولڙا، جت نانگ وڏا هئا نَر
اچي تيس سامهان، نشانبر ناهر
وڪڙ ڏيئي ويڙهي ويس چپيون نڪري چر
اڳيؤن باهہ، پريؤن ڪنڌي، ڪانہ پويس ڪَرَ
اچي پيو آفت ۾، حال انهيءَ هيڪر
ڊنو نہ ڊاءَ ڪنهن جي، هٽيو نا هِن پر
آيو قاف ڪٽيندو، سهي ڏوٽ ڏمر
ڪنيون ملامتون مڙئي، سوڍي ڪري ثمر
لنگهي لَڪ مڙيئي، وڃي پهتو منجهہ پٽر
بر جون بلائون بڇڙيون، ويو لتاڙي لشڪر
ترِي ڏنئين تار مان ڪُنن جا تہ ڪُپر
لوچي لتئين، لال چئي، دلبر سندو در
واليءَ ڪيس وَڙ ڪٽي، جنهن ميليس محب مَشر
ڪري ووڙ ورتايئن، وسوڙن جو وڳر
آيو محل مومل جي، ڪاهيو ڪنيو ڪَر
لاهي وڏو لاڪيٽي، ڪلني سندو ڪر
اوچي ڳاٽ اچي ڏنئين، سوريءَ مٿان سر

العشق نارُ يحرق ماسوي الله، پيو صاب ثمر
پيهي آيس پکي ۾، ناميون پاڻهي نر
لڳو هُيس لال چٺي، پرت وارو پر
جنهن ويهڻ وهُ کري ڏنس، ترسيو نہ تيتر
خوشي ويس کسجي، ڏنئين جاني نا جيتر
نعرو هڻي نر، پهتو پار پرينءَ جي.

-32 پهتو پار پرينءَ جي، رلي هت راڻو
مومل پيي مينڌري سان، مَل چڙيو ماڻو
نوڙي چڙيئين ان مهل، نِہ وَڪڙيو ٽاڻو
سوڍي جي سڪ جو لڳس جيءَ ۾ جهوراڻو
ويهي رهيس وجود ۾، وِرهہ کري ٽاڻو
آيس برهہ بدن ۾، بهاريو پاڻو
وينس اچي وٽ ۾، سوڍل سياڻو
وٺي اوٽ عشق جي، آيو عاشق اَياڻو
چاهہ سنلو چاڻو، آيو مَن مومل جي.

-33 مومل ۽ مينڌرو، هٽ گڏيا اچ سيئي
لاهي اولا اندر جا، پٽ ٿيا پيئي
گوندر وين گهٽجي، ثابت سنجهيئي
مومل سوڍي سان ملي، هيءَ خاص خبر پيئي
پچي ويا پر چڙي، پيٽو سيپئي
مومل تي مينڌري جي، صاف سٽر سيهي
ٿاهہ ويو نيهي، لٿا اولا عالم جا.

-34 مومل ماڻي مينڌري، تي ثابت سچائي
سچين دلين جو ميلو ٿيو، ملي وهہ واهہ واڏائي
هلي ڳالهہ ڳٽين پري، هرڪا هيڪائي
سوڍي جي صاحب ڪئي، ڪٽي صاف سٽائي
ڏنئين مُنهن مرد تي، جوش لڳس جائي
جنهن کي حق هڙ ۾ آهہ، تنهن جي سولي ٿئي سائي
ڏسي روءِ راڻي جي، چڙي مومل اُرڏائي

چي: تون سائين مان ٻانهي، تنهنجي نينهن هان نوائي
مهر ڪر منديءَ تي، ڏس نہ ڏنگائي ڏائي
پوندي صاب سڄڻ اڳيان، هي ڪوجهي ڪمائي
وڃ نہ ڇڏي وَلها، هيءَ دَرَ سندي دائي
لڳا منڊ مجاز جا، ڏوڏن ڏُمر لائي
ويهہ نہ ڪريون ڳالهڙيون، سِڪ سليون سائي
بحري باز ڪيو پرواز، ويو چنبن منجهہ چائي
اصلي هيءَ التجا، منهنجي الله اگهائي
سنگت تنهنجي ساهہ ڪي، آهہ سوڍل! سيبائي
لڳي لوچ لال لڇئي، طلب تکي تائي
هيءَ قادر ڪمائي، منهنجي موليٰ ڪئي مقبول ڪٿي.

35- موليٰ در مقبول ٿيو، سوڍل جو سعيو
هُيو انگ ازل جو، رحماني رايو
پورو پيچ پرت جو، پرور تن پايو
الله ڪٽي عاشقن جو، عرضڙو اگهايو
راڻي پي پنتي ڪيو، هلڻ جو سعيو
موڪلائي مومل ڪان، هن وڳ ڪي ورايو
هلي پاڻ همير وٽہ حاڪم اُت آيو
ڪيئين ڪتا قرب جي ڪل ڪيو ڳمايو
چي: موليٰ ڪٽي منهنجو ڪيو، بس لايو سجايو
مومل ملي آ مون کي، ڪاتب قلم وهايو.
پر حال ٻڌي ”همير“ ڪي، ڪوٽ بہ ڪپايو
لڳيس لوچ لال ڇئي، سور وڏو سايو
دڪئي درد دل سان، ڪٽي دانهہ دٻايو
ڪوڙي هنيئينس ڪاٺ پر، تي ڏاڍو ڏکايو
ورتس باهہ حسد جي، ڏِٺو نا ڏايو
رکي ريب راڻي سان، هن ڏاءُ ڪٽي ڏايو
چي: شاهن سان شهل هي، تو سوڍا! ڪرايو
طرح انهيءَ آيو، هي توتي ڪوپ قيد جو.

36- آيس ڪوپ قيد جو، ڪنيئين چمي وڏي چاھ
نشانبر نروار ٿيو، ڏيھ ۾ پيئي ڏاھ
سَنئين خوب خوشيءَ سان، سختيون متي ساھ
لڙي پيس لال چئي، مونجھان ڪل متاھ
لڳيس باھ برھ جي، ٿيو عشق ڪؤن آگاھ
”ھمت مردان مدد خدا“ رڙھيو منجھ ھن راھ
ھيس سِڪ سڄڻ جي، پرت ڪيس تي پاھ
لُئن لُئن ۾ لالڻ جي لڳس لوري لاءِ
دھلي دل نہ دانھ جي، ڏسي درندن جو دٻاءَ
سورھ لڳو سوچڻ ڪو اُتڪڻ جو اُپاءُ
تہ مِلان ڪيئن مومل سان، ھلي پاڻ ھتاءُ
جنھن ري ساعت نہ سري، سوڏسان ڪنھن پر آءُ
لھن اولا اندر جا، دُرس ملي ھي داءُ
ٿين ورق ويجھڙا، لڳي وصل جو واءُ
ڪيو قرب ڪباب آھ، گھُورن ڪيو گھاءُ
ڏڏل ھن ڏڪيل جو، ٿيندو ٺاھ وڏي سان ٺاھ
ملندس وجي مومل سان، سھي سور سياءُ
دلبر! تو دراءِ، ساٿي آنھر سور ھي.
37- ساٿي سور سڄڻ جا، ٿيس ثابت صاف سھي
وٺيئين ورھ وڏاندرو، ڪوشش ڪري ڪھي
موٽي ھليو مومل ڏي، ھڪڙي رات رھي
ھٿا داروغا جيل جا، ساڻس سرس صحي
ڪري عنايت عاشق تي، ويا سپ ٺھي
ڪيندا ھئس قيد مان، سنجھي جو سھي
چڙھي خود چانگي تي، ھو ملندو ھن پر ھي
ايندو ھو اڏ رات جو ، متان ڪاڪ ڪَھي
واپس تي ورندو ھو، وڏيءَ ويل وھي
مومل جي مجاز جي، پيتئين خود مھي
اھڙي لاڳ ”لال“ چئي، ويس ٺاھ ٺھي

رڙهندو هو راتين جو، پائي پرت پهي
هيس خاص حبيب جي، طلب توهه تهي
پلڪ ڪين پري ٿيو، رهيو ڪين رهي
رُنو پئي رت گاڏئون، سڄڻ لاءِ صحي
ويتر ويس پئجي، ڳٽتين جي تہ ڳهي
گونلر غم گهي، پئي مليو پاڻ مومل سان.

-38 مليو پاڻ مومل سان، نر پئي نروار
ثابت رهيو سڪ ۾، وِٽ نہ وڏئين وار
چڙهي پئي چانگي تي، ڪيئين دلبر جو ديدار
قيد ۾ بہ ڪڏهين نہ وساريئين ڪوهيار
وس ڪري ورندو رهيو، مومل ڏي مختيار
رهي رات اُسر جو، ٿيندو واپس هو وينجهار
انهيءَ پر هليو پئي، لائق ليل نهار
مومل ڪي بہ منڊ لڳل، هئي لُٺن لُٺن منجهه لغار
هيس هُرڪر هوت جي، عشق جو آزار
سوڍِل ريءَ سمهڻ هُس، نہ ڪائڻ نہ ڪيڪار
ڏسندي هئي اکين سان، جڏ سرس سڄڻ سردار
تڏهن چنبو هنيانءَ تي، پوندو هُس هن پار
وِٽ نہ سَهي وارُ پر، هيءُ آگي جو اختيار
آڏو ڪيئن قادر جي، ڪير اچي ڪو يار!
لهي ليڪ نہ لڪئي مان، جيڪي لکيو لکڻهار
واڳ ڌڻين جي وس هئي، بندو آ بيچار
قادر جي قدرت جو، ڪير ڪندو اظهار
مومل جي ماڙي تي، آيو راڻو پئي هر بار
توڙي ڪُرت قيد جي، هيس مَٿئون پي مار
نہ تر ترسيو ڪينڪي، جاري رکيئين جار
سڄڻ هئس نہ ساٿي ڪو، چاري هُيس چوڏار
ڏنو نہ ڏاءَ ڪنهن جي، رکيئين سڪ سنيار
لڙيو ڪين لال چئي، نہ ڏهليو ڪؤن دربار

موٽي هليو مينڌرو، درد ويهاريو دَل
آيو عمرڪوٽ ڏي، جهليو نہ ڪنهن جهل
ترسيو نہ ترِ جيترو، ڪڏي پيو ڪوُنتل
سور لڳل سرسيرا، دونهان دُرس دغل
پَري پُورن پَل، موٽي ويو مينڌرو.

40- موٽي ويو مينڌرو، ڪيئين ڪونہ ويچار
سرت نہ رکي سوڍي، ٿيو سندو شڪ شڪار
ڪيئين اهڙي ڪار جو، ڪري نہ ڪوئي ٻار
مومل اٿي مهل سان، جان پٽر پسار
گهمي ڏنئين گهر ۾، چوطرفين چوڌار
ڏسي لڪڻ، لال چئي، رُني زارو زار
چي: دلبر منهنجا داسڙا! مون ڏي عيبن لک هزار
اوڻايون آنڌڙ چئي، هِن اندر منجهہ انبار
مينڌرا! مومل سان تون پاڙج قول قرار
ڏسي ڏوهہ ڏڏ ٿئين، ويهي نہ ڪيئي ويچار
ٿاهر سان ٿڌو ٿي، هيئن نہ ڪرين ها خوار
پون اهڙا ڪين تا، مردن جي مُنهن پار
سُتي هيس، سومل سان، پَو ڪنهين پلڪار
پڳ بَدل هئي پٽيل ڪي، جيڪس جهوليدار
تون پي خان! ڪُني پئين، سمجهہ نہ رکيي سار
دشمن ڪوُن دَهلِي وِئين، لاشڪ لڳاتار
نہ تہ ڏسي مرد اکين سان، تون پڳين چو بيڪار!
هاڻي چڏ غلط آ گفتار، موٽي اچ هن ماڳ تي.

41- موٽي اچان نہ تنهنجي ماڳ تي، تون رَن آهين رهزن
قرب جي ڪوڪار تو، ڪڏهن نہ ڪئي ڪَن
رکيئي محبت مون سان، مدي ڏاري مَن
ڏنم ڏک تولئي، گهڻا، ڪشالا ڪوهن
تنهنجي تات طِلب وڌو، ويتر منجهہ قيدن
ايندو هيس عمرڪوٽ ڪان، توهہ رکي تو تن

پر شابس توکي سرس آھ، جو وڏئي منجھ ڏکن
جگر جوش جلايو آھ، جھوراڻا تا جُکن
ساريان کونہ سڄڻ! تنھنجي، منجھئون سرس سُکن
ملڻ لئي تنھنجي آيس تي، وڏي شوق شگن
پر ڏنم ڏوھ ڏکيرو، جنھن وڌو منجھ ڏکن
پنتي موٽيس پيرن تي، کا منشا رکي من
تہ ھک توکَن، ٻي مان کن، متان نہ پوي ٻئي کَن
انھيءَ حال ھليو آيس، چڏي توکي چڻ
لڳي لوچ، لال چئي، مونجھان ويتر مَن
ڏنئي سور سَوايا، رُودالا تا رَجھن
ھنيئي ڏک ڏکيل کي، مَر ماڻھو پيا مَرکن
دُشمن دوست کِلايئي، ھاڻي کھڙي کيان کن
اھڙي ھلت حال کي، ٻيھر ڏنم ٻَن
رکي مامَ تہ ھھڙي من، چو چتي چتو تو کيو؟
42- چي: راڻا! چڏ ماڻا، تون دلبر ڏيان بہ ڏار
ٽيندو ڏوھي ڏوھي آھِ، وڏي کنھن ويچار
سياڻو تي، سمجھ رک، پت تون پنھنجي پار
اجايون شُنيدان ڳالھيون، اصل کين أتار
انھيءَ کان وڌ ھک ڏک سان، مون کي کٽي مار
ھيکر ھت ھلي آءُ، ويچا سڀ وِسار
پُڇي ڳالھي پک کري، وڏي سان ويچار
ائين لئيءَ مان لٽ پٽي، مور کينکي مار
کَنين ٻڌي کجھ نہ کجي، اکئين ڏٺو ويچار
چڏي ڏنئي چوھ مان، بيوس ٿئين بيکار
رکي رنج روح ۾، گوندر ۾ نہ گذار
کڍي کاوڙ قلب مان، اچي ڏس ڏوھار
سياڻو تي سوڍل سگھو، دل مان بلا ٽار
اجايا تون اندر مان، وھم کل وِسار
واجب نہ ٿئي وِيھڻ ائين، سندوءِ ننگ نھار

نہ اٿئي مناسب مينترا! ڪر نہ ههڙي ڪار
اڇي هيڪر هتڙي، ٻڌي هيءُ ٻهيار
پوءِ وس تنهنجي هيءُ بيوس آهہ، جهڙي ڪرين ڪار
هاڻي اڄ هڪوار، تہ لهن مونجهان من جون.

43- مينتري مومل ڏي، نياپو مُڪو نال
تہ ڇڏ مقابلو ماٺ ڪر، طرح ڦٽا ڪر ٽال
سَڳو سڪ جو ساهِيُر، تولئي ڪيئي ڪمال
پريم سُنگ سنگت جو، سرت ساڻ سنڀال
لاتم دل، لال ڇئي، خاصي ڪنهن خيال
طلب ۾ تنهنجيءَ ٿيا، آخر ههڙا حال
رُنم ڏينهان رات پئي، جَر وهائي جال
ڪيئي پير پُنيرا، ۽ اجايا افعال
اڪيئن عيب ڏٺو ماڻ ٻچڙي ٿيئن بيتال
اڃان ڪيئن توڏي وري، راهي تي رهوال
اجايون ڇڏ اٽڪلون، هي زوراور زال!
هلنديءَ هٿ نہ هيڪڙي، تنهنجي ناهہ مجال
واپس ٿيس وري پي، ڪري پلائي پال
بس ٻچڙي نہ ٿي، ڪوڙي ڪر نہ مقال
ايندس ڪين اصل وري، تو وَر بد خصال!
هاڻي تنهنجا ڳائيان کهڙا قرب ڪمال!
ڏٺا ڇڏ ڏوهي تي، پونري اڄ بيحال
ههڙي حال حوال، رلنديئَ هاڻي رڻ ۾

44- رُليس هاڻ جي رڻ ۾، تہ بہ تو سِر آ خواري
ڏِڪي ڇڏ نہ ڏِڪو ڏئي، ڄاڻين تون ڏاري
ناهي ڏوهہ ڏکيل جو، ڪر نہ هيئن ڪاري
ڄاڻي ٻجهي ”ڄٽ“ نہ چئو، هت اڄ هڪواري
پڇي ڳاڇي پڪ ڪر، سنگت مان ساري
هاڻي نانءَ الله جي، وِٽ نہ وجهہ واري
برهہ تنهنجي بتال ڪيو، عشق تہ آزاري

ساڙيو سِرڙو سورن آهہ، ڏکن دل ڏاري
مونجهان پيون آهن من کي، ڇهڻي چوڌاري
گهمڻ ويهڻ وِهہ ٿيو، بيهان تہ بيزاري
ناري ٿا هِن نيڻن مان، جاني! اڄ جاري
مار نہ هيئن معذور تون، نشانبر ناري
لاڙي اڇج، لال چئي، سهڻا! سواري
کلهي کانڌي پانئيان، توريءَ نر ناري
سڄڻ! هج سلامت، پر هيئن نہ کر بيزاري
ڏسي ڏوهہ اکين سان پي، کجي کي ستاري
چاڙهي چڏ نہ چنگ تي، هيءَ ويتر ويچاري
درد وندي دلڙيءَ کي، دلبر! ڏي دلداري
بخش بَدي ساري، اڄ هيکر هلي هتڙي.

45- هلي نہ ايندس هرگز، کو وَسَ نہ کي ويچار
بدي ڏسي پيرو کرڻ، مردن آهہ ميار
وري اچان نہ تو درين، کٽي حرف هزار
توک کئي، توکي ڦبي، چڏ هي تال طرحدار
چَگهي! هيئن چالاڪيءَ سان، تو ڦريا کيئي ٻار
لائق هُيئي نہ، لال چئي، اهڙي رکڻ لار
ڦِرينءَ ڦِريل! جڏهن، پوءِ پڇين کهڙا پار
واجب تي وساري چڏ، وِرهہ جا وهنوار
ڏنئي ڏک عمر جو، اندر ۾ آزار
خيما کوڙيا خطرن، اولا لک هزار
تولئي سختيون سِر کنيم، بيحد سَنم بار
رُلي ويس رڻ ۾، گونڌر کيا گهار
وِيهڻ ويو وِهہُ تي، جڏ جيءَ ۾ لڳا جار
پانيم توکي عُمِر جي اوٽ منيل آڌار
پر توري ڏينهين تکي پئينءَ، نکري ٿينءَ نروار
ملوکن سان مُنڌ ائين، هلڻ نہ ٿئي هموار
ٻناکون هڻ ٻارن سان، کري تال تنوار

ٽڳا ٽوڙي هاڻ ڇڏ، ورق ڪل وسار
ٻئي پيري ان پار، ايندس ڪونہ اصلئون.
46- ايندين چو نہ اصلؤن، ڇڏ دوست دلاور! داءُ
تڏي دل تاهر سان، هيڪر هتڙي آءُ
حقيقت هن حال جي، ڪري پڇ پڇاءُ
اڇي جاچ جلد ۾، ترت ڦٽو ڪري تاءُ
ٿاهج ڏوهہ ٿلهيءَ تي، سڀ وس تنهنجي آءِ
ڏکيءَ تي ڏکن ڪي، وَڏڪ ڪين وڌاءِ
ڪوڙين ڪهاڻين تي، ڪينڪي ڳَن لڳاءِ
ڏکي دل ڪي ڏکڙو ڏئي سرس ڪين ستاءِ
غمن منجهہ غلطان ڪري، گوندر منجهہ نہ گهاءِ
ڊڄ ڪجهہ ڊاءِ خداءِ، مار نہ هن معذور کي.
47- مومل! ويهہ ماٺ ڪري، ڪوڙو ڇڏ واپار
مناسب نہ اٿئي مُنڌ ائين، مردن سان مونجهار
ڪوڙي! ڪندينءَ ڪيترا، ڪوڙا قول قرار!
ڇَجت هل نہ هيتري، سرت رک سنيار
هاڻي ڇڏي ڏي هوري تون اجائي آ تار
هلندءِ هڪ نہ هتڙي، ڪجهہ پيي دُرس ڏتارُ
ڪوڙ نہ ڪر ڪانڌ سان، ڇڏ تون هيءَ پچار
اجايا نہ الزام ڌر، ڏيٽي ههڙا ڊار
ايندس ڪين اصل مان، وَسَ نہ ڪر ويچار
ڇڏ هيءَ طرح تار، نہ تہ جوکو لڳندءِ جان ۾.
48- لڳس جوکو جيءَ ۾، آخر عين آپر
منٿون ڪري ماٺ ڪيئين، رڪيئين سڪ ٿمر
راڻي ڪييو ڪينڪي، دل مان ڏوٺ ڏمر
ڏُرڪي پيو ڏِٺ ۾، ڪارو ڪري ڪُر
الله جوئي امر، ڪا حاجت ناهہ هيٺيءَ جي.
49- حاجت ناهہ هيٺيءَ جي، ڇاڪندي ضاعفان ذات
مئي مُنڌ مفت ۾، محبت ٿيس نہ مات

راڻي ڄڃي رڳ رڳ ۾، طلب هيس تات
سوڊو پئي سنياريو، ڏکيءَ ڏينهان رات
مرڻ تائين مينڌرو، هيس وائي وات
ويهي رهيس وجود ۾، گوندر کري گهات
لُنئن لُنئن اندر، لال چئي، ڪيس نينهن نهات
ساڙي سِر سَرهي تي، چوريءَ چپ چپات
آخر تي اُثبات، اونهي عشق عميق جي
50- اونهي عشق عميق جو، ناهي پتو پار
وڃيو جن وجود ۾، وِرهه جو واپار
پاڙيو تن پرينءَ سان، اَلستي اقرار
ڏئي سِر سَرها تيا نشانبر نروار
هتيا ڪين، توڙي تيا، سوريءَ سزاوار
”وَهو خيرُ لکم وَلٰڪِن لاَ تَشعُرونَ“ تيو انهيءَ لئي اظهار
ڪلمون جن قرار، ويندا سي ايمان سان
لا اِله اِلاالله محمد رسول الله

# 4_ بيت پانڌي پنهور جا*

1- اول نامر الله جو، جنهن جوڙي جڳ راس ڪيو
ٻيو پير حضرت آدمر، جنهن آدمر بنياد پيدا ڪيو
ٽيون پير حضرت ابراهيمر، جنهن حلال حرامر جدا ڪيو
چوٿون پير محمد رسول، جنهن تي ڏُر ڪلمون راس ٿيو
پنجون پير قادر محي الدين، جنهن درس ورائي دين ڪيو
ديون ۽ پرين تي، پانڌي چئي، هن جو حڪمر بيشڪ برحال هو
جڏهن راضي رب ٿيو، تڏهن رڪيئين مرضيون محبوب جون
20- رڪيئين مرضيون محبوب جون، رڪيون رب رحمان
قطب بنايئين ڪتيون، ٻيو عرش زمين آسامان
شمس بنايئين چنڊ ٽي، ٻيا هرڻ مرون حيوان
جادمر خلقيائين جڪرا، سپڙ ڪيائين سلطان
ڪئين شاهه سڪندر خلقيئين جهڙا دولهه دريا خان
ڪئين اڪابر عقل جا، هئا جمجما جهڙا سلطان
ڪل ٻوڙيائين ڪن ۾، مئي متي مهربان

---

*. متن جو مدار ٽِن روايتن تي آهي: هڪڙي روايت (تعلقي ٽنڊي باگي) مان پير بخش جمالي کان، ٻي روايت (تعلقي حيدرآباد) مان سليمان جهانجهٽجي کان ۽ ٽي روايت ماڪوڙو رونجهي (وينل لڳ پٽورو) جي زباني قلمبند ڪئي وئي. ماڪوڙي رونجهي واري روايت بنيادي طور رکي وئي آهي.

پانڌي پنهور پنگريي تعلقي ٽنڊي باگي جو وينل هو. (ٻي روايت موجب ڳوٺ بخش نظامائي تعلقي ماتلي جو وينل هو، ٽي روايت موجب راڄو نظامائي تعلقي ماتلي جي وينل هو، ماڪوڙي رونجهي جي چوڻ موجب عمرڪوٽ جي طرف جو وينل هو.) پهريائين پارو ابڙي سان گڏ چوريون ڪندو هو ۽ هڪ دفعي جيل ۾ به ويو. "ٽر واهه" جي جيلر ڪيس ڏک هنيو، جنهن تي سندس ساٿين "سوني چانگ" ۽ "گلڻ چچر" جيلر کي ڏک هٽي ڪيرائي وڌو. جيل کان پوءِ توبهه تائب ٿي چوري ڇڏيائين ۽ پنهنجو پورهيو ڪيائين. ٻه پيرا حج تي به ويو. ٻئي پيري حج ڪندي وفات ڪيائين. مختلف روايتن موجب اندازاً سنه 1318 هجري ۾ /1900ع وفات ڪيائين. جواني ۾ عشق جي چوٽ لڳس ۽ بيت چوڻ لڳو. ميڙن مجلسن ۾ نڙ تي بيت چوندو هو.

پاڻي موتيو پوئتي، اڇي مڇيون مڇ موتيا
لڏائين سڏ سماءِ، حقيقت تنهن هڏي جي.

8- حقيقت هڏيءَ جي، ڏسان کهڙي آهي کا
ڀڄڻ تن پانهن سان، ڪري سئيس صلاح
ڪٺون صندوقون سڦريون، ڪڙين منجهه ڪڙا
خان خزانو پانهنجو رکي تو، دليان منجهه دريا
هڏي پاڻ هٿان، ٻئي ڪنهن کي ڏئي ڪينڪي

9- ڪنهن کي ڏئي ڪينڪي مور پنهنجي محلن
اصل تنهن کي اولاد جون ڏيئرو ست سُڄڻ
مومل، سومل، سهت، سليمت، سهجان، سوڍي، مرادي منجهن
گام پنهنجي ۾ گجريون ٽيون راڻوڙيون رمن
پينگهه وَٽايو پٽ جي، هو ليمي لام لڏن
ٻيٽيون راجا پوچ جون ڪيوڙي هيٺ ڪتن
چرخا چندن عاج جا، ٽيون پڙا پڙ پچن
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾، هو خون ڪلندي ڪن
پَرين ڪين، پانڏي چئي، وجهيو وير وتن
ستئِي ٽيون سڄڻ، ٻيٽيون راجا پوچ جون.

10- ٻيٽيون راجا پوچ جون البيليون اُتي
راجا ڏنو هو رکٽو مٽيو مومل کي
ڪنهن کي ڏجان ڪينڪي سڀي سومل کي
متان پڇئي ڪو، پانڏي چئي، ڏُتريو ڏُتي
پيءَ جي ڳالهه پتي، مومل رکج من ۾.

11- مومل پنهنجي پيءَ سان ڳوري ڳالهائي
ابا! توکان مِنو مون کي هڪ الله سو آهي
ورنهه تنهن وينجهارن کي تي سوپي سڏائي
هڏي پنهنجي هار مان تي جُودان جوڙائي
ڳوري هار ڳچيءَ ۾ پويو تي پائي
عقل منجهه آهي، مومل مڙنيان کان گهٽو.

12- هليو هو هنگلاج مان سامي سٽ ڪري
چيلهه ٻڌائين چمڙا، مٿي جان جڙي
ٽيو ٽم پنڌ پري، نه ته مٽيو وٺي موٽي اچان.
13- مٽي جي مذڪور جو لڳن روح اِهو رايو
شهر راجا يوچ جو هن، پانڌي چئي، پڇايو
سو مون سُڻايو، جتي گام رهن ٽيون گجريون.
14- سامي ويل صبوح جو ڪري آيو ويس وڳا
مومل جي ماڙيءَ تي اچي هنيئين سين صدا
پرهه جو، پانڌي چئي، نڪتي دائي در اڳيان
پڇئين: ڪير آهين، ڪاڏي وڃين، هتي تنهنجو ڇا؟
مومل جي ماڙيءَ تي ٻڌو اتئي ڪهڙو هُل هُيا!
بابو وٺ بڪيا، وڃ پنهنجي واٽ سان:
15- چيئين: وڃان ڪيئن واٽ وٺي آيو آهيان ڪابلئون ڪاهي
مرادون منهنجي من جون، مَن پير به پجائي
زاري ڪندس زبان سان، پاند پَلؤ پائي
مومل منهنجي مُنهن تي، من ڳوري ڳالهائي
وجهانس نام ڏٽيءَ جو، ڏي مون کي هار هتان لاهي
تون وڃ ٻانهي ٻولائي، وڃي منهن تي چئو مومل کي.
16- مُنهن تي چڙهيو مومل کي، تي ٻانهي ٻولائي
ته ڪنهن پر آيو ڪاپڙي هي بيک به بنائي
سُونهون تو ۽ مومل ججو، هي اصل ڪؤن آهي
پاند ڳچيءَ پائي، هو هر هر تو هار گهري
17- هو هر هر تو هار گهري، بينو ور ڏيو وينجهائي
دائي! تنهن درويش کي، ڪي ڏنئي ڇتائي؟
ڪهڙا اتس ڪپڙا، ڪهڙي اُهجاڻن آهي؟
پڇينس وڃي، پانڌي چئي، نانءُ هن جو ڇاهي؟
متان چور چَريو آهي، جو هر هر تو هيرا ڏئي!
18- مومل! سامي مون سوَ ڏنا، ههڙو ڪونه ٻيو
مومل مومل تو ڪري، ويراڳي ويهيو

جوڳي منهنجي جيءَ ۾ اندر روح رهيو
اٿم اعتبار اِهيو، تہ سامي ورن آهي سون جي.
-19 سامي ورن سون جو، جيئن اُبري چوڏهينءَ چنڊ اُڀاءِ
هٽي هٽ اُتي وئي، مومل محل سنڀاءِ
اهي پار، پانڌي چئي، مون کي دل ۾ درس لڳا
قسمت آندم ڪاپڙي، منهنجو سامي سيتل راءِ
بيٺ ٻڌائين بگريون، مورئون منهنجي لاءِ
هار تنهن کي هزارين ڏيان سر صدقو ساهہ
هاڻي سومل ڪر سماءِ، ڪنهن پر ڏسون ڪاپڙي.
-20 سومل سمجهائي، ٻاهر ٻانهي موڪلي
انهي تنهن فقير سان اسان جي آلاڪو آهي
وڃي اچينس وقوف سان لوڪان لڪائي
جيڪو تو سامي سڏائي، سوراءِ وٺي آءُ روبڪار.
-21 راءِ وٺي آ رُوبڪار، وير انهيءَ ويرا
دائي تنهن درويش اڳيان تي پريو ڏي پيرا
هل توکي مومل آڻايو، سامي موچارا
هو تہ گجريون گلبدن جون، جيئن طرح مثل تارا
تنهنجي روز ڏسڻ ڪاڻ، هو تہ ڊول! هٽن پيون ڊارا
پڇن ٽيون، پانڌي چئي، ڪانگ اُڏايو ڪارا
وير انهيءَ ويرا، گڏجي گوليءَ سان هليو.
-22 راڻيون رانئي هليون، سيتل سجاڻي
گيڙو ويس گودڙيون، لنگ ٻہ لاٿائين
مومل جي ماڙيءَ تي، اچي پٿون پهريائين
شيشا گل گلاب جا، عطر اوتيائين
منيون ڳالهيون مومل سان ويهي ڪيائين
ايهين تي چيائين، ”منهنجا اچ غم لهي گوندر ويا“
-23 غم لهي گوندر ويا، ٽيڙم ڏينهن ڏٺي
ستي هئي سيتل سان، مومل محل مٿي
ڪلندي هار ڪٽي ڏنئين، سُتي سيتل کي

هڪڙي خبرخاوند کي، ٻي توکي ۽ مونکي
کنهن سان ڳالهه ڪٿي، هاڻي نہ ڪج هار جي.

24- مومل ٽِي هار ڏئي، هڏيءَ ساڻ هڏي
علم ۽ حلم جي ذات،ساميءَ وٽ سَيي
جادو هن جوان کي، هر کنهن دل کسي
آدم، تنهن کي آدمي، ڏينهنڪ ڪونہ ڏسي
اُها مومل تي سکي، جنهن کي سامي ڳن سيکاريو.

25- هاڻي سيتل هليو سنبهي، سامي ستين ڏينهن
گيڙو ويس، گودڙيون، ڪنيا سامي پاڻ سيئن
موهي تنهن مومل کي، ويو نهوڙي نيهن
ساريو ويني سڏ ڪريان، ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن
ڪڏهن ايندو ڪاپڙي، هلي مون وٽ هيئن
ڏيئي اعتبار ائين، سامي وڃي سنبهيو.

26- سامي هليو سنبي، نينهن لائي نيهي
ڏاڳا ڏوئي هليو، وير ڪنهن ويهي
ات اعتبار اچڻ جا، ورتا مومل مڙيئي
هار ڪٽي هيئي، سامي سنبهي هليو.

27- سامي سنبهي هليو، دل جهي داناءُ
وَسؤن وهندس ڪينڪي، جاٽي هڪ الله
انهيءَ تون انجام تي، مومل ڪج سماءُ
وير ڏيئي ويساهہ، سامي سنبهي هليو.

28- سامي سنبهي هليو، تي مومل موڪلائي
رهہ اسان وٽ راتڙي، جا اڃوڪي آهي
پوري ڳالهہ، پانڌي چئي، وڃي ساميءَ سٽائي
مون وٽ منهن نائي، ڪڏهن ايندين ڪاپڙي!

29- قسمت وس ڪاپڙي، جي ايندم ايڏانهون
مومل! تنهنجي من سان، اتم جيئري جاٽائون
پوريون ٽيندم، پانڌي چئي، روح جون رٽائون
ماڙيءَ مٽائئون، مومل! منهن ڏيڪارجان.

30- ماڙيءَ متي منهنجا پرين، ڪنديس شمع شعاع
پير پري پانڌي چئي، الله لڳ پيو آءُ
سؤ پيرا صدقو ڪريان، سامي تو تان ساهه
توڪان بنان پاءُ، ڪُل پانيان تي ڪاپڙي.

31- راجا سان رلمل تي، سڀ سليو سومل
ڪاوڙجي ڪارو ٿيو، زومي ڪائي زحل
جو مٺيو ڏنو ماڻءِ مومل، سو هار وڃايئي هٿن سان.

32- سامي سنبهي هليو، ڪؤن مومل موڪلائي
اها ڳالهه به راجا نند ڪي، ڪنهن وڃي چئي چتائي
ته مون جو مومل توڪي ڏنو، هار هڏيءَ پائي
سو ڪامڻ منهنجي ڪم جو، ڏي مٺيو موٽائي
ڪالهه به ڪوٺائي، جيڪو راجا ڏيئي ويئي رکٽو.

33- راجا ڏيئي ويئي رکٽو، منهن برابر مون ڏي آهي
پر ڪنٺا، ڪِستيون، ڪيوٽيون، آيو لنگ بنديون لاهي
نانگ بند هٺا نانگي ڪي، آيون آلفيون اوڍائي
گيڙو ويس گودڙي، آيو سامي سڏائي
ڏسيو تنهن فقير ڪي، مون ڪي تو خوف وڏو ڪائي
صدقو تنهن سر جو، ڏنم گهورون گهمائي
اها خبر راجا نند ڪي، تي چيو سٺائي
جيڪو ڏنو مون لاهي سو ڪُرڪج ڪيم ته قبول پئي.

34- چئي: ڪُرڪان ڪيئن ته قبول پئي، جو ڏنئي هُونهِين ڏاتار
ٿيئن پٽائڻ پيءَ جي، سڙيئن سڀ چمار
هار گمايو هٿن سان، هاڻ تي طرح بتائين تار
ڪيئي ڪروڙيون لکها، انهي هڏيءَ ۾ هزار
ٽڪا راجا نند جا، تو گمايا گينوار
هاٿي سڪنديڻءَ سڀ چمار، سارينديڻءَ سهاڳ ڪي.

35- سارينديس سهاڳ ڪي، منهنجو حال سٽج هيءُ
قضا ڪم ڪري وڏو، هار هٿان مون هيءُ
پڇي ڏس، پانڌي چئي، رکي مور نه ريءَ
پاڻ مَ لوڏج پيءُ، مون ڪي ماٺهو ڏيندا ميهٽا.

36- ماڻهن جي مهڻن جو، توکي هئي! حيا نہ پئي
ڪامڻ رکيئي ڪانہ ڪا، پيءُ جي ڳالهہ پتي
اسان ۾ تنهنجون ڳالهيون، هاڻي ڪندا ڪي
صبوح سڀ سڏي، سومل بہ سوريءَ چاڙهيندس.
37- سومل جي سوري چاڙهئي مان، توکي ڪوندو ڪيئن خدا؟
مومل جي مارئي مان، وري ورنديئي چا؟
اڳيان سرڪار صاحب جي، جتي پڇاڙو پڇندا
اتي تہ نہ هلندا، دنيا دولت پاڻ سان.
38- چئي: دنيا دولت مونکي پانهنجي، نڪا مون ٻئي جي چورائي
مومل سومل تيون ڪنئي، در متي دائي
ڪٿي پير پدمٽي، هلي جا آئي
مومل پنهنجي منهن تي، سرتين سمجهائي
هار ڳُمايو هٿ سان، هاڻ تي موٽائين مائي!
سومل ڳالهہ سچي ڪري، سيڪنهن سڻائي
بابا، ڪالهہ هتي جو ڪاپڙي آيو الاهي
ڪلندي هار ڪٽي ويو، تيو رند وني راهي
اها خبر راجا نند کي، وجي ڪنهن سڏي سڻائي
پوءِ لوڏي لڏائي، مومل پنهنجي ماڳ مان.
39- ڪامڻ ڪنيا ڪرڙ جا، پهہ ٻڌي پوٽيون
مومل ڪنيو پاڻ سان، پينر سڀ پيڙيون
پرچڻ جو، پانڌي چئي، هن موٽايون ميڙون
ڪاڪ ڪنڌيءَ ڪيڙيون، وجي لُڊاٽي لهي پيون.
40- لُڊاٽي پاس لهي پيون، هِرڪي پَسي هير
مومل ميڙون موڪليون، واري وِير وزير
آيا راجا نند جي، دران دَر فقير
مدايون مومل کي، تاب ڦٽا ڪر تقصير
اهي خطائون خانن ڪان، پيون اصل تين امير
ڪر منيون ڳالهيون مير، پرچڻ جون، پانڌي چئي.

سامي سهٽا ڪپڙا، تو کهڙي روپ رتاءِ
متان آهين ڪڪوريل ڪاڪ جو، جيڪا ڪاڪ سُڃي تي ڪا
مون ڪي سچي ڳالهه سڻاءِ، ڏي حقيقت حال جي.
-50 حقيقت سُڻي منهنجي حال جي، ٽيندين ساهه سڌير
پيارين پانڌي چئي، اڳيان ڪاڪ ڪبير
چئي: ويتل جيسلمير جو اصل آهيان امير
قسمت ڪيو آن ڪاپڙي، نه ته چوي ڪير فقير
چڏيو ملڪ ملير، تن ويتن ڪان وريو وچان.
-51 ويتن ڪان وريو وچان، گفت ڪري گوئي
سامي ساندارِي ڪڇَ ۾ اصل ڪان اوئي
تنهن ڪان مير مينترِي وير پڇيو ويهي
ذات سڻائج پانهنجي، هجي جيهي سا تيهي
مومل جي ڪاڪ ۾ تو ڪل ڏني ڪيهي
سوڍي سان سچي ڪري، راوَ ڏنو روئي
مون مان مڙد مقيم هئا، صوبا سيئي
مومل منهنجا مارائي چڏيا، ناتر ڪُل نيئي
سڀ مارايا سنگي، منهنجا مومل مڙيئي
ڳالهه ڪريان ڪيهي، جيڪا ويئي منهنجي وس ڪان
-52 ويئي تنهنجي وس ڪان، سا ورنهه! ڳالهه وسار
سامي سُترڪي سوڻ لاءِ، مونکي پاڻي پيار
ويهه ته ڪريون ڳالهڙيون، گهڙي مون وٽ گهار
مون ڪي منهن ڏيکار، سامي! ساعت هڪڙي.
-53 سامي سانداري ڪڇ ۾، پاڻي پاتائين
وٽو پري وير ڪي سوڍو سڌيائين
ڪَڪو پاڻي ڪاڪ جو ڏوران ڏنائين
ائين چيائين، تو مونکي راڻو ڏسي ريب ڪيو.
-54 هي ڪَڪو پاڻي ڪاڪ جو، تون راڻا! پانءِ مَ ريب
انهيءَ پاڻيءَ ۾، پانڌي چئي، ڪونهي ڪيب ڪريب
مومل جو مير مينترا جي هلي ڏسين ظاهر زيب
متي ڪٽ ڪريب، تي ڪاڪ بنائي ڪامڻي.

-55 ڪاڪ بنائي ڪامٽي، تي بنائي پازار
وڏئين ڪڻ ڪريب جي، ٻي ڪرت نہ ڄاڻي ڪار
هل سامي! ور پوئتي، هلي مومل مُنهن ڏيڪار
جيڪا ملڪ سڄي ۾ مشر آهي، نام وڏي سان نار
اٿم توسان قول قرار، منهنجو مومل سان مقابلو.
-56 چئي: مومل سان مينترا! ڪنهن جي چلي ڪانہ
سوڍا! ڳالهہ سلوڪ جي تون ويهي سڻ وريام
لشڪر ڪروڙيون لڪ هئا مون سان جوڙ جوان
ميناڪاري مولهيا، ڏاڍي دور دمام
ڪالهہ هئاسون ڪاڪ ۾، گڏ گجر جي گام
مومل، چئي مير مينترا! ماريا تي مزمان
اهڙي پارين، پانڌي چئي، منهنجي ڪاڪ چلي تي ڪانہ
پوءِ ايڏي ڪان ارمان، موٽيو وڃان ٿو مينترا!
-57 سچ ڳالهاءِ سامي! تون جُوٺو ٻول نہ يار
موچاري مومل جا، پانهہ! ڏي تون مونکي پار
جوڳي لڳ جبار، مونکي ڪُتا ڏس ڪٽي ڏي
-58 وري وڃ نہ پوئتي، توکي چڱيان ٿو چاهيان
هل سامي ور پوئتي، توکي هلي مومل پرڻايان
موڙ ٻڌائي مونگهنا، تنهنجا چوڙنگ چٽايان
ميندي پاڻ هٿن سان توکي لاڳ هلي لايان
سهرا آٽي سونَ جا توکي ڀهڳڻ! ٻڌايان
جن تنهنجا گهاتو گهائيا، تن جون گوليون گهرايان
جا مشر آهي ملڪ ۾، سائي مومل پرڻايان
ڪوڙ نہ ڳالهايان، تي پوري ڳالهہ، پنهور چئي.
-59 پوري ڳالهہ، پنهور چئي، تنهنجي اصل ڪان آهي
پر ڪيئن هلان ڪاڪ تي سامي سڏائي
ڪالهہ انهيءَ ڪاڪ تان آيس وارو وڃائي
ٻيٽيون راجا پوچ جون، ڏينديون طعنن سان تائي
تہ اجهو مومل ماڻڻ آئيو، جيڪو ڪالهہ لنگهيو هتان ڪاهي

مرڻ چگو مينترا، انهيءَ مومل کان آهي
لڏاڻي لاهي، منهنجا ڪل مارياڻين ڪاپڙي.
60- ڪل مارياڻين ڪاپڙي، تنهنجا سامي رات سُتي
ڏي پار، پانڌي چئي، مومل جا مونکي
آءٌ وچان اوڏهين، ڪاهيو ڪاڪ متي
هوءَ ڦري تي فقيرن ڪي ڏتاريو ڏُتي
مومل جون مونکي، اچي خان سڻاءِ خبرون.
61- مومل سومل اٿئي مينترا، موچاريون محلن
دايون ٻايون ان جون، ٿيون حرفت ساڻ هلن
گهيڙ گهڻيون گهاپ گهٽا، جت واهڙ پس وهن
تيرهن طاق تلاءِ ڪي، سنديون بحر نمن
ڏسيو دؤر درياءِ جا، ڪيئي دانهه پيا دهلن
سامهون وچ مَر تن، راڻا راٺوڙين جي.
62- راڻا راٺوڙين جي، ڳالهه ڪريان ڪيهي
لشڪر ڪروڙيون لک هئا، مون سان مڙيئي
تنبو توشڪ پاڻ سان، هئم قناتون ڪيئي
ڪاهي آيس ڪاڪ تي، اچي وير رهيس ويهي
مومل مزماني ڪري، ناتر سان نيئي
سڀ ماريا سنگتي، منهنجا مومل مڙيئي
ڳالهه ڪريان ڪيهي، سوڍا! انهيءَ سور جي.
63- سوڍا انهيءَ سور جي، ڳالهه ڪريان ڪائي
لڳن پهه، پانڌي چئي، اٿن وات اها وائي
ڪاڪ پڇائي ڪاپڙين، چئني چتائي
ڪونج ڏنائون ڪُنبتي، جيڪا اول کان آئي
تون ڪاڪ ڏجاڻي ڪوٽ جي، تون ٻانهي ڪِي ٻائي؟
چئي: ڪاڪ ڏجاڻي ڪوٽ جي، اُتي آهي ٻائي
آءٌ تن جي در جي، دانهه آهيان دائي
سڄي سيڪا ئي، سُڻ سڻايئين ڳالهڙي

64- گهڙو ڪٽي گهيڙ تي، اچي ڏوتائين دلو
تنهن ڪان همير سومري، پر ۾ ايئن پڇيو
تہ مومل نالو تنهنجو، تون ڪوڙ ڪريين ٿي ڪو
پچائي پانڌي چئي، اسان توڏي پنڌ ڪيو
پاڻي پرج پو، پهرين ڳالهہ سڻاءِ ڳجهہ جي.

65- ڳالهہ سڻايئين ڳجهہ جي، کهڙي وري ڪا
پاڻيءَ ۾، پانڌي چئي، تنهنجو وجي ڇا؟
ڪير آهين ڪاڏي وڃي، نالو نانءُ ٻڌا
انهيءَ ٿڙ مٿا، لوڏيو وڃي لال ٿيو.

66- لوڏي ڪين ڪاڪ مان، مسافر اڳي
ڪکو پاڻي ڪاڪ جو، تاري ڪونہ تڳي
اٿو ييٺي منجهہ يڳي، آن ڪي چڳائي ٿي چوان.

67- سورهہ آهيان سومرو، نالو مون همير
ويٺل عمرڪوٽ جو، اصل ڪان امير
هليس حب تنهن جيءَ ۾، وٺي نال وزير
مومل ڏٺيم خواب ۾، جنهن لاءِ ڦري ٿيس فقير
انهيءَ پر، پانڌي چئي، ٿيم دل دلگير
پت رکندين پير، تن ويلن جو ويج ٿي.

68- ويندن جو ويج ٿي، ڪر الله لڳ احسان
راڻو ٿو همير سان، ڪري بات بيان
ٻانهي ڏسي ٻهترين، مورک مَت اَجاڻ
مومل سُجي ٿي ماڙئين، جنهن جي ڪل پوي ٿي ڪانہ
ٻاهر تنهن جون ٻانهيون، پاڻي پرين پاڻ
سامي سرت سجاڻ، ناتر سپ نمائيا

69- ناتر نانءُ ڏٺيءَ جي، تون ٻانهي ڳالهہ ٻڌيج
منهنجي پارئون مومل کي، هلي حال ڪريج
ڳجهہ اندر جون ڳالهيون، سومل ساڻ سليج
وري ورندي ڏيج، ڪا موچاري مومل کي.

70- هلي لاھ همير! دائيءَ هٿ دلو
رھ همير سومرا، تنهنجو ڪندو شاھ پلو
گھوڙا گھوٽ جھليو، ترسي پٺو تلاءَ تي.
71- ترسي پيا تلاءِ تي، ڏسي باغ بهار
موچاري مومل جي، وٺين گويا ۽ گفتار
ٻانهي ٻاروٽڻ جا، ڏئي وئي قول قرار
خان بہ خبرچار، ويهو تہ آن ڪي وري ڏيان
72- ويهو تہ آن ڪي وري ڏيان، حال سندو هنن
ٻانهي ڳالھ ٻڌي موٽي وئي محلن
سڻائي سومل ڪي، سيئي پار سندن
ڪٽن راند ڪريب سان، ڪل نہ ڪنهن سان ڪن
آهن مزمان مومل جا، ٽا سومرا سُڄن
مومل وائي وات ۾، اهائي اٿن
ٻانهي! وڃي چئين، سوڏيون سڻايو خبرون
73- مومل مومل ڪندي مينڌرا، هتان لکين لک ويا
اهي ڪاڪ نہ پهتا ڪاپڙي، سي رئندا رت ويا
هل تہ ڏيکاريئين، حاجي پانڌي چئي، تن جا پڊ پيا
ري مومل مايا، ٻئي ڪنهن وٽ اڃي ڪانہ ڪا.
74- چا مومل، چا ماس، چا وس آهي واجاٽي جو
هو ڦري تي فقيرن ڪي ٻڌيو لَر لباس
هٿ بہ ٿيندو، حاجي پانڌي چئي، اڳيان حق تپاس
پر تون بہ ناتر ٿيندينءَ ناس، جو تو آهن ڪاٽي! ڪوھ بنايا.
75- چئي راڻا! ڪهڙو آهي وس ٻانهيءَ جو، جا هئي بندي حڪمن
توڪي مير مينڌرا چوريو ڪن چَرين
هڪ مومل، ٻي سومل، ٽي سهجان پڻ سندين
حرڪت حاجي پانڌي چئي، مور تنين جي من
مومل جي ڪاڪ تي ٽا لکين لک اچن
گھوڙا تن گھوٽن جا، هئا نقرا تن نيڪن
سرخا، سنجاف، سمند هئا، هن جا بادامان پڙڪن

بور، بودليا، بينسريا، تن جا ڪاڇي ڪوڏ ڪڏن
ڪارا ڪٽ ڪميت هئا، جڙيا جنجيرن
ڳٽي ڳٽيندون ڪيترا، تن جا چينا لڪ چون
سونا تخت صاحبيون هيري هنڌ سنڌن
مينترا! مون من، مون ڪان وير وسرن تا ڪينڪي.

-76 [ناتر چيُن ناز مان] تہ تي راءُ سڏي راڻي
هو ڪندو عرض الله ڪي، ڏؤنر بہ ڏينهاڻي
مومل مونکي ميليين، هادي! تون هاڻي
ڳنڀي گوليءَ سان هليو، پنيان لڳي پاڻهي
ڪڙڪا سُئائين "ڪين" جا، جتي هئي مومل محلاڻي
مومل مزماني، ويئي ويچاري وسري.

-77 ويئي ويچاري وسري، سنگت سارياڻين
ڏڪويو ڏُسڪي گهٽو، هنجهون هاريائين
سوڙهيون گهٽيون سَوَ ٽيس، هاڻي وجي ڪيڏاهين
ڳوڙها ڳاڙيائين، هن جو جهڃي من جهيٽو ٿيو.

-78 جهڃي من جهيٽو ٿيو، رڪيس پاڻ الله
ناتر نيزو هٿ ڪيو، آئِي تي اڄان
آئي تي اوطاق تي ناز ڪيو نٽ تان
هلي اوهان مان هڪڙو مير هتان مون سان
ڏُئل ڏماچو اٿيو تہ "اول هلان ٿو آن"
لُنگي لال لڳن ۾ اڇي پهريائين پٽ تان
پاتائين پانڌي چئي، جهاڙولا جهٽ تان
مومل رايو روح ۾ آهي ڪو اسان ڏانهن
پاڻ هليو پُٺ تان، ٻانهي هلي مهند ۾.

-79 ٻانهي هلي مهند ۾، هن پوئتان پير ڪنيا
دهشت ڏسي ديهہ جي ڪڙڪا "ڪِين" ڪيا
ٿوري هوش هٿ هٽي سينهڙي سڏ ڪيا
واهر تج وڏا پير! مون تي آفت آئي آهہ
پئي ماڪ مٿانءَ، ڊونگر رات ڊري پيا.

سؤ رپئي تي ٻه سينڌ نہ منجي چڱا ائين چون
دنيا منهن ڪافر جو، ڪُوڙي ڪَنيلن
سخي حضرت شاهه جي منجهان گنج گهرن
ڳالهيون پيون ڳائجن، هر ڪنهن جون، حاجي پانڌي چئي.

91- هر ڪنهن جون، حاجي پانڌي چئي، پرور پت رهاءِ
يار سڏينئي مينڌرا ٻاهر تنهنجي لاءِ
هلڻ ۾ هِت وهڻ جي اسان کي خبر خان سڻاءِ
اسين تنهنجي لاءِ، هت وينا آهيون، حاجي چئي.

92- هت وينا آهيون، حاجي چئي، اسين تنهنجي لاءِ
ڪنوارن تي ڪاڪ ۾ ڪيا راڻي سان رهلا
لڏن ٿيون لُڏاڻي ۾ ڳوريون ڪيو ڳهلا
سوڍي جي سبباِن، عطر اُن اوتيو

93- عطر ان اوتائيو، طرح مڪيائونس تيل
تن جا هُل، حاجي پانڌي چئيم، سُڄن ٿا سويل
وساري تنهن ويل، سوڍي سنگت پانهنجي

94- سوڍا سنگت پانهنجي، وير مَ تون وسار
تون منهنجو ولهو آهين، آن تنهنجي ڪنوار
هيڪر همير سومرو اچي ڏوران مون ڏيکار
ڍاري راند رهاءِ، سوڍا! ساعت هڪڙي.

95- سوڍو ستين ڏينهن آيو، هلي وٺ همير
لکيو پاران رب جي، هئي طرفان اها تقصير
هل، توکي مومل آڻايو، سومرا سٽير
مينهن ڌهڻ جي لاءِ ڪير، آيس راڻو ريب ڪري.

96- نکي مُنهن ميهار جو، نکي آهي ڌراڙ
نکي ڄاڻي ميهُن مان، نکي آهي سنگهار
پروڙيم پانڌي چئي، آهي سومرو سردار
نالو هن جو همير آهي، ملڪ ڏٺي مختيار
منهنجو ٿئي ياءُ، تو راڻا هن سان رڻ ڪيو.

# بيت سليمان فقير جا*

-1 ڊوليو ڊيريو ڏِٺ کي، جهڻي جهونجهاري
ڪام هنيائين ڪرهي کي، ڪا ڏاڙهون جي ٽاري
مومل اٿي محل مان صبح سواري
تنهن آهڙ ڏني اڳتان، ڪري ترت ٻه تياري
پير ڏٺا پڻي تي، نمي تنهن ناري
سا سامهين ٽي سُومل کي، ٽي وسائي واري
اڄ قيام ڪري ڪاري، راڻو رات رُسي ويو

-2 مومل مجلسون، آهن توريءَ حق حرام
مَسڻ ڀانيان ٽي مينڌرا! مڙيئي ماڳ مقام
دوزخ جهڙي دل کي، ساري ڪاڪ قيام
اڇين تہ عيلون ٽين، وري تون وريام
ٻيڻيون راجا نند جون، ٽين گولين جون ٻہ غلام
سيئي، سليمان چئي، توکي سوڍيون ڪن سلام
اٿئي وچان راڻا! رام، جي وير وسهين ولها!

-3 ستُنهن نہ ڪڻ سهجان جا، وسهڻ ڪان ويئي
ڪئين پيرا ڪاڪ تي، آءٌ آيس رات رهي
محرم هئس محلي جو، سوڍو آءٌ سهي
سُتي سيتل راءِ سان، ڏيئي ڏيل ڏهي

---

* . هي روايت ٿرپارڪر (تعلقي مٺي) مان رائچند ڪان ملي.
سليمان پٽ محراب ڪورائي، ويٺل ڳوٺ ٻليو خان ۽ شاهو خان ڪورائي، تعلقو سامارو، اصل صوفي فقير ڪان ٻن ميلن جي پنڌ تي ويٺل هو. 1928ع ڌاري زمين جي سٽي تي لڏي اچي موجوده هنڌ تي ويٺو. فقير صاحب1834ع ۾ ڄائو، سليمان فقير جون صحبتون محمد عالم ڏيرو پٽ وارو، جيوڻ نون، منٺار فقير راڄڙ، پير فضل علي شاهہ ساگري وارو ۽ محمد فقير ڪُنڀاڻ سان ٿينديون هيون. فضل علي شاهہ وٽ شعر چوڻ شروع ڪيائين. اُن وقت سندس عمر پنجاهہ ورهيہ هئي. سنہ 1945ع ۾ وفات ڪيائين.

ڪريان راند رُڪ جي، پر ويس سور سهي
جو خواري ڪم نہ خانن جو، واچڻ ناھ وهي
دائم منهنجي دل کي، ڏني درد دئي
ٻي مومل منهنجي من تي چاڙهي ترت ٿئِي
تڏهن معلوم ٿيا مونکي، اهي مڪر مڙيئي
جنهن لاڏ ڪيا ٿي لڪڻ سان، مٺان لوڏ لهي
سا سُجاپوءِ، سليمان چئي، هئي سندي لام لئي
جنهن ڪليو ٿي ڪنئي، سا تہ ڪام ڏنيمانس ڪچ ۾.

4- ڪانهي انهيءَ مام جي، ڏين نڪا وٺن
ٿوري گهٽي ڳالھ تان، راجا ڪين رُسن
دائم دريافت دل جي، ڪوڏيا تا ئي ڪن
هٿڪيا اهڙي حال ڪان، سي وڃڻ لاءِ وڃن
تڪو تير طلب جو، جيري لڳو جن
سو لوڏيو لوھ نہ نڪري، جو ڪتو ساڻ ڪنين
سوين سونارا ميڙيئين، ڪٽي لڪين لوهارن
اُڪري انبورن سان، پلي ورچي ويچ وڃن
وڏائي وس ڪيا، سوڌا سراٽين
لهي نہ لِڪ جيترو، جو مُرچو پيوئي من
سي ڪيئن مرد مِلن، سوالن تي، سليمان چئي.

5- سوال تہ، سليمان چئي، ڪي مانجهي تا بہ مچين
اڳلايون عالم ۾، عيب نہ اُگهاڙين
پرين پانھ پنهنجي سان، ڍولا! تا پر ڍڪين
مرد سامهان مرد، سي سينا تا سلين
ناريون اڳيان نرت جي، اچيو بَديون بخشائين
جي تڏي آيون تڪڙيون، سي نہ مهٽو موٽائين
سالون تن ڪي سر تي، تا عاقل اوڍائين
هڪاليو پنهنجي هٺ ڪي، تا هرگز هٽائين
سي صوفي سليمان چئي، تا سورهيہ سڏائين
منهن نہ مٽائين، حاذق پنهنجي حق ڪان.

6- حاذق پنهنجي حق ڪان، جي حاضر پائين حق
هي لائي لقب لوڪ ۾، لنگهي ويئي لڪ
ڪٽڪ جي ڪُتي ڪي، نہ توڙوُن رهي تڪ
سو ڏريوئي ڏوندي ۾، چريو هٽي چڪ
ٻڪري ڪي، ٻروچ چئي، جهڙو آمون تهڙو اڪ
سا مُنهن ڪٽي ڪيئن متي، جي نار ڪي هوءِ نڪ
پاڻهي ٿئين پڌري، تون زور زماني زڪ
محل سڀ مُلڪ، توکي موڪ ڏنو مينڌري.

7- موڪ نہ ڏي مينڌرا! نہ ڪر پنهنجي پڄاڻي
ڪڪوئي ڪاڪ تي پيتئي تي پاڻي
اڇي ڏنئي اوچتي، ڪٽ جڏهن ڪاڻي
نتر سُتي هئي ننڊ ۾، راجا ڪي راڻي
جاڳائي جانب ڪرين ها، ساجن! سڃاڻي
ڪُنڊي منهنجي قلب ۾، وڏيئہ هينئين ۾ هاڻي
ٻڌي ڏور ڏکيءَ ڪي، تڪي تو تاڻي
پلڪ پري نہ ٿي، هي ويئي وساڻي
ڪنهن سان هلندي ڪانہ ڪا، جوڀن جواڻي
وسري ڪين وجود تان، تنهنجي ڏاڙهي ڏهاڻي
پر موٽي وئين مينڌرا! ڪار ڪري ڪاڻي
گهايل تي گهاڻي، تون راڻا! وجهہ مَ رنج جي.

8- قلم متي ڪاڪ، تون والي ڪارڻِ وار
لائي لنئون فراق جي، تون ڏکي ڪر مَ ڏار
چني تان نہ چڏيان، تنهنجي ير يتار
لکين لڙهہ لڳيون، اڇي عيبدار
آءُ تني نہ جهڙي، هڪ نست ناز نڪار
تنهن تي پاند پناهہ جو، تون ڏولا! اڇي ڏار
جو سام ڪٽڻ، سليمان چئي، تو ڪامل جي آهي ڪار
اڇي مِلي منهن ڏيکار، تون مومل ڪي مينڌرا.

-9 چئي: مومل کي منهنجي آهي ڪانہ ڪاڻ
جنهن وٽ سگهر ساهيڙين جا، ريجهي ڪن رهاڻ
سٽيوئي سرهي ٿئي، ويني ئي واڪاڻ
ڪوڙيءَ کي ڪانڌ جو، جڏهن انگ لڳو هو اهڃاڻ
تڏهن ٻڏي مري ها ٻيڙ، سڄي سات ساڻ
پري تنهن جي ياڻ، سو مرو نہ اچي مينڌرو.

-10 واڻ وڍڻ جي وَلها! تون وائي ڪيم وار
ڀاڳ ٻڌي مون پاڙهي، اڪين جي اُڌار
سومل سُتي سيج تي، گويا لئي گفتار
آئي ننڍ نياڳ جي، اوڙڪ انتوڪار
تون موٽي وئين مينڌرا! رکي محب ميار
اها تِر نہ آهي تو ڏي، آهن مون تي حرف هزار
ڪا گهڙي ڪاڪ تي، اچي غم ڪائي گذار
ٽڪي اچي ٽار، مون تان بار بَديءَ جا.

-11 تو تي بار بَديءَ جا، پلي هزارين ٻہ هجن
نازڪ نياپا نينهن جا، ڪي ماڻهن هٿ مُنجن
ڪيل ڪم قلب جا، ٿا سيڪنهن ڪي سُجهن
حلون جي حق جون، سي سالڪ ٿا سمجهن
هَي اهڙي حال سان، چو ڏوراپا ڏجن
جي مِنٿن تي منجهن، سي نر ٻہ نارين جهڙا.

-12 منٿ نہ ڪر مومل! پاڻ ويهہ پلي
ڪاهي آئين ڪاڪ تي، ڪُڏي منجهہ قلعي
تو ڪئي توکي ڦٻي، اهو تو سان حال هلي
چني تند رڪ جي، سا ڪئين ريهہ رلي
مور نہ پرچي مينڌرو، ڪنهين باب ٻلي
هيو ان نيازن سان نياڳي، تو هيٺو جيءُ جلي
هيو جو سور، سليمان چئي، سو سرو ڪيئن سلي
سو ڪيئن مرد مِلي، داغ جنهن جي دل تي.

13- داغ تنهنجي دل تي، سو لائق ڪٽي لاهه
ڪانهي ڪا ڪانڌ ري، ٻي ور! اسان جي واهه
ڏيري ايندس ڏڻ تي، ڪندي ڪري ڪاهه
تنهن سُنهن تي، سليمان چئي، ويهي وٽ ويساهه
ڪڏهن ٻري ڪانہ ڪا، بحر متي باهه
راڻا! تنهنجي رهاڻ لاءِ، سِڪي ساهه پساهه
جو پريندي پساهه، تو سوجهي سوريءَ چاڙهيو.
14- دايون ديوانيون تيون، باغ مڙيئي بيران
جي اصل ايرادو آڻئين، گيتا متي گيان
ٻيو واحد واري موڪليو، آهي فضل سان فرمان
مولا ئي متي ڪيو، سندو قول قرآن
اچين تہ اعتبار ڏيانءِ، سارو سليمان
مرد رکن تا مانُ، ڪي ڪانڌ ٻہ ڪاٽيارين جا.
15- ڪاٽياري ڪانڌ جي، آءٌ نہ چوان تہ تيءُ
ڪڪو پاٽي ڪاڪ جو، وڃي متي پلنگ پيءُ
صلاحون سالن جون، وڃي سومل ساڻ ٿيءُ
هٿئون ويئي ڳالهہ لاءِ، جوڪي وجهہ مَ جيءُ
وڃي ويا ورهين لاءِ، راز رهاڻيون ريءَ
جو وري پانيئي ويءُ، سو تون پيلين پيل پلو ڪري.
16- پيليان پيل پلو ڪري، چڳي چوندم ڪير
هڪ ڪاٽياري ڪانڌ جي، ٻيو ور سان پانئي وير
ڪي ڏهاڙا ڪاڪ ۾، مون اورڪيا اُلير
ساري عمر ست ۾ هئم هيتاهين ڪا هير
واڱهہ ويهاريم واڻ ۾، شامل ڪري شير
تر پڪي ويا تي نہ ملي، مون سان ڪئي مُنهن مير
تون ماڙي آئين مينترا! ٻڌي چند چڳير
هٽي ٻاڻ، ٻروچ چئي، وئين ڪسي دل دلير
درد منهنجي دم تي، پري وڃائي پير
تنهن ڦٽيءَ تي ڦيٽي جي، دلبر ڪر نہ دير
جڏهن عشق ڪيو انڌير، تڏهن راڻا! تو رانديون ڪرين.

جو ماڻهو سڀ محيط ڪيا، تنهنجي جوڙ جمال
ڪوليئي خود خيال، تون ڏي حقيقت حال جي.

-21 حقيقت هن حال جي، تون سالڪ اُتي سڻ
رتيون ماسا رمز جا، چال چڱي سان چُڻ
جي ڪاريهل ڪاوڙجي، ڦري ڪدي ڦڻ
تہ سورهيہ کو سامهون ٿئي، ڏڱين ڏاري ڏڻ
مومل جي متي ۾ هئي ميناڪاري مڻ
گجر گاروڙين جا، تي وڏي چڏيا وڻ
تون ريبي راند ڪٽي وئين، خان! ڪُنائي ڪُڻ
پاڙون جي پاتار جون، سي لُنگيون ڪري نہ لُڻ
هاڻي بانڪا! سچائي بڻ، بخش بديون تون بادشاهہ.

-22 بَدين تان بادشاهہ، ٿيو ڪاوڙجي ڪارو
ٽپي اٿيو ٽڪاڻي مان، ڏيئي لُڏي لامارو
تنهن تڪ نہ رکي تڏي جي، ٿيو عاشق اُبهارو
راڻي جي بہ روح تي، اچي مڙيو مونجهارو
ابتڙ پيو عقل جو، کو ڊول هٿان ڍارو
هو نيهي نظارو، پر سوڌي سچاتو ڪينڪي.

-23 مومل محل اڏايو، اتي چڱو چتائي
ڪامڻ ڪاٺ قيمتي، تي گهٽا گهرائي
آڻيو انهيءَ جاءِ تي، تي ناهہ چڱا ناهي
لايو باڪس برهہ جا، تي جوڏئون جلائي
چڙهي ويٺي چوڏول ۾، سِر بہ سانباهي
اتي راڻي جي روح ڪي، وڌو نيهن بہ نمائي
پر مُنهن ڪري مينتري ڏانهن، ٿي مومل موڪلائي
هاڻي پرت بہ پچائي، ٿي ڪامڻ پنهنجي ڪاٺ سان.

-24 راڻي جي روح مان، رمي آيو راز
الٽي آيو اوچتو، ڪري پڪي جيئن پرواز
نہ اچي نار اڳيان، نمي ڪيو نياز
تو پهچائي پورا ڪيا، سندا قرب ڪواز

هاڻي لهي آ لحظي مان، تون عورت سڻي آواز
اهي مذاقون مجاز، مون مڙيئي توکي معاف ڪيا.

25- انهيءَ معافي جا مينترا! مون تان لڪ لڌا
جو پهرين سڻ پئي، مون توسان ٻول ٻڌا
اهي سچا، سليمان چئي، منهنجا وحدت منجهه وڍيا
موليٰ ئي مقبول ڪئي، منهنجي سينَ صَدا
هاڻي جاني ناهين جدا، تون دلبر منهنجي دل ڪان.

26- رڙ ڪري راڻو، گهڙي پيو گهوٽ
مُڙيو نہ مچ ڪان، هو اصل جو اڻ موٽ
مليو محبتي معشوق کي، چئنچل ڏيئي چوٽ
اصل عاشقن جي، الف آهي اوٽ
نالا نينهن وارن جا، اچي نيش ڪندا ڪي نوٽ
قائم آهي، ڪٽ، اصل عشق جو عاشقن تي.

27- عشق عاشقن ڪي، اصل ڪري عريان
لايون لنئون فراق جي، تخت ڪري طوفان
گڏيو گداگر ڪري، صوبا ۽ سلطان
ڪن يخيال خنجر جو، ڪي پيڙائي پهلوان
صوفي سِر سوريءَ تي، نالي نر نيشان
ڪي محڪم مُصلي تي، تا جُهد پچائن جوان
ڪر فياض فڪر جا، تا ساراهين سبحان
ڪي صابر منجهه صبر ۾، ڪي جلالي جولان
ڪن ڪي اعليٰ علم عطا ٿيو، ڪي قاري ساڻ قرآن
ڪي اهل علي جي، ڪي مجلسي مروان
ڪي دائم دين ۾، ڪي شامل سين شيطان
ڪي ريڌا راڳ تي، ڪي بخيل بئيمان
ڪي مخنث مجوسي، ڪي سخاوت جا شان
ڪي منصف مَئي جا، ڪن غذا ۾ گذران
ڪي حقيقت حق جي تا ظاهر ڪن زبان
ڪي قالب ڪفر ۾، ڪي مُنهن سان مسلمان

ڪي ريا خور رسم جا، ڪي خوشامد جا خان
ڪي نميو نفس ڪي، ٿا نِت نهارين نان
ڪي تارڪ ترڪ جا، ڪي دنيا جا ديوان
ڪي پنهنجي پيٽ لاءِ، آهن حيلن ۾ حيران
ڪي موهيا مسجد ۾، ڪي مانجهي سر ميدان
ڪي بِلا ڏين بچڻ جا، ڪي ڪُڏي ٿيا قربان
ڪي ڳوليندي ڳري ويا، ڪي لائق لامڪان
ڪي رئندا رهيا رام لئي، ڪي پيڙا سين پڳوان
ڪني هلي حڪم هلايا، ديسن تي دهمان
سي ٿي ويچارا ويا، سُجا ڇڏي سامان
آڏي آڻ آگهڻيا، نهوڙي نادان
حڪم هر ڪارن ڪي، حاضر آهي حنان
پيرائتي پُڇندا، اچي بات بيان
وهي ڪندا ويجهڙي، دهشت سان دوران
ڏسي اکر ان جا، ٿيندا پوءِ پشيمان
پرڪا ٿيندي پڌري، جتي تُر ميزان
اوڪي عاشقن ڪي، قادر ڏيندو ڪانءَ
ڪامل هن ڪلام جو، ڪي گوهر سمجهن گيان
جنّ ملائڪ جانور، آدم سڀ انسان
ڪيفيت منجهه ڪريم جي، جمع جڳ جهان
ثابت سليمان ڪي، ڏي ڪلمو سر زبان
جو پڙهڻ سان پاڪ ڪري، اول ڪان ايمان
ٻيو اُٿان ذوق زيان، سوا عشق الله جي.

# 6_ بيت گل محمد ڪوسي جا*

-1 صفت ڪريان ٿو صاحب جي، جنهن جوڙيو جڳ جهان
نالي راجا ’نند‘ هو، سڻ بادشاهه جو بيان
ڏٽي تنهن کي ڏيون ڏنيون، رهن گجرون پنهنجي گامر
سونهن پري سين ۾ هئي، مومل جنهن جو نامر
تنهن وٽ مڏي مال متاع جي، ڪمي هئي ڪانه
سو ڪندو هو شوق شڪار جو، ڪٽيو گز ڪمان
هڪ ڏينهن الله جو ٿيو، ڏٺائين هرڻ ٻچو حيوان
سو پٽرو پڳو هو پاٽيءَ کي، جتي جر وهيو پئي جامر
پويان گهوڙو گهوٽ ڦٽو ڪيو، تڪو زور تمامر
گهوڙي مٿان ٿي گهوٽ، هنيس تير ڪمان
ڪان لڳو هوس ڪڇ ۾، ڪِريو مرون سو مستان
ايڏي حڪمت هرڻ کي، ڏني آگي ڪري احسان
پارس هوس پٽرو، ڪو نراڙ منجهه نيشان
ڪٽي ڪڍيائينس ڪپار مان، هڏي منجهه حيوان
ڪٽي ورپو هو خوشي مان، جلديءَ منجهه جوان
مير گهمي ٿو محلاتون، ڪريو بات بيان
صندوقون پريو سڦريون، ڏيئي ڪرف ڪمامر
دلئون رڪونس درياهه ۾، ڏيئي لوهِي سي لغامر
اهي گهر ڪريو وجي، گل محمد چئي سيئي سو سامان
هاٽي پارس ڪنيو پاڻ، تهدل وينو آهي تخت تي.

---

*. هيءَ روايت سگهڙ ڏوري اوٺي (ويٺل ساڌپور، ضلعو ٺٽو) کان 7 فيبروري 1962ع تي قلمبند ڪئي ويئي.
گل محمد پٽ احمد خان ٻُليلاڻي ڪوسو، ڪوسن جي ڪيٽي لڳ ”گگهه مڪان“ ديهه سڪپور، ٽپو منارڪي، تعلقو جاتي جو ويٺل هو. سٺ- ستر ورهين جي عمر ۾ سنه 1955ع ڏاري گذاري ويو. اٽيڙهيل هو، ۽ پوليس کاتي ۾ نوڪري هيس.

-2 تهدل وينو آهي تخت تي، ڪري الله توآهار
سڏ ڪري تو مومل ڪي، جا هئي مڙن مهندار
تہ هڏي پنهنجي هار ۾ تون جوڙائي ڪر جنسار
مڏيون مال خزانا، رڪياسين پاڻيءَ جي پاتار
سچي نہ ڪج سومل سان، هن پارس جي پچار
تڏهن پُويو رڪيس پاسي ۾ نو لکو هار
جيڏيون سرتيون پاڻ ۾، ڪري هليون ڪونجن جيئن قطار
جڏهن مومل گهڙي هئي پاڻيءَ ۾، تڏهن دور چڏيو دريار
مڇيون مانگر ڪيترا ڏيا سُڪي ۾ سينسار
وري موٽيون پوئتي تڏهن تانگهو ڏي وين تار
سين پڇيو تي سومل ڪان تہ هت ڪهڙو ڏيو ويچار
چئي: جان آهي مَندِ مومل وٽ، جان ڪا هِڏي منجهہ هار
گهٽين ٿورين ڏينهڙين سامي سيتل را
دؤڪندي ڏني دريءَ مان تنهن نمي ڪئي نهار
منهن ڏنائين تي مومل جو، پيو هندوري ۾ هار
سامي اچي صدا هنئين وٺي ڪوٽ ڪنار
دائي نڪتي در اڳيان، جنهن درس ڪيو هو ديدار
ڏنائين سونهن ساميءَ جي، چيائين تہ: هت وڏو ڪو آهي ويچار
ٻولائي تنهن کي ٻانهيءَ چيو، ڪري گويا ۽ گفتار
تہ اِها اٿئي ماڙي مومل جي، جت ناهي ڪو نر پکي نار
وري موٽي وڃ پوئتي، متان ڪريئي سومل سا سنگسار
اهو گس وٺيو وڃ، گل محمد چئي، اڳيان اٿئي برهہ
سندي بازار
پوءِ تنهن جي دربار، آءٌ دائهہ دائي آهيان.
-3 چئي: تون جي دائهَہ دائي، تہ مون کي پوري ڪين پُلاءِ
آءٌ وينل آهيان 'اوچل ڪوٽ' جو، سامي سيتل را
بيٺِ ٻڌي آيس ٻگريون، ٻيا مُگهٽ مولهاڻا
ڪُرَ وجهي آيس ڪنن ۾، ٻڌي ٻانهوڻا
پيرئون اِس پنڌ ڪري، جتي جهڪون لڳن جهولا

چئينس: آيس جيسلمير کان طلب ڪري تون لاءِ
جيڪا حب هِنئين جي، سا ميليندو موليٰ
وجي چئو مومل کي، ٻانهي! تو ٻولاءِ
تہ دانهن بيٺو اٿئي در تي، ٻَڌيو ساجن سَڪِيلا
ٻيا بہ ساٿس ٻہ ڄڻا آهن، چست اندر چيلا
انهيءَ گاروڙيءَ وٽ، گل محمد چئي، آهن نانگ پٽون نُولا
4- پوءِ ڊوڙي ڪنهن ڊولا، اچي سڻائج سيتل راءِ کي.
تڏهن ٻانهي موٽي پوئتي، جنهن وڃي ٻڌائي خبرچار
تہ سامي آيو سنڌ مان، جوڳي ڪري جنسار
گيڙو آهينس گودڙيون، ٻي مُنهن تي ميناڪار
هو واقف آهي وسينءَ جو، پورا ڏئي ٿو پار
تہ: سائو ويس سومل کي آهي هندوري ۾ هار
مومل هئي ماڙيءَ تي، جنهن سُڻي گويا ءِ گفتار
لڪڻ ڪٽي لهي آئي سوڍين جي سردار
تہ: کهڙو ڪوڪٽ ڪوٽ ۾ تو لَنڊي وڏو لاچار
چئي: سؤڳڻ آءٌ سُنهن ڪٽان ٿي، مون کي قسم آهي ڪلتار
هٽ هو منهنجي حاج ۾، مون دانهن سُڻي درٻار
آءٌ اُٿي وئي هئس اوڏهين، لنگهي ڪنهن لاچار
مون ڀانيو آيو پينُو پيٽ جو، جان سوالي منجهہ سرڪار
هن کهڙو گناهہ ڪيو، گل محمد چئي جنهن تي ڪامڻ
ٿي آهين قهار
هي جي ٻَڌين ٿي هَس ڪڙولا هار، سي مومل تنهنجي
موت جا.
5- هاڻي مومل ٻولين وچ ۾، ٻيٺي ڪنواريون ڪوٺائي
سڏيو تنهن سومل کي ٿي سچي سڻائي
تہ سامي آيو سنڌ مان، ڪوٽ مٿي ڪاهي
جان آهيس جادو جان ۾، جان ڪو عقلوند آهي
تڏهن ٻاهر ٻانهي موڪلي، سومل سمجهائي
تہ وڃي پڇ فقير کان تہ تنهنجو نالو ڇاهي؟

تڏهن ٻاهر ٻانهي نڪتي، جنهن ڏنو چتائي
پڇيائينس، ڪٿائون آيُون ڪاپڙي پرديس پُڇائي
هو بين وڄائي تو بازار ۾، بيٺو نچ ڪتي پائي
نٿو ڏئي جواب جوءِ ڪي، بيٺو مُرلي مچائي
هوءَ بيهي جا بيزار تي، سا ويئي ڳولي ڳسائي
هاڻي سيئي ڳالهيون سومل کي ٻيئي ٻانهي ٻڌائي
تہ مومل هئي ماڙيءَ تي بيٺي حڪم هلائي
سڏيو تنهن سئيس کي، بيٺي گهوڙا گهرائي
ڪارا، روجها، مڪڙا، بيٺي ابلق آڻائي
بور، ڪميت، چينا، بيٺي سُرخا سڏائي
ستئي، چڙهيون سوار تيون، هليون ٻڪا سي پائي
هيرا تن هٿيارن تي، جهنور جڙائي
هلي سر انهيءَ شهر جون گهٽيون گهمائي
تڏهن ڦرندي ڏٺائون فقير کي، بيٺو دونهين دکائي
گهوٽ ڪاهي گهوڙن کي، آيا نقرا نچائي
پڇيائونس: ڪٿائِين آيين ڪاپڙي؟ ڪيئن آئين وطن وساري
چئي: آيس ڪشمور کان، منهنجو اصل ڳوٺ اوچل ڪوٽ آهي
اوهين شهزادا آهيو ڪهڙي شهر جا، اوهان جو نالو ڇاهي؟
اسين "بيلجَمِي" آهيون بادشاهہ، بيٺو سوداگر سڏائي
اتي فقير پنهنجي فڪل سان، بيٺو جادو چلائي
توت، ڦاروئا، انب، انجير، پان، سوپاريون، بيٺو بادام برسائي
اهو گُلشن ڏسي، گل محمد چئي، ويا واڳون ورائي
مس پهتا هئا ماڙيءَ کي، گهوٽ گهوڙا ڪاهي
هاڻي آن کي سُڌ ناهي، هن ساميءَ جي شور جي.

-6 سج لهي سانجهي ٿيو، هئي آڌي اڌ رات
مومل تي خواب ڏسي، هئي پرهہ ڦٽي پريات
تہ پيٽيون ويهو ير ۾ سٹُو اديون! هي احوال
تہ سائل بيهي، سوال ڪيو، ماڙيءَ هيٺ محال
ڏسان پئي ٻن اڪين سان، سو ٻڌُو وڏو بيحال

تڏهن ڳوليو ان ڳجهارت کي، ٿي سومل ڪري سوال
تہ ڪالهہ ڏٺوسين ڪاپڙي، جني بنايا ٿي باغ بحال
متان اهو اچي اوچتو ڪري، آٿي جو اِحمال
چئي: هن جا چپ ڪارا، اکيون ڳاڙهيون، هو ماڻهوءَ جي مثال
چئي: پير ڏگها، ڏند اچا، متان ڏنئي هاٿي ڪو حمال
چئي: هي قد جو چوڻو، ماڻهو موڻو، متان وينو هوس
متي تي مشعال
چئي: متان چمار پوڙهو، ساڻس گهوڙو، متان ڏنئي واپاري وَڪال
چئي: اِهو واڻيو اسين سڃاڻون، اک ڪان ڪاڻو،
متو نوڙهو، متان ڪاٽي! چئين خوشحال؟
چئي: تڏهن جڻ ڏنئي، نڪي يوت ڏنئي، متان مَلڪ
ڏنئي عزرال
چئي: هنڌ هندورا، طول وهاڻا، پلنگ پتراٽيون، مون
مور چڏي محال
چئي: غم نہ ڪر، گل محمد چئي، هاڻي مومل ڪر مَ مقال
جڏهن تاڙيون ڏيندئي تال، تڏهن سُڌ پوندءِ سور جي.

7- مومل محلين وچ ۾، آٿي ڊارو ڊاريائين
واري ورق ڪتاب جو، پنو پڙهيائين
سڏي تنهن سومل کي، ٿي سچي سڻايئين
تہ هيءَ بادشاهي بيران ٿيندي، جيڪا لوح ۾ لکيائين
تڏهن سومل سڏيو پيءَ کي، ماڻهو مُڪائين
هو راجا رڙهي آئيو، سباجهو سائين
سيئي ڳالهيون سومل کان، بيٺي پڇيائين
تہ ويهہ مومل ماٺ ڪري، جيڪو هوندو امر اُتائين
خبر نتي پئي، ڪوسو چئي، ويا هزار هتائين
هاڻي مومل متائين، وري ٿئين سوداگر سور جي.

8- مومل ماڻهو موڪليو، ڏيئي ناتر نيشاني
تہ آزري ڪر تنهن جي اڳيان، ٻانهون ٻڌي ٻانهي!
هل سامي، وُر پوئتي، تنهنجي مومل مزماني

تڏهن شڪ رهيوساميءَ کي، هو جوڳي جُوناني.[1]
تہ اڳي دور تڙيندي هئي دروازي کان، اڄ
ڪيئن ڪئي مومل مهرباني
سٽي اِهي ڳالهيون، تي ڳولي ڳُماني
سيئي ڳالهون سومل کي، بيٺي ٻڌائي ٻانهي
تہ گيڙو آهين گودڙيون ٻيا موتي سيلاني
سڳا ڏاڳا مُرليون آهنس ٻينوُن بيراني
تڏهن واري مومل ماڻهو موڪليو، ٻيهر سان ٻانهي
هڪل ڪري حضرت شاهہ کي، اٿيو سَرهي سو سامي
ڪاهي آيو ڪوٽ تي، جتي مومل مستاني
سڏ سٽي هن سائل جا، ڪر غور بہ گيلاني
هاٿي مومل ڪٽيو ماني، بيٺي ڪارائي پاڻ خوشيءَ مان.
9- مهماني مومل جي، هيءُ خان بہ بيٺو ڪائي
گيڙو ويس گودڙيون، بيٺو لُنگ پَٽيون لاهي
ناد، مُرليون، سُرندا، بيٺو نهہ پهہ منجهہ ٺاهي
سيئي گُن سومل کي بيٺو سامي سيڪائي
ستين ڏينهن صبوح جو، بيٺو مرد بہ موڪلائي
تہ اِهو هار هزاري مون کي ڏيو لوڪئون لڪائي
هو روانو ٿيو رات جو، هن کي ويو جوڳي جلائي
ٻئي ڏينهان ٻانهي وئي ڪست منجهان ڪاهي
راجا کي روبرو، بيٺي ٻانهي ٻڌائي
تہ پارس ڪٺي ويو پَٽ مان، اسان کان ويو چوري چٽائي
هو ڪاوڙجي ڪارو ٿيو، جنهن ڇڏيو تخت سڄو تائي
تہ ستئي ويهو وجي سُج پر، جان ڏيو مون کي ملڪيت موٽائي
هن کان گناهہ ٿيو، گل محمد چئي، بيٺي بديون بخشائي
هُن ڇڏيون لوڏي لڏائي، تڏهن وڃي وينيون ڪنڌيءَ
پاسي ڪاڪ جي.

---

[1] جُوناني = بوناني.

-12 مومل اُهائي ملڪ ۾، جا موليٰ ڪئي مشهور
انهيءَ ڪاڻي ڪوهه ڪپائيا، گهايل پائي گهُور
ڪئين پير، ڪئين فقير، ڪئين اوليا، ڪئين انبياءَ ويا، دائهه ڪنهن دستور
ڪئين غوث، ڪئين قُطبَ، ڪئين نبي، ڪئين نوراني ويا هليا منجهه حضور
ڪئين، سامي، ڪئين سما، ڪئين سومرا، ڪئين دودا، ڪئين دهنُور
ڪئين عاشق، ڪئين معشوق، ڪئين حاڪم ڇڏي حڪومتون، سي ڏگ لنيا ڏُوڙ
ڪئين لقمان، ڪئين حڪيم، ڪئين ڊاڪٽر ويا موت ڪري منظور
اِنهين ڪاڻِ ڪپايا، ڪوسو چئي، اُتي پَٽڻ پري بيٺو پُور
عقل، مت، شعور، سيئي بيٺي گجر گر ڪري.

-13 سيئي بيٺي گجر گر ڪري، سُڻي عورت همير
راڻا گهڻا هئا راڄ ۾، وڏا سي ٻه وزير
'ڏُونر پڻي'، 'سينهڙو ڏماڇي'، ساڻن سُرت سڌير
ڇڏي شوق شڪار جو، رکيو حرص همير
رات پيئي هين رڻ ۾، جنهن جو پردو راهيو[1] پير
گهوٽ ڪاهي گهوڙن ڪي، قابو ٺوڪي ويٺا ڪير
اتي ڪنوٽين خوب خوشيون ڪيون، اُتر پاسي اسير
راڻي ڏسي رَمل ۾، چيو پاڻ وزير:
"اِها اِتوَ ڪونج ڏياڻي ڪاڪ جي، جيڪا مومل سُجي تي مير
اِهو آهي تجلو تنهن جو، تي لُڏي هندورن منجهه هير"
تڏهن ڪري چوياري پاڻ ۾، ڪئي مصلحت مير
هلي ماڻيون انهين مومل ڪي، جيڪا سُجي سُرت سڌير
سامي گڏيو هون واٽ ۾، جنهن ڪان پڇيو هو تہ همير:
تہ، ڪٿاهين اچين تو ڪاپڙي، ڦيريدار فقير؟

(1). راهيو- رهائيو

چئي، آءٌ ڪڪوريل آهيان انهيءَ ڪاڪ جو، مون ڇڏيا
گهوڙا گهوٽ وزير
غافل نہ ٿيءُ، گل محمد چئي، متان لڪيل هوءِ خاڪو خمير
انهيءَ مومل وٽان مير، ماڳهين موٽيو ڪونڪو.
14- ڪري آس الله جي، اُٿيا شوق منجهان شير
ڪاهي آيا ڪاڪ تي، مانجهي مَلُ متير
تهدل لٿا اچي تڙ تي، سانجهي وير سوير
دائي نڪتي در اڳيان، پانهہ پري پير
دائي ڏِلو ڪڇ ۾، بيٺي ٻانهي ڪائي ٻير
تنهن ڪان راڻي پڇيو رمز ۾، تون ڪامڻ آهين ڪير؟
چئي: دائي آهيان تنهن جي در جي، جنهن جو واڻهڙن سان وير
پاڻي پري موٽي پوئتي، دم نہ ترسي دير
تنهن ڪان هُتي مومل پڇيو تہ، چو دائي لاتئي دير؟
چئي: مرد ڏٺا اٿم، مسافر آهن، آڏا سندن پير
پاءُ نہ چائين پاڻ کي، بيٺا سڀ سڏائين سير
هڪ رت قِريل روبرو ڏٺم، جو ويهي وٺندو وير
البت اڪ ۾ آهيس فائق اهو ئي قير
تڏهن مومل چيو سومل کي، هي ڪامل آيا ڪير؟
چيائين، پاڻ وٽ بہ مرون مستانا آهن، شوق منجهان شير
گيندا، ڳوريٽ، ڳورنهايون، بيٺا واڳون وٺن وير
شينهن، شِريبَ ڪيترا، آهن چيٽا چؤقير
ڊڄي اُن جي ڊاءِ ڪان هت نہ ايندا هير
اهو گس وٺيو ويندا، گل محمد چئي، ساڳيا ڏسيو پير
پوءِ اُن مومل وٽ متير، ڪَئِين سَئِين خان ڪپي ويا.
15- مومل سومل پاڻ ۾، ويهي ڪيو ويچار
تہ وٺون خبر خانن ڪان، آيا سونهريون ٻڌي سوار
جان آهن عقل وند عقل جا، جان رڍن جا ريڍار
تڏهن ٻولائي چيائون ٻانهيءَ کي، ڪري گويائي ۽ گفتار
تہ، نيئي چٽا ڏين چَبڻ لاءِ، تن ڪي پاڻي تون پيار

تڏهن ڍڪي هلي آهي ڍاڪون ۾، ٻانهي سا ٻيهار
وڃي ڏنائين همير کي هٿ ۾، جوڙ چڱي جنسار
تہ هو ڪايو وينا خوش ٿين، اسان کي ڏياريا آهن ڏاتار
راڻو ويو هو ريلي تي، جنهن کي نہ هئي خبرچار
مرد مٽان موٽي اچي، وير ڪري ويچار
تہ ڪهڙو هاجو تو همير ڪيو، سومرا سردار
هاڻي وري موٽئون پوئتي، متان ٿيو خلق منجھ خوار
جنهن جا پڇائي آيا آهيو پار، اها اٿوَ ڪونج ڏجاڻي ڪاڪ جي.

16- تڏهن ٻانهي موٽي پوئتي، جنهن وڃي خوب ٻڌايو خط
تہ هڪڙا آهن اُتوال اُتن جا، ٻي پوري ناهين پت
هڪڙو ڀهرين ڏينهن پروڙيم، آهي ڪاڻي منجھ ڪُپت
سو ڪين ڇڏيندءِ ڪاڪ تي، ڪنڌءِ مرد ٻہ پنهنجو مٽ
پڇي منڌَ مومل تنهنجا، ڪڙا اِهي نٽ
گڏ ويهندوءِ، گل محمد چئي، خان ٻہ چڙهي ڪٽ
هاڻي منهنجي ونو مت، تہ ڪڍي ڇڏيونِ ڪاڪ تان.

17- تڏهن مومل ماڻهو موڪليو، تہ ٻانهي نڪتي ٻهار
آن مان هلي هيڪڙو، ٿيو آ طعام تيار
اٿيو همير سومرو، هو مڙن جو مهندار
هوءَ ناتر ويئي نڪري، گولي تي ويئي غار
هن کي لڳو وِرھ وجود ۾، جو لنگھ ٿيو لاچار
هڪڙي سختي لڳس سھ جي، ٻيو ڏنائين اوندھ انتوڪار
هڪڙا ڪڙڪا ٻڌائين ڪلُن جا، ٻيا سُٽائين ديوَن جا ڏڏڪار
چئي: اسان ڪئي زاري، انهيءَ زال کي بخش بخشٽهار
سگھو ميل سنگتين وٽ، جتي آهن گهوڙا ۽ هسوار
شل جٺري جدائي نہ ٿئي، ڏسون ٻچا ۽ ٻار
نڪو هو ڪڪر اُپ ۾، نڪا هئي بوند بهار
ڊنو هو، گل محمد چئي، ٻڌي چيٽن جا ڇهڪار
جن کي پرور اُڪاريو پار، سو بينو گهوٽ ڏسي گهوڙن کي.

پيرن ۾ پدمڻيءَ کي، هيون ڪڙيون ڪرفدار
ٻئينسر بولا، ڪنگڻ ڪڙولا، هيس منديون ميناڪار
هيرا، موتي، جنهور، هئس گج متي گلدار
ڏکي آيا ڏاڪونءَ ۾، جوڙ چڱيءَ جنسار
ماني ڪائي موٽيس پوئتي، پيش ڪري پُرڪار
اِن باغن منجهہ بَلبلاڻي چئي، مون ڏٺا الاهي ڪي اسرار
هاڻي پلو ٿيئوَ پارَ، تہ ناهي طاقت توهان جي.
-21 سڏي تنهن سِينهڙي کي، هو ٻانهيءَ ٻولايو
تان آن مان هلي ٽيون، جنهن کي آ مومل کوٺايو
تڏهن موڪلائي هليو مردن کان وجي کنو ڪِنوايو
جڏهن گهڙيو مونجهاري مومل جي، ويئي وٺائيس
گولي گسايو
ڏٺائين دؤر درياءَ جا، هن کي اچي واسينگن ورايو
شينهن ڪيهر ڪيترا، اچي پٽوئن پڇايو
سؤنت چڏي ويئي سينهڙي کي، پيو کندن ۾ ڪاهيو
پڙ چڙهيو ٿي پتن تي، وچ گوڏا گسايو
تہ متائي محي الدين جي، ويندس وچ تي ورهايو
جيئن پيڙو اوڪاريائين ٻيڙيءَ جو، تيئن مونکي تار
منجهان تاريو
سڏ ڪيائين سردار کي، مونکي اچي اوجهڙ اُڪاريو
تڏهن غور ڪيائين، گل محمد چئي، هن بيٺي ساجهر سنيايو
اُجهيو ٿي آيو، سورهيہ انهين سِڏ تي.
-22 سيني پڇيو سينهڙي کان، ٻڌاءِ تون احوال
کهڙو منهن مومل جو، کهڙا اٿس حالَ؟
چيائين، مون سونهن ڏٺي هئي سومل جي، هئي مومل
منجهہ محال
اکيون سندس آهوءَ جهڙيون، جيئن ٻَرن مرگهہ مشعال
سنهي ٻُر ٻانهن تي، ويني آهي زيور پايو زال
هيرا موتي هٿن تي، ويني ڪونج ٻڌيو ڪنمال

بخمل آهيس بدن تي، پيچ سر تي سائي شال
کامڻ کي ڪلهي تي آهي ريشمي رومال
جهوڙا تنهن ۾ جهڳمڳ، پيا هيرا موتي لعل
پاڻ ويٺي پلنگ تي، خوب رکيو خيال
غم ميٽين، گل محمد تان، تون سهڻا قلندر لال
جنهن کي ڏاتر ڏياري زال، سو پل حور ويهاري هنج ۾.

23- راڻي کي رمز ۾ هو ٻانهيءَ ٻولايو
تان آن مان هلي چوڻون، جنهن کي آ مومل ڪوٺايو
تڏهن موڪلايو هليو مردن کان، وڃي لڪڻ لڪايو
جتي هئي ناتر تنائيندي، ويندي هئي گولي گسايو
اتي ور ڏيئي جهلياڻينس وارن ۾، ويس چوڻيءَ چتايو
بهادر ڪٽي بيد کي، اچي ويريءَ وڃايو
چئي، مونکي مار ڪينڪي، توکي چڙيان رستو بتايو
اها گهڻي انهيءَ جي گهر تي، وڃي ڪوٽ متي ڪاهيو
ڏاڪڻي پاسي ڏسج ويٺي آ هنر هلايو
اتي اڻئي ڪوهه ڪِريب جو، جنهن چڙيا خان به ڪپايو
پاڻ ويٺي آ پلنگ تي، هو چوپڻ وڃايو
اتي سوڍي سوپاري ڪڍي هٿي ڏني، عاشق اُڇلايو
ته ڪڙڪو لڳي ويو ڪَلُن ۾، هيءُ ڪوٽ متي ڪاهيو
ڳڏ وينو، گل محمد چئي، هُت ڳاٽ ڳچيءَ پايو
هاٿي هُتي سٽايو ته مومل ماڻي مينڌري.

# 7_ بيت مريد مهيري جا*

1- راڻو رات نہ آيو، مون وِلهيءَ جو ور
راڻو رات نہ آيو، منهنجو مرڪڻ مسافر
راڻو رات نہ آيو، پيو ڪامل کي ڪٽر
ڪونہ ٻڌان ٿي ڪنن سان، اُنين جو اوڳر
وٺي ويو ويچاري کي، عشق جو اثر
سوڍي ڏاران سرتيون، اهو باغ مڙيوئي بر
مومل پلي مر، جنهن جو راڻو رات نہ آيو.

2- راڻو رات نہ آيو، ويل ٽري ويئي
اُٺ کي اڇڻ جي لڳي، ڪرهي کي ڪيهي
ٻيءَ رات، ٻروچ چئي، منهنجي پرينءَ کي پيئي
وانگوڙا وارن مان، ڇڪيو ڇنيئي
ڪنگڻ، ڪڙيون، ڪنمالون، هٿان ٽانڊي ۾ ٽيئي
سُٿڻ، سلواريون، گج گلابي، رليون رهزن، ساڙيان سيئي
سڙيو ٿي سومل کي، ڏي پاراتا پيئي
مونکي ماريوئي، تڏهن ڍولو ڍَٽ قراريو.

3- ڍوليو ڍَٽ قراريو، جنهن کي ڏهون ڏينهن ٿيو
ڪارهين رات ڪنواٽ نہ آيو، مون کي مُنيءَ جو مَئيو
ٻارهين رات، ٻروچ چئي، مومل ڪيو سعيو
تيرهن ڏينهن تڪرار ڪري، حاڪم قيد ڪيو
مونکي منيءَ موت ٿيو، تڏهن راڻو رات نہ آيو.

4- راڻو رات نہ آيو، مرلي ڪنئي مومل

---

* هي روايت يوسف پٽ سکيي جو، رجيرو ڪرمتي، ويٺل شيخ ٻچل جو راڄ (تعلقو جاتي) کان ملي.

مريد فقير پٽ در محمد مهيري، ڪڙئي گهنور خان جي ويجهو ڳوٺ ٻاگهلي جو رهاڪو آهي، اڌپڙهيل آهي. سندس جنم اندازا 1892ع ڌاري ٿيو هوندو.

سامي اچي سوڍي سان، ٿيو راڻي سان رلمل
تان ڦوڪ وڃاءِ فراق جي، آهي مير توکي موکل
هن سُر ڪنيو سارنگ جو، تڏهن مينهن ڪيو منڊل
سامي سوڍي سان ٿيو، راڻي سان رلمل
ڪَس لاهه اَٽي قلب تان، جوڳي بچين شل
مير ڪنيو منزل، ڪتان اچين پيو ڪاپڙي.

-5 چئي: آءٌ اُتان ئي تو اچان، جت ٻئي جي ناهي مجال
سڻ سٽايان توکي، اصل جا احوال
رات ٽڪندس هيڪڙي، سوڍا! ڪر سنڀال
متان وڃي وسري، توکي منهنجي من مقال
مير تنهنجو مهمان آهيان، ڪاڪ اچان تو ڪالهه
اتر اُڃ اندر ۾، خشڪي جا خيال
جر پيارڻائين جال، توکي خان! ٻڌايان خبرون.

-6 ڪاڪ اچين تو ڪاپڙي، توکي تريل ڪارايان طعام
ويهه اچي ويجهو ٿي، توکي جَر پياريان جام
سُتل ڏسي سيج تي، لڪڻ رکي آيس لام
سا رهجي ويئي آهي راڻي وٽ، سا ڪاڪ وٺي ڏي ڪام
سامي! توکي آءٌ، اُپر ڏيان انعام
پوءِ وڃڻ آهي حرام، مونکي مومل جي ملڪ تي.

-7 حاڪم تون حرام نه ڪر، ناهي مومل ميار
سومل سُتي سيج تي، ڀڳ رکي ٻئي پار
ڀڄي آيو آهين ڀئو ڪان، رکي ڪاڪ متي ڪار
ماري وجهين ها مڙد کي، تکي هٿي تلوار
مشهور ٿئي ها ملڪ ۾، سوڀ تنهنجي سردار
وري ڪر ويچار، هو نيٺ منهن ڏسڻو ماڻهوءَ جو.

-8 منهن ڏسان ڪيئن ماڻهوءَ جو، ٿي پسي اکين سان انڌو
اگهاڙ پنهنجي عورت جي، لوڪ سڄو سڻندو
ماري وجهڻ ماڻهوءَ کي، آهي غافل ڪم گندو
سامي ويهه تون صبر ڪري، منهنجو ڏيل وڃي ڏکندو

-18 ناتر ڪٽي ناس ڪيا، ڪونہ ڪيائين قياس
مون ڏٺو هو تنهنجي پيٽ ۾، ماڻهوءَ سنلو ماس
ڪائي ڇڏيو خانن جو، تو مٽي سڀ لباس
تن ۾ ڪر تپاس، تو گهوٽ ڪئين گهائي جهليا.
-19 راڻا ڪر نہ ماڻا، اڳڻ آءُ اصيل
سڙي تنهن سومل جو، ويو ڏُلي ڏکيءَ جو ڏيل
شاهد انهيءَ شڪ جو، آهي جوڏون جبرئيل
سچي تنهن سردار جو، آهي واحد جو وڪيل
سچي آهيان سوڍا! لاهي ڇڏ دل مٿان دليل
مون وٽ آيو ڪونہ، مريد چئي، مٿي ڪاڪ قليل
سوڍا! توکان سبيل، پنان ٿي پرچاءُ جو.
-20 پن ڏجي ان ڪي، جيڪي مومل جا محتاج
سڙي تنهنجي سري ڪان، مون ڏٺا هئا سامي سندا ساڄ
پڳ ٽنگيل پائي ۾، مون تت ڏٺي هئي تاج
شاهد ڪيا هئا مون انهيءَ شڪ جا، پر ات راڻي هئا نہ راڄ
جيءَ نہ وجهہ جهاجهہ، ڪين هلان تنهنجي ڪاڪ تي.
-21 ڪاوڙجي آئين ڪاڪ تان، ڪري ڪامل ڳالهہ ڪچي
راڻا! تنهنجي روح ۾، ويئي اها پرين ڳالهہ پچي
پسي ڪير اُٺ جو، يا ڪاڏي مير مچي
آءُ سوڍا آهيان سچي، تون قرب ڪري هل ڪاڪ تي.
-22 چوڏهين چڙهي آيس، گهميس ڪاڪ ڪنڌي ڪر ۾
نظر ڪري پي نهاريم پنهنجي پر ۾
سيتل ستو سيج تي، ياڪر پائي پر ۾
سا باهہ پڙڪي ڪري، سڪل جيئن سر ۾
تي شرمنلو شرم ۾، موٽي ويس پنهنجي ملڪ ۾.
-23 مڙس هئين مينڌرا، تنهنجو مهل بہ مڙساڻو
بہ نالا تو مٽي، هڪ مينڌرو بيو راڻو
چار اکيون تنهنجون، توکي ڪير چوي ڪاڻو
هڪڙو ڪچو ڪم ڪيوئِي، تڏهن توکي چوان ٿي ڪاڻو

جڏهن منهنجي ماڙي ۾، ڏٺو هوءِ چلڻ چوراڻو
توکي پوري پڪ نہ رهي، تڏهن وڃي سڃي سڃاڻو
ڏاڻي تون ڏٺ ۾، هئين سورهيہ ساماڻو
مُڇ وڏي مينترا! تو ڪيو هو سامي سوچاڻو
نہ تہ سڃي تنهن سامي ڪي، هئين مڙهي تي مارڻو
هئثي ڏيهہ ڪي ڏيڪارڻو، تہ توکي ڪاڻو چيائون ڪونہ ڪو.

-24 چئي: ڪاڻو آهيان ڪينڪي، مون ڪي ڪاڻو ڪين چئو
گند انهي گيدڙي سان، تنهنجي لڳي ويئي لئون
دين پنهنجي ڌرم جو، توکي ڀانءِ نہ پيو پؤ
جوڀن ۽ جوانيءَ جو، توکي مومل هو مَئو
ويئي سُهم سهو، راڻي رسامڻ جا.

-25 راڻا نہ رسامن، پر تو پُرت پاتي
ڪرهو ڪاهيج ڪاڪ، توکي چوڏهين چوان ٿي
سومل ڪين سمهاريندس، جيسيس هونديس حياتي
عشق جي آگ ۾ سوڍا! سڙان ٿي
نہ تہ هٿان ٿي هٿ سين، ڪنڌ مٿان ڪاتي
تو لاءِ رت رئان ٿي، تون ڪرهو واري هل ڪاڪ تي.

-26 مومل تنهنجي من ۾، هو اڳئي من مڪر
ڪُل جوڙايئِي ڪائي جا، ڀيا بنايئي باندر
خان هنياءِ ڪوهہ ۾، ڀيا لاکون لشڪر
سوين "سليمان" جهڙا، ويا جام وهائيندا جر
سي مور نہ وريا، مهيري چئي، گهوٽ بہ آيا گهر
مومل مرين تہ مَر، ڪين هلان تنهنجي ڪاڪ تي.

-27 منٿ مڃي نہ مينتري، ٿيو راڻيءَ ڪي رنج
مومل محلاتن ۾، هاري بيٺي هنج
ڏناءِ ڏيل منهنجي ڪي ڏنج، ڪين بخشيندس قيام ۾.

-28 مومل مونٽي ويئي ملڪ تي، جڙيو نئي جواب
سڀي ڳالهہ سومل سين ڪري، آٽيو اڪين مان آب
ادي! وڏائي مون وس ڪيا، پر نميو ڪين نواب

سوڍي ڏاران سرتيون، مونکي مرڻ آهي ثواب
ڪڙهي ڏينديس ڪباب، مينڌري بنان مچ ۾.
-29 وڃيو سا مومل ڪي، تي سومل سمجهائي
ڊولئي ڏانهن ڏِٺ ۾، وڃان ڪرهل ڪي ڪاهي
سڃاڻندم سپرين، ايندس بديون بخشائي
پاند وجهي پيرن جا، ايندس ٺڪر ڪي ٺاهي
نہ تہ پوءِ پاند پلئہ پائي، تو وٽ راڻو وٺي ايندس روبرو.
-30 سومل اُتان سنيري، هلي راڻي پاز
سوڍا! تيءُ سياڻو، مومل تون نہ مار
چنيو تولاءِ چوُتا ڪري، وانگوڙا ۽ وار
لاهيو چڏي لڱن تان، سوڍي سڀ سينگار
بديون بخشي هل تون، سائين لڳ سردار
راڻا تنهنجي رنج ۾، اوءَ بيحد آهي بيمار
آن پيڙي سُتي هيس پيڻ سان، تون ادا ڪر اعتبار
مرد اسان وٽ ماڙي ۾، نڪو حاڪم هٿ هٿيار
مون پڳ تنگي هئي پائي ۾، متان اچن چور چڪار
پوءِ وري ڪري ويچار، تون ڪرهو واري آءُ ڪاڪ تي.
-31 ڪرهو نہ آڻيندس ڪاڪ ، آيو هوس قول ڪري
ڪاڏو حرام پيٽ ۾، مونکي ماڳئون ڪين مري
شرع شڪ حرام ڪيو، تون ڏس ڏيان ڏري
اها مومل مر مري، ڪين هلان تنهنجي ڪوٽ تي.
-32 مومل مري منٿون ڪري، جنهن اندر ناهي آرام
مونکي اتس موڪليو، سوين ڏئي سلام
پيئي آهي پٽ ۾، ڪريو منهن منٿيءَ ماتام
سوڍا! تنهنجي سڪ ۾، هن گهر ڇڏيا گام
پوءِ پرزا اهي پيغام، اتئي مومل خط موڪليا.
-33 اهي پرزا ڪٽي پاڻ سان، ڪجئين ڳالهہ ڪَن
آءٌ ڪرهو ڪاهي آيس ڪاڪ تي، اڇي ڏٺہ عيب اکين.
ڏنار مونکي دلجاءِ ڏني، اتس اچ سامي ساڻ سمن
وِرهہ نتا وسرن، اهي ڏک بہ منهنجي ڏيل تان.

34- سومل چيو مومل کي، ادي! ڪجئين ڳالهه منهنجي ڪَن
مون وڏائي وَس ڪيا، پر مون ڏٺو عيب اکين
لکيل هو نصيب ۾، توکي وڇوڙو ورهين
اهو ڀاڪو اڳئي پترو، ”ڏاهيون ڏک ڏسن“
جيڪي ورن ساڻ وڙهن، تن جو ٽيندو ڪارو منهن قيام ۾.

35- مومل چو سومل کي، اوهين مونکي موڪلايو
ڏيل مون ڏکيءَ جو، اوهين ڪاٽيءَ جو ڪپايو
ڏيل مون ڏکيءَ جو اوهين جيئري جلايو
اڳيئي ائين هو، شايد ربّ جو رايو
هاڻي سڙڻ جو سعيو، آهي ڪامڻ ڪيو ڪاڪ تي.

36- گڏ ڪيائين ڪانيون ڪاڪ تي، ميڙي ات متا
محبت جي ميدان ۾، . آهي سر ڏيڻ سُنتا
سڏ ڪيائين سردار کي، هادي ڏج همتا
چڙهندي ڏنائين چاهه مِان، ڪؤڙين تن متا
منجهان من، مهيري چئي، گونلر غمر لتا
هيرا موتي، جهومڪ جالاريون، هئا ميندي قل ڳُتا
وانگوڙا وارن مان، چوڙيائين سڀ چنا
تلڪ ڏيئي تيار تي، هٿ مينديءَ ساڻ رتا
مُڙي ڪين مچ ڪان، نہ ڪيائين ڪتا
هاڻي گهوري گهوٽ متا، هن ڏيل چاڙهيو اچي ڏاڪ تي.

37- ڏيل چاڙهي ڏاڪ تي، ڪامي ٽي ڪورا
لکي خط خاطيءَ کي، ڏنو سومل سويرا
پانڌي وچ پيغام ڪٽي، ولهي جا آهن ويرا
چئج: مومل رات مري ويئي، جنهن جا پرزيان ٿيا پورا
پوءِ ڳل انهيءَ جا ڳورا، پر جر جرائي چڏيا.

38- مينڌرو چڙهيو مهريءَ تي، آيو بہ اُڏائي
روبرو راڻو اچو، تو سومل سڏائي
سومل! وچي سيگهہ مان، اچ ڏاڪ متان لاهي
سومل سچي ڪريو، تي ڳوري ڳالهائي

مومل رات مري ويئي، جنهن جي خبر خدا وٽ آهي
رِبهہ ڪري راڻي وڌو عاشق پاڻ اڇلائي
جيئري هن جهان مان، ويا لاڳاپا لاهي
جيڪو گلا ڪري راڻي جي، سو ماڙهو تان ناهي
ڏسو سچائي سوڍي جي، آيو ڪيئن باهہ متي ڪاهي
الله اُجهائي آتش کي، جڙيو بهشت بنائي
مومل راڻو گهڙيا بهشت ۾، جڏيائون ڪلي ڳالهائي
مئي، پڇاڻا، مهيري چئي، جڏيائون بديون بخشائي
هاڻي جيڪو عاشق چائي، سانگو ڪري نہ ساهہ جو.

-39 سانگو ڪري نہ ساهہ جو، هاتڪ جي هجن
قصو مومل راڻي جو، پورو ات چون
مولىٰ هن، مريد کي، تون الله ڏي امن
سٽي سڌ سواليءَ جا، تون قادر ڪندين ڪن
ڪلمون پاڪ پڙهن، سي لنگهي ويندا لڪيون.

لا اِلٰهٰ اِلاالله محمّد رسول الله

# [روايت _5]

## راجا ڀوڄ جي ذڪر سان ڳاهن واري ڳالهه*

هڪ درويش ڪنهن جبل تي ويهي خدا جي عبادت ڪندو رهيو. ايترو وقت عبادت ڪندو رهيو جيستائين وڃي ٻيرسن ٿيو، اَنُ ويهڻ ڪان آزُرت ٿي پيو. فقير پنهنجي عبادتگاهه وٽ رٻ جو ڪُنو چاڙهي چڏيو ۽ پاڻ عبادت ۾ مشغول رهيو. هڪڙيءَ رات هڪدم سهائو ٿي ويو ۽ فقير رٻ جي ڪُني ڏي نگاهه ڪئي تہ اُن جي ڀر ۾ هڪ نهايت حسين عورت ويٺل ڏٺائين، اها روشنائي انهيءَ عورت جي حسن ڪري پئي ٿي. فقير اُن عورت ڪان پڇيو تہ: تون ڪير آهين ۽ ڪيڏانهن ٿي وڃين؟ عورت جواب ڏنو تہ: مان ڪير آهيان، تنهن جي خبر مون ڪي ڪانهي، باقي هِت فقط تنهنجي خدمت ڪرڻ لاءِ آئي آهيان. تنهن تي فقير پڇيس تہ: مون ڪي اڳئين جهان ۾ ستر حورون ملڻيون آهن، جيڪڏهن تون انهن مان هجين تہ ٺيڪ، نہ تہ هتان وڃ هلي. پر عورت جو نہ ڪو هو گهر، نہ ڪو ڳوٺ، نہ ڪو مِٽ نہ ڪو مائٽ، تنهنڪري ساري رات اتي فقير جي عبادتگاهه وٽ ويهي وهايائين.

راجا ڀوڄ جي محلات، فقير جي عبادتگاهه ڪان پنج ميل پري هئي، ۽ راجا رات جي وقت محلات تي چڙهي چؤطرف نگاهه ڊوڙائي تہ هڪ طرف ڪيس شعاع ڏسڻ ۾ آيا. بادشاهه گهڻو ئي ويچار ڪيو پر سمجهي نہ سگهيو. تنهن هڪدم وزير کي گهرايو، وزير پڻ اهي تجلا ڏٺا، مگر اُهو بہ اها ڳجهارت ڀجي نہ سگهيو. ڪنوڻ تڏهن ٿيندي جڏهن ڪَڪر يا جهُڙ هوندو. باهہ بہ رکي رکي ڀڙڪا ڪندي، مگر هي شعاع جيئن شروع ٿيو تيئن ٿيندو رهيو.

صبح جو وزير ۽ بادشاهه گهوڙن تي سنج رکائي، چڙهي انهيءَ طرف روانا ٿيا. پنڌ ڪندي ڪندي هڪ جبل ڏسڻ ۾ آين. گهوڙا هيٺ

---

* هيءَ ڳالهہ وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان سليمان جهانجهڻجي جي زباني ٻُڌي 18 سيپٽمبر 1965ع تي قلمبند ڪئي وئي.

دامن ۾ چڙهي پاڻ ان جبل تي چڙهي ويا. جبل تي هڪ عورت ڏسڻ ۾ آين. بادشاهه ۽ وزير سِڌا اُن وٽ پهتا ۽ بادشاهه اُن کان حال احوال ورتو. عورت ٻڌايو تہ: آءٌ ڪير آهيان، تنهن جي مون کي خبر ڪانهي، باقي هن فقير جي خدمت ڪرڻ لاءِ حاضر ٿي آهيان، مگر فقير مون کي نٿو قبولي. انهيءَ تي بادشاهه، فقير کان عورت جي اجازت ورتي. فقير اجازت ڏني تہ: ڀل عورت کي تون وٺي وڃ. پوءِ بادشاهه اُن عورت کي چيو تہ: تون آهين منهنجي دين جي ڌيءُ، تنهنڪري تون هلي مون وٽ رَهہ. بادشاهه ان عورت کي گهوڙي تي چاڙهي آڻي پنهنجي محلات ۾ ڇڏيو، جتي اڳيئي بادشاهه جون ڇهہ ڏيون رهنديون هيون. هن عورت جو نالو بادشاهه رکيو "مومل". هاڻي ستئي ڌيون بادشاهه جون گڏ گذارڻ لڳيون. مگر مومل نهايت عقلمند ۽ داناءُ هئي، تنهنڪري بادشاهه جي محلات جو سمورو ڪم ڪار مومل جي حوالي ٿي ويو ۽ مومل سڀني کي پنهنجي عقلمندي سان هلائڻ لڳي.

راجا ڀوڄ جي راڄڌاني ۾ سمنڊ نزديڪ هو. ان سمنڊ ۾ هڪ ڪلاداري نانگ رهندو هو، جنهن وٽ هڪ مَڻ هئي. اها مَڻ نانگ پنهنجي پيٽ ۾ رکندو هو. جڏهن نانگ کي شڪار جو شوق ٿيندو هو، تڏهن پاڻي مان نڪري ٻاهر ايندو هو ۽ اها مَڻ اوڳاڇي ٻاهر ڪڍي رکندو هو تہ ميلن ۾ شعاع ٿي ويندو هو ۽ پکي پکڻ، جيت جناوَر سڀ انهيءَ روشنائي تي پيا ڏسبا هئا ۽ نانگ پنهنجو شڪار ڪري خوش ٿي اُها مَڻ واري پنهنجي گجيءَ ۾ رکي، اندر سمنڊ ۾ هليو ويندو هو. انهيءَ نانگ جي خبر ڪيترن ئي جوڳين کي پئجي چُڪي هئي، جن نانگ تي ڪيئي حملا ڪيا هئا، پر نانگ سيڪنهن حملي وقت جوڳين جي جتن کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ آجو رهيو. اهو نانگ، اصل ۾ ديو هو، ۽ حضرت سليمان جي واري جو هو، جيڪو خزاني تي ويٺل هو.

نانگ ۽ مڻ جي ڳالهہ ايتري تہ مشهور ٿي وئي جو پري پري جا جوڳي نانگ سان مقابلي ڪرڻ ۽ مَڻ هٿ ڪرڻ لاءِ اچڻ لڳا. انهيءَ هُلچاري ۾ هڪ جوڳي نالي "گورکناٿ" بہ نانگ ساڻ مقابلي ڪرڻ لاءِ اچي راجا ڀوڄ جي بادشاهي ۾ نڪتو. نانگ گهڻو ڪري اونداهين

راتين ۾ سمنڊ مان نڪري ٻاهر شيل ڪندو هو. گورڪناٿ جوڳي ماڻهن کان نانگ جو شڪار ڪرڻ وارو هنڌ معلوم ڪري اتي ويهي رهيو. هڪ ڏينهن نانگ دستور موجب ٻاهر نڪتو ۽ مَڻ اوڳاڇي ميدان تي رکي، پاڻ روشنائي ۾ راند ڪرڻ لڳو، ايتري ۾ گورڪناٿ جوڳي ڪي ٻه وجهه ملي ويو، تنهن ڏٽيءَ کي ساري هئين جا نانگ کي وير- مُٺ تہ نانگ چيرجي ٻہ اڌ ٿي پيو ۽ مَڻ جوڳي ڪٽي رمندو رهيو.

ڪلاداري نانگ واري مَڻ هٿ ڪري، جوڳي انهيءَ مڻ جي زور تي سمنڊ ۾ اندر گهڙي وڃي هيرا موتي هٿ ڪندو هو. هڪ دفعي مَڻ کي ڪنيو سمنڊ ۾ پئي گهميو تہ هن کي ٻيٽ ڏسڻ ۾ آيو ۽ هي سِڌو انهيءَ ٻيٽ تي ويو. ٻيٽ جي زمين سَني هئي ۽ اتي وڻ ٽڻ ٻہ ڏاڍا هئا. جوڳي کي اهو ٻيٽ ڏاڍو پسند آيو، تنهنڪري هو اتي پنهنجي رهڻ لاءِ جايون جوري، ڪوٺيون ڪارخانا بنائي ويهي رهيو. هن جو ڌنڌو اهو هوندو هو تہ ڦيرين ڦير مَڻ جي زور تي وڃي سمنڊ سوجهيندو هو، جتان هيرا موتي، ماڻڪ ۽ لالون ڪٽي آڻي پنهنجين ڪوٺين ۾ ڍير ڪري رکندو هو ۽ پوئين پهر ويهي ڏٽي جي بندگي ڪندو هو.

گورڪناٿ جوڳي کي هڪ هرڻ جو ٻچڙو هٿ آيو تنهن کي ڪٽي اندر ٻيٽ ۾ اچي پاليائين. جڏهن هرڻ وڏو ٿيو، تڏهن هرڻ جو سڱن تي سونا ڪوپا چاڙهي چڙهيائين ۽ ٽنگن ۾ سونا گنگهرا ٻڌي ڇڏيائين. هرڻ جوڳي سان اهڙو تہ هري مري ويو، جو جوڳي کان سواءِ ڪيس ساعت بہ نہ سرندي هئي. جوڳي گورڪناٿ هڪ ڏينهن هرڻ کي جهلي سندس مٿي جي گل چيري، مٿي جي کوپري تي نانگ واري مَڻ رکي، هرڻ جي گل وري سبي ڇڏي. ٿوري وقت کان پوءِ هرڻ تندرست ٿي ويو. هاڻي هرڻ پاڻي ۾ گهڙي تہ پاڻي پري ٿيندو وڃي ۽ هرڻ کي واٽ ملندي وڃي. ڪڏهن ڪڏهن تہ هرڻ سمنڊ کان ٻاهر بہ نڪري ويندو هو. ڪائي پي ڏؤ ڪري وري سِڌو فقير وٽ هليو ايندو هو. فقير اچي پوڙهو ٿيو. تنهن سمنڊ مان هٿ ڪيل خزانو سڀ ٻيٽ ۾ اندر ڪوٺيون ٺاهي، انهن ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ ڏٽيءَ جي بندگي ۾ لڳي ويو.

هڪ ڏينهن راجا ٻوچ شڪار جي تياري ڪئي ۽ امير امراءِ ساڻ وٺي شڪار تي نڪتو. سمورن دوستن صلاح ڪئي تہ شڪار جي

پنيان فقط اهو ماڻهو وڃي، جنهن جي اڳيان شڪار نڪري، ٻيا ان جي پنيان نہ وڃن. تنهنڪري مِڙني مصلحت ڪئي تہ شڪار ورائي بادشاهہ جي اڳيان ڏيون تہ پل بادشاهہ شڪار پنيان ڊوڙي ۽ پاڻ انهيءَ هڇا ڪان ڇُٽي پئون. ايندي ايندي هڪ هرڻ ڏٺئون جنهن جا سِڱ سونا ۽ پيرن ۾ سونا گنگهرا ٻڌل هئس، تنهن کي ڦيرائي ڦيرائي آڻي بادشاهہ جي اڳيان ڪيائون. بادشاهہ هرڻ کي ڏسي ڪٽي گهوڙو هرڻ پنيان لاتو. هرڻ ڏاهڙ هو، سو گهوڙي ۽ بادشاهہ کي ڏسي چال هٽي پڇڻ لڳو. بادشاهہ بہ گهوڙي کي تيز ڪيو. بادشاهي گهوڙو سو بہ وري شڪاري گهوڙو، تنهن هرڻ کي گهمائي ورتو، مگر هرڻ ٽِپي وڃي سمنڊ ۾ پيو، تڏهن بادشاهہ گهوڙي کي روڪيو، مگر جيئن تہ بادشاهي شڪاري گهوڙو هو، سو بادشاهہ کان روڪيو نہ ٿيو ۽ گهوڙو سنئو هرڻ پنيان پيو. هرڻ سمنڊ ۾ گهڙيو تہ سمنڊ سُڪندو ويو ۽ هرڻ ڀڄندو ويو تہ گهوڙو بہ هرڻ جو پيڇو ڪندو پئي ويو. تان جو هرڻ وڃي ٻيٽ تي پهتو. اتي بادشاهہ بہ وڃي ٻيٽ تي پهتو، تنهن تير هٽي هرڻ کي ماري وڌو. مگر هيءُ سمورو وقت بادشاهہ حيران هو تہ چا، هي سچ پچ ڪا حقيقت آهي يا خواب آهي جو ڏسان پيو! بادشاهہ سمجهي ويو تہ اها مٽيا هن هرڻ ۾ آهي پر آهي الائجي ڪٿي. تنهن ويهي هرڻ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو. هڪ هڪ ٽُڪر ڪٽندو پاڻي ۾ گهڙندو ويو، مگر پاڻي هن کي جاءِ نہ ڏني. نيٺ جڏهن هرڻ جي سِسي ڪٽي پاڻي ۾ ويو تہ پاڻي جاءِ ڏيڻ لڳو، تڏهن سمجهي ويو تہ ڳلا هن کوپري ۾ آهي. جن ڪٽي مُنڊيءَ جي ڳل لاهي تہ ڪيس مٿي تي رکيل مَڻ ڏسڻ ۾ آئي. بادشاهہ اها مَڻ ڪٽي اندر پاڻي ۾ ويو تہ پاڻي ڪيس جاءِ ڏني. بادشاهہ مَڻ کي ڌوئي صفا ڪري، مَڻ پاڻ وٽ رکي ۽ پوءِ گهوڙي کي ٻڌي پاڻ ويو ٻيٽ گهمڻ. ٻيٽ ۾ گهمندي گهمندي جوڳيءَ جو ٿان ۽ آستان ڏٺائين ۽ جوڳي وارو پوريل خزانو جنهن ۾ موتي ماڻڪ هيرا لال جنهوار، رُپي ۽ سون جو تہ ڪاٿوئي ڪونہ هو. سو بہ هٿ پيس، بادشاهہ نهايت خوش ٿيو. ڪجهہ وقت ترسي، دم پٽي، وري گهوڙي کي تيار ڪري، لانگ ورائي اٿي سمنڊ ۾ پيو تہ سمنڊ گهوڙي کي جاءِ ڏيندو ويو، نيٺ بادشاهہ سمنڊ کان ٻاهر آيو ۽ سنئو پنهنجي محلات تي پهتو.

راجا پوج وٽ پنهنجو ذاتي خزانو بہ تمام گهڻو هو. تنهن کي اچي خيال،ٿيو تہ اتفاق سان جيڪڏهن بادشاهہ گڙدي ٿي پوي ۽ مونکي حڪومت ڇڏڻي پوي تہ پوءِ هي منهنجو خزانو تہ پيو غنيم بادشاهہ کڻي ويندو، تنهنڪري ڇو نہ هيءُ خزانو بہ وڃي سمنڊ واري پيٽ ۾ ٻئي خزاني سان گڏ رکي اچان، تہ پوءِ جيڪڏهن بادشاهي هلي وڃي تہ بہ خزانو تہ بچي پوندو. تنهن اها سِٽا سٽي، بادشاهي وارو خزانو بہ پاڻ پنهنجي سِر کڻي وڃي پيٽ واري خزاني سان گڏي رکي ڇڏيائين. باقي رهي مڻ، تنهن کي محفوظ رکڻ جو ويچار ڪري، هڪ سونو هار ٺهرائي، انهيءَ جو ڍولڻي ۾ مڻ بند ڪرائي، اهو هار مومل کي ڏنائين تہ: هيءُ هار تون ڳچي ۾ پائي ڇڏ! مومل هار وٺي ڏاڍو خوش ٿي ۽ هار ڳچي ۾ پائي ڇڏيائين. هاڻ بادشاهہ کي خزاني جو ڪنڪو بہ لٿو ۽ دل کي پڪ بہ ٿيس تہ اتي مڻ سلامت رهندي.

انهيءَ زماني ۾ ڪابل قنڌار ۾ سامي سيتل راءِ نالي هڪ جوتشي رهندو هو، جو وڏو هوشيار ۽ داناءُ هو، جنهن کي ٿي ٿيندڙ جي خبر پوندي هئي. هڪ ڏينهن سيتل راءِ جوتش هٿي ڏٺو تہ راجا پوج وٽ هڪ وڏو خزانو آهي، خزاني جا ڪوهہ پريا پيا آهن. خزانو آهي بہ سمنڊ ۾، ۽ اتي ڪير بہ وڃي نٿو سگهي، پر جي ڪٿي ڪو ويندو بہ، تہ بہ خزانو اندر ڪوهن ۾ پوريل آهي ۽ اُنهن ڪوهن جي مٿان وڻ بيٺل آهن، سو ڪنهن کي بہ شڪ گمان ڪونہ ٿيندو تہ ڪو هتي خزانو پوريل آهي. مگر، اتي مڻ جي وسيلي پهچي سگهجي ٿو پر اها مڻ راجا هار ۾ بند ڪرائي، هار مومل کي ڏنو آهي، جنهن وٽ هار قابو آهي. هاڻ جيستائين اهو هار هٿ نہ ڪبو، تيستائين خزانو هٿ نہ ايندو. تنهن ويهي اٽڪل ڳولي تہ ڪهڙي ريت مومل کان هار هٿ ڪجي. سو جادو جي زور تي اتان اڏاڻو ۽ اچي راجا پوج جي بادشاهيءَ ۾ نڪتو. سامي سيتل راءِ نهايت ملوڪ هو. جهڙو هو شڪل شباهت جو سهڻو، تهڙو هو هنر ۽ جادو ۾ پڙ. سو گيڙو ۽ رتا ڪپڙا پائي، چڪر چمڙا چيلهہ سان ٻڌي، دست پناہ ۽ ويراڳڻ هٿ ۾ ڪڻي سنڌو آيو مومل جي ماڙي تي:

سامي ويل صبح جو، ڪري آيو ويسِ وڳا
مومل جي ماڙي تي، اچي هنئين سين سدا
اٿي آئي اوچتي، ڪا دائي در مٿا
ڪير آهين، ڪاڏي وڃين هتي، تنهنجو ڇا؟
هي ماڙي اٿئي مومل جي، جنهن تي ٻڌو اٿئي هل هنيا
بابُو جهل ٻڪيا، وٽ پنهنجي واڙي.

مومل جي ماڙي تي پهچي، سامي اچي سَين هنئين تہ: ٻکيا ڏيو. انهيءَ تي اندران مومل جي دائي نڪري آئي، جنهن آٽي فقير کي پنجڪٽي ڏني. مگر فقير ٻکيا وٺڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ٻانهي کي چيائين تہ: آءُ ٻکيا خود ڏياٽيءَ کان وٺندس، تون وڃي پنهنجي ڏياٽي کي ٻڌاءِ تہ فقير فقط توکان ٻکيا وٺندو. مومل جڏهن ٻانهيءَ کان اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن وري بہ ٻانهيءَ کي چيائين تہ: وڃ فقير وٽ ۽ ڪانئس پڇ تہ توکي ڇا کپي، جيڪي گهرجيئي سو چئو تہ توکي ملي. تڏهن فقير جواب موڪليو تہ: هڪ تہ مونکي خيرات فقط مومل کان ئي وٺڻي آهي، ٻيو تہ خيرات ۾ مونکي مومل جي ڳچي وارو هار کپي. دائي وري موٽي اچي مومل کي مذڪور ٻڌايو: ۽ مومل کي چيائين تہ: هي سامي ٻين فقيرن جهڙو ناهي، هن جي منهن ۾ چنڊ پيو چمڪي. مومل! تون جيڪڏهن هن سامي کي ڏسين تہ هوند حيران ٿي وڃيين. سامي سيتل راءِ پنهنجي جادو جي زور تي مومل کي اهڙو تہ موهي وڌو، جو هوءَ بيتاب ٿي ٻاهر دروازي ڏي وڃڻ لڳي. مگر سومل ڪيس چيو تہ: پوري، تون ترس تہ سامي کي اندر ٿا سڏايون. ائين چئي دائي کي پاسيرو ڪري چيائين تہ: وڃي سامي کي اندر محلات ۾ وٺي اچ. مومل هڪ ڪمري کي سينگاري سنواري، منجهس ڇپر ڪٽ رکي، سيج بند وڇائي، عطر ۽ عنبير ڇنڪاري، ڪمري کي گُل ڪري ڇڏيو. ايتري ۾ ٻانهي بہ سيتل راءِ کي اندر ڪمري ۾ وٺي آٽي ويهاريو:

گڏجي گولي سان هليو، پير اوڏهين پائي
مومل محلاتن ۾ پلنگ وڇايو پٽ جا تي عطر اوتائي
سامهون سيتل راءِ کي، ٻيهي ڏنئين چتائي
پوءِ چٽ مٿان ڇانئي، هن کي راڻيون رانئي هليون.

سامي جي شڪل شبيهه ڏسي، مومل متس موهت ٿي پيئي. جڏهن سامي مومل کان هار گهريو تڏهن مومل خوشي مان هار لاهي کڻي سامي کي ڏنو، جو هن وٺي کڻي پنهنجي ٻگريءَ ۾ وڌو. مومل، سامي کي عرض ڪيو ته: مهرباني ڪري مونکي جادو سيکار. سامي ته هو وڏو جادوگر ۽ جوتشي، تنهن مومل کي اهڙا ته ريب ڪريب ۽ جادو سيکاريا، جنهن جي ڳالهه ڪرڻ کان ٻاهر آهي. جڏهن مومل جادو سکي هوشيار ٿي، تڏهن سمي کي اجازت ڏنائون. مگر سامي کان سُنهن ويساهه ورتائون ته تون وري به اسان وٽ ايندين:

سامي سنبري هليو، ويل انهي ويهي
گيڙو ويس گودڙيون کيا سامي سيپئي
اهي اعتبار اچڻ جا هن کان، مومل ورتا مڙيئي

-

ڪڏهن ايندين ڪاپڙي، هلي مون وٽ هيئن
نڪريو تي نهارون ڪريان، ڏهه ڏهه گهمرا ڏينهن
اعتبار ڏيئي ايئن، هي هار کڻي هليو ويو.

مومل کان هار هٿ ڪري، سامي سڌو ويو سمنڊ تي. اتان اندر گهڙيو ته مَڻ جي مٽيان ڪري سمنڊ هن کي واٽ ڏني ۽ سيتل راءِ سڌو وڃي خزانن تي بيٺو ۽ اهي ٻئي خزانا کڻائي وڃي پنهنجي ملڪ کان نڪتو.

تورن گهڻ ڏينهن کان پوءِ راجا پوچ کي خزاني جي گهرج ٿي، تنهن مومل کان هار گهريو ته هار وٺي وڃي خزانو کڻي اچان. مگر مومل هار ڏيڻ بدران ڪيس جواب ڏنو ته: بابا! هار ته مون هڪ فقير کي تنهنجي نالي تان گهوري تنهنجو صدقو ڪري ڏيئي ڇڏيو. بادشاهه اهي اکر ٻڌي دمبخود ٿي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي مومل کي مارڻ تي هو ته وچ ۾ پئي ڀين مومل جي جان بچائي.

ڪاوڙجي ڪارو ٿيو زومي ڪائي زل
راجا سان رلمل ٿي سپ سليو مومل

— — — — — —

بادشاهه ڪاوڙ ۾ ڪاراتجي ستو هليو ويو پنهنجي بنگلي تي. جڏهن مومل کي خبر پئي تہ انهي هار ۾ مڻ پيل هئي، جنهن جي زور تي راجا پوچ پنهنجا خزانا سمنڊ ۾ لڪائي رکيا هئا، جي سيتل راءِ سامي کڏائي ڪڍائي ويو. تڏهن نهايت پريشان ٿي تہ مون ناحق سامي کي هار ڏنو. آخرڪار راجا کان پنهنجين ستن ئي ڏين اجازت گهري تہ: تون اسان کي اجازت ڏي تہ اسين توکي اوتروئي خزانو گڏ ڪري ٿيون ڏيون، جيترو تو سمنڊ ۾ رکيو هو. راجا تنهن تي ڪاوڙ مان کين چيو تہ: جيڏانهن وڻي تيڏانهن وڃو مگر مونکي منهنجو خزانو ڪٺان بہ هٿ ڪري آڻي ڏيو. اهو جواب ٻڌي ست ئي ڀينرون ٻاهڙ مير جو شهر ڇڏي وڃي ڪاڪ ندي تي ويٺيون ۽ اُتي پنهنجو دم دمامون ٻڌائون.

لوڏاٽي لهي پيون، ڪري دل دليل
مومل ماٺهو موڪليو ڪري وچ وڪيل
وڃي چئجان راجا پوچ کي درئون در فقير
منٿون هن مومل جون تاب بخشِن تقصير
خطائون خانن کان اصل ٿين امير!
منيون ڳالهيون ڪر وير، پرچڻ جون پانڌي چوي.

پرچڻ جو پانڌي چئي، هِن ڏنس جوان جواب
مومل مرين! مات ڪر! تون ڪرين ٿئين خراب
هيڏا تن مائٽن سان وڌئي وير اجهاڳ
هاڻي مارڻ حرف حساب، پاپ پرائيندس ڪينڪي

پاپن کان پانڌي چئي، هن ڏيون تڙي ڪيون ڏار
گجرين وڃي گامر اڏايا، چئو قبلا چئوڌار
مومل جي ماڙي کي جڙيا لال جنهوار
هيٺان ڦير ڦُلن جي، مٿان ڪوٽ ڪنار
ٺڪا راجا نند جا تو ڪيئن گمايا گينوار
ڪنواريون ڪاڪ تڙن تي سوڍيون ڪن سينگار
مومل سپ چمار، سڪين شال سهاڳ کي.

ڪاڪ نديءَ جي مٿان مومل وچي هڪ نئون شهر ٻڌو. نديءَ ۾ ٽنپ ڪوڙي انهن مٿان هڪ وڏي محلات اڏايائين. اُن محلات ۾ سوين ڪمرا ۽ ڪوٺيون ورن وڪڙن سان ٺهرائي تيار ڪيائين. انهي سموري محلات جي اندر قسمين قسمين جانور ڪَلن تي ٺاهي بيهاريائين ۽ قسمين قسمين پکي ڪَلن تي تيار ڪيائين. جڏهن ڪَلن کي چورين ته ڪئين جانور بگهڙ، شينهن، پولڙا ۽ هاٿي وغيره گجڪاري ڪرڻ لڳن ۽ اهڙو ته ڏمچر مچيو وڃي جو جيڪو به اندر وڃي انهن جانورن کي ڏسي، تنهن جو هانءُ ڦاٽي پوي. ازانسواءِ محلات جي چوڌاري جي چوڌاري کائو پلٽائي اهڙو درياهه پاڻي جو پيدا ڪري ڇڏيائين، جو اُن جي گاج ۽ گڙگاٽ کان ڪير به ان جي ويجهو ئي نه وڃي، سيڪو ڏوران ڏسيو دهلجيو پنتي موٽيو هليو وڃي. مومل جي ماڙي ۽ مومل جي ڪمري ۾ هڪ وڏي وانءِ نهيل هئي، جنهن تي ڇپر ڳٽ پيل هئي، جا ڪچن ڌاڳن سن واٽيل هئي. جيڪو به ان تي ٽي وينو سو ڏو وڃي ٽي ڪِريو کوهه جي تري ۾، جتي زهري ڪات ڪتل هئا، جن ۾ ٽنبجي ماڻهو مري ٽي ويو.

مومل پڙهو اچي گهمايو ته ”منهنجي ڳٽ تي جيڪو پير اچي پائيندو، آءٌ مڙس اهو ڪنديسَ“ ٻاهران ڪوٽ ڦِريل هو. ڪوٽ جي دروازي ۾ اندر گهڙي ڪَلَ کي زور ڏيندي هئي، ته ڪئين جانور ۽ بلائون نڪري ظاهر ٿيندا هئا، ۽ وٺي گوڙيون ڪندا هئا، جنهن ۾ ماڻهو جو عقل چرخ ٿي ويندو هو. وري رستن ۾ هزارين کوهه نهيل هئا ۽ هر هنڌ ڪات ڳُتل هئا، جنهنڪري ماڻهو وڃي ٽُڪجي وڃي کوهن ۾ ڪِرندا هئا ۽ ڪاڪ نديءَ ۾ وڃي پوندا هئا. مومل جڏهن پڙهو گهمايو، تڏهن تراڙ پنهنوار، چور چڪار، زميندار ۽ جاگيردار، مومل سان شادي  ڪرڻ لاءِ ڪاهي ايندا هئا ۽ جڏهن دروازو لنگهي اندر ٿيندا هئا، تڏهن ٻانهي ڪَلَ کي زور ڏيندي هئي ته جانور نڪري ظاهر ٿيندا هئا. پوءِ ٻانهي هنن کان پئسا ڏوڪڙ ڦري وٺندي هئي.

جيسلمير جو هڪڙو بادشاهه نوَ لک ناٿو، نوَ لک گهوڙا ۽ نوَ لک ماڻهو وٺي، مومل جي ڪاڪ تي آيو. انهيءَ رستي سان ٻانهيءَ چيو ته هڪڙو هڪڙو ٿي مون سان هلي. ڪئين هزارين ماڻهو انهيءَ رستي

سان ختم ٿي ويا، پر مومل تائين ڪوبہ ڪونہ پهتو. اتي راجا چا ڪيو، جو سيني ماڻهن کي حڪم ڏنائين، جيڪي ڪوٽ جو دروازو پيچي اندر ڪاهي پيا. ٻانهي پيچي وچي ماڙيءَ ۾ لڪي، باقي لشڪر جا ماڻهو ۽ گهوڙا وڃي ٽڪجي وچي ڪاڪ نديءَ ۾ ڪريا. اهي سڀ ختم ٿي ويا. ايترو تہ ڪوس ٿيو، جو نديءَ جو پاڻي ڳاڙهو ٿي ويو. آخر لشڪر ختم ٿي ويا، باقي وڃي هڪڙو راجا بچيو. مومل هن کي دريءَ کان ڪنهن ڪنهن مهل منهن ڏيکاريندي هئي. هي مومل تي اهڙو عاشق ٿي پيو، جو ست سال اُتي ويٺو رهيو.

ستن سالن کان پوءِ بيوس ٿي، اميدون لاهي، ساميءَ جا گيڙو ڪپڙا ڪري، ڪاڪ نديءَ مان پاڻيءَ جي گلي پري ڪچ ۾ وڃهي، پنهنجي ملڪ واپس ٿيو. همير سومرو، عمرڪوٽ جو بادشاهہ هو. سندس ٽي وزير هئا، راڻو مينڌرو، ڏونر پٽاڻي ۽ سينهڙو ڏماچاڻي. راڻو سندس سالو بہ هو ۽ وڏو وزير بہ هو. اهي چارئي ڄڻا هڪڙي ڏينهن شڪار جو بهانو ڪري، اوير طرف چڙهيا. رات جهنگ ۾ پين، رات اتي رهي، صبح جو روجهون ماري پچائي ڪاڏائون. اتي اُهوئي سامي منهن ۾ ملين. راڻي ساميءَ کان وڏي ادب سان پڇيو تہ: بابو ڪير آهين، خبر ڏي؟ بابو تمام سهڻو هو. هن جي اکين مان پاڻي ڪِري پيو، آخر مومل جي سڀ حقيقت ڪيائين. راڻي چيو تہ: مومل کي ڏسي موٽنداسين، ائين ڳوٺ نہ هلنداسين. گهوڙن تي سنج وجهي، ٻئي ڏينهن اچي ڪاڪ تي پهتا. ٻانهيءَ اچي ڳالهايو. سوال جواب ڪيائين. راڻو ٻانهيءَ کي ڏاڍو وڻيو، تنهن وچي مومل کي چيو تہ: هن ۾ هڪڙو جوان مون کي ڏاڍو وڻيو آهي، اهو تنهنجي لائق آهي. مومل، راڻي ڏانهن پهرين پڳڙا موڪليا. پين ويهي ڪاڏا، پر راڻي ڪٽي گهوڙي اڳيان چڏيا. وري سڻ جو ڦورو ٻانهي ڪٽي آئي. راڻو ان مهل پسار تي ويو هو. ٽيئي ڄڻا اهو ڦورو سمجهاڻ وينا. راڻو جنهن مهل آيو، تنهن مهل اُهو ڦورو وڃي، مڪٿهارا ڪري ڪٽي گهوڙن کي وڌائين ۽ ناتر کي چيائين تہ: اسين ڦورا ڦولهڻ ڪونہ آيا آهيون. وري مومل، سيرا ۽ حلوا موڪليا. راڻي اهي اچلائي ڏنا ۽ چيائين تہ: اهي زنانا ڪاج آهن. وري ٻوڙ پلاءُ رڌائي انهن ۾ ڏاڍا زهر وجهي موڪليائين تہ اهي ڪائو.

ٻين ڪائڻ جو ارادو ڪيو پر راڻي ڪين هڪل ڪئي. هڪڙو گرانهہ ڪٽي ڪُتي اڳيان اڇلايائين تہ ڪتو رڳو سونگهڻ سان پچڙي هٽي پئجي رهيو. اهو حال ڏسي ٻانهي وٺي پڳي، تنهن وڃي مومل سان حقيقت ڪئي. مومل چيو تہ: هاڻي تون ڪرين پنهنجي ڪارروائي. هڪڙو هڪڙو ڪري ڪين وٺي اچ. ٻئي ڏينهن ناتر، ڪين چيو تہ: اوهان ماڻ هڪڙو هلي. راڻي، همير کي چيو تہ: تون بادشاهہ آهين، پهرين وارو توکي آهي. همير هٽيار پنوهار ٻڌي اٿي هليو، ٻانهيءَ سان گڏجي. همير دروازي مان اندر گهڙيو تہ ٻانهي، ڳل کي چوري هن کان غائب ٿي ويئي. يڪدم اوندهہ انڌوڪار ٿي ويئي، ڪئين ديون جا ڏڏڪار ۽ شينهن جون گوڙيون ٿي ويون. همير سومرو جيئن تيئن ڏڪ جهلي، دروازي مان ٻاهر نڪري آيو ۽ اکين ۾ پاڻي آڻي پنهنجي يارن کي چيائين تہ: چوڙيو وهٽ تہ هلون، هتي ڪنهن جي حاجت ناهي. راڻي چيو تہ: ائين تہ توتان ڪلنداسون، هاڻي سڀيئي هڪجهڙا تہ ٿيون. اسان مان جي ڪنهن مومل ماڻي وڌي تہ بہ تنهنجي ناموس آهي. نہ تہ بہ هڪجهڙا تہ ٿيون، ڪلون تہ هڪبئي تان نہ. ٻئي ڏينهن وري ٻانهي آئي ۽ هنن کي ٺوڪ هنيائين تہ: واهہ واهہ اوهان بہ مومل ماڻي! تنهن تي ڏونر ينڌاڻي ٽپ ڏيئي اٿيو چيائين تہ: آءٌ تو ٻانهيءَ سان وڃان. جنهن مهل هي بہ دروازي جي اندران لنگهيو ۽ ساڳي ڪار ٿي، تڏهن ڊپ مان ڪپڙا پسائي ٻاهر نڪري آيو. راڻي چيس تہ: انهيءَ کان اتي مري وڃين ها تہ چڱو هو. ڏونر چيو تہ: ادا! پاڻهي سڀاڻي خبر پوندي. ٽئي ڏينهن وري شينهڙو ڏماچاڻي گڏجي ويو. جنهن مهل هي بہ در لنگهيو ۽ ڏڏڪا ٿيا، تنهن مهل هن جو بہ هينئون سست ٿي ويو، جيئن تيئن ٻانبڙا ڏيئي هيءُ بہ ٻاهر نڪري آيو. چوٿين ڏينهن وري راڻو ٻانهيءَ سان گڏجي هليو. دروازي مان اندر لنگهيو تہ ٻانهي، ڳل کي چوري پڳي ٿي تہ راڻي بہ چار تلهڙ هٽي ڪٽي سوگهو ڪيس. راڻو ۽ ٻانهيءَ هليا. هڪڙي لَڪ وٽ ٻانهي گم ٿيندي هئي، اتي پهتا تہ ناتر گهوڙي کي تريون هنيون، گهوڙو ٻاهڙيو ۽ راڻي وڃي پٽ تي ڦهڪو ڪيو. ٻانهي وڄهہ ڏسي گوهي ڪري هلي ويئي. پوءِ تہ ديون جا ڏڏڪا ٿي ويا. راڻو ٽپ ڏيئي اٿيو، ۽ اتي هڪڙي پير تي بيهي رهيو. دماغ ويڙهايائين. سامي

اڳي ئي ٻڌايو هئس تہ کوهہ آهن، سنپالي پير نہ ڪٽنديِن تہ اوڙاهہ ۾ وجي پونديِن. تنهنڪري سنپالي قلم ڪٽبو. اهو خيال ڪري هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين. هڪڙي دري نظر آيس، جنهن مان تلاءُ پاٽيءَ جو نظر آيس. دريءَ مان لنگهي هُن پاسي ٿيو. خيال ڪيائين تہ انهيءَ تلاءُ مان ڪيئن اُڪران. لڪڻ سان پاٽيءَ کي ڏٺائين، وري سوپاري ڪيسي مان ڪڍي تلاءُ ۾ اڇلايائين تہ پاٽيءَ تي لڙڪندي ويئي. اتي پڪ ٿيس تہ هي تلاءُ ڪائي مان پلنايل آهي، ۽ پڪ ٿيس تہ مومل بہ انهيءَ پاسي آهي.

راڻو ڪائي جي تلاءُ مان هلندو ويو. اڳيان هڪڙي گهٽيءَ ۾ گهڙيو. ڏسي تہ گهٽيءَ جي ٻنهي پاسن بہ شينهن بيٺا آهن، جن جو ڏڪر پئي پوي. راڻو هنڪي بيهي رهيو. خيال ڪيائين تہ سچا پچا شينهن هجن ها تہ ضرور مون ڏي ورن ها، هي بہ ضرور جادوءَ جو ڪيل آهي. پوءِ تہ همٿ ڪري شينهن جي وچان لنگهي، هُن پاسي اڪريو ۽ وجي مومل جي محلات ۾ گهڙيو. اٺ- نوَ راڻوڙيون نظر آيس، جي هڪٻئي کان وڌيڪ سهڻيون هيون. خبر ئي نہ پئي پيس تہ منجهن مومل ڪهڙي؟ انهن سيني هڪڙي پلنگ ڏانهن اشارو ڪيس، جو خالي پيو هو. راڻي ويجهو وجي ترار جي نوڪ سان پلنگ کي زور ڏنو تہ جيڪو ئي هنڌ نيڙ پيو هو، سو سڀ وجي تري ۾ پيو. راڻي کي ڪاوڙ آئي، ترار هٿ ۾ هئس، راڻوڙين کي چيائين تہ: سيني جون سسيون ٿو لاهيان، گهڻا ڏينهن خون ڪيا اٿوَ. اتي مومل ٻوڙي اچي هن کي ڳراٽڙي ڏني ۽ چيائين تہ: ڀلي آئين جوان. توکان سواءِ ٻيو ڪو بہ هتي ڪونہ پهتو آهي. هاڻي آءٌ تنهنجي آهيان. ٻين راڻوڙين وري ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي، هن کي وٺي آڻي پلنگ تي ويهاريو، ۽ چيائون تہ: اسين سڀ تنهنجو ٻانهيون آهيون.

آخر هيءُ اهو ڏينهن مومل وٽ رهيو، رات بہ رهيو. صبح جو يارن وٽ آيو، حقيقت ٻڌايائين، يارن کيس مبارڪون ڏنيون، ڏاڍا خوش ٿيا. همير سومري چيس تہ: مومل تنهنجي زال آهي، سا منهنجي ٿي ڏيءُ، پر اها مون کي تہ ڏيڪار، جنهن هيترا لکين مڙس مارايا آهن. راڻي دل ۾ چيو تہ: همير چوي تہ ائين ٿو، پر بادشاهہ آهي، متان مومل ڏسي

عاشق ٿئي، سو چيائينس ته: همير! اهڙي اجا حجت مومل سان ڪانه اٿم. هڪڙي شرط سان مومل ڏيڪاريندس، جو ميهار جو ويس ڪري هل، اسين ڪرسيون وجهي ويهنداسين، تون ويهي مومل ڏسج. همير کي ڳالهه ته ڏکي لڳي، پر لاچار قبول ڪيائين. پوءِ ميهارڪو ويس ڪري راڻي سان گڏجي ويو. مومل پڇيو ته: ڪير آهي؟ راڻي چيو ته: اسان جو نوڪر آهي. همير وينو ڪير ڏهڻ، ڪير ڏهندي هٿن مان رت نڪري آيس. مومل جو اوچتو نظر وجي همير جي هٿن تي پيئي، سهي ڪيائين ته هي ميهار ڪونهي، پر بادشاهه آهي، سو راڻي کي چيائين ته: راڻا، هي ميهار ڪونهي پر خود بادشاهه همير آهي. تو ميهار جو لقب نه لائينس ها ته پنهنجي پيڻ سومل پرڻايانس ها. همير جي ڪنن تي اهي لفظ پيا، سو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ ڪاوڙ مان ڪير جي چؤنري اُڇلي، راڻي کي چيائين ته: مون کي گهڻ ڪيو اٿئي، باقي اچ ٻاهر ته تنهنجي خبر وٺان. ائين چئي هليو ويو.

همير ٻاهر آيو. راڻي کي ماڻهو ۽ نياپا موڪليئين ته: اسين وڃو ٿا، تون جي نٿو هلين ۽ ڳوٺ لاءِ سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيڻي هجئي ته روبرو اچي ڏي، ۽ يارن ڪان به اچي موڪلاءِ. پر راڻو به ڊپ کان ماڙيءَ تان هيٺ نه پيو لهي. نيٺ مومل چيس ته: دوستن سان ائين بيوفائي نه ڪرڻ گهرجي. وڃي موڪلائي، يارن کي اُماڻي اچ. هي ويو ته همير سومري ڪٽي ٻچ ڪرائي. راڻي کي ٻڌي اُٺ تي ويهاري، اُٺ جي ڳچيءَ ڏانهن سندس پٺ ۽ پُڇ ڏانهن سندس منهن ڪري، اُٺي عمرڪوٽ ڏانهن هليا. راڻو سياڻو هو، خيال ڪيائين ته انهي حالت ۾ ماڻهو ڏسندا ته کلندا، سو همير کي چيائين ته: سائين! سالا، شينهن کي به پيارا آهن. سو تون به مون سان مهرباني ڪئي آهي. آءُ ڏاڍو خوش آهيان. همير پڇيس ته: ڪيئن؟ چيائين ته: منهنجو منهن ڪيو اٿئي ڪاڪ ڏانهن، آءٌ ڪاڪ جا وڻ ڏسندو پيو هلان. همير چيو ته: هن کي اُٺ تي سُبتو ويهاريو ته جيئن ڪاڪ جا وڻ به نه ڏسي. عمرڪوٽ پهتا هت همير کيس يڪدم کوهه ۾ ويهاري قيد ڪٽي ڪيو ۽ چيائين ته: ڪاڪ وڃڻ کان عمر لاءِ قيد آهين، باقي جيڪو طلبيندين سو ڏيندوسئين، مون وٽان طعام ڪٽو ته کوهه مان ڪڍندوسئين. راڻي ويچار ڪيو ته بادشاهه

وٽان طعام کڏهن به نه کٽندو. اهڙو طعام گهران، جيڪو جلدي کٽي وڃي. سو ويچار ڪري بادشاهه کي چيائين ته : مون کي ائين پهر ڳائو پسُ ڪيپ. بادشاهه سڄي ملڪ ۾ پڙها ڪٽي گهمايا ته "جنهن جي ڳئون ويامي، سو پهرين مون کي پس نه پچائيندو ته ڦاسي چاڙهائي ڇڏيندوسانس." مومل جا به ڪئين ماڻهو راڻي وٽ پئي آيا. راڻي انهن کي اهو جواب ڏنو ته: اهڙو طعام گهريو اٿم جيڪو جاڻ ته کٽو. ڪي ڏينهن صبر ڪر، سگهو ئي ايندس. همير جي گهر واري، راڻي جي ڀيڻ هئي، راڻي همير سان جٽ ڪئي هئي، تنهنڪري همير کي چئي ڪانه سگهندي هئي، پر همير کي پورو رخ ڪانه ڏيندي هئي ۽ اهڙي طرح هلندي هئي، جنهن ۾ همير کي لڪا ڪانه پوندي هئي. پر اندر ۾ راڻي لاءِ درد گهڻو هئس.

ٻارنهن مهينا راڻو ڪوهه ۾ پيو هو. راڻي کي روزانو پس پيو ملندو هو. هڪڙي ڏينهن خدا جو ٿيو، ڪاڏي جي مهل ٿري وئي پر راڻي کي پس ڪونه مليو. سڄي بادشاهيءَ مان ڪٿان به پس ڪونه آيو هو. همير ڏنو ته بادشاهي وعدو پورو ٿيو، راڻي کي ڪوهه مان ضرور ڪڍڻو پيو، پر ڪو ناهه ناهيان. سو ڳِٽيءَ ۾ اچي پنهنجي محلات ۾ ويٺو. راڻيءَ پرسان ويٺي هيس. سندس شهزادو پينگهي ۾ پئي لڏيو. اهو رنو. راڻي پُٽڙي ڏانهن وڃڻ لڳي. همير هن کي ٻانهن مان جهليو، پر هٿ ٻانهن ۾ نه پيو، گندي هٿ ۾ آئي. ڇڪ آئي ته گندي ڦاٽي پئي. همير ڳجهارت ناهي، چيو ته وڃي ٿو ڏيانس. راڻو پڇندو اُهين ڪونه، طعام وري اُٽلائي ڀيو ڏيندوسانس، پل ته قيد ۾ پيو هجي. اُچي راڻي کي چيائين ته: ڳجهارت ٿو ڏيئين، جي ڀڳئي ته بند مان ڪڍندوسئين، پر ڪاڪ وڃڻ ڪان بند آهين. پر جي نه ڀڳئي ته اتي ئي قيد ۾ پيو هوندين. طعام اُٽلائي پنهنجي مرضيءَ تي ڏيندوسئين. راڻي چيو ته: قبول آهي، ڏي ڳجهارت. همير چيو ته: ڪنهن پر چُنيءَ آيو چير، ڪنهن پر چنيءَ آيو چير؟"

راڻي چيس ته: ٻه گهمرا وري ٻه چٺو. همير ورائي ڳجهارت ڏني. راڻي پنهنجي دماغ ڪان ڪم وٺي چيو ته:

متان راجا مگّي رس ڪي، ٻالڪ مگّي ڪير
اُن پر چُنيءَ آيو چير!

همير چيس ته: ڪجهه ته خيال ڪرين ها، تنهنجي ڀيڻ هئي. راڻي چيو ته: ڀيڻ منهنجي ته زال تنهنجي به آهي. انهي ۾ مهٽو ڪهڙو؟ پاڻ مرندي ڪهڙا سيڻ؟ اتي راڻي کي ٻاهر ڪڍيئين. راڻو خوش ٿي نڪتو. خيال ڪيائين ته مومل وٽ ڪيئن رسان. ويو بادشاهه جي جتن وٽ، بادشاهه جا جالوري اُٺ رهندا هئا، جيڪي ڏينهن ۾ به ٽي سئو ڪوهه ڪري ويندا هئا. خيال ڪيائين ته وڃي جتن کي پاسو ڏيان. جتن جي جمعدار وٽ آيو. چيائين ته: مون کي اُٺ اهڙو ڏيو، جو ڪاڪ تي رسائي. جتن چيو ته: اُٺ ته برابر آهي، پر بادشاهه اسان کي مارائي ڇڏيندو. راڻي، هن کي سؤ رپيا ڏنا. جت سئو رپين جو وٺي اُٺ ڏنو. سج لٿو راڻو ته اُٺ تي چڙهي روانو ٿيو. عمرڪوٽ ۽ ڪاڪ سؤ ڪوهه پنڌ هو. اڌ پهر رات ۾ وڃي ڪاڪ پهتو. مومل ۽ راڻو ملي خوش ٿيا. وري اسُر جو اُٺ تي لانگ ورائي، صبح جو سج اُبرئي کان اڳ اچي نڪاءُ ڪيائين. راڻو روز رات جو ائين سؤ رپيا ڏيئي، اُٺ تي چڙهي وڃي مومل سان ملي ايندو هو.

هڪڙي ڏينهن مومل وٽ ننڊ ڪٽي ويس. صبح ٿي ويو، ڏينهن جو سجاڳ ٿيو. اتي دانهن ڪري اُٿيو ته: مومل! مونکي اٿاريئي ڪونه، هاڻي بادشاهه مونکي مارائي ڇڏيندو. مومل چيس ته: راڻا! بادشاهه کي ڳالهه وئي وسري، هاڻي ويهه ته رهاڻ ڪريون. راڻو به ويهي رهيو ۽ اُن ڏينهن اُتي رهي پيو. هوڏانهن مومل جي ماءُ ۽ پيءُ وٺي راڻي جي پڇا ڪئي. همير تائين اها ڳالهه پهتي، تنهن يڪدم خيال ڪيو ته راڻو ويو مومل وٽ. پڇا ڪيائين، خبر پيس ته فلاڻي جت اُٺ ڏنو آهيس. اچي جتن ۾ موچڙا ڪاري وڌائون. جتن چيو ته: راڻو اسان کان زوري اُٺ ڪاهي ويو آهي. بادشاهه چيو ته: ڪوڙا آهيو، ائين هو ته دانهن چو نه ڪيو؟ بادشاهه ڪاوڙ مان حاضرو اُٺ جيڪي هئا، سي يڪام ٻئي ملڪ ڏانهن اماڻي ڇڏيا. باقي اُهو اُٺ وڃي رهيو جيڪو راڻي وٽ هو. راڻو انين ڏينهن وهنجي سنهنجي اسُر جو اُٺ تي چڙهيو ۽ سج اُبرئي اچي عمرڪوٽ ۾ پهتو. خيال ڪيائين ته خبر ائين ئي بادشاهه کي

پهچي وئي هوندي، هاڻي پهرين گهر جي خبر وٺان، پوءِ جتن کي وچي اُٺ ڏيان.

راڻو اُٺ تان لٿو. وهنجي چڙهيو هو ته اجا وار ئي ڪين سڪا هئا. پڳ مٿي مان لاٿئين ته ڳاڙهو پاڻي وارن مان ٽمڻ لڳو. راڻي جي زال، اهو ڏسي، پنهنجي سس کي چيو ته: راڻي کي الائي ڪهڙن ويرين ماريون آهي، جو رت ٽمائيندو پيو اچي. راڻي چيو ته: اهو ڳاڙهو پاڻي ڪاڪ جو آهي، وهنجي اُٺ تي چڙهيو آهيان، جيڪو اجا نه سُڪو آهي. اتي راڻي جي اچڻ جي خبر بادشاهه کي به رجي پئي. بادشاهه، ڪاوڙ مان راڻي کي مهينو قيد ۾ هٽائي ڇڏيو، جو وعدي خلافي ڪئي هئائين ۽ اُٺ کي پيرن ۾ ميخون هٽائي، منبو ڪري ڪٽي ڇڏيائين. راڻو ائين ڏينهن اچڻ جو مومل سان انجام ڪري آيو هو. هاڻي راڻو رهيو هِت ۽ مومل رهي هُت.

مومل جي آسپاس جيڪي مومل جا عاشق رهندا هئا، جن کي مومل نصيب نه ٿي هئي، تن ڏٺو ته سؤ ڪوهه تان پنڌ ڪري ٿو اچي، اُهو مومل ماڻي ٿو وڃي. هاڻي چونه اٽڪل ڪجي، جيئن هنن جي وچ ۾ نفاق پئي. انهن کي مومل جي سامي سيتل سان عشق واري به خبر هئي، ۽ اها به خبر هين ته مومل، راڻي تي اهڙي عاشق آهي، جو راڻو نٿو اچي ته مومل، پنهنجي ڀيڻ سومل کي مردانا ڪپڙا ڍڪائي پاڻ سان سمهاري ٿي.

"جَهڙوَل" نالي هڪڙو ٻڪرار هو، جنهن جي وٿاڻ مومل جي ماڙي جي در وٽ هوندو هو. راڻو ايندو هو ته هن سان سلام ڪلام ڪري پوءِ مومل ڏانهن ويندو هو. هنن "جهَڙول" ٻڪرار کي سمجهايو ته تون راڻي کي خبر ٻڌائجئين ته تنهنجي پر پٺ سيتل نالي هڪڙو سامي سج لٿي، مومل جي محلات ۾ اچي ٿو. رات رهي صبح جو هليو ويندو آهي. راڻو جڏهن مومل کي سومل سان ستل ڏسندو، تڏهن يا ته ٻنهي کي ماري وجهندو، يا ته ڪاوڙجي ويندو ته وري ڪڏهن ڪونه ايندو. هنن اها سِٽ هيڏانهن سِٽي، هوڏانهن راڻو مهيني ڪان پوءِ قيد مان نڪتو. جتن وٽ ويو. اُٺ گهريائين. جتن هن کي چيو ته: ٻيو اهڙو اُٺ اسان وٽ ڪونهي، باقي گؤنرو هڪڙو آهي، جو اجا ڪير ٿو پئي. اُهو

ماءُ سان گڏجي روز رات جو ڪاڪ جا وڻ چري ايندو آهي. اُهو توکي ڪٽي هلندو، پر مهينو ڪن ترس تہ ڪجهہ وڏو ٿئي تہ اسين بہ هن کي مهار وجهي وَهُو ڪريون. هن کي تہ عشق جي تار بيٺي هئي، تنهن چيو تہ: اهو ڳوئرو هينئر جو هينئر مون کي ڏيو. هنن چيو تہ: اڃا نڪي نڪ ڪيا اٿئونس، نڪو پنڌ سکيو آهي، ۽ نڪي وري ڪو مٿس چڙهيو آهي. تون چڙهندين تہ اُقٽ ماري وجهندئي. راڻي چيو تہ: مون ۾ هڪڙي گهڙي بہ ترسڻ ڪونهي. جيڪي چئو اوترو ناڻو ڏيانوَ پر ڳوئرو مون کي اڄ جو اڄ ڏيو. جڏهن جت کي هزار رپين جو مليو، تڏهن ٻين جتن کي ٻچ ڪيائين تہ ڳوئرو کي نہ ڇڏيو. جت ڳئونري کي قري آيا. اُن کي دسي، نڪ هٽي، مهار وجهي منهن ڪاڪ ڏي ڪيائونس. ڪو ڳادي ڪٽي آيو تہ ڪو ٽپڙ ڪٽي آيو، ڪو جهُل ڪٽي آيو، بہ مڙس اُٺ جي ڳوڏن تي چڙهي بيٺا، هن کي يڪدم سينگاري تيار ڪيائون. اُها چوڏهينءَ جي رات هئي. پهر رات جو گذري ويو هو، راڻي کي ڪنوات تي ويهاري، واڳون هٿ ۾ ڏئي، چيائونس تہ: ڪاڪ پاڻهي هلندو، جو اُتي جا وڻ چري اچڻ تي هريل آهي. چُرجئين نہ! جي چُرندين تہ ماري وجهندئي! جت پٺي پري ٿيا. ڪنوات پڙڪو ڪائي اُٿيو ۽ سڌو رخ رکيائين ڪاڪ ڏي. ڪنوات اهڙي طرح هليو جو خود راڻي کي بہ خبر ڪانہ تي پئي، رڳو اکيون پئي پوريائين پٽيائين. ڪاڪ کي جڏهن ويجهو ٿيو، تڏهن مومل جي عشق جي خوشيءَ ۾ ڪنوات کي وٺي اڙي هنيائين. اڙي لڳڻ سان ڪنوات وٺي هليو، ڪاڪ جي پرسان لنگهي ويو. ڪنوات راڻي ڪان جهليو ٿي ڪونہ ٿيو. ڪنوات، راڻي کي ڪاڪ کان ڪوهہ پنڌ پري ڪٽي ويو اتي وري ڪنوات ڇترائي ڦيرائي وري وٺي آيو ڪاڪ وٽ. ”جهَڙول“ ٻڪرار اُتي سڌو پيو هو، تنهن کي هن هڪل ڪئي، پڇيائينس تہ: ٻيو مڙئي خير آهي؟ جهڙول چيس تہ: ٻيو مڙئي خير آهي، پر تنهنجي غير حاضري ۾ هڪڙو سامي سج لٿي مهل، مومل وٽ محلات ۾ اچي، رات رهي، صبح جو هليو ويندو آهي، نالو سيتل راءِ اٿس. راڻي خيال ڪيو تہ ٻڪرار جي چوڻ تي موٽي ڪيئن وڃان! روبرو وڃي ڏسان تہ ڇا آهي؟ مومل پنهنجي ڀيڻ سومل کي راڻي جا ڪپڙا ۽ پڳ ڍڪائي، پاڻ سان گڏ سمهاريندي هئي، تہ جڻ

راڻو ستو پيو آهي، تڏهن ننڊ ايندي هيس. راڻو اچي ڏسي ته برابر مومل سان گڏ هڪ مڙس ماڻهو ستو پيو آهي، پلنگ جي سيراندي واري پاڳي ۾ مرداڻي پڳ رکي آهي ۽ موزا کٽ جي پاسي کان آهن. راڻي کي ڪاوڙ آئي. تلوار ڪڍي وار ڪرڻ تي هو ته مومل جي سونهن ۽ محبت کي ياد ڪري، تلوار وري مياڻ ۾ وڌائين. چيائين ته مومل کي ماري پاڻ تي خواري ڪانه کڻبي. پوءِ اُٺ کي هڪلڻ وارو لڪڻ مومل جي پير ۾ رکي محلات مان نڪتو. ڪاوڙ ايڏي هيس جو هن کي عقل هوش ڇڏائي ويو، اچي ڪنواٽ تي چڙهيو. ڪنواٽ جي گوڏو ٻڌو پيو هو، انهيءَ ٻڌل ڪنواٽ تي اچي چڙهيو. ڪنواٽ اڙي ٻه ڪانه ٽي سَٽي، تنهن کي نڪا ڪرايائين ٻانڌو. ڪنواٽ ٻه ٽن ٽنگن تي وٺي اُڏاڻو، ۽ اهڙي ڪست سان هليو، جو رات وچ ۾ سؤ ڪوهه ڪري، لڊاڻي کان ٻه ٽپي اوريان ٽيو. سج اچي ايريس. اڳيان هڪڙو ٻڪرار ٻيٺو هو، تنهن ڏٺو ته اُٺ ٽن پيرن تي ڪاهيو اچي، تنهن چيس ته: ميان! ڪجهه ڌيان ڪر، اُٺ کي ٽن پيرن تي ڪاهيو اچين؟ اتي راڻي جي اک پٽي. ڏسي ته مار! اُٺ جو گوڏو ٻڌو پيو آهي، ڪنواٽ کي ويهاري، گوڏو ڇوڙي، ڪنواٽ اچي جتن جي حوالي ڪيائين ۽ پاڻ اونڌي منجي ڪري وجي ڍهي پيو.

مومل ننڊ مان جاڳي. راڻي جي نشاني ڏٺائين. نڪري در تي آئي، اُٺ جا پير ڏسي، سمجهائين ته راڻو رات رسي ويو آهي، سا دانهن ڪري، هڪڙي ڪُند جي ڍير تي وڃي پئي. سومل ۽ ٻانهيون هن جي دانهن تي ڊوڙي آيون مومل کان پڇيائون. هن چيو ته: رات مون سان قهر ٿي ويو، جو راڻو رسي ويو آهي. اتي سومل دم دلاسا ڏيئي چيس ته: چري نه ٿيءُ، راڻو پرچي پوندو، پرچائي وٺي ايندا سونس. پر مومل نڪي ڪائي نڪي پئي. بيتاب ٿي پئي آهي. اتي سومل تيار ٿي. مومل کي چيائين ته: هوش ڪري ويهه، آءُ پاڻ وڃان ٿي راڻي وٽ، ۽ تو وٽ وٺي ٿي اچانس. اتي مومل خوش ٿي. سومل مردانو گيڙو ويس ڍڪي، اُٺ تي چڙهي، اڪيلي سر راڻي ڏانهن رواني ٿي. ٿوري گهڙي ڏينهن اچي عمرڪوٽ ۾ پهتي. راڻي جو هڪڙو باغ هو، جنهن ۾ راڻو اچي آرام ڪندو هو. باغ جي دروازي تي پهريدار ويٺل هو، جنهن کي

حڪم هو ته مرد ڪوبه باغ ۾ نه ڇڏج. سومل باغ جي دروازي تي لهي، باغ ۾ داخل ٿي. باغائي ڪيس گهڻئي جهليو ته باغ ۾ نه وڃ، جو حڪم ڪونهي. پر سومل چيس ته: تون نوڪر آهين، تنهنجي ڳالهائڻ جو ڪم ناهي. وڃي باغ ڏٺيءَ ڪي چئو ته اهو اچي مون سان ڳالهائي. ائين چئي، باغ ۾ جيڪا راڻي جي ڪڻ پيل هئي، ان تي اچي ويٺي. باغائي ڊوڙي وڃي راڻي کي ٻڌايو ته هن طرح هڪڙو سامي، حڪماحڪمي باغ ۾ ڪاهي آيو آهي. راڻو ڪاوڙ جي يڪدم اٿيو ته اهڙو ڪهڙو منهنجو سنگتي آهي، جيڪو هيترن بنگلن هوندي منهنجي خاص باغ ۾ منع هوندي لنگهي آيو آهي. ڪير به آهي، وڃي ٿو خبر وٺانس. سو لڪڻ هٿ ۾ ڪري، ٻه- چار ماڻهو وٺي، باغ ۾ آيو. سومل کي ويجهو اچي هڪل ڪيائين ته: اڙي، اُٺ منهنجي باغ ۾ چرڻ لاءِ ڇو ڇڏيو اٿئي؟ اِتي سومل ٽپ ڏيئي اٿي ۽ راڻي کي نشاني ڏيئي چيائين ته: مومل مون کي ميڙ ڪري موڪليو آهي تو وٽ. نياڻي ميڙ ۽ منگتو ڪنهن ڪونه موٽايو آهي، سو تون به ميڙ مڃي، مون سان گڏجي هل. پر راڻي چيو ته: سومل! مون به وعدو ڪيو آهي ته ڪاڪ ڏي هلڻ ته ٿهيو پر رڳو نهاريندس به ڪونه. سومل ڏاڍيون منٿون ڪيس پر راڻي نه مڃيو. اتي لاچار ٿي سومل خيال ڪيو ته راڻو ته نٿو مڃي، ڇو نه همير بادشاهه کي وڃي چوان، من راڻو ان جو چوڻ مڃي پرچي پوي.

سومل، همير بادشاهه وٽ آئي، همير کي چيائين ته: تون پاڻ ڪاڪ تي آيو هئين. اسان جي مانَ شانَ جي خبر اٿئي. آءٌ نياڻي ٿي تنهنجي تڏي تي لنگهي آئي آهيان. هاڻي خدا جو ننگ اٿئي، ڪنهن به طرح راڻي کي چئو ته ڪاوڙ ڦٽي ڪري، مون سان گڏجي هلي. همير سومري، راڻي کي گهرائي چيو ته: جنهن مومل لاءِ هيڏا ڪشالا ڪئي، انهيءَ مومل سان ڇو ڪاوڙيو آهين؟ تون سومل سان گڏجي وڃ. تنهن تي راڻي جواب ڏنس ته: اڳي ته مون کي مومل وٽ وڃڻ کان جهليئي ٿي، اڄ ٿو مونکي چوين ته مومل وٽ وڃ. ڀانيان ٿو ته يا ته سومل توکي سِر ڀاسيو آهي، يا ته ڪا وَڍِي آڇي اٿس. آءٌ ڪنهن به طرح مومل وٽ ڪونه ويندس. همير چيس ته: سومل مون وٽ تڏي تي لنگهي آئي آهي، سا منهنجي نياڻي ٿئي. تڏهن ٿو توکي چوان. پر جي نٿو مڃيين

ته نهيو. سومل ويچاري بيوس ٿي موٽي آئي. مومل کي جواب ڏنائين ته: راڻو مون سان نه پرتو. مومل يڪدم تياري ڪئي ته آءٌ پاڻ ٿي وڃان. سو گيڙو ويس ڪري پنڌ پئي. مهينو سڄو مومل جهنگن مان رلندي رلندي عمرڪوٽ ۾ اچي پهتي. جهولن ۾ لُڪن سندس سڄي سونهن ختم ڪري ڇڏي هئي. اهڙي ٿي وئي هئي جو گيڙو لباس ۾ ڪيس ڪوبه سڃاڻي ڪونه سگهيو.

راڻي کي ڪوهه تي اچي ڏٺئين. ٻيا ماڻهو به اتي ويٺا هئا. مومل اچي سلام ورايو. ماڻهن هن جا نڪ چپ ۾ ڏند ڏسي، خدا جي ساراهه ڪئي. چيائون ته ههڙو مڙد خدا خلقيو آهي: راڻي هن کي ڪونه سڃاتو، پر سهڻن ارڪانن مان شڪ پيس ته شايد سامي سيتل اهو آهي. پيو مرد ماڻهو اهڙو سهڻو نٿو ٿي سگهي. راڻي هن کان خبرون پڇيون ته: ڪير آهين، ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ متان ڪنهن معشوق جي پنيان پيو رلين، يا ڪنهن توکي عدولي ڇڏيو آهي. پلا، ڪاڪ ڏٺي اٿئي، يا مومل کي ڏٺو اٿئي؟ ائين هن جو منجهه ڪيڻ لاءِ خبرون ڪرڻ لڳو. مومل ڪيس جواب ڏنو ته: سامي آهيان. ملڪ گهمندو ڦرندو وتان. ڪاڪ جي ڳالهه ٻڌي اٿم ته مومل راڻي لاءِ پئِي رَڙي. اتي راڻي هن کي دعوت ڏني ته: ڪجهه ڏينهن هلي مون وٽ رهه. راڻي کي مومل جي رهاڻ وڻي ۽ صحبت مان به آيس اِس. مومل به انهي ۾ خوش هئي. تنهن راڻي جي دعوت قبول ڪئي. راڻو هن کي بنگلي تي وٺي ويو. ڪچهريون ۽ چوپڙ رانديون ڪرڻ لڳا. ڪي ڏينهن گذري ويا، پر راڻي مومل کي ڪونه سڃاتو، ۽ نڪي مومل پاڻ سڃاڻايو. جيئن پوءِ تيئن راڻي جي هن سان پريت ٿيندي وئي.

هڪڙي ڏينهن راڻي چيس ته: سامي! تون به سهڻو آهين، اچ ويهه ته چوپڙ راند ڪريون. جي تو راند کٽي ته آءٌ توکي هلي مومل ڏيکاريندس ته ڪهڙي سهڻي آهي. ۽ جي مون راند کٽي ته توکي هلي مومل ڏيکارڻي پوندي. مومل شرط قبول ڪري راند تي ويٺي. مومل کي ٻانهن تي نالو لکيل هو. هن ڍاري جو هٿ هنيو ته اوچتو پيشگير جو پلئه ٿورو مٿي کڄي ويو، نالو ظاهر ٿي پيو. راڻي جي اوچتي اک وڃي نالي تي پئي. راڻي کي اکين ۾ آب اچي ويو، راند ڇڏي ٽپ ڏئي

اٿيو. مومل گھٽئي منٿون ايلاز ڪيا، پر راڻو ڪيس ڇنڊي ھليو ويو. مومل چيو تہ ھاڻي جيئري ڪھڙي موٽي وڃان، اتي ئي مرڻ گھرجي. ڪمي ڪاسبي گڏ ڪري، ڪاٺن جو ڍڳ ڪٺي گڏ ڪرايائين. ڪپھ تيل وجھارائي، ڍڳ تي چڙھي وڃي ويھي رھي. راڻي ڪي بہ ٻوڙي وڃي ڪن پڌايو تہ مومل ٽي ڏاگھہ چڙھي. راڻي چيو تہ سڙندي ڪانہ، دڙڪو ٽي ڏئي. پر وري بہ چيائين تہ ڏسان تہ سھي. سو محلات ڇڏي ڏاگھہ وٽ آيو. اتي ڏاگھہ ڪي باھہ لڳي پئي ھئي، باھہ جون ڄڀيون آسمان سان پئي لڳيون. اھو لقاءُ ڏسي، راڻي ھٿ جو اشارو ڪيس تہ ڏاگھہ تان لھہ، پر مومل وراڻيس تہ:

وينگس ويٺي وچ ۾، ورنھہ ڪولي وار
ڄيي ٽي ڄيرو لڳو، ٻريا ورنھہ وار
ٽھڪي ٽاھُو پڳا، ڏھڪي پڳا ڏار
پرين پرتو آھين رب ڪي، ھاڻي پلو ٽينئي پتار
بخشين ڏوھہ بنديءَ ڪي، مون تي ناھہ ميار
صاحب لڳ ستار، لاھج پال، ”پريو“ چئي.

ناتر ڪان ٿا پڇن:

تون گهمين جا رنگ محل ۾، راڻي ڪِ ٻانهين؟
مارين معشوقن کي، جي ڪٽيو نيڻ نهارين!!

ناتر تي جواب ڏي:

آءٌ ٻانهي، راڻيون ٻيون، مون نيڻين مَ ڀُل،
سندي ڪاڪ ڪنڌي آهيان، ڪائي ڪا مهل.

جڏهن مومل ڏٺو تہ همير سومري کي راڻي "ميهار" ڪري سندس آڏو آندو آهي، تڏهن تي راڻي کي چوي:

راڻا نہ ڄاڻتوءِ، وڏي وڃڻ وِرسين!
ست پتيرو سومرو، ڪوجهو ڪري آندوءِ!!

راڻي جي گهر واري صبح جو راڻي جي وارن ۾ ڪاڪ جو پاڻي ڏسي صحيح ڪيو تہ هو رات جو ٻاهر ٿو وڃي. سا تي راڻي جي ماءُ کي چوي تہ:

پٽي! پٽوءِ پر گهر هنڊيڻو، ڪري شيل شڪار،
ڪَنِي ويرين وڍيو، ڪني ڏنيس مارَ،
ڪٺن جٺن منجهہ ڪَپار، رت ريلا ڪيو نِڪري.
مومل ڏانهن ويندي راڻو ڪنوات کي ٿو چوي:

(*) هل ميان ڪرهل، تہ پسون ماڙيون مومل جون،
توکي چندن چاريان، طرح موچاري ٿرهل،
اسين ماڻيون مومل، تون نايو ناگيليون چرين.

مومل ويس بدلائي راڻي کي ميجائڻ آئي، پر جڏهن راڻي سڃاتي تڏهن ڪانئس مُنهن موڙي آخر ائين چيائين تہ:

چنِي جا هيڪار، ڪيهي جوڙي تنهن ول جي
نہ ڄاڻان ٻيهار، ميڙو مُئي ڪِ جيئري.

## (ب) قصي بابت مختلف راوين جي زباني قلمبند ڪيل بيت
## راوي* حامد خان رند

ڪاپڙي آهيان ڪشمير جو، ڪاھُو پٽ جرار
مون سين چڙهندا هئا مينترا، پُرسن پنج هزار
گهوڙو سڀ ڪنهن گهوٽ سين، ڪيڙو ساڻ ترار
ناتر سڀ نهوڙيا، اڪين جي آڌار
سي سڀ مارايو يار، موٽيو وڃان ملڪ تي.

ڦِتِڪَ تان ڦِتي ڪئي، سوڍل سوپاري
پيچي منڊ مومل جو، هليو هزاري
مينتري ماري، وڃي گڏيو گل گجر کي.

راڻا ڪوڏيا رڻ جا، سي گهمن ڪين گهرين
اچيو ويهن آس تي، مٽيارا مٽين
سو ڪيئن وير وَرين، جنهن در مومل جو ڏيکيو.

در مومل جو ڏيکيو، سوڍي ساڱاهي
ڪوئر ڪڇهريءَ ۾، راڻو راضائي
هاڻ تي ٻانهي ٻولائي، تہ شينهن سُڄي تو سامهين

شينهن سڄي تو سامهين، جو تو ڪائي ملوڪن ماه
چنبي سندي چوٽ سين، سَنئِنسِيو وٺي ساه
پــي رت راڻــي جــو، پــوجھ جهليــائيــن پــاه(1)
ڏپ انهيءَ جي ڏاءِ، تا اگها وڃن آدمي(2)

---

* تاريخ 9- فيبروري 1961ع تي حيدرآباد ۾ ڪچهري.
(1). پوجهہ- پوريون پاسو. (2) اگها- اگتي.

اڳها وچن ٽا آدمي، ملان مرد مٽير
هنيائين هٿ ڪري، پڙ منجهه ڪوڙي پير
وڃي سڱنسري شينهن مان، جئن جهمڪائي جهڙير
سٽ نہ جهلي شير، ڪُتو هو ڪاڳر جو.

ڪُتو هو ڪاڳر جو، فکل مڙيئي فند
منجهه محلاتن مينتري، اچي راڻل سُونٽو رند[1]
پوءِ گُرز جني جي ڪنڌ، سي گڏيس مل ميدان ۾.

گڏيس مل ميدان ۾، سي سپر سٽاٽا
پَر پنواران نِڪٽين، آپر اٽاٽا
منٽ اوءِ نہ ميڄٽا، جهلين نہ ناٽا
سئو سيڄن چاڙهيو، رَمائي راٽا
پَسِي ويو پاٽا، تڏ ڪيو ملاحظو مينتري

ڪيو ملاحظو مينتري، پڙ منجهه ڪوڙي پير
ڳالهائي ڳُٽن سين، بيهو سوڊو شير
هُو ٻولِي ڳَن نہ ڳُڄٽا، جن جي ٻوليءَ ڦند نہ ڦير
ڪامل آهن ڪير، جي وڃن ناتر ڳنگا نِڪٽا.

وڃن ناتر ڳنگا نِڪٽا، ٻولين نہ ٻوڙا
ڳَرس جني جي ڳرهيون، جٽائين جهوڙا
مواسيو ميدان ۾ بينا ٽڪائين ٽوڙا
پُلئين ڪيئن پورا، متي آئيو مينترو.

متي آيو مينترو، ڪري ٽن تپاس
ميڄياسين مون ڏٽي، خاوند واري خاص

[1]. سُونٽو- سُونهون ٿيو.

مُنهن مومل ڏي، اکين سندي آس
راڻا سپ راڪاس، پر وِير وٺائي چڙيا.

وير وٺائي چڙيا، وندر ماڻيائون
حضوري هوتن ڏانهن وِکون وڌائون
واسينگ نانگ ولهاڙيو ڏوران ڏٺائون
تڏ ناتر پڇيائون، تہ هي ڪاريهر ڪتي رهي.

ڪاريهر رهي تو ڪاڪ ۾، جتي ڪِهرن پوندي ڪوڪ
وڻ وڻاچيا ويڙهي، سر ڪنڌ ساڳ سلوڪ
وڻ وڌائي ورڪ هڻا، پر فنا ڪيا آهن ڦُوڪ
ورنهہ ويڙهي واسٽيون، مِڙيا مير ملوڪ
هَئي آنِهين جي هُوڪَ، جن گهٽا گاروڙي گمائيا.

## شاعر راتي آمن جا بيت:

چنڊ ناسيندي چڙهيا، چارئي چگيءَ روءِ
لويائون لڳن تي ڪتوري خوشبوءِ
ايندا شل، آمن چئي، منهنجا جُنگ سجاڻي جوءِ
وجي روبروءِ ٿيا مقابل مومل سين.

چنڊ ناسيندي چڙهيا، تازي تاڻيائون
عراقي، آمن چئي، ڦهري ڪاهيائون
وچاڻا بخمل چا، وجي وهواه وڌائون
مومل ماڻيائون، آهن طالع وڏا تن جا.

چندبِ ناسيندي چڙهيا، مومل ڪيائون مَن
عاشق انهيءَ پار ڏي تا خُماريا ڪلن
جڙَسين جاما جڙيا، جوڙا تن جوانن
هيري هَنا تن جي رُپو رڪيبن
چابُڪ چَونري چِنيا، تا جهڙيرا جهمڪن
ڪن ويس وڏاندرا، متي ملوڪن
جُنبي تن جوانن، وجي هنيون قناطون ڪاڪ ۾.

ڪاڪيئن هليو ڪاپڙي، آڏي ڏيئي اسُور
لوڏيَنِ پري لَڪيو، هو ڏيڪارين ڪان ڏور
اِن سامي وَهي سُور، نانگي ڪٽي نيُون ڪَيُون.

سامي سوارو، ڪاڪئيون هليو ڪالهه
متي مُنگهڻ سونَ جو، لُنگ مڙيئي لال
جر پياري جال، پوءِ تون پڇج خبرون.
نانگي نرمل ڪڍيو، پوٽڙيان پاٽي
سو ڪکو پاٽي ڪاڪ جو، هو رَتو رباني
ڏسي سڀ ڏهڪيا، ڪُل ٿيا حيراني
أجَ هئي آناٽي، پر لوڏينِ تان لهي وئي.

## راوي نامعلوم

رَءِ رُنو راڻو، جنهن رُسِي رَس پرائيو
مونٽي تنهن مومل جو پيٽيو نہ پاڙو
سوڍو سياڻو، ڪا جا ڳالهه ڳٽي ويو.

ڪو جو ڪنر ڪاڪ مان، راڻي روح پيو
مينڌرو محلات تي وري تان نہ ويو
سوڍي شڪ پيو، پوءِ مومل ڪٽي مصريون ٽئي.

مومل سان ڙي مير مينڌرا، توکي هيئن نہ ڪرڻو هو
ڦوڙائو فقير کي تو الائي کهڙي ڏوھ ڏنو
تو جو قول ڪيو، تنهن مان ٻول ٻيو ٿيو.

ڪوٽ ڪري ڪوڙي، تو راڻو پاڻ رنجائيو
پائي وينين پاند ۾، ڏوھ مڙيئي ڏوڙي
ياريءَ جو، يوسف چئي، مَرمَت هجئي موڙي
جا عاشق هنئي اوڙي، تنهن جا تو بُوجر ٻي قدري ڪديا.

SINDHI FOLKLORE & LITERATRE
BOOK -XXXIII

# POPULAR FOLK STORIES

THE ROMANTIC STOIRES OF SINDH – III

# *MOOML – RANO*

**Compiled & Edited**
**By**
**Dr. N.A.Baloch**
**M.A., L.L.B (Alig:) M.A., Ed.D (Columbia)**

**SINDHI ADABI BOARD**
**JAMSHORO, SINDH**
**2020**

[All Rights reserved with the Sindhi Adabi Board]


| | | | |
|---|---|---|---|
| 1st Edition | | 1975 | 1000 Copies |
| 2nd Edition | February | 2019 | 1000 Copies |

**Available at**

***SINDHI ADABI BOARD'S KITAB GHAR***

Tilak Incline, Hyderabad, Sindh

**(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)**

**email: sindhiab@yahoo.com**

**www. Sindhiadabiboard.org**

Printed and published by Sayed Sikander Ali Shah Secretary Sindhi Adabi Board Jamshoro from H & R Printer Karachi Sindh.

# PREFACE

This is the thirtythird book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project, approved in 1956 for the collection, compilation and publication of Sindhi folklore.

The work on the project was started in January, 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of the oral tradition and written record. The oral tradition was reduced to writing through a network of field workers, one stationed in each taluka area. The Compilation and publication work commenced form 1959. So far, 30 Volumes have been published and this is the thirty first of the forty volumes proposed to be published under this project.

This book is the fifth in a series of five volumes planned to collect and compile the different versions of each of the Famous Romantic Stories of Sindh.

The story of 'Moomal – Rano' originated in the Soomara period (1050- 1350 A.D) of Sindh History. If the king Hamir Soomaro is to be identified with Hamir the First, its origin would go back to the 12th century; if he was the very last ruler, Hamir son of Dodo, who lost his throne to the Sammas in about 1365 A.D., the origin of this story might be placed in the first half of the fourteenth century.

Though Recited by the rhapsodists and folksingers from the Soomara period, a continuation of which tradition in confirmed by the *gaha* verses[1] recorded from a family of the Bhans of the Tando Bago area in Hyderabad district, in the high classical Sindhi poetry, the first known allusion to the story occurs in a verse of Shah Abdul Karim (1538-1623). Also poet Muqim of Thatta is said to have composed the story under the title *Tarannum-i-Ishq* in the later half of the 16th century. For the two great Sindhi poets, Shah Inat (d. 1752), this story provided a significant poetic theme. They

---

(1) Text, pp. 42-45 (b).

used its context but did not elaborate the whole story. Yakub Khatti who is said to have lived during the reign of Main Noor Mohammad Kalhora (d. 1753) would appear to be the first among the known folk poets who versified the whole story though only a part of his text has survived.[1] The second was Shaikh Ibrahim who by the turn of the 18th century versified the story in more complete details.[2]

Five basic versions (with variations in each) of the story, both in prose and poetry, which became available through field research have been included in this volume.

## The Story

King Hamir Soomaro who ruled at Umarkot[3] had three ministers: Maindharo, the Chief (Rano) of the Sodha people; Daunr son of Bhatti from the Bhattis; and Shinhrro son of Dhammach, of the Dhammach tribe. They were all energetic and adventurous youngmen and would often go hunting in the far flung areas. One day while on hunt, they met in the desert a lonely handsome man who wad clad as a wandering mendicant. On inquiry, he informed them that once he was a man of fortune but lost all he had in trying to seek the hand of fortune but lost all he had in trying to seek the hand of beautiful Moomal who had taken up her residence on the bank of the Kak river, near the town of Lodano.[4] She had made an announcement far and wide that she would marry any one who was brave enough of reach her.

The four companions at once decided to try their luck and came to Moomal's place Kak, where they were received by Moomal's clever maid servant. Natar, who proved to be more than a match for them and confounded

---

(1) Text, pp. 70-74.

(2) Text, pp. 75-110.

(3) Presently a taluka town in the Tharparkar district of Sindh.

(4) Lodano i.e. Lodarva situated 10 miles north of Jesalmer (India). It was the capital fo the Jadoon Bhatti rulers form 9th to 12th century A.D The fort of Lodorva was conquered by Sultan Mahmud of Ghana in 416 H/1031 while on his way somnath.

them with her deceit and trickery. It was only Maindharo who saw through her game and saved the situation.

Moomal was one of the nine daughters of a Raja, named Nanda, who was the ruler of Mathelo.(1) He had trusted her completely and given her a necklace after taking a word from her that she would keep it wearing herself but would never give it to anyone. In this necklace, was one bead of bone having the charm of dividing the water and cutting a path through river. Nanda had used this talisman and buried his treasures in the bed of the river.

A magician named Sital Rao came to know of it. He visited Mathelo, gained Moomal's acquaintance and taught her magic. While departing, he asked her to give him the necklace. Being under obligation and unaware of the power of the bead in the necklace, she gave it to him though reluctantly. When her father came to know this, he was sore with Moomal and told her that she had ruined him by depriving him of all his treasures. Moomal felt hurt and decided to make good the loss. So she left father's house to amass fortune at all coasts.

Some 50 miles S.E. of Mathelo, she built her magic palace on the bank of the Kak river. The way leading to the palace was dark and winding, branching off into similar blind alleys. It had side mirrors reflecting all sorts of horrors. Further on just below the palace, there was the magic river with its banks and waters infested with frightening animals. If one dared cross it, he was taken to the drawing room were Moomal would receive him and ask him to sit on a cot through which he would fall down to the bottom of a deep dark well hidden beneath the decorated bed.

Having built this magic land, Moomal had announced it far and wide that she would marry any one who would reach her in her palace. Numerous merchants and men of wealth had come but they had all perished, and Moomal took over heir treasures left behind.

---

(1) The town with its ancient mud fort is situated in the Sukkur district of Sindh (Pakistan). It was supposed to have been founded in 5th century A.D. during the period of the Rao Dynasty of Sindh.

Now was the turn of these four companions. Hamir, Danur and Shinhrro rode their horses one by one and took the hazardous road with enthusiasm but were confused and frightened on the way, and eventually each of them returned thanking God that his live was saved. Rano Maindharo was the last one to brave the attempt. He caught hold of Natar, and learnt from her that all was a magic shadow with no reality. She also informed him of the well below the decorated bed and so when he reached the palace and met Moomal he sat along with her on the same coat which was safe. Moomal was so much impressed by the valour and wisdom of Rano Maindharo that she fell in love with him. He, however, took leave of her, promising that he would return to her soon.

Returning to his companions, he informed them that he was confounded just like them, and that with great difficulty he had finally made his way out of the horrors. Thereupon, they decided to give up the venture and returned to Umarkot.

Rano Maindharo became love sick. A trusted servant told him of a fast-footed camel which could take him to the Kak palace and bring him back the same night. So Rano under-took nocturnal journeys and kept visiting Moomal secretly, but this became known to king Hamir who promised to pardon him if one he took him to Moomal. The king agreed to be disguised as a buffalo keeper and was taken to Moomal's palace. Suspecting the identity of Hamir, Moomal inquired about him and was told that he was a buffalo keeper. Thereupon, she asked him to milk the she buffalo. Hamir tried but couldn't do it and injured his hand. Feeling humiliated, he imprisoned Rano Maindharo after returning to Umarkot. On intercession of his wife, Rano's sister, Hamir pardoned him and set him free after Rano had solved a riddle.

Rano kept visiting Moomal, and this was now discovered by his wife. On her protest, Rano's father got the fast-footed camel killed. After sometime Rano found another fast-footed camel colt and paid a visit to Moomal who, due to a long period of separation, now beseeched Rano to fix a date on which he must come to meet her. They had a long

sitting together during which Moomal discovered that Rano had a phellicle in one of his eyes. She mentioned this to him and explained it to her how he had got it. But he became disturbed, and a suspicion was born: 'Had moomal set her heart elsewhere that now she was pin-pointing his physical defect?' He had already heard stories of Moomal's attachment to Sital Rao who had taught her magic. 'It may be she was now suggesting fixed dates so that she could have other meetings of her choice', he said to himself.

This time Rano stayed away longer, and in order to test her fidelity, he planned his next visit on a night when he would be last expected. When Rano did not keep the date, Moomal became love sick and cried for Rano every night. His sister Soomal tried to console her. She would dress herself in male attire, tie the turban to look like Rano and sit and talk to Moomal till she went to sleep. She did this every night and would often fall asleep in the same bed.

Rano had planned his visit secretly; he entered the palace unannounced, and quietly made his way to Moomal's bed room. Behold! There was a man (Soomal) sleeping with Moomal! He did not believe his eyes and looked again till he was convinced that there was the man and he was wearing a turban. 'It is no use waking them up or checking upon the identity of the man; it must be Sital Rao and that Moomal has positively betrayed me' he said to himself. He took a vow that hereafter he would have nothing to do with Moomal. Just to remind her that he had been there, he placed his waling stick (which was known to Moomal) by the bed side and left.

Waking up in the morning, Moomal saw Rano's stick and cried all the more. 'Rano had surely come', she said to herself. 'but finding Soomal sleeping with me he left and went away'.

She now sent a special messenger to Rano and explained the whole position and begged him to return. Rano replied that since she had betrayed him, she should better forget him. Moomal sent back the messenger assuring Rano that she was absolutely innocent but Rano would not believe her. Messengers came back and forth but

Rano rejected all arguments. Finally, he firmly repeated that it was no use sending the messengers since he had taken a decision and would have nothing to do with her.

Moomal was full of grief and dejected, but she did not give hope. She decided to meet Rano personally and dispel his doubts convincingly. So she dressed herself in male's attire, feigned to be a merchant or a wandering yogi, traveled all the way to Rano's place and succeeded in meeting him in his own home. Rano was much impressed by this very handsome and jovial Youngman, and asked him to stay on as his guest for a few days more. Daily he would invite him (Moomal) and they would have long sittings to play Chauparr together. To Rano, the Youngman looked like Moomal whose memories were still haunting him. He, therefore, got much comfort in his guest's company. Sometimes he thought as if she was Moomal herself in disguise, but there was nothing to confirm this and he became more and more attached to his guest.

Moomal was overjoyed to find that Rano was becoming more and more friendly, and so she became sore free in his company. As a result, she neglected some of the precautions which disguised her identity. One day, as they were playing Chauparr, Moomal lifted the *dharo* (dice) too high wich action pushed down her seleeve and Rano saw the mole on her arm- the mark of her identity. "You are Moomal! Get thee Gone!" Moomal now pleaded with him and told him how she had come all the way to explain it to him personally that she was innocent. But Rano was firm in his decision and replied: "I am convinced of your infidelity."

Moomal now saw that she had lost Rano for ever and since he was practically dead for her she also decided to die. She left and far away form the town she made a halt and announced to the people how Rano had left her for ever, and being innocent there was no other alternative left to her but to become Sati and burn herself alive. A *dagh*(1) was accordingly prepared and when it was ready Moomal

(1) A fuel wood platform or tower over which the woman would sit to be prepared to burn herself.

prepared herself ceremoniously and climbed up for the last fateful hour of her life.

The news of Moomal's announcement had reached Rano but when the report came that the *dagh* had been prepared and the time for Moomal's self-immolation had also been announced, he became convinced of her innocence and decided to hurry up to meet her and tell her that he had forgiven her. Rano came post-haste but he was a bit late. Moomal had climbed up the *dagh* and the fire had just been lit when he reached the spot. He gave a call to Moomal saying he had forgiven her and that she should come down. "Oh Rana! Fire has already been lit. It is too late for me to climb down now". Rano begged her to come down but she remainde firm in her resolve. As the flames began to engulf her, Rano also jumped into manger (huge and strong fire) and embraced her, and they died together in each other's arm.

**Points of Impact**

The key points of impact in this story are:

- Rano's firm resolve not to compromise when he was 'convinced' that Moomal was not true to her.
- Moomal's resolve not to climb down the *dagh* despite all the love she had for Rano.

The subsidiary points of impact are:

- The adventure of the four companions and their attempts to reach Moomal.
- Moomal's wonderland: the magical setting of Moomal's palace.
- Rano's nocturnal rides to Kak Palace on the fast-footed camels.

SCARP Colony
Khairpur (Mirs)
12th December, 1974.

**N.A. BALOCH**
*Director*
*Folklore project*

